# سنڌو لکت

## ايڪيهين صديءَ ۾ ٿيل نئين تحقيق



ڊاڪٽر فهميده حسين



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ

# سنڌو لکت

## ايڪيهين صديءَ ۾ ٿيل نئين تحقيق

سنڌيڪار

ڊاڪٽر فهميده حسين

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد سنڌ

2012ع

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ناشر نوٽ | | 5 |
| مقدمو | ڊاڪٽر فهميده حسين | 7 |
| 1. سنڌو رسم الخط بابت دعوي جو ڊهي پوڻ | اسٽيو فارمر، رچرڊ اسپروٽ | 27 |
| 2. ڇا سنڌو رسم الخط واقعي ڀر لکڻ جو سرشتو ڪونهي؟ | آسڪو پرپولا | 94 |
| 3. سنڌو رسم الخط پيغام رسانيءَ جي صلاحيت جي تورتڪ ۽ بولي | راجيش رائو ۽ ساٿي | 124 |
| 4. سنڌو رسم الخط: نشانين جي نمونن جو مطالعو | نشا ياڌو ۽ ساٿي | 145 |
| 5. غير لساني سنڌو رسم الخط- هڪ اجايو بحث | اروتم مهاديون | 182 |
| 6. سنڌو- سرسوتي رسم الخط جي ڀاڃ تي هڪ نئين روشني | راجوت اين پال | 191 |
| 7. ڇا ڪمپيوٽر 5000 سال پراڻي بوليءَ جي ڀاڃ ڪري سگهن ٿا؟ | ڊيوڊ زيڪس | 205 |
| 8. ڊاڪٽر آسڪو پرپولا جو انٽرويو | | 208 |
| 9. اروتم مهاديون جو انٽرويو | | 213 |

## ناشر پاران

سنڌي ٻوليءَ جي قدامت، اصليت ۽ نوعيت، ان جي رسم الخط جي اندر موجود ٻوليءَ مان ئي پرکي سگھجن ٿيون. گذريل ڏيڍ صديءَ کان موهن جي دڙي ۽ هڙپا مان مليل سنڌو لکتن جي لپيءَ يا رسم الخط جي ڳجھارت کي پچڻ سمجھڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. پر انهن ۾ ڪا خاطر خواهه ڪاميابي نہ ٿي سگھي آهي، جنهن جي ڪري ايڪيهين صديءَ ۾ اچي ڪن عالمن اهو شڪ ظاهر ڪرڻ شروع ڪيو آهي تہ ڪٿي ائين تہ ڪونهي تہ انهيءَ رسم الخط ۾ مرڳوئي ڪا ٻولي آهي ئي ڪا نہ ۽ اهي محض ڪي غير لساني علامتون آهن. انهيءَ شڪ ظاهر ٿيڻ کانپوءِ سنڌو رسم الخط جي پاڄ تي سالن کان نور نچوئي ڪم ڪندڙ عالمن ۾ بيچيني پيدا ٿيڻ سياويڪ آهي، جنهن جي ڪري هنن نہ صرف پنهنجي ڪم کي تيز ڪري ڇڏيو آهي، بلڪ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ ۽ جديد لسانيات جي علم جي مدد سان ڪيترائي تجربا ڪري، نتيجا ڪڍي، دليلن سان جواب تيار ڪري ڇپرايا آهن ۽ اهو ثابت ڪيو آهي تہ بنا شڪ شبهي جي سنڌو رسم الخط هڪ ٻولي رکندڙ لساني رسم الخط آهي.

هن ڪتاب ۾ ايڪيهين صديءَ ۾ ڇپيل اهڙن ڪجھہ مقالن جو ترجمو پيش ڪيو ويو آهي، جيڪي نہ صرف تحقيق جا نوان ڏس ۽ گس ڏيکارين ٿا، بلڪ ان موضوع تي سنڌ جي نوجوانن کي پڻ تحقيق لاءِ اتساهي سگھن ٿا. سنڌو ماٿريءَ مان مليل مهرن تي جيڪي نشانيون ملن ٿيون هنن مقالن ۾ انهن لاءِ ڪيترائي جدا جدا اصطلاح ڪتب آيل آهن، جيئن: اڪريل لکتون (Inscriptions)، متن (Texts)، عبارتون (Manuscripts) وغيره، جيڪي جنهن لپيءَ ۾ لکيل آهن، ان کي رسم الخط (Script) ۽ تحرير جو نظام يا لکڻ جو سرشتو (Writing System) وغيره چيو ويو آهي. انهن جو ترجمو مفهوم

جي مناسبت سان ڪيل آهي ته جيئن ڪو مونجهارو نه رهي. پر جيئن ته اسان وٽ سنڌ ۾ عام طور "سنڌو لکت" جو اصطلاح مروج آهي ۽ ڪيترائي ڪتاب ان اصطلاح سان ڇپيل به آهن. ان ڪري هن ڪتاب جو نالو پڻ **"سنڌو لکت ـ ايڪيهين صديءَ ۾ ٿيل نئين تحقيق"** رکيو ويو آهي ته جيئن سلسلو قائم رهي.

اسان کي اميد آهي ته سنڌي ٻوليءَ سان محبت ۽ سنڌو لکت جي پاڄ سان دلچسپي رکندڙ سمورا پڙهندڙ هن تحقيق جي اڀياس ڪانپوءِ اسان جي ان خواهش سان سهمت ٿيندا ته ڪاش ڪو سنڌي نوجوان به ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ ۽ جديد لسانيات جي علم ۾ مهارت حاصل ڪري سنڌي لکت جي پاڄ ۾ ڪو ڪردار ادا ڪري سگهي، نه ته اسان جي هن ورثي جا دعويدار ۽ وارث ڪي ٻيا ٿي پوندا.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

چيئرپرسن

# مقدمو

اج کان تقريباً چاليهہ سال اڳ سنڌيءَ ۾ ماسٽرس ڪرڻ دوران ۽ پوءِ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ پڙهائڻ دوران سنڌي ٻوليءَ جي جوڙجڪ، بڻ بنياد، تاريخي ارتقا، موهن جي دڙي جي کوٽاين مان مليل سنڌو لکت ۽ ان جي لپي ۽ ان جي پڙهڻيءَ بابت تمام گهڻا ڪتاب، مضمون ۽ مقالا پڙهڻ لاءِ مليا، جن جي بنياد تي ليڪچر تيار ڪري شاگردن کي اهي ڏنا هئا ۽ انهن سان بحث مباحثا ڪيا هئا. ان ڏس ۾ مون هميشہ محسوس ڪيو تہ تمام گهڻ شاگردن کي انهيءَ موضوع سان دلچسپي هوندي هئي ۽ جن کي هوندي بہ هئي، تہ انهن جي انگريزي مضبوط نہ هئڻ ڪري اهي انهن موضوعن تي ٿيندڙ نئين تحقيق کان اڻواقف رهجي ويندا هئا يا اردو ۽ سنڌي ترجمن تي ڀاڙيندا هئا. مون کي ان موضوع سان گهڻي دلچسپي هئي ۽ آءٌ اڄ ان ڳالهہ جو اعتراف ٿي ڪريان تہ جيڪڏهن آءٌ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هجان ها تہ اتان اسڪالرشپ حاصل ڪري ڪنهن ٻاهرين يونيورسٽيءَ مان سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن لسانياتي پهلوءَ تي تحقيق ڪري اچان ها. پر جنهن يونيورسٽيءَ ۾ آءٌ هئس اتي سنڌي شعبي جي ڪنهن استاد لاءِ ٻاهرين اسڪالرشپ تي پي. ايڇ. ڊي لاءِ وڃڻ جو تصور بہ ممڪن ڪونہ هو.

اتي اچڻ وارن شاگردن کي سنڌي ٻوليءَ بابت پڙهڻ لاءِ مواد مهيا ڪرڻ جي خيال کان ئي مون گريئرسن جو 'لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا' ترجمو ڪيو هو. لسانيات ۾ دلچسپي رکندڙ سنڌي شاگردن جي ٻي ڪمزوري منجهن ڪمپيوٽر ۾ ڄاڻ جي اڻهوند بہ چئي سگهجي ٿي. آءٌ جڏهن سنڌو لکتن واري رسم الخط تي تحقيق ڪندڙ عالمن جا ڪتاب پڙهندي آهيان ۽ ڏسندي آهيان تہ ڪيترا ان کي هند آريائي ثابت ڪرڻ لاءِ پيا جاکوڙين ۽ سنسڪرت سان يا برهمي لپيءَ سان ڀيٽي ان کي ويدڪ پيا ثابت ڪن تہ پيا وري ان جي پروٽو دراوڙي هئڻ تي يقين رکي ڪمپيوٽر جي ٽيڪنالاجيءَ (Computational Linguistics) ذريعي ثابتيون ڪنيون ڪري ان جي ڀيٽ

تامل ۽ تيلگوءَ سان پيا ڪن ۽ لفظن جي تعلق کي پيا ڳولين تہ منهنجي دل چوندي آهي تہ ڪاش اهي پنهنجي ڪمپيوٽر واري مطالعي ۾ آڳاٽي ۽ موجوده سنڌي ٻوليءَ کي بہ شامل ڪن تہ متان ڪي ثابتيون ملي پون. ۽ قديم سنڌو رسم الخط اندر موجود ٻوليءَ جو اسان جي سنڌي ٻوليءَ سان تعلق نڪري پوي. پر جيڪي سنڌي انهيءَ مضمون جا ماهر بہ آهن تہ اهي لسانيات ۾ جديد ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال کان اڻ واقف آهن. جيڪڏهن ڪو سنڌي انهن مطالعن ۾ شامل هجي تہ ڪيترن لفظن ۽ بناوتن بابت پنهنجي ٻوليءَ جا مثال ڏئي سگهي يا ڪمپيوٽر جي مدد سان پڙهيل متنن ۾ سنڌيءَ جا اهڃاڻ محسوس ڪري سگهي. پر ائين ٿي نہ سگهيو آهي. سنڌ جي جن عالمن سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد ۽ لپيءَ تي ڪم ڪيو آهي, مثلاً سنڌ مان ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ, ڊاڪٽر غلام علي الانا يا سراج ۽ هند مان مرليڌر جيٽلي وغيره تہ انهن جي تهي ڪمپيوٽر جي ڄاڻ کان پري هئي, موجوده دور ۾ ڪن ٻين ماڻهن لسانيات ۾ ڊگريون ورتيون بہ آهن تہ اهي بہ انگريزي ۽ ڪمپيوٽر جي اهڙي ڄاڻ نٿا رکن جو آسڪو پرپولا, مهاديون, فيئر سروس, راجيش رائو فارمر, اسپروٽ وغيره وغيره سان گڏجي يا سندن تحقيق جي بنياد تي سنڌيءَ جو ڪيس اڳتي وڌائين.

گذريل ڪجهہ ڏهاڪن ۾ سنڌو رسم الخط تي ڪيترائي ڪتاب, مضمون ۽ مقالا ڇپيا آهن, تن ۾ سنڌو لکتن جون ڏسٽيون ۽ فهرستون بہ شامل آهن تہ ڪمپيوٽر تي حسابي لسانيات ذريعي حاصل ڪيل نتيجا بہ آهن. فنلينڊ, روس, آمريڪا ۽ هندستان ۾ ڪيل تحقيق بہ آهي. پر اسان جي عام شاگرد جي انهن تائين پهچ ڪانهي, ان ڪري سندن ڄاڻ اوڻيهين ۽ ويهين صديءَ جي مدي خارج تحقيق تائين محدود رهجي وڃي ٿي. وري بہ ڀلو ٿئي انٽرنيٽ جو جنهن تي اسان کي دنيا ۾ ٿيندڙ نئين تحقيق جي ڄاڻ ملي ٿي وڃي. انٽرنيٽ تي سنڌو سڀيتا, سنڌو رسم الخط سنڌو لکت, سنڌو متن, سنڌو علامتون- اهڙا ڪيترائي عنوان آهن, جن تي لکيل مقالا, مضمون ۽ ڪتاب موجود آهن. جن مان ايڪيهين صديءَ ۾ سنڌو رسم الخط بابت ٿيل نئين تحقيق بابت تمام اهم معلومات ملي ٿي. هن ڪتاب ۾ مون ايڪيهين

صديءَ ۾ سنڌو رسم الخط بابت ٿيل تحقيق جا ڪي رخ پيش ڪيا آهن، جيڪي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ سان اسان جي شاگردن کي انهيءَ موضوع تي تحقيق ڪرڻ جو ائين اتساهه ملندو جيئن مون کي مليو آهي.

ٿيو هيئن جو نيٽ تي ان موضوع بابت سرچ ڪندي مون کي هڪ وڊيو ڏسڻ جو موقعو مليو جنهن ۾ امريڪا جي واشنگٽن يونيورسٽيءَ جي هڪ هندستاني ايسوسيئيٽ پروفيسر راجيش رائو پنهنجي ڪيل تحقيق بابت 'پريزنٽيشن' ڏني آهي، جنهن جو عنوان آهي 'A Rosetta Stone for the Indus Script'. پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ ٻڌائيندي هلان ته 'روزيٽا اسٽون' ٻي صدي ق. م. جي هڪ سِر يا ڪتبي کي چئبو آهي، جيڪا روزيٽا (رشديه) نالي مقام تان لڌي هئي، جنهن تي هڪ ڪان وڌيڪ لکتون هئڻ ڪري ان ڳجهي خزاني جي ڪنجيءَ جو ڪم ڏنو ۽ ان جي ڪري قديم مصري رسم الخط پڙهڻ ۾ مدد ملي هئي.

سنڌو رسم الخط کي اهڙو ٻه- ٻولياڻي پٿر يا ڪتبو ته ڪونه مليو آهي، جنهن جي مدد سان ان کي پڙهي سگهجي، پر ڪمپيوٽر اهڙا ملهه ڏئي سگهي ٿو جن جي مدد سان شايد ڪڏهن اهو معمو حل ٿي سگهي. سو اهو پروفيسر راجيش رائو ڪمپيوٽر جي ذريعي دماغ جي اڀياس جو ماهر آهي يعني Computational Neurosurgeon آهي ۽ کيس Robotics سان به دلچسپي آهي. سندس مهارت ان ۾ آهي ته هو ڪمپيوٽر ذريعي ماڊل ناهي (computational modeling) انساني ذهن جو اڀياس ڪري ٿو يعني اهو معلوم ڪري سگهي ٿو ته انساني ذهن ڪيئن ٿو سوچي، ان جا ڪمپيوٽرائيزڊ ماڊل تيار ڪري، انهن کي وري قديم لکتن، خاص ڪري سنڌو لکت سان لاڳو ٿو ڪري، ان ريت هن کي خبر پوي ٿي ته انساني ذهن قدرتي يا فطري ماحول ۾ ٿيندڙ نون عملن، واقعن ۽ موجود شين جي ڪهڙيءَ ريت نمائندگي ڪري ٿو. اهڙا ڪهڙا حسابي نتيجا (algorithms) آهن، جن سان انساني ذهن جي حِسين جي طور طريقن ۽ روين کي سمجهي سگهجي ٿو. اهي ڪمپيوٽر جا ڪهڙا ميڪانيڪي طريقا آهن، جن سان ذهن بدلجندڙ حالتن ۾ به فعال رهي ٿو. ڪمپيوٽر جي مصنوعي ذهانت (artificial intelligence) ذريعي اهڙا اڀياس

ڪرڻ کانپوءِ چار پنج هزار سال قديم نشانين پويان ڪم ڪندڙ ذهنن جي مخصوص طريقي (pattern) کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ پوءِ وري لکت ۾ موجود نمونن ۽ ترتيب جي طريقي (pattern) سان لاڳو ڪيو ويو. ڪمپيوٽر جي چاڻ رکندڙن لاءِ ايئن چئي سگهجي ٿو تہ راجيش رائو ۽ سندس ٽيم، جنهن ۾ سنڌو لکت جو هڪ اڳوڻو مجيل ماهر اروٿم مهاديون بہ شامل هو. هڪڙو سافٽ ويئر ٺاهيو. (Pattern analyzing software) جنهن جي ذريعي مارڪوف ماڊل (Markof Model) نالي سسٽم جي حرڪي قوت (System Dynamics) جو خاڪو ٺاهيندڙ هڪ ڪمپيوٽر ٽول (tool) کي استعمال ڪيائون. جنهن ۾ چئن ڳالهايل ٻولين جي ترتيب (sequence) واري ڊيٽا ڪمپيوٽر ۾ فيڊ ڪئي وئي، جن ۾ قديم سميري، سنسڪرت، قديم تامل ۽ جديد انگريزي ٻوليون شامل ڪيون ويون. (ڪاش انهن ۾ ڪو سنڌي بہ هجي ها تہ ان ڊيٽا ۾ سنڌي بہ شامل ٿئي ها). ان کانپوءِ ان ۾ چار غيرلساني يا غير ٻوليائي رابطي جا نظام (non spoken communication systems) کڻي انهن جي ترتيب شامل ڪئي، جن ۾ پهرين انساني ڊي اين. اي (DNA) جي ترتيب هئي، ٻي ڪمپيوٽر پروگرامنگ جي فورٽران ٻولي/ڪوڊ (Fortran Code) جي ترتيب هئي، ٽين جيوڙن يا بئڪٽيريا واري پروٽين جي ترتيب ۽ چوٿين هڪ مصنوعي ٻولي وڌي وئي.

ان ريت انهيءَ پروگرام ذريعي هر هڪ رابطي جي نظام (communication system) (لساني ۽ غير لساني) ۾ ترتيبن جي بنا رٿابنديءَ (random) جي اچڻ جي سطح جاچي نتيجا ڪڍيا ويا. انهيءَ سموري عمل کانپوءِ کوجنائي ٽيم کي جيڪا ترتيب انساني ٻولين واري معلوم ٿي، ان سان گڏ ڪمپيوٽر ۾ سنڌو لکت جا نمونا فيڊ ڪيائون تہ انهن کي نشانين جي ترتيب ۾ هڪ قسم جي تنظيم محسوس ٿي، جيڪا انساني ٻولين جي وياڪرڻي تنظيم وانگر ئي هئي. ان طريقي سان پهرين تہ اها ڳالهہ طئي ٿي تہ مهرن تي اڪريل نشان محض ڪي اهڃاڻ يا علامتون نہ پر منجهن انساني ٻولي آهي. گرامر جي ترتيب معلوم ٿي وڃي تہ دنيا ۾ موجود مختلف خاندانن جي ٻولين جي وياڪرڻي جوڙجڪ سان ڀيٽي گهٽ ۾ گهٽ سنڌو لکتن ۾ موجود ٻوليءَ جو

خاندان تہ طئي ٿي سگهي ٿو. ان ڏس ۾ نتيجو اهو نڪتو تہ:

When they seeded the program with fragments of Indus script, it returned with grammatical rules based on pattern of symbol arrangement. These proved to be moderately ordered, just like spoken languages.

انهيءَ نتيجي باوجود ڪمپيوٽر سنڌو لکت ۾ موجود نشانين جي معنيٰ يا مطلب جي باري ۾ خاموش رهيو. هن ڪوشش کي سنڌو رسم الخط جي پاڄ جي سلسلي ۾ ماهر طور ڄاتل سڃاتل آسڪو پرپولا پسند ڪيو پر اسڪرپٽ يا رسم الخط کي نہ سمجهي سگهڻ وارو ڏورو ڏولي نہ سگهيا. راجيش رائو جو چوڻ آهي تہ 'هاڻي اسان کي گرامر جي ترتيب وارو نمونو (pattern) حاصل ٿي ويو آهي تہ پوءِ اڳيون قدم ان ترتيب واري نموني کي ٻين ٻولين جي ساڳين نمونن سان ڀيٽڻ هوندو جن ۾ سنسڪرت ۽ ٻيون هند يورپي يا وري دراوڙي ٻوليون اچي وڃن ٿيون. (جيڪي سنڌو ماٿري کان هزارين ڪلوميٽر پري جون آهن) منهنجي راءِ آهي تہ ان ڏس ۾ سنڌيءَ جي ڪنهن ماهر شخص کي شامل ڪري قديم توڙي جديد سنڌيءَ جي اندر ساڳئي قسم جي ترتيب واري نموني کي آڻي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر الانا صاحب پنهنجي تحقيق ۾ سنڌو ثقافت جي تسلسل سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي هزارين لفظن جي تسلسل سان اڄ تائين استعمال جي ڳالهہ ڪندي پنهنجن ڪتابن ۾ اهڙا ڪيترائي عام طور ڪتب ايندڙ لفظ ڏنا آهن. جن کي ڪمپيوٽر جي ڊيٽا ۾ وجهڻ سان سنڌي ٻوليءَ جو ان قديم سنڌو لکت سان واسطو يا لاڳاپو ظاهر ڪري سگهجي ٿو جنهن کي اسان جو ٻيو عالم سراج هن خطي جي پنهنجي اصلوڪي (indigenous) ٻولي مڃي ٿو جيڪا نہ هند آريائي آهي ۽ نہ ئي دراوڙي بلڪ اصلوڪي سنڌي ئي آهي. جنهن جو 5000 هزار سال اڳ ۾ ممڪن آهي تہ ڪو ٻيو روپ هجي. پر موجوده سنڌي ان جي ارتقائي صورت آهي ۽ جيڪڏهن موهن جي دڙي سان گڏ هڙپا جي ٻوليءَ بابت راءِ ڏجي تہ اها بہ ساڳي ٻوليءَ جو لهجو يا ٻيو روپ ٿي سگهي ٿو ۽ انهن جي ماءُ ٻولي (parent) هڪ ئي ٻولي آهي. سراج صاحب، پنهنجي مشهور ڪتاب 'سنڌي ٻولي' ۾ پنهنجو اهو نظريو ڏيڻ سان گڏ سنڌو مهرن جي لکت جنهن رسم الخط ۾ لکي

وئي آهي، ان کي پڙهڻ جي ڪوشش بہ ڪئي هئي. بهرحال منهنجي راءِ اها آهي تہ سنڌو لکت جنهن رسم الخط ۾ لکي وئي آهي ان کي ڪمپيوٽر تي پڙهڻ لاءِ يا ان جي ياڇ لاءِ ٻين ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ کي شامل نہ ڪندڙ سائنسدان شايد ئي ڪامياب ٿي سگهن! سنڌي تہ نهيو پر هن سموري خطي جي ڪابہ ٻولي انهيءَ تجربي ۾ شامل ڪانہ ڪئي وئي آهي. تامل ۽ تيلگو ٻوليون سنڌو ماٿريءَ کان هزارين ڪلوميٽر پري جون ٻوليون آهن. انهن کي شامل ڪندڙن کي سنڌو ماٿريءَ جي سنڌي، پنجابي، سرائڪي، هندڪو وغيره ٻولين بابت بہ سوچڻ گهرجي، جن جي گرامر جي ترتيب جو نمونو (pattern) ڪمپيوٽر ۾ وجهڻ يا فيڊ ڪرڻ سان اهو شايد ڪو نتيجو ڏئي وجهي. (اهڙي صلاح مون اي ميل ذريعي راجيش رائو کي موڪلي آهي ڏسجي ٿو جواب ملي).

بهرحال راجيش رائو جي اها تحقيق 'سائنس' جرنل ۾ 2009 ۾ ڇپي ۽ 'ڪمپيوٽيشنل لنگئسٽڪس' جي پرچن ۾ پڻ ڇپي تہ ڪن ڪيس ساراهيو تہ ڪن سخت تنقيد ڪئي. تنقيد ڪرڻ وارن ۾ رچرڊ اسپروٽ، وٽزل ۽ فارمر نالي سائنسدانن مرڳوئي اها دعوي ڪئي تہ سنڌو لکتن ۾ دراصل ڪو ٻولي لکڻ يا تحرير (writing) جو رسم الخط نہ آهي، پر انهن ۾ موجود نشانيون غير لساني آهن (ڳالهائجندڙ ٻوليءَ جون علامتون ناهن) ۽ اهي محض ڪي سياسي يا مذهبي اهڃاڻ (symbols) آهن.

ان کان اڳ بہ 2004 ۾ هنن ساڳين ماهرن جي ٽيم 'اليڪٽرانڪ جرنل آف ويدڪ اسٽڊيز' ۾ هڪ مقالو ڇپايو هو، جنهن ۾ هنن سنڌو ماٿريءَ جي ماڻهن کي اڻ پڙهيل ۽ سنڌو رسم الخط کي ٻولي سمجهڻ واري ڳالهہ کي غير حقيقي مفروضو ڪوٺيو هو. سندن مقالي جو عنوان هو: 'The Collapse of Indus Script Thesis: The Myth of a Literate Harappan Civilization' معني تہ سنڌو رسم الخط وارو مفروضو ڊهي ڇڪو آهي ۽ هڙپائي تهذيب جي پڙهيل لکيل هئڻ جو افسانو يا ڏند ڪٿا واڪي ٿي ڇڪي آهي. پوءِ انٽرويوز وغيره ۾ هنن تمام سخت لفظ بہ استعمال ڪيا هئا ۽ سنڌو لکت کي لکڻ يا تحرير جو رسم الخط مڃڻ کان انڪار ڪيو. سندن نقطہ نظر پوسيهل، ڪينوائر ۽

مهاديون طرفان 2004 ۾ ٽي سختيءَ سان رد ڪيو ويو هو جڏهن ته آسڪو پرپولا طرفان 2005 ۽ 2009 ۾ وري ٻيهر تنقيد جي جواب ۾ انهيءَ کي اجا وڌيڪ دليلن سان، وڊال طرفان 2007 ۾ ۽ ميڪنتوس طرفان 2008 ۾ تمام گهڻي مزاحمت ٿي ۽ مقالا لکي ڪيترائي دليل ڏنا ويا ته سنڌو رسم الخط هڪ ڳالهائجندڙ ٻوليءَ جي نمائندگي ڪري ٿو

انهيءَ سلسلي ۾ آسڪو پرپولا دليلن سان پنهنجو جواب 2005 ۾ ڇپرايو هو. سندس مقالي جو عنوان هو Is the Indus Script Indeed not a Writing System يعني ته 'ڇا سنڌو رسم الخط واقعي تحرير جو نظام ناهي'. جنهن کانپوءِ وري 2009 ۾ ان کي سنواري ڇپرايائين. هن دليل ڏنا ته ڇاڪاڻ جو سنڌو لکت جي پاڄ (decipherment) جي ڪوشش کي الاهي سال ٿي ويا آهن ۽ ماهر ان کي پڙهڻ ۾ ناڪام رهيا آهن ان ڪري انهن مان ڪن جي ذهنن ۾ اهڙو سوال اٿيو آهي ته ماڳهين اهو غير لساني (بنا ٻوليءَ جي) علامتن جو نظام ته ڪونهي!

گهڻي بحث مباحثي ۽ دليلن سان هن فارمر، اسپروٽ ۽ وٽزل کي غلط ثابت ڪيو ۽ چيو ته سنڌو رسم الخط اصل ۾ پدن تي ٻڌل (logosyllabic) آهي. ان ۾ 400 نشانيون دراصل اکر (graphemes) آهن، جيڪي پدن جي ترجماني ڪن ٿا. ان کانپوءِ هن اهو به چيو ته انهيءَ رسم الخط ۾ ڊگهيون عبارتون فنا ٿيندڙ وٿن تي (ڇوڏن، پنن ڪپڙي وغيره تي) هئڻ ڪري محفوظ رهي نه سگهيون آهن. ان ڪري پڙهڻ ۾ ڏکيائي ٿي ٿئي، پر انهن نشانين جي ترتيب ۽ ورجاءُ ٻوليائي رسم الخطن سان هڪجهڙائي رکي ٿو. هن اهو به چيو ته سنڌو لکتون پري پري تائين مختلف ماڳن تان مليون آهن. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته انهن نشانين ۾ ڪو مفهوم ۽ معنيٰ هوندي تڏهن ته انهن نشانين کي استعمال ڪري پري پري جا ماڻهو واپار يا ملڪي انتظام ۾ استعمال ڪندا هوندا. 2010 ۾ هڪ پيرو وري به رچرڊ اسپروٽ ۽ وٽزل واري ساڳي 'ٽيم' ڪجهه ٻيا پهلو ڪڍي تنقيد ڪئي، جنهن جي جواب ۾ سن 2010 ۾ راجيش رائو ۽ سندس ٽيم طرفان هڪ ڀرپور تجربو ڪري ڪمپيوٽر ذريعي نتيجا ڪڍي پيش ڪيا ويا. سندن مقالي جو عنوان هو:

"Entropy, the Indus Script and Language: A Reply to Richard Sproat"

جنهن جي معنيٰ اها ٿي تہ سنڌو لکت جي نشانين ۾ پيغام رسانيءَ جي صلاحيت کي شمارياتي حوالي سان توري تکي پوءِ ان ۾ ٻوليءَ جي موجودگيءَ کي ثابت ڪيو ويو آهي. هنن سمورن سائنسدانن جو تعلق هندستان جي ڏکڻ ۾ دراوڙي ٻوليون ڳالهائيندڙ خطي سان آهي ۽ هي سنڌو ماٿريءَ جي ٻوليءَ کي قديم دراوڙي ٻولي مڃين ٿا. ڪمپيوٽر تي ڪيل سنڌن تجربا ۽ انهن جي تصويرن، خاڪن، جدولن ۽ علامتن اندر موجود ترتيبن وغيره بابت پريزينٽيشن جي وڊيو يُوٽيوب تي ۽ واشنگٽن يونيورسٽيءَ جي ويب سائيٽ تي ڏسي سگهجي ٿي. انهيءَ کانسواءِ مٿن جيڪي تنقيدون ٿيون، اهي پڻ انٽرنيٽ تي موجود آهن، جن مان ڪن جي چونڊ ڪري انهن کي هتي ترجمو ڪيو ويو آهي.

سنڌو ماٿريءَ جي ٻوليءَ ۽ رسم الخط جي باري ۾ ايڪيهين صديءَ ۾ ٿيندڙ تحقيق جو اهو رخ سامهون اچڻ کانپوءِ اهو سلسلو هلي پيو تہ پيا بہ ڪيترائي نوجوان ۽ تجربيڪار محقق ان ميدان ۾ ٽپي پيا آهن. هندستان ۾ قائم 'ٽاٽا انسٽيٽيوٽ آف فنڊامينٽل ريسرچ' جي هڪ ٽيم، جنهن ۾ نِشا يادَو ۽ ايم. اين. وهيا وغيره شامل آهن، پڻ سنڌو رسم الخط ۾ موجود نشانين جي ڊزائين بابت ڪمپيوٽر تي اڀياس ڪري نتيجا ڪڍي 2011 ۾ هڪ مقالو ڇپرايو جنهن جو عنوان آهي Indus Script: A Study of it's Sign Design، جنهن ۾ هنن سنڌو نشانين جي ترتيب (sequence) جو تجزيو ڪري، انهن جي بناوت يا جوڙجڪ ۾ موجود ڊزائين جو ڇيد ڪيو آهي ۽ انهن کي ٽن قسمن جي نشانين ۾ ورهائي 'بنيادي'، 'عارضي' ۽ 'ترميمي' نشانيون ڏار ڪيون آهن. ان کانسواءِ سادين ۽ مخلوط (مرڪب ۽ گڏيل) نشانين کي ٽوڙي انهن جا متنن ۾ اچڻ جا پيرا يا ورجاءَ جاچيا ۽ ائين ڪمپيوٽر ذريعي ترتيبن جي ڳولا ڪري انهن ۾ ٻوليءَ واري تنظيم يا نحوي ۽ منطقي اصول ڳولي ان جي ٻولي هجڻ بابت دليل تيار ڪيا.

ايڪيهين صديءَ ۾ ڏنو وڃي تہ هن وقت تائين گهٽ ڪري بيان ڪيل سمورا ماهر سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب ۽ ٻوليءَ کي دراوڙي سمجهي ڪم ڪندا رهيا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ بيا ماهر اهي آهن، جيڪي سنڌو سيتا ۽ ٻوليءَ کي

ويدڪ سيپيتا ۾ ٻولي قرار ڏيندي اهڙيون ثابتيون پيش ڪندا رهيا آهن. انهن مان وڏو تعداد انهن ماهرن جو آهي، جيڪي 'هندو توا' جي اثر ۾ آهن يا سنڌو ماٿريءَ جي تاريخ کي هندستان جي قديم تاريخ جو ماخذ ڄاڻائي ويد، مهاڀارت ۽ ٻيا مذهبي اهڃاڻ توڙي ٻولي ۽ لپي (برهمي) قديم سنڌو تهذيب سان لاڳاپين ٿا. انهن مان 21 صديءَ ۾ نتور جها، اين ايس راجا رام ۽ راجوٽ اين. پال جا نالا وٺي سگهجن ٿا.

اين. ايس. راجا رام جو مقالو: Looking Beyond the Indus Script Story of Vedic Harappans پڻ نيٽ تي موجود آهي. هي صاحب آرين جي ٻاهران اچڻ واري مفروضي کي رد ڪري ٿو ۽ هندستان جي اصلوڪن رهاڪن کي ئي ويدن جو خالق ڄاڻائي ٿو. هن ڳالهه مان هن جو مقصد اهو ثابت ڪرڻ به آهي ته ويد محض 1000 يا 1500 قبل مسيح جا نه، پر هزارين سال قديم آهن. جيڪي ويدڪ ٻوليءَ ۾ لکيا ويا هئا. جيڪا سنڌو ماٿر سميت سڄي هندستان ۾ رائج هئي. هو ويدن ۾ سرسوتي نديءَ جو گهڻو ذڪر ڏسي لکي ٿو ته اها تهذيب دراصل 2000 ق. م ۾ سڪي ويل سرسوتي نديءَ جي تهذيب هئي.

ٻاهران آيل آرين واري مفروضي کي انگريزن طرفان سياسي مقصدن لاءِ گهڙيل سمجهندي هو اها هندستان جي ماڻهن کي مظلوم دراوڙن ۽ ظالم آرين جي ٻن گروهن ۾ ورهائي ويڙهائڻ جي سازش ڪوٺي ٿو جنهن ۾ سنڌس بقول ڪيترا هندستاني به شامل هئا، جن ان کي پنهنجي تحقيق ۽ نظرين ۾ هٿي ڏني. سنڌو سيپيتا مان گهوڙي جي ڪا علامت نه ملڻ کي ان جي غير آريائي هئڻ جو جواز ٻڌايو (ڇاڪاڻ جو گهوڙو آريائي تهذيبن ۾ ملي ٿو) ۽ انهيءَ جهيڙي کي سياسي ۽ طبقاتي جهيڙو ثابت ڪيو. هو لکي ٿو ته انگريزن پاران آرين جي سڃاڻپ جا معيار ئي مت ڀيد تي ٻڌل هئا، جنهن ۾ چيو ويو ته Longer the nose, higher the caste يعني جيترو نڪ ڊگهو هوندو اوتري اُوچي ذات هوندي. ان ڪري سموري هندستان ۾ نڪ اوچو رکڻ عزت داريءَ ۽ شرافت جو معيار سمجهيو وڃي ٿو. جڏهن ته گهٽ ذات وارو ٻي نڪو ۽ اٺاسو سڏيو ويو. آريا سڏريل ۽ اڻ آريا- 'اناڙي'، اهڙي طرح دراوڙ سڏيل طبقن ۾ آريا سڏجندڙ گروهن لاءِ نفرت ۽ ڪروڌ پيدا ٿيو.

بهرحال هي صاحب انهيءَ سموري نظريي جي پس منظر ۾ ٻوليءَ جي حوالي سان سنڌو ٻوليءَ کي ٿي سيني هندستاني ٻولين جو سرچشمو ڪوٺي ٿو جيڪا ويدڪ سنسڪرت جو آڳاٽو روپ هئي، جنهن جي رسم الخط مان برهمي ۽ ديوناگري اسريون (گهٽائي سال اڳ سنڌ جي اسڪالر سراج، آرين جي اهڙي مفروضي گهڙڻ بابت يورپي عالمن جي سازش کي وائکو ڪيو هو. سنڌيءَ کي سنسڪرت مان نه پر سنسڪرت کي سنڌي مان نڪتل چيو هو. پر سندس مقصد هرگز اهو نه هو ته ڪو سنڌي ويدڪ سنسڪرت جي خاندان مان هئي، بلڪ اها اصلوڪي ٻڌائتي ٻولي هئي، جنهن دنيا جي اڪثر ٻولين کي جنم ڏنو هو جن مان هڪ سنسڪرت به هئي). هي سمورو احوال پڙهي مون کي ڪئنابڊا ۾ رهندڙ هڪ سنڌي ليکڪ پڳوان. ايس. گدواڻيءَ جو ناول Return of the Aryans ياد اچي ويو جنهن جو مقصد سنڌوءَ جي قدامت ثابت ڪرڻ ته هو پر ونس ان لفظ 'سنڌو' اصل ۾ 'هندو' مان جنم ورتو هو جيڪو سناتن ڌرم هو. علمي تحقيق ۾ مذهب يا ڌرم کي آڻڻ سان غيرجانبداريءَ تي سواليه نشان لڳي وڃي ٿو.

ان ساڳي لڙائيءَ ۾ ڪجهه قدر علمي حوالي سان هڪ مقالو راجوت. اين. پال جو پڻ نظر مان گذريو جيڪو 2011 جو ڇپيل آهي. A New Light on the Decipherment of Indus-Saraswati Script. يعني سنڌو- سرسوتيءَ جي رسم الخط جي پاڇ تي نئين روشني- انهيءَ مقالي ۾ ليکڪ منوسمرتيءَ ۾ ڄاڻايل 'مليڇ واڪ' (مليڇا واڪا) ۽ پتنجليءَ واري 'اپڀاسدن' کي انهيءَ سلسلي سان جوڙيو آهي. هي به دراوڙن ۽ آرين جي ورهاست کي قبول نٿو ڪري ۽ سنڌو ماتريءَ جي ٻوليءَ کي هندستان جي قديم ويدڪ ٻولي قرار ڏئي ٿو جنهن جي رسم الخط مان برهمي ۽ ڪروشتي لپيون نڪتيون. هو هندو ڌرمي ڪتابن مان مثال ڏئي ثابت ڪري ٿو ته اهي به قديم طبقا شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي ورهاست سبب نهيا. پر هتا ساڳئي نسل مان ۽ پاڻ ۾ شاديون مراديون ڪندا هئا. بهرحال سنڌو رسم الخط جي معاملي ۾ اهو رخ به ضرور سامهون رکڻ گهرجي پوءِ ان کي قبول يا رد ڪرڻ لاءِ ڪمپيوٽر جا اپياس پاڻيهي نتيجا ڏيندا.

جيستريقدر سنڌو ماٿريءَ ۾ ٿيل کوٽائين ۾ اتان مليل مهرن تي لکيل ٻوليءَ پڙهڻ جو سوال آهي تہ اسين ان جي ابتدا کان ٿيل ڪوششن جو ٿورو پس منظر بہ هتي ورجائي سگهون ٿا. ڇاڪاڻ جو اوڻيهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ سڄي ويهين صدي سنڌو رسم الخط جي پاڄ (decipherment) جي سلسلي ۾ ماهرن جي ڪوشش سان پري پئي آهي، جيڪڏهن سڀني جو ڪم هتي نہ ڏئي سگهبو تہ بہ بنيادي ۽ اهم ڪم جو سرسري جائزو ضرور پيش ڪري سگهجي ٿو. اهو ان لاءِ بہ ضروري آهي جو ايڪيهين صديءَ ۾ ٿيندڙ تحقيق جو دارومدار انهيءَ اڳوڻي تحقيق تي آهي، جيڪا سوا سؤ سالن تي مشتمل آهي.

جيڪڏهن مختصر طور سنڌو لکت جي پاڄ جا پيرا کڻجن تہ معلوم ٿيندو تہ سڀ کان پهرين سر اليگزينڊر ڪننگهام (Sir Alexander Cunningham)، هڙپا جي مقام تان ميجر جنرل ڪلارڪ (Clarke) کي 73-1872 ڌاري لڌل هڪ مهر جو ذڪر، ڪلڪتي مان ڇپيل 'آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا' جي رپورٽ ۾ ڪيو ۽ راءِ ڏني تہ ان مهر تي ڇهن مختلف نمونن جا اکر اڪريل آهن، جيڪي ڪنهن هندستاني ٻوليءَ جا نئا لڳن ڇاڪاڻ جو انهن اکرن سان جنهن ڍڳي جي تصوير اڪريل آهي، اها هندستان بدران ڪنهن ٻئي ملڪ جي نسبت ڏيکاري ٿي. وري 1884 ۾ بہ هڪ ٻي مهر لڌي وئي، جيڪا پڻ ساڳئي قسم جي هئي. جنهن تي جيڪا لکت هئي، ان ۾ پنج نشانيون اڪريل هيون. ان مهر جو احوال لانگ ورٿ ڊيلز (Longworth Dales) ڪننگهام واري اڳين مهر سان گڏ 'انڊين اينٽيڪئيري' (Indian Antiquery) جي هڪ شماري ۾ شايع ڪيو. جنهن جو عنوان هو 'هڙپا مان لڌل قديم مهرون' (Old Seals Found at Harappa) شروع ۾ اهو سمجهيو ويو تہ اهي مهرون ڪٿان ٻاهران، شايد بئڪٽريا (Bactria) مان آيل آهن. 1886 ۾ هڪ ٽين مهر لڌي، جيڪا لانگ ورٿ حاصل ڪري برٽش ميوزيم ۾ رکرائي. انهن ٽن مهرن جي باري ۾ جي. ايف. فليٽ (J. F. Fleet) رايل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي 1912 واري شماري ۾ هڪ مقالو لکيو. هن انهن مهرن تي لکيل لکت کي پڙهڻ جي بہ ڪوشش ڪئي.

ان وقت تائين ماهرن جو خيال هو تہ انهن مهرن ۾ انهن مٿان اڪريل لکت جو دور ڇوٿين صدي ق. م. جو هوندو. 21-1920 ۾ راءِ بهادر ديارام ساهنيءَ

هڙپا واري ماڳ جي کوٽائي شروع ڪئي ۽ ائين هڪ ٻئي پٺيان مهرون ملنديون رهيون. جن جي رپورٽ هن پنهنجي اداري جي سربراهه سر جان مارشل کي ڏني. جنهن 1922ع ۾ 'ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا' جي پهرئين جلد ۾ هندستان جي قديم يادگارن بابت هڪ باب لکيو جنهن ۾ هن انهن مهرن جي اصليت ۽ دور بابت لکيو پر ان کي ڪا گهڻي اهميت ڪانه ملي. ساهنيءَ جي هڙپا واري کوٽائيءَ کانپوءِ 22-1921ع ڌاري آر. ڊي. بئنرجي موهن جي دڙي مان به ساڳئي قسم جون مهرون لڌيون ۽ گڏوگڏ ٻيون ڪيتريون ئي قديم شيون پڻ لڌس. 1924ع ۾ سر جان مارشل انهن مهرن تي به توجهه ڏني ۽ انهن کي 'السٽريٽيڊ لنڊن نيوز' ۾ تصويرن سان ڇپرايو ته جيئن دنيا جي توجهه حاصل ڪري سگهي. ساڳئي جرنل جي ٻئي پرچي ۾ پروفيسر سيس (Sayce) نالي هڪ ماهر ان جي جواب ۾ هڪ مضمون لکيو جنهن ۾ هن انهن سنڌو ماٿريءَ مان مليل مهرن کي ذڪر ميسوپوٽيميا جي سميري قديم آثارن مان مليل ساڳئي قسم جي لکت وارين مهرن سان ڀيٽي منجهن هڪجهڙائيءَ بابت لکيو. اهڙي هڪ مهر همورابيءَ جي مندر جي کنڊرن مان لڌي وئي هئي، ان ڪري انهن جو تعلق ثابت ٿيو. انهيءَ کانپوءِ سي. جي. گڊ (C. J. Gadd) ۽ سڊني سمٿ (Sydney Smith) انهن ٻنهي تصويري لکتن جو تقابلي جائزو وٺي نتيجو ڪڍيو ته سنڌو ۽ سمير جون تهذيبون نه صرف همعصر آهن، پر انهن جو پاڻ ۾ ڪو لاڳاپو به آهي ۽ انهن لکتن جو دور ٽيون يا چوٿون سهس (3000-4000) ق. م. هو. سميري مهرن سان ڀيٽڻ جو اهو سلسلو جاري رهيو. هڪ ٻئي ماهر ايل. اي. وينڊل (L. A. Waddle) 1925 ۾ پنهنجي مضمون 'سنڌو سميري مهرون' (Indo Sumerian Seals) ۾ ٻنهي لکتن کي ڀيٽي منجهن هڪجهڙائيءَ جي نشاندهي ڪرائي، پر ان سان گڏ هن سنڌو لکت وارين نشانين ۾ ويدڪ دور جي ديوتائن، مهاڀرشن ۽ سورمن جي نالن جا اهڃاڻ به تلاش ڪيا. شايد ان ڪري جو هن موهن جي دڙي جي رهواسين کي آريا سمجهيو هو. ان دور ۾ اهو خيال به عام هو ته ڇاڪاڻ ته موهن جي دڙي جي دور ۽ ويدڪ آرين جي دور ۾ 2000 سالن جي وٿي آهي ان ڪري موهن جي دڙي جي تهذيب غير آريائي هئڻ جو وڏيڪ امڪان آهي.

ميڪس ملر (Max Muller) سميت ٻيا بہ ڪيترا عالم آريا نالي قوم جي وجود ۽ بيان ڪيل سندن لڏ پلاڻ وغيره کان انڪاري هئا. بهرحال 1922 کان 1927 تائين سر جان مارشل موهن جي دڙي جي کوٽائي مان هٿ آيل وٿن کي محفوظ ڪيو ۽ پوءِ 1931 ۾ پنهنجو جڳ مشهور ڪتاب موهن جو دڙو ۽ سنڌو سڀيتا (Mohen jo Daro and Indus Civilization) ٽن جلدن ۾ ڇپرايو جنهن جي جلد ٻئي ۾ هن سنڌو لکت بابت اڳ ۾ لکيل مضمون بہ ڏنا، جن مان سي. جي. گئڊ جي مضمون جو عنوان هو: 'آڳاٽي سنڌو رسم الخط جي نشانين جي فهرست' (Sign List of Early Indus Script). جڏهن تہ ٻيو مضمون سڊني سمٿ جو لکيل هو جنهن جو عنوان هو سنڌو لکڻين جو ميڪانيڪي انداز (Mechanical Nature of Indus Writings). هنن ٻنهي صاحبن جي راءِ ۾ فرق هو. گئڊ سنڌو لکت کي هڪ پدي (Monosyllabic) انوماني يا تصور تي مبني (Ideogram) لکت قرار ڏنو. جڏهن تہ سڊني سمٿ مهرن تي اڪريل نشانين کي پدن تي مشتمل نہ پر لفظن تي مشتمل قرار ڏنو ۽ ڄاڻايو تہ ڪن صورتن ۾ اهي انوماني نشانيون مفرد لفظ آهن ۽ انهن مهرن تي ماڻهن جا نالا ۽ ڪي خصوصي سڃاڻپ جون نشانيون اڪريل هيون اهو 1924 جو سال هو. ان دوران ڊاڪٽر اي. مئڪي (E. Mackey) پڻ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو تہ اهي مهرون گهٽ ۾ گهٽ عيسوي سن کان ٽي هزار سال آڳاٽيون آهن.

سر جان مارشل پنهنجون جيڪي رپورٽون شايع ڪرايون انهن جو اڀياس جاري رهيو ۽ گئڊ، سمٿ ۽ پروفيسر لئنگڊن (Langdon) انهن بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندا رهيا. لئنگڊن 1928 ۾ پنهنجو مقالو 'سنڌو ماٿريءَ جو رسم الخط ' (Indus Valley Script) ڇپرايو جنهن ۾ هن ڪجهہ سنڌو ماٿريءَ جي مهرن جو ڪِش (Kish) جي ماڳ تان ملڻ جو ذڪر ڪيو. هن سنڌو نشانين کي مصر جي هيروگلفيءَ لکت سان ۽ ميسوپوٽيميا جي لکت سان ڀيٽي منجهن هڪجهڙاين ۽ فرقن تي روشني وڌي. انهيءَ اهو بہ چيو تہ ان سنڌو رسم الخط مان هندستان جي 'برهمي' لپي نڪتل آهي. هن ڪي اهڙا مثال بہ ڏنا ۽ انهن کي صوتي صورتون سڏيو. لئنگڊن بہ سنڌو لکت کي پدن تي مشتمل قرار ڏنو ۽ برهميءَ وانگر هر هڪ پد ۾ هڪ وينجن ۽ هڪ سُر

جي هٿرَ جي ڳالهہ ڪئي. البت هن اهو بہ چيو تہ سنڌو لکت ۽ سميري يا پروٽو ايلمائيٽ نشانين جو پاڻ ۾ لاڳاپو ثابت نٿو ٿئي. هوڏانهن وري سنڌو لکت بابت هڪ ٻئي ماهر جي. آر. هنٽر (G. R. Hunter) راءِ ڏني تہ موهن جي دڙي ۽ هڙپا ۾ ساڳي ٻولي ملي ٿي، جيڪا هڪ پدي آهي ۽ ڪٿي ساڄي کان کاٻي تہ ڪٿي کاٻي کان ساڄي پاسي ڏانهن لکيل آهي. هن انهيءَ ڳالهہ جي پٺڀرائي ڪئي تہ سامي ۽ فنيقي يا فونيشين لکتون بہ سنڌو لکت تان ئاهيل يا ورتل آهن.

جي. آر. هنٽر آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان انهيءَ موضوع تي پي ايچ ڊي ڪرڻ لاءِ ٿيسز لکي. اهو دور 29-1926 وارو هو. هن لڳ ڀڳ 750 مهرن جي تقابلي جائزي ذريعي انهن تي اڪريل لکتن جي رسم الخط کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس خيال هو تہ اهو رسم الخط صوتياتي (phonetic) هو حالانڪ ان جو بنياد تصويري يا انوماني هئڻ جو امڪان بہ ڏيکاريائين.

ايئا سنڌو لکت بابت انهن ماهرن جا اندازا پئي هليا تہ هڪ هندستاني اسڪالر پراڻناٿ انهيءَ لکت کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اهو نتيجو ڪڍيو تہ سنڌو ماٿريءَ جو رسم الخط دراصل برهميءَ جو بنياد آهي ۽ ان ۾ جيڪي تصويري يا انوماني شڪليون آهن، اهي درحقيقت اکر (اڪشر) ئي آهن، جن جو تعلق برهمي اکرن سان آهي. هن ڪجهہ سنڌو اکرن کي پڙهڻ جي دعويٰ بہ ڪئي ۽ چيائين تہ انهن نشانين مٿان نهيل اڙين ۽ ليڪُن وغيره جي مشابهت برهميءَ جي ماترائن سان آهي. برهميءَ جي سنڌو رسم الخط مان نڪرڻ واري مفروضي بابت لئنگڊن ۽ پراڻناٿ ۾ همخيالي نظر اچي ٿي، لڳي ائين ٿو لڳي تہ لئنگڊن اهو خيال پراڻناٿ کان اڌارو ورتو هو.

هنٽر جي ٿيسز ڇپجڻ کانپوءِ انهيءَ تي بحث جو سلسلو شروع ٿيو (اها ٿيسز 1995ع ۾ عطا محمد ڀنڀري سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪئي، جيڪا سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ڇپائي آهي، جنهن جو نالو آهي: سنڌو لکت جو بين الاقوامي لکتن سان لاڳاپو). هڪ عالم پي. ميريگي (P. Meriggi) پڻ ان تي ڪم ڪيو ۽ پنهنجي اڀياس کانپوءِ راءِ ڏني تہ سنڌو رسم الخط انوماني صوتياتي (Ideophonographic) آهي. هن اهو بہ چيو تہ اهي نشانيون گهٽ

ڪري انتظامي مقصدن لاءِ ڪتب ايندڙ هيون. پوءِ واري دور ۾ ڪيترن هندو عالمن ان کي سنسڪرت طور به پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. سوامي سنڪرنندا جيڪو تانترڪ جو چاڻو عالم هو تنهن سنڌو رسم الخط کي انهيءَ بنياد تي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن کي پوءِ بي. ايم. برئا (B. M. Brua) اڳتي وڌايو.

1953ع ۾ فادر هيرس (Father Heras) طرفان باقاعدي طور تي پنهنجي پڙهڻين جو اُپياس شايع ڪرايو ويو جنهن ۾ اڳوڻين سمورين ڪوششن جو تفصيلي جائزو وٺي پوءِ نشانين جا گروهه مقرر ڪيائين. جن ۾ تصويري (Pictographic)، صوتياتي نشانيون (phonetic signs) مرڪب نشانيون ۽ نشانين جا صوتي جوڙ وغيره الڳ ڪيا. هن انهيءَ رسم الخط جي خصوصيتن تي تفصيل سان لکيو ۽ ڪيترائي چارٽ ۽ جدولون ٺاهي انهن نشانين کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان ۾ ڪاميابيءَ جي دعوي ڪئي.

انهيءَ دوران اي. ايچ. دانيءَ پڻ پنهنجو هڪ طريقو اختيار ڪيو جنهن سان اهو رسم الخط پڙهجي. هن نشانين جي گروهن کي خاص ترتيب سان رکيو جنهن ۾ ساهوارن، سجاٽپ ۾ ايندڙ شين ۽ جاميٽريءَ جي شڪلين واريون علامتون ڌار ڪري رکيون. جن ۾ ٽڪنڊيون، چوڪنڊيون، بيضوي، ڪنڊائين ۽ منڊيئڙي جي شڪل جهڙين توڙي پيچيده نشانين کي رکيو. ان کان سواءِ عمودي، افقي يا ابتدائي ليڪون ۽ اڙيون به شامل ڪيائين. جنهن کانپوءِ انهن تي تفصيل سان بحث ڪري 1963 ۾ نتيجو ڪڍيائين ته 'سنڌو رسم الخط جيتوڻيڪ گهڻو منجهيل ڪونهي، پر موجوده صورت ۾ ان لاءِ يقين سان ڪجهه چئي نٿو سگهجي. ان کانپوءِ ايس. ڪي. ري (S. K. Ray) پڻ انهيءَ موضوع تي 1963ع ۾ ٿيسز لکي ۽ چيو ته سنڌوءَ وارين نشانين ۾ به اصول نظر اچن ٿا. هڪ اهو ته اصلوڪين نشانين تي زور ۽ ٻيو ته ٻن يا وڌيڪ نشانين جو پاڻ ۾ جڙڻ موجود آهي. سر مارٽيمر ويلر (Sir Mortimer Wheeler) پڻ ان ڏس ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته انهيءَ رسم الخط کي پڙهڻ لاءِ هن وقت ڪا به ٻہ۔ ٻولياڻي لکت موجود ڪانهي جنهن ۾ هڪ ٻولي ڄاتل سڃاتل هجي، ٻيو ته اڪثر ڪري ميسر لکتون تمام ننڍڙيون آهن.

جن ۾ سراسري طور ڇهه نشانيون ملن ٿيون ۽ وڏي ۾ وڏي لکت ۾ سترنهن نشانيون آهن. ۽ مهرن ۾ اهي محدود نمونن ۾ آهن، ان ڪري ممڪن آهي ته انهن ۾ اسم خاص هجن. جن ۾ ڪٿي ڪٿي اباڻو نالو لقب القاب يا ڏنڌي پيشي جو ڪو لفظ شامل ٿي سگهي ٿو پر اصل ۾ ڇا آهي 'اسان کي ڪا خبر نٿي پوي'.[1]

1964 ۾ سنڌ ۾ سراج (سراج الحق ميمڻ) جو ڪتاب 'سنڌي ٻولي' ڇپيو هن ڪتاب لکڻ کان اڳ سراج جا ڪيترائي مقالا ٽماهي 'مهراڻ' رسالي ۾ ڇپيا هئا. سنڌي ٻوليءَ بابت سندس نظريو اهو هو ته اها سنڌو ماٿريءَ جي اصلوڪي (indigenous) ٻولي آهي، ڪٿان ٻاهران ڪانه آئي آهي ۽ نه ئي ڪنهن ٻي ٻوليءَ مان نڪتي آهي. ڪن عالمن ان کي هند-آريائي ۽ سنسڪرت مان نڪتل پئي ڄاڻايو ته ڪن ان کي سامي صفت ٻولي پئي قرار ڏنو ته ڪي وري ان کي دراوڙي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. سراج جو خيال هو ته جيئن ته موهن جو دڙو (۽ هڙپا) يعني سنڌو ماٿريءَ جي سڀيتا تمام قديم آهي ان ڪري ان جي ٻولي به سڀني کان قديم هوندي جنهن مان پوءِ ٻيون ٻوليون ڦٽي نڪتيون هونديون. هو پروٽو دراوڙي، پروٽو آريائي ۽ هن خطي جي ٻين قديم ٻولين جي ساڳي ماءُ (parent) هئڻ جي ڳالهه ٿو ڪري. جيڪا هن ماٿريءَ جي ٻولي ٿي هئي. سراج سنڌو رسم الخط مان برهميءَ جي نڪرڻ واري ڳالهه به ڪئي ۽ نوح ڪريمر جي ان ڳالهه جي به تائيد ڪئي ته سميري تهذيب ۽ ٻوليءَ جو واسطو سنڌو تهذيب ۽ ٻوليءَ سان ضرور ثابت ٿئي ٿو پر اهو قبول نه ڪيو ته ڪو سنڌي انهيءَ سٽ جي ٻولي آهي. بلڪ خود سنڌيءَ انهيءَ تي اثر وڌو هوندو. سراج سنڌو لکت جي نشانين کي ملهه ڏئي ڪجهه سٽون پڙهڻ جي به ڪوشش ڪئي ۽ پنهنجي ڪتاب ۾ انهيءَ تي بحث به ڪيو.

سٺ جي ئي ڏهاڪي ۾ سنڌ جي هڪ ٻئي عالم ڊاڪٽر غلام علي الانا 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' نالي ڪتاب لکيو. بعد ۾ هن ٻيا به ڪيترائي

---

[1] حوالو: First International Sypstosim on Moen'jo daro, edited by Ahmed Nabi Khan 1973-National Book Foundation – Karachi, Lahore Peshawar Quetta.

ڪتاب لکيا. سنڌي ٻوليءَ کي هو بہ هتان جي اصلوڪي ٻولي قرار ڏي ٿو جنهن کي هو 'سنڌو ٿي' جو نالو ڏي ٿو. ڊاڪٽر صاحب سنڌي ٻوليءَ بابت اها راءِ ٿو رکي تہ جيئن تہ 5000 سال پراڻي سنڌي ڪلچر ۽ سڀيتا جو تسلسل اڄ بہ سنڌ ۾ موجود آهي تہ ٻوليءَ ۾ ضرور ساڳيو تسلسل هوندو. ان ڪري ضروري آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي لکت کي ان پس منظر ۾ پڙهجي. هن سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف شعبن ۾ مروج ڪيترن ئي لفظن جون لڙيون ڏنيون آهن، جن کي آريائي، دراوڙي ۽ ٻين لفظن سان ڀيٽي پنهنجي راءِ قائم ڪئي اٿس. سنڌ مان ئي ايم ايڇ پنهور بہ ان ڏس ۾ پنهنجن خيالن جو ڀرپور اظهار ڪيو. سندس هڪ مقالو ستر جي ڏهاڪي ۾ "Sindh Through Centuries" سيمينار ۾ پڙهيائين. ان ڪانپوءِ 1981 ۾ ساليانې سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ بہ تقرير ڪيائين. سندس مؤقف اهو هو تہ سنڌ ۾ هن وقت جيڪا ٻولي ڳالهائجي ٿي، اها 'پروٽو انڊين' يعني آڳاٽي هند جي ٻولي هئي ۽ دراوڙن سان ان جو تعلق گهڻو آڳاٽو ڇڄي ڇڪو هو ۽ ٻولي ڪنهن بہ صورت ۾ دراوڙي نٿي ٿي سگهي. ان ڪري ان بنياد تي رسم الخط جي پاڄ مان ڪجهہ بہ حاصل ڪونہ ٿيندو.

هندستاني عالمن مان ڪرشن رائو جو ڪتاب: Indus Script Deciphered 1982 ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو جنهن ۾ هن مهرن تي اڪريل نشانين جا صوتي ملهہ مقرر ڪري پڙهيون ترتيب ڏنيون. هو دعوي ٿو ڪري تہ هن سنڌو لکت کي پڙهي ورتو آهي، (جنهن کي ثابت ڪرڻ ڏکيو آهي). سميري، مصري ۽ فنيقي نشانين جا اهڃاڻ سنڌو لکت ۾ نظر ٿا اچن. جنهن مان هو نتيجو اخذ ڪري ٿو تہ قديم سنڌ جي ماڻهن جا انهن لوڪن سان واپاري ۽ سماجي ناتا هوندا. ان ڪري اتان سنڌو مهرون بہ مليون آهن. هندستان جي سنڌي عالمن مان مرليڌر جيتلي ۽ لڇمڻ خوبچندانيءَ بہ سنڌي ٻوليءَ بابت قابل قدر ڪم ڪيو آهي ۽ هنن جو نظريو ساڳيو ئي هند آريائي ٻولي هئڻ وارو آهي، پر هنن سنڌو رسم الخط جي پاڄ جي سلسلي ۾ گهڻو ڪونہ لکيو آهي. مغربي عالمن مان ڪينوائر ۽ فيئر سروس بہ ان موضوع تي ڪم ڪيو. سنڌو لکت جي پاڄ جي حوالي سان بيان ڪيل هن سموري اڀياس ۽ اتهاس

۾ جن ۾ ماڻهن قابل قدر ڪم ڪيو آهي انهن مان روس ۾ ڪمپيوٽر تي مايا لپي پڙهندڙ يوري ڪنوروزوف (Knorozov)، فنلينڊ جو آسڪو پرپولا ۽ ذڪرڻ هندستان جو اروٿم مهاديون اهم آهن. پويان ٻئي صاحب سنڌو رسم الخط جي پاڄ انهيءَ مفروضي کي بنياد بنائي ڪري رهيا آهن ته اها سنڌو ماٿريءَ جي ٻولي پروٽو دراوڙي آهي ۽ انهيءَ حوالي سان نه صرف نظرياتي طور پر ڪمپيوٽر جي ذريعي اپياس ذريعي به هنن انهيءَ مفروضي کي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هنن ٻنهي صاحبن جيڪو قابل قدر ڪم ڪيو آهي اهو آهي سنڌو مهرن تي مليل لکت ۾ موجود نشانين جون فهرستون ۽ ڏسڻيون (Corpus and Concordances) ڇپرائڻ، جنهن جي ڪري سنڌو رسم الخط تي ڪم ڪندڙ ماهرن ۽ اسڪالرن کي تمام گھڻي سهولت ملي تي، پرپولا جو ڪتاب Deciphering the Indus Script ڪيمبرج يونيورسٽيءَ 1994 ۾ ڇپايو. سندس ٻيو ڪتاب Corpus of Indus Seals and Inscriptions هن مارڪ ڪينوائر سان گڏجي مرتب ڪيو. جڏهن ته مهاديون جي ڏسڻي The Indus Script, Texts, Concordance and Tables / 1977 ۾ ڇپيو. اهو هڪ اهم حوالاجاتي ڪتاب آهي. هنن ٻنهي صاحبن جو 21 صديءَ تائين سنڌو رسم الخط جي پاڄ لاءِ اختيار ڪيل سائنٽفڪ ۽ ڪمپيوٽرائزڊ پاڄ جو طريقو ۽ ان سڄي تحقيق ۾ ادا ڪيل ڪردار ساراهڻ جوڳو آهي. (ان بابت مٿي احوال اچي چڪو آهي).

سنڌو لکت جي پاڄ جي سلسلي ۾ هڪ اهم نالو ايس. آر. راءِ جو به آهي، جنهن سنڌو لکت جي پاڄ (Decipherment of Indus Script) لکيو. ان ڪانسواءِ سندس هڪ ٻئي ڪتاب: (Dawn and Devolution of Civilization 1991) ۾ هڪ باب سنڌو لکت بابت هو. جنهن ۾ هن اها راءِ ڏني ته سنڌو لکت برهمي ۽ سامي لکت کان گهڻي آڳاٽي آهي. ان ڪري اهو چوڻ درست ٿيندو ته برهميءَ ۽ساميءَ واريون نشانيون سنڌو رسم الخط کان ورتل آهن. هن جي تحقيق موجب سامي لکت ۽ سنڌو لکت ۾ 17 نشانيون ٻنهي هڪجهڙيون آهن ۽ برهمي لکت ۽ سنڌو لکت ۾ 16 نشانيون ساڳيون آهن. (ايس. آر. رائو جي انهيءَ باب جو سنڌي ترجمو عطا محمد ڀنڀري 'سنڌو لکت ۽ ٻولي' جي

عنوان سان ڪيو جنهن کي سنڌي ٻولي اثارٽيءَ 1994 ۾ شايع ڪرايو. عطا محمد ڀنيري پاڻ به سنڌو لکت جي پاڃ جي سلسلي ۾ ڪوشش ڪئي آهي.

هندستان جي هڪ ٻئي ماهر سيد ابو جلال ندويءَ قديم آثارن، ڪتبن وغيره جي باري ۾ گهڻي تحقيق ڪئي آهي ۽ هو اهڙي تحقيق ڪرڻ جي خيال کان پاڪستان لڏي آيو. سنڌو لکت بابت سندس ويچار بلڪل مختلف ۽ منفرد آهن. هن جو چوڻ آهي ته عبراني، عربي ۽ سنسڪرت لاءِ ڪم ايندڙ لپيون (رسم الخط) موهن جي دڙي جي رسم الخط واري بنياد مان نڪتل آهن. هو لکي ٿو ته موهن جي دڙي جي رسم الخط جو تعلق قديم عبراني ۽ عربي زبانن سان آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌو ماٿريءَ جي ان قديم تهذيب جو پيين نبين جي امتن ۽ مسلم تهذيبن سان گهرو تعلق هو. سنڌو رسم الخط عرب سرزمين تائين سفر ڪيو جتي قرآن شريف کان اڳ واري رسم الخط کي چوندائي 'مسند' هئا. جنهن مان سنڌ جي رسم الخط جي پهچ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ ابو جلال ندوي ان ڳالهه تي زور ڏئي ٿو ته سنڌو لکت ئي انهن تهذيبن جي لکتن جو بنياد بڻي، پر آخر ۾ وري اهو ٿو چوي ته اهو ان ڪري ٿيو جو سنڌ جا ماڻهو عربي النسل هئا ۽ سندن ٻولي سامي گروهه جي ٻولي هئي. قديم سنڌو ٻولي، قديم عربي ۽ قديم عبراني سڀئي ساڳئي سٽ جون ٻوليون هيون. اتي ندويءَ جي تحقيق ۾ مذهبي جذبو شامل نظر اچي ٿو جيڪا ڳالهه تحقيق جي غيرجانبداريءَ کي گهٽائي ٿي ڇڏي.

ويهين صديءَ ۾ سنڌو رسم الخط جي پاڃ (decipherment) لاءِ ٿيندڙ هيترين سارين ڪوششن جي باوجود جڏهن ان ۾ خاطر خواهه ۽ هر ڪنهن لاءِ قابل قبول ڪاميابي نه ٿي ته پوءِ ايڪيهين صديءَ ۾ ماڳهين اهو سوال اٿاريو ويو ته ڪٿي ايئن ته ڪونهي ته انهيءَ جي لکتن ۾ ڪا ڳالهائجندڙ ٻولي هجي ئي نه ۽ اهو ڪو غير لساني (غير ٻوليائي) نشانين جو نظام هجي. ان سوال ۽ ان جي جواب ۾ لکيل مقالن ۽ بحث مباحثن کي هن ڪتاب ۾ ترجمو ڪري ڏنو ويو آهي ته جيئن سنڌو رسم الخط بابت جديد ترين تحقيق جي جهلڪ ڏيکاري سگهجي.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

# سنڌو لِڪت

## ايڪيهين صديءَ ۾ ٿيل نئين تحقيق

ڳجهيون روايتون. اسان جي هن ليک ۾ سنڌو لکت واري دعويٰ يا مفروضي کي 130 سالن تائين قائم رکندڙ ڪن سياسي ۽ علمي قوتن تي بہ بحث ڪيو ويو آهي. ان ڪانسواءِ انهيءَ ڳالهہ تي بہ بحث ڪيو ويو آهي تہ اسان جي ڪڍيل نتيجن سان خصوصي طور سنڌو ماٿريءَ ۽ ان جي پڙهيل هئڻ بابت ۽ عمومي طور قديم دنيا بابت موجود نظريا ڪيئن بدلجي سگهن ٿا.

سنڌو رسم الخط واري دعويٰ جو پس منظر:

جنهن وقت 3-1872 ۾ هڙپا مان پهرين مهر لڌي وئي هئي، ان وقت کان، عام طرح سان سڀ ڪنهن اهو پئي مڃيو آهي تہ سنڌو لکتن جو ٻوليءَ سان پختو ٻنڌڻ آهي. لکت جي ياج جي هر ڪوشش انهيءَ بنياد تي ڪئي وئي (پوسيهل Possehl 1996) ۽ لکتن بابت لسانيات جي اڪثر ماهرن لکتن ۾ اها ئي بنيادي ڳولا جاري رکي (De Francis 1989, Daniels and Bright 1996 ۽ Sproat 2000) (2) گذريل 130 سالن کان گهٽيون ئي ڪوششون ڪيون ويون تہ انهن لکتن ۾ ممڪن ٻولي ( يا ٻولين) کي سڃاتو وڃي، جنهن لاءِ ائين چيو ٿو وڃي تہ ان سان هندستان جي قديم ترين سڀيتا (2600-1900 ق. م.) کي سمجهي سگهبو. انهن لکتن سان جن ٻولين يا رسم الخطن جو لاڳاپو ڏيکاريو ويو آهي انهن مان ڪي آهن: برهمي ( گهٽو ڪري سيني جديد ڏکڻ ايشيائي رسم الخطن جي ماءُ) چيني لولو (يا يي) رسم الخط سميري، مصري، پروٽو ايلمائيٽ، آلتڪ، هٽي/هتائيٽ، پروٽو يا پراچين دراوڙي، پراچين مُنڊا، قديم سليوڪ، ايسٽر آئلنڊ جي رونگو رونگو يا سنڌوءَ جي گم ٿيل ڪا مبينہ يا فرض ڪيل رابطي جي زبان (lingua franca)، 1877 ۾ شروعات ٿيڻ کان هن وقت تائين سؤ کان مٿي پيرا ان جي ياج يا پڙهڻي چيبي آهي، اڳوڻين ڪوشش کي رد ڪري نين سان ان جي جاءِ پرڻ ۾ ڪا وٿي ڪا نہ آئي آهي (Witzel 1996 Posshel ۽ 2000 Famer ). 1920 جي ڏهاڪي کان ڪن "گم" ٿيل عبارتن بابت اندازا پئي لڳايا ويا آهن. جڏهن سر جان مارشل ۽ سندس ساٿين سنڌو سڀيتا کي دنيا جي وڏن تعليم يافتہ سماجن: مصر، ميسوپوٽيميا ۽ آلام سان ٻيئي دنيا ۾ ترتلو مچائي ڇڏيو هو ( Hunter, 1929 1924 Gadd Smith 1924 Sayce, 1931, 1924 Marshall). اهو نظريو تہ سنڌو

ماٿريءَ جي هڪ پڙهيل لکيل سڀيتا هئي، اتڪل سمورن تاريخدانن، لسانيات جي ماهرن ۽ سنڌوءَ جي قديم آثارن جي ماهرن هروڀرو وٺي هنئين سان هنڊائي ڪٽي دل سان لڳايو (مثلاً Kenoyer 1998, Posschl 2002). لکت جي پاڃ جي اڳوڻين ڪوشش بابت ڇپيل ڪتابن تي تنقيدن ۽ تبصرن ۾ ڪٿي به ان نڪتي تي اتفاقي شڪ به ظاهر ڪو نه ڪيو ويو (Posschl 1996). نه ئي ڪو اڳ ۾ ڪيل پاڃ يا ان ۾ ناڪاميءَ سبب رسم الخطن بابت معياري تبصرن ۾ ڪو اهڙو اعتراض اٿاريو ويو (Bright, Daniel 1996, Pope 1999 ، 2002) گهڻو ڪري سڀني محققن جي خيال ۾ هڪ پڙهيل لکيل سنڌو ماٿريءَ وارو تصور غير اختلافي تاريخي حقيقت وانگر آهي. جيڪڏهن اهو تصور درست هجي ها ته اهو ڌيان ۾ رکو ته ايتري وڏي ايراضيءَ ۾ کنڊرن (آثارن) جي بنياد تي سنڌو سڀيتا کي قديم دنيا جي سڀ کان وڏي پڙهيل لکيل سوسائٽي مڃيو وڃي ها، پوءِ ته انهيءَ سنڌو رسم الخط واري کهاڻيءَ جي نه صرف آڳاٽي هندستاني تاريخ ۾ پر مجموعي طور تي سموري انساني تاريخ ۾ وڏي اهميت هجي ها.

**دراوڙي ۽ هند آريائي نمونا (Models):**

1960 واري ڏهاڪي ۾ اهڙيون عالمي توقعات ته سائنسي پاڃ يا پڙهڻي بس ٿيڻ واري آهي، ان وقت چوٽ چڙهي ويون هيون جڏهن سوويت يونين جي هڪ وڏي پيماني واري تحقيقي ٽيم، جنهن جو سربراهه يوري ڪنوروزوف (Yuri Knorozov) هو جنهن اڳ ۾ مايا (Mayan) جو رسم الخط پڙهيو هو ۽ فنش لسانيات ۽ ڪمپيوٽر جي ماهرن جي ٽيم، جنهن جو سربراهه مشهور سنڌو لاجسٽ (Indologist) آسڪو پرپولا هو ڌار ڌار دعوائون ڪيون ته سنڌوءَ وارين نشانين جي بيهڪ/مقرر جاءِ جو ڪمپيوٽر تي تجزيو ڪرڻ سان ثابت ٿئي ٿو ته انهن لکتن ۾ ڪنهن قديم دراوڙيءَ جو ڪو روپ آهي (Knorozov, 1965, 1968, Parpola, Koshenniemi, Parpola, ۽ Aalto 1969) جيڪا ٻن ڏڄن کن اهڙين ٻولين جي ماءُ (ancestor) آهي، جيڪي هن وقت وچ ۽ ڏکڻ هندستان تائين محدود آهن. سوويت ماهرن کان وڌيڪ فنش اعلان بلند بانگ هئا، جن پڙهڻين جا نمونا به ڏنا ۽ دعوائون

ويهين صديءَ جي هٿيءَ جي پڙهندڙ هروزني (Herozny)، فيئرسروس (Fairservis) کي ڊگهي عرصي تائين اها پڪ هئي تہ هنن ان نظام کي ڪاميابيءَ سان پڇي يا پڙهي ورتو هو، جنهن ۾ اڌ درجن کان مٿي مختلف ٻوليون شامل هيون. آخرڪار اهو ڏيان ۾ رکڻ گهرجي تہ سنڌو رسم الخط ۾ نشانين جي بيهڪ جي شمارياتي هڪجهڙائين (اهڙي ڳڻپ تہ ڪهڙي نشاني ڪهڙي جاءِ تي ڪيترا دفعا ڪنهن لکت ۾ اچي ٿي) جي ان دعويٰ جنهن سنڌو لکت واري معاملي ۾ جي آر هنٽر (G.R Hunter) جي 1929 ۾ ڊاڪٽوريٽ واري ٿيسز کان وٺي وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي، تمام گهڻي مبالغي آميز آهي ۽ ان کي صرف ان صورت ۾ قائم رکي سگهجي ٿو جڏهن ان ۾ غير عام (يا مستثنات) ڳالهين کي نظر انداز ڪيو وڃي. (5)

اهڙي دراوڙي ماڊل يا مثال سان سنڌو لکت جي ڪنهن هڪ بہ نشانيءَ مان تصديق جوڳي لساني پڙهڻي حاصل ڪرڻ ۾ ناڪاميءَ سبب گڏريل ٻن ڏهاڪن کان وري انهيءَ دعويٰ منهن ڪڍيو آهي تہ انهن نشانين ۾ هند- آريائي يا خود ويدڪ سنسڪرت جو ڪو آڳاٽو نمونو لڪل آهي (اي آر راٿو 1982 Rao, Jha, 1988 Kak ۽ Rajaram 2000)، انهيءَ سان ڪننگهام پاران 1877ع ۾ پهريون پيرو پيش ڪيل مفروضي کي ٻيهر جيئدان مليو آهي. هنن دعوائن جي هڪ ضمني نتيجي پٺيان اهو خيال آهي تہ هند آريائيءَ جو اصل نسل هندستان ۾ آهي، نہ ڪي پوئين دور ۾ سينٽرل ايشيا مان آيل (آرين سان)، جيئن تاريخي لسانيات جي ماهرن ڏيڍ سؤ سالن کان سينٽرل ايشيائي، ايراني ۽ هندستاني ٻولين ۾ آوازي تبديلين، اڌارن لفظن ۽ ٻين اهڙي ڳالهين جي بنياد تي پئي دليل ڏنا. (موجود بحثن لاءِ ڏسو Witzel 2003 ۽ 1999). هڪ ٻيو ضمني نتيجو جيڪو گهڻو ڪري هندو قومپرست هندوتوا (Hindutva) وارن خيالن کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪڍيو ويندو آهي، سو دعويٰ ٿو ڪري تہ سنڌو لکتن ۾ هندو روايتون موجود آهن ۽ اهي (گهڻو ٻوءِ جي) ويدڪ عبارتن ۾ پڻ سڃاڻي سگهجن ٿيون.

دراوڙي ۽ هند آريائي نظرين سان جڙيل سياسي مقصدن کي "غيرجانبدار" يا اڻ ڌري سائنسي ٻوليءَ سان ڍڪڻ جي عمل گڏريل ٻن ڏهاڪن کان سنڌو

لکت واري معاملي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. هن مقالي جي پڇاڙيءَ ۾ بحث جي هنن ٻنهي پهلوئن جي قطع نظر، ثابت ڪري سگهجي ٿو تہ سنڌو سڀيتا گهڻ ٻولياڻي (multi-lingual) هئي.

**مختصر لکتون/لکتن ۾ اختصار:**

جيئن ٿي ويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ "سنڌو رسم الخط" بابت سياسي بحثن ۾ گرمي پيدا ٿي تہ گهڻن پاسن کان اهڙا ڪيترائي ثبوت سامهون اچڻ لڳا تہ هڙپائي نشانين ۾ ڪنهن ٻوليءَ جي هئڻ جو امڪان ڪونهي. نہ ئي اهي ڪي يادداشت لاءِ مددگار ڪو ذريعو هيون. مارشل جي وقت ۾ بہ جڏهن سوَن جي تعداد ۾ ڪيترائي لکت جا نمونا شين تي مليا. تڏهن بہ ٿورو گهڻو ان ڳالهہ جو پڙلاءُ ٻڌڻ ۾ آيو هو تہ اها سڀيتا صحيح معنيٰ ۾ پڙهيل ڪا نہ هئي. اڄ ڇئن کان پنجن هزارن جيترين مختلف شين (objects) اهڙيون موجود آهن، جن ۾ ڏهن کن مختلف قسم جي ذريعن (mediums) تي اهي نشانيون موجود آهن، جن ۾ خام ابرق يا سنگ صابڻ، ڪاشيءَ جهڙا چٽ، ڏاتوءَ جون مهرون، مٽيءَ جي مهرن وارا نقش، ٺڪر جا ٿانو ۽ ٻيو ٺڪرائو ٽامي جون ٿالهيون، پڪل مٽيءَ جون مورتيون، ٽامي جون ٽڪيون، چير واريون سپون، عاج جهڙا مخروطي گول ۽ ڏگها ٺڪر، پٿر ۽ ڏاتوءَ جا چوڙا، ڏاتوءَ جا هٿيار، اوزار، پٿريون ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شيون مليون آهن. جن ۾ مشهور ٽي (3) ميٽر ويڪرو بورڊ (signboard) بہ شامل آهن جيڪو ڌولاويرا جي شهري ڪنڌرن مان مليو هو. (Bisht 1991, 1998, 1999). هر قسم جي ميڊيم تي اڪريل لکتن ۾ هڪ شيءِ ساڳي آهي، سا آهي اختصار. وڏي ۾ وڏي لکت جيڪا ڪنهن هڪ سطح تي ملي هجي، ان ۾ 17 نشانيون آهن. هڪ سيڪڙي کان بہ گهٽ شين تي ڏهہ نشانيون آهن. اڪثر سنڌو لکتون جيڪڏهن "لکت" سچ پچ تہ مناسب اصطلاح آهي تہ. صرف هڪ يا ٻہ نشانيون رکن ٿا. جيڪڏهن سمورين 2905 شين تي اڪريل سنڌوءَ جي لکت جون سڀ نشانيون، جيڪي مهاديون (Mahadevan) جي معياري ڏسڻي (Concordance) مان هڪ هنڌ رکجن تہ سراسري 4.5 نشانيون بيهنديون. ڪنهن بہ ميڊيم تي ڏگهين سنڌو لکتن جي غير موجودگيءَ جهڙو ڪو ٻيو

مثال، ٿوري انگ ۾ بہ ہي ڪنهن پڙهيل لکيل تهذيب جو نٿو ملي. پيٽ لاءِ جيڪڏهن ڪو مثال ڳولجي تہ اهو اڻ پڳل (بنا ياچ جي) لينئر ايلمائيٽ (Linear Elaminte) جي رسم الخط ۾ ٿو ڏسي سگهجي، جيڪو قبل مسيح جي 22 صديءَ جي پوئين اڌ ۾ هڙپا وارن جي ويجهي ۾ ويجهن پڙهيل پاڙيسرين وٽ ٿوري وقت لاءِ استعمال ۾ هو (ڏسو Polls ; 1989 Andre and Salvini).

موجوده وقت صرف 21 (يا شايد 22) لينئر ايلامائيٽ لکتون معلوم آهن (7) انهن جي ڀيٽ چئن پنجن هزارن جي تعداد ۾ مليل سنڌو لکتن مان ڏگهي ۾ ڏگهي عبارت کان بہ وڏيڪ آهي. انهن جو انگ ٿورو هئڻ باوجود، لينيئر ايلامائيٽ جون چڱيءَ ڀيٽ واريون عبارتون، ڪيترين ئي محفوظ ٿيل شين تي نظر اچن ٿيون، جيڪي پڙهيل تهذيبن ۾ سنگتراشيءَ ، پيتا جي گهڙيل پٿرن، ڏاڪن، پڪل مٽيءَ جي ٿانون تي آهن. گول چانديءَ جي هڪ سهڻي ٺهيل گلدان تي، لينيئر ايلامائيٽ جي هڪ سٽ لکيل آهي، جيڪا پنهنجي پاڻ ۾ سنڌو لکت جي ڪنهن عبارت کان اڍائي ڀيرا ڏگهي آهي.

سنڌوءَ جي شين مان سڀ کان عجيب شيءِ ٺڪرانو آهي. قديم تهذيبن ۾ عام طور تي ڏگهين ۽ وچولين عبارتن لکڻ جو سڀ کان پسنديده ميڊيم ٺڪر هوندو آهي، جتي ٻيون ڳرڻ جوڳيون شيون بہ هونديون آهن. انهن جي مقبوليت جو سبب آسانيءَ سان ميسر هئڻ هو ۽ ٻي حقيقت اها بہ هئي تہ فنا ٿيندڙ/ ڳرڻ وارا ميڊيم (جن مان چوڏا ۽ ڪجهيءَ جا پن ، پوئين دور ۾ هندستان ۾ مقبول هئا) استعمال کان اڳ تياريءَ جي مرحلن مان گذارڻا پوندا هئا. سنڌوءَ جو لکيل ٺڪرانو ، جنهن بابت ڪجهہ چپيل ڪونهي، تمام وڏي تعداد ۾ ملي ٿو. پر اهو سڄو سڄاتل پڙهيل لکيل تهذيبن کان بنيادي طور مختلف آهي. مجموعي طور سنڌو لکت لکيل ٺڪرائي ۾ سراسري طور 4.6 نشانيون موجود آهن. ان کان سواءِ ڪجهہ ڪي چڏي باقي هن قسم جون سنڌو لکتون ٺڪر جي ٿانون جي پچڻ کان اڳ ۾ لکيل هونديون. پر جڏهن انهن ڪي ٿانون تي ڳوليو ويو تہ (تري ياڪنگري جي ابتڙ) انهن ۾ اجايا وڏا نشان هئا جن کي ڪو اڻجاڻ ئي تحرير سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو.



**تصوير نمبر 1:**
هڪ سنڌوءَ مان مليل ٺڪري (crudely)، جيڪا ڪنهن وڏي ٿانءَ مان ڀڳل آهي. انهيءَ تي علامتن جو ننڍڙو جهڳٽو ٺهيل آهي. ان قسم جون لکتون عموماً برتن جي پچڻ کان اڳ، ته ڪي پوءِ لکيل هونديون آهن ۽ جڏهن اهڙن ٿانون تي ملنديون آهن ته انهن ۾ اهڙيون ئي وڏي سائيز واريون نشانيون هونديون آهن. جهڙيون هتي ڏيکاريل آهن. انساني شڪل جهڙي نشاني جنهن سان ٻه ڪمانون ٻه آهن، پڻ سنڌو لکتن ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. جنهن جي چوڌاري وڻ بوٽا ۽ ٻيون ظاهري طور زراعت سان واسطو رکندڙ شيون آهن (ڏسو تصوير 12).

هيٺ: هڪ خاص مصري لکت واري ٺڪر جو ٽڪر جنهن تي تحرير (Ostracon) ۽ ان جو نقل موجود آهي. ان ٺڪريءَ جي ٽڪر تي ڪنهن به سنڌوءَ مان مليل ٺڪريءَ کان ويهه ڀيرا وڌيڪ نشانيون موجود آهن. اها لکت، جنهن جو ڪم دير المدينه ۾ رسد جي ورهاست سان هو (ٻئي هزاري ق. م. ۾)، تڪڙي مليل (Cursive) اسٽائيل ۾ لکيل آهي. جنهن مان لڳي ٿو ته ان جو استعمال عام / مالي رڪارڊ رکڻ لاءِ هو. پيٽري ميوزيم مان 4C39648، ڊجيٽل مصري ويبسائيٽ تان ورتل، (Ostracon Petric 50) (1957) Cerny/Gardner.





جنهن جو بنياد. ويجهي ماضيءَ (pre modern) جي هندستاني، چيني ۽ مغربي خيال جو ثقافتي (crosscultural) مطالعو ڪيو ويو ( فارمر، هينڊرسن (Henderson) ۽ وتزل 2002: فارمر 1998). اهو ماڊل ويجهي ماضيءَ جي مذهبي، فلسفياڻي ۽ ڪائناتي نظامن ۾ ترقيءَ جي وسيع نمونن (pattern) کي ذهني، حياتياتي يا نيورو بايولاجيڪل (neurobiological) ۽ ادبي طاقتن جي برابر ڪٽي ٿو اچي. انهن پوين مان هڪ ۾ اهو متن لکندڙ/ڪاتبن (scribes) پاران وري وري ڪيل ڪوششون شامل هيون، ته جيئن عبارتن لکڻ وارين روايتن ۾ مرحليوار ڊگهي عرصي ۾ گڏ ٿيل تضادن کي برابر ۽ هم آهنگ ڪري سگهجي. سنڌوءَ جي هنرمندن جي پيدا ڪيل هنرن ۾ انهن عملن جي نتيجي طور ڪو (byproduct) پيدا ڪو نه ٿيو ۽ پراڻي ۾ پراڻي ويدڪ لکڻيءَ مان به خبر پوي ٿي ته ڪي به لکيل عبارتون (نه ئي ويدڪ قسم جي زباني عبارتن واري معنيٰ ۾) اتر اولهه هندستان ۾ هڙپائي تهذيب جي زوال کانپوءِ ظاهر ڪو نه ٿيون آهن.

اهڙن نظرين موجب جڙيل تجويزن کي مشاهدن ۽ تجربن سان پرکي سگهجي ٿو جنهن مطابق سنڌو سڀيتا جي آثارن مان ڳولا ڪري عبارتن جي لکجڻ ۾ مددگار شيون (لکڻ جو سامان) ڳولي سگهجن ٿيون، جنهن لاءِ پڪ سان چاتل سڃاتل انهن تهذيبن بابت مليل معلومات ڪان رهنمائي وٺي سگهجي ٿي، جن ۾ فاني (ڳرڻ سڙڻ جوڳي) ميڊيم تي لکڻ ثابت ٿئي ٿو. هن قسم جي تهذيبن ۾ مصري، چيني نئين اسيريائي (Neo Assyrians) نئين بابلي (Neo Babylonian) پارسي، عبراني، يوناني، ايٽروسڪن (Etruscan) رومن، ميزوامريڪن ۽ هندستاني اچي وڃن ٿيون. جڏهن اتر- اولهه واري ڏکڻ ايشيا ۾ (پارسين/ايرانين پاران) لکڻ متعارف ڪرايو ويو هو جيڪو پهرئين هزاري قبل مسيح ۾ ٿيو هو. هنن سماجن ۾ عبارتون لکڻ جي عمل جا اهم ترين نشان. ٿانون تي، ٺڪراڻي تي، گلدانن ۽ اهڙين ٻين شين (ميڊيم) تي لکيل ڊگهين عبارتن ۾ موجود آهن. ان کانسواءِ غارن جي ڀتين تي، جبلن جي مٿان آبي نقش نگاري (frescoes)، ڪتبن (stelae)، مورتين، ڏاڪڻين، تختن، پيپن (cylinders)، سِرن، عمارتن ۽ ساڳئي قسم جي ميڊيم تي به ڊگهيون

عبارتون ملن ٿيون. ان کانسواءِ پڙهيل سماج جون بيون چٽيون نشانيون مثلاً مس ڪُپڙيون، برش، ڪنواس (palettes)، سُيون (styli)، قلم ۽ بيون شيون يعني ڪاتبن جي ڪرت جا متن جي لکڻ جا اهڙا اوزار جيڪي تصويري خط لکڻ ۾ ڪم ايندا آهن، ٻه ڪو نه مليا آهن. تنهن کانسواءِ هنن نشانين جي سجاڻپ ۽ نمونن ۾ لکندڙن/ ڪاتبن جي صلاحيت موجب مختلف ڏگهين عبارتن لکڻ سان پيدا ٿيندڙ تفاوت وغيره ڏسڻ ۾ نٿا اچن.

مختلف قسم جي تهذيبن ۾ اهڙي قسم جي لڌل شين مان لکڻ جي روايت جي تصديق ٿيندي آهي، جن ۾ فاني عبارتون يلي محفوظ نه به ٿيون هجن، خاص ڪري جيئن نئين اسيريائي ۽ نئين بابلي تهذيبن ۾ ٿيو آهي. سنڌو ايراضيءَ وارن ماڳن (sites) تي 1920 کان 1960 وارن ڏهاڪن ۾ اهڙين ڪن شين جي ليجڻ جون دعوائون ملن ٿيون (ميڪي 1938، ڊيلس 1967، ڪونيشي 1987) پر انهن کي فعال محققن مان ڪنهن به قبول ڪو نه ڪيو آهي. حالانڪ ميڪيءَ جي هڪ اعتبار جوڳي دعوي موجب ٻن ننڍڙن ٺڪر جي اسمن مان نامعلوم استعمال واريون ڪاٺ جون يا مومي (waxed) لکڻ جون تختيون (writing tablets) مليون آهن (ميڪي 1938: 1: 930) جنهن دعوي کي تازو هڪ اهڙي ڪتاب ۾ جياريو ويو آهي، جيڪو هندوتووا جي نظريي کان متاثر آهي (لال 2002: 135، تصويرن ۽ بحث لاءِ ڏسو مارمرم 2004: 60). سنڌوءَ واري صورتحال جي ابتڙ، ڪيترين ئي قديم ڪاٺيءَ جون يا مومي تختيون (سيئي انهن ننڍڙين مورتين (Terracota) جي ٺڪرن جهڙيون ڪو نه آهن) مشرق قريب مان مليون آهن، جن ۾ چوڏهين صدي ق. م. جي اناطوليا ساحل وٽ الوبورن (Uluburun) جهاز جي ملبي (shipwreck) مان مثال ملن ٿا. (2000 Maruzzi ,1995 Pearce ;1991 Syminzton-1999 Paytion) آڳاٽي تاريخي دور ۾ لکڻ جي ڪُپڙين/ٿانون جا لڌل نمونا به عام طور سنڌوءَ جي علائقي کان گهڻو پري نه پر ويجها مليا آهن. جيئن مارشل جي پنهنجي رپورٽ ۾ آهن، جيڪا هن تيڪسيلا جي کوٽائين بابت ناهي (مارشل: 1951).

سنڌو عبارتن جي لکڻ لاءِ سڀ کان اهم شيون جيڪي موجود نه آهن يا ڪو نه مليون آهن، سي آهن سنڌو لکت جا ڏگها متن، جيڪي محفوظ

ميڊيم تي هجن. انهن جهڙا اهڃاڻ سمورين آڳاٽين تهذيبن مان مليا آهن. جن کي فاني شين تي پڻ لکيو ويو هوندو. عجب آهي ته آڳاٽي دنيا جي ڪن اهڙن لڏل شاهوڪار مثالن مان ڪي وري اتر اولهه واري ڏکڻ ايشيا ۾ پڻ لڌا ويا. جيڪي ڊرامائي طور تي هزارين جبلن ۽ چوٽين تي اڪريل لکتن طور سنڌو دور کانپوءِ لڌا ويا آهن. جيڪي گهڻو ڪري ڌهن ٻولين يا رسم الخطن ۾ لکيل آهن. اهي مثالهين سنڌو ماٿر جي سفري لکن (passes) ۾ مليا آهن. جيڪي ڏکڻ ايشيا کي چين سان شاهراهه ريشم جي هڪ شاخ ذريعي ملائين ٿا (1989-94 Jellmaretal). هن خطي ۾ ڊگهين عبارتن لاءِ ڏسو مارشل 1951, سالومن ((Soloman) 1998 ۽ 1999) انهيءَ شاهديءَ تي هڪ اهڙو مضبوط ڪيس ناهي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن سنڌو سڀيتا پڙهيل لکيل تهذيب هجي ها ته قديم يا جديد دور ۾ صرف اها ئي هڪ تهذيب هئي جنهن ڪي ڊگهيون عبارتون ڪو نه پيدا ڪيون، محفوظ ميڊيم تي به نه!

**نشانين جي ورجاءُ/ وري وري اچڻ بابت مونجهارو:**

"گم" ٿيل عبارتن جي غير موجودگيءَ ۾ سنڌو لکتن جو اختصار ان ڳالهه جي برعڪس ٿو لڳي ته سنڌو ماٿريءَ ۾ ڪنهن وقت دنيا جي چئن وڏين قديم پڙهيل لکيل سڀيتائن مان هڪ سڀيتا موجود هئي. سنڌو نشانين جي عام تعداد ۾ ظاهر ٿيڻ (frequency) ۽ ورجاءُ (repetation) جي لکتن ۾ موجودگيءَ جي جيڪڏهن بين قديم لکتن سان ڀيٽ ڪجي ته ان ڳالهه جي تصديق ٿئي ٿي ته اهو سنڌو لکتن جو نظام ڪڏهن به ڳالهائڻ (ٻولي) کي رڪارڊ ڪرڻ لاءِ ڪونه هو يا ڪري سگهندو هوندو جيئن 130 سالن کان دعوائون پئي ڪيون ويون ته اهي نشانيون يا علامتون ڪنهن اصل رسم الخط جو حصو هيون.

خاص قسم جي سنڌو لکت جي نشانين جي تعداد جو اندازو گهڻو وڌ ٿي سگهي ٿو پر 1960ع واري ڏهاڪي کان وٺي اهو 300 کان 400 جي لڳ ڀڳ چيو وڃي ٿو (پرپولا، ڪوسڪينيمي، پرپولا ۽ آلٽو 1969، مهاديون 1977.

همسري ڪرڻ آهي. پر اهي سمورا نقطہ نظر هڪ مونجهاري يا تضاد جو شڪار آهن. سنڌو لکتن جي مجموعن ۾ ڏيکاريل وڏيڪ ورجاءُ (نشانين جو بار بار اچڻ) انفرادي لکتن ۾ ٿيندڙ گهٽ ورجاءَ جي متضاد آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ هن نظام ۾ صوتياتي خاصيت يا تہ آهي ڪا نہ يا بنهہ نہ هئڻ برابر آهي. اهو مسئلو هڪ سطح تي موجود وڏي ۾ وڏي لکت مان چٽيءَ ريت ظاهر ٿئي ٿو جنهن ۾ 17 بنيادي نشانيون آهن.



**تصوير نمبر 3:** M-314a ڪنهن هڪ سطح تي ڊگهي ۾ ڊگهي سنڌو لکت واري مهر جو ٺپو (impression). هتي جيڪي ڪئٽالاگ نمبر ڏنا ويا آهن. اهي گهڻو ڪري (Corpus of Indus Inscriptions) مان ورتا ويا آهن. هيءُ لکت سنڌوءَ مان مليل مخصوص لکت آهي، جنهن ۾ گهٽين ڏسجندڙ نشانين جو ورجاءُ ڪونہ هوندو آهي. 1920 ۾ ان جي کوٽائي ڪندڙن موجب ٻين اهڙين شين وانگر جن تي سنڌو علامتون آهن. M 314a حيرت انگيز طور ننڍڙي آهي ۽ ان جي ماپ 1x.95 انچ (2.54x2.41cms) آهي. سنڌو رسم الخط واري مفروضي جا پيش ڪندڙ اڪثر دعوي ڪندا آهن تہ مٿين سٽ جي وچ ۾ ٽن مڇين جو گڏ هجڻ دراصل هڪ ئي نشانيءَ جو ڳانڍاپو (ligaturing) ڏيکاري ٿو. ان حقيقت جي باوجود جو اهي نشانيون سنڌوءَ جي ٺڪر جي ٿانون تي ٺهيل مڇيءَ سان مشابهت رکن ٿيون. انهن مان ڪابہ هڪ نشاني ڪنهن بہ هڪ لکت ۾ هڪ کان وڌيڪ ڀيرا ڏسڻ ۾ نٿي اچي. ٻي سٽ جي آخر ۾ ساڄي پاسي (هڪ ظاهر ظهور Ard يا قديم هر (plow) ۾ٽن نشانن جي چئن سيٽن سان گهيريل آهي) پختي بنياد تي هڪ پيچيده نشانيءَ طور سڃاتل آهي. انهن مان ڪن نشانين جي علامتي مفهوم بابت راءِ لاءِ ڏسو تصوير 12

هن لکت جو نمونو سنڌو لکت جي مجموعن ۾ گهٽ نقل ٿيل گهڻي ورجاءَ وارين (وري وري ايندڙ) نشانين جهڙو آهي: جنهن ۾ مهاديون جي ڏسٽيءَ (Concordance) ۾ وري وري آيل 18 علامتن مان 10 نظر اچن ٿيون (ويلز جي ڪيٽالاگ ۾ اهي ورجايل علامتون 11 آهن). اهي نتيجا صرف مشهور مهرن بابت ڪونه آهن، پر هر قسم جي لکتن سان لاڳو ٿين ٿا، بلڪ سموري فهرست (Corpus) ۾ اٿين آهي. مهاديون جي ڏسٽيءَ ۾ شامل ويهن وڏيڪ ورجاءَ وارين نشانين مان ڏهن جي وري وري اچڻ جو تناسب پڙي يا پڙيءَ برابر ٿيندو جيڪو هن ڪتاب جي سمورين 2905 لکتن مان ڏسي سگهجي ٿو(15)

باقي لکتن مان علامتن جي ورجاءَ جو انگ اڪيلين يا مفرد لکتن ۾ پڻ تمام گهٽ آهي، ۽ وڏي ڦهلاءَ ۾ ڪيل ورهاست ۾ مفرد لکتن مان جيڪي نشانيون باقاعدي وري وري اچن ٿيون، اهي اهو ثابت نٿيون ڪري سگهن تہ انهن ۾ ڪو آواز لڪل آهي. سڀ کان اهم ڳالهہ اها تہ انهن سنڌو لکتن ۾ ڪٿي بہ اسان کي اهڙي شاهدي نٿي ملي تہ ڪو اتفاقي نظر ايندڙ نشانين جو اهڙو ورجاءَ ممڪن آهي، جهڙو همعصر صوتياتي يا نيم صوتياتي رسم الخط ۾ ڏٺو ويو آهي (infra). ڪيترن قديم رسم الخط ۾ ڪن ننڍين لکتن ۾ ورجاءَ ڪندڙ نشانين جو صرف هڪ پيرو نظارو ممڪن آهي. مهرن وارين لکتن ۽ نالن جي فهرستن ۾ البت مذڪر مونث ظاهر ڪندڙ نشانين ۽ مڪمل لفظن جي نشانين لاءِ اٿين چئي سگهجي ٿو جن ۾ نالا يا عهدا ۽ ديوتائي نالا انساني نالن ۾ وڌل هجن (16) پر سنڌو لکت جي مجموعي (Corpus) ۾ مختلف لکتن ۾ ملندڙ گهڻي ورجاءَ واريون نشانيون ڪنهن اڪيلي لکت ۾ مشڪل سان هڪ کان وڌيڪ پيرا ملنديون، جنهن مان اهو نتيجو ڪڍي ٿو سگهجي تہ انهن لکتن ۾ ورلي ڪو صوتياتي مقصد رکيل هوندو. 1920 کان هيستائين محققن جي هڪ ڊگهي قطار آهي جن چيو ٿي تہ انهن لکتن ۾ صوتياتي چاڻ ڪنهن حد تائين ڳنڍيل نشانين (ligatures) ۾ يا علامتن جي شڪلين ۾ معمولي فرق سان اٿين رکيل آهي جيئن پين هندستاني رسم الخطن

ٻوليءَ سان تعلق ثابت ٿيل ڪونهي). پر جيتوڻيڪ ان جي ارتقا جي وات غير يقيني آهي, ان ڳالهه جو ثبوت آهي تہ لووين (Luwian) نظام ۾ آڳاٽي وقت کان مڪمل پدن جون لڙيون هيون (سنڌوءَ واري معاملي ۾ ائين ناهي). انهن لکتن ۾ logograms جي موجودگي اوستائين جاري رهي جيستائين اهو رسم الخط غائب نہ ٿي ويو. لُووين نظام ۾ ڪيترائي مونجهارا هئا. (جن ۾ ڪيتريون هم آواز نشانيون هيون) پر نئين هنيءَ جي هاما پٽرن تي هائيڊا ڪلارڪ (Hyda Clarke واري تلهي ليکي ڪيل شمارياتي تجزيي ۾ نشانين جي ورجاءَ جو تناسب ٻڌائي ٿو تہ ان نظام ۾ چڱي سطح جا آواز لڪل هئا. ان ڪري ان کي هڪ مڪمل ارتقا ورتل رسم الخط مڃيو ويو (17). تصوير نمبر 4 ۾ ننڍڙي لکت ۾ ورجاءَ وارين نشانين جي تقسيم لفظي- پدي (logosyllabic) رسم الخطن ۾ متوقع ورهاست سان هڪ جهڙائي رکي ٿي. مصري هيرو گلفي لکتن ۾ بہ ساڳئي قسم جي ورجاءَ جا نمونا ملن ٿا. جيڪي ساڳيءَ طرح صوتياتي ۽ غير صوتياتي گڏيل عنصرن تي مشتمل آهن. مصر ۽ سنڌوءَ جي لکتن (تصوير 2) جي اڪثريت ۾ بار بار ايندڙ نشانين جي جيڪا هڪجهڙائي ڏٺيسين, ان جي نشانين جي ورجاءَ جي تناسب جي هڪ ماپ يا سائيز وارين مفرد مصري ۽ سنڌو لکتن ۾ ڀيٽ هڪ دلچسپ امر آهي. اهڙي ڀيٽ ڪرڻ لاءِ اسان 67 مصري فرمانن (cartouche) وارين عبارتن کي ڪنيو جن ۾ ساڳئي قسم جون ميسر لکتون شامل هيون ۽ اهي ساڳئي ڊجيٽل آرڪائيوز مان ڪنيل هيون, جنهن مان ڊگهين مصري عبارتن وارا نمونا ڪنيا هئاسين. فرمانن واريون اهي لکتون انهن سمورين بيضوي شڪلين ڏانهن اشارو ڪن ٿيون جن ۾ مصري بادشاهن جا نالا ۽ لقب هوندا آهن. اهي اهڙين آدرشي عبارتن جي ويجهو آهن جن کي هڙپا جي مهرن واري لکت سان ڀيٽجي, جن کي سنڌو رسم الخط جا حامي اڪثر ساڳئي قسم جي معلومات سان ڀريل سمجهندا آهن. 67 مصري فرمانن ۾ 465 نشانيون آهن, جن جي سراسري ڊيگهہ هڪ لکت ۾ 6.94 علامتن جيتري آهي, جيئن اسان جي ڊگهين مصري عبارتن ۾ هو. فرمانن ۾ سڀ کان عام نشانيون قطعي (determinatives) يا فعلي لفظن بدران صوتياتي علامتون آهن.



**تصوير نمبر- 4:** هڪ پڳل لووين (Luwian) لکت جو حصو جيڪا نئين هٽي دؤر (Neo Hittite Era) جي آهي. اسان انهن مان وري وري ايندڙ ڪجهه نشانين کي گولا پاتا آهن. جن مان اڪثريت پدي علامتن جي آهي. پر اسان هڪ قِطعي (determinative) نشانيءَ کي به ڌار ڪيو آهي. جيڪا ٽي دفعا آئي آهي. ورجاءُ ڪندڙ ٻيون نشانيون آهن. جن کي گولا ڪونه پاتل آهن. انهن ۾ واڌو پدي اکر آهن ۽ لفظ جي شروعات ۾ ايندڙ نشانيون يا لفظي (Logograms) ڪم ڪندڙ نشانيون آهن. ان ڳالهه جي باوجود ته لُوين نظام گهڻو سجاوٽي ۽ يادگار رسم الخط هو انهن ورجائن ۾ ڪنهن ۾ به اهڙي ڪا عجيب يڪسانيت ڪانهي يا هڪ ئي لکت جي هڪ سٽ ۾ گهڻا پيرا ورجاءُ به ڪونهي. جيڪو سنڌوءَ وارين نشانين ۾ ٿوري انداز ۾ ڏسڻ ۾ ٿو اچي.

(هن لکت جي الٿي ۽ ترجمي لاءِ ڏسو هاڪِس 2000: 1, حصو 1, 7_156 حصو 3, پليٽ نمبر 46)

اهڙي پيٽ جي مقصد سان، اسان سنڌو لکت واري فهرست مان پهريون 67 اهڙيون مهرن واريون عبارتون کنيون جيڪي "Corpus of Indus Seals and Inscriptions" ۾ هيون، جن ۾ 7-8 نشانيون هيون. اهي سموريون لکتون، سراسري 7.39 نشانين برابر هيون، سي موهن جي دڙي جون هيون. ضابطي خاطر اسان ساڳئي قسم جو نشانين جو سيٽ هڙپا وارين لکتن جو بہ کنيوسين ۽ ٿورا مختلف طريقا آزمائي انهيءَ ماڳ جي نشانين جي کمي پوري ڪئي وئي. اسان جي ٻئي نموني جو تخمينو ڊيگهہ ۾ 6-13 نشانيون هو. سراسري طور هر هڪ لکت مان 7.36 نشانيون کنيون ويون (18)

اسان جي تقابلي جائزي جا نتيجا جدول- (Table 1) ۾ موجود آهن. جيئن اميد هئي تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪري صوتياتي لکتن مان مصري فرمانن وارين لکتن ۾ سڀ کان وڌيڪ نشانين جو ورجاءُ هو. ان جي ابتڙ هڪ پاڱي ڇهہ کان گهٽ ورجاءُ سنڌو لکتن ۾ نظر آيو باوجود ان حقيقت جي تہ انهن لکتن ۾ نشانين جو ڪل ۽ سراسري تعداد مصري نموني کان وڌيڪ هو.

| جدول_1 | | | |
|---|---|---|---|
| هڙپائي مهرون | موهن جي دڙي جون مهرون | مصري فرمانن جي لکت (Cartouches) | |
| 67 لکتون، 493 نشانيون (سراسري ڊيگهہ 7.36 نشانيون) | 67 لکتون 495 نشانيون (سراسري ڊيگهہ 7.39 نشانيون) | 67 لکتون 465 نشانيون (سراسري ڊيگهہ 6.9 نشانيون) | لکتن ۽ نشانين جو تعداد |
| 7 | 8 | 48 | هڪ لکت ۾ ورجاءُ ڪندڙ ڪل نشانيون |

مصري ۽ سنڌو لکتن ۾ نشانين جو ورجاءُ سائيز ۽ نموني ۾ هڪجهڙو رهيو. مصري ۽ سنڌو لکتن ۾ نشانين جو هئڻ بہ تقريباً هڪجهڙو آهي، پر نشانين جي ورجاءُ جو تناسب مفرد لکتن ۾ بلڪل مختلف آهي، جنهن سان اها ڳالهہ وري رد ٿئي ٿي تہ سنڌو نظام ۾ آوازن جي موجودگي وڏي سطح تي آهي.

اهي نتيجا هڪ پيرو وري انهيءَ عام راءِ جي ابتڙ آهن تہ سنڌو نظام ۾ پدن جون مڪمل لڙيون آهن يا ڪو باقاعدي آوازن جو لڪل سلسلو آهي. ساڳيءَ طرح سنڌو لکتن جي ڇنڊڇاڻ بعد هر مجموعي/ڪلاس مان ڊرامائي نتيجا حاصل ٿيا، جن ۾ خاص ڪري ٻين جي پيٽ ۾ سنڌو bar-seals (ڊگهين مهرن) واريون لکتون شامل هيون، جيڪي ٻاهران ڏسڻ ۾ لکڻ/تحرير وانگر ٿيون لڳن (ڏسو تصوير 5).



**تصوير-5:** M-375-A موهن جي دڙي مان مليل هڪ مخصوص ڊگھي مهر (جنهن کي سنڌو رڪيو ويو آهي تہ جيئن ڏيکاري سگھجي تہ مهر لڳڻ يا ٺپڻ کانپوءِ اها ڪيئن ڏسڻ ۾ ايندي). سنڌو نشانين بابت رواجي وصفن موجب هن لکت ۾ 7 اڻ ورجايل علامتون آهن، جن مان 6 اهڙيون آهن، جيڪي سنڌو فهرست (Indus Corpus) ۾ گھٽٽي پيرا ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هن قسم جون لکتون، هڙپا جي پوئين پختي (mature) دؤر (هڙپا دؤر 3C) جون آهن، جن ۾ سنڌو ماٿريءَ جون ڪي ڊگھي ۾ ڊگھيون ۽ سڌريل لکتون موجود آهن.

Corpus of Indus Seals and Inscriptions جي پهرين ٻن جلدن ۾ شامل هڙپا جون 78 ڊگھيون (bar) لکتون نشانين جي ورجاءَ جو صرف هڪڙو مثال ڏيکارين ٿيون ۽ اهو هڪ ننڍڙي لکت ۾ ڏسجي ٿو جنهن کي ڏسي ورلي ڪو ڏسندڙ ان ۾ آواز جي هئڻ جو سوچيندو ( H-29، H-162 ۽ H-639 کان (H-682 ۽ ( ڏسو H-15 a تصوير نمبر 6 ۾). اهڙي ورجاءَ جي وڏو انگ موهن جي دڙي مان مليل ڊگھين مهرن (bar seals) ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سو بہ گھٽو ڪري ان سبب، جو هڪ ٻٽي ٽيل نشاني بہ پيرا ڏسڻ ۾ ٿي اچي ( M-382 ۾ تصوير نمبر 6 ڏسو) پر پوءِ بہ ورجاءَ جو تناسب ٻين همعصر رسم الخطن جي ڀيٽ ۾ تمام گھٽ آهي (تعداد جدول -1 وارو ساڳيو آهي. جنهن ۾ ڪن لکتن واري ڄاڻ (data) شامل آهي). سنڌوءَ جي ڊگھين مهرن وارين لکتن ۾ صوتياتي عنصر خلاف ثابتي خاص طور اهم آهي، خاص ڪري هڙپا آرڪيالاجيڪل رسرچ پروجيڪٽ (HARP) طرفان ڪيل جاچ ۽ تهن جي (Stratigraphical) جاچ واري ڪم کان پوءِ (ڪينوائر ۽ ميڊو 1997) ۽ ڊولا ويرا (بشٽ 9-1998: 3) جي

مشاهدي ڪانپوءِ اهي ٻئي عمل هنن مهرن کي تهذيب جي ڪوٺائيءَ کانپوءِ پڇاڙڪي دور جو ثابت ڪن ٿا. جنهن مان خبر پوي ٿي ته سنڌو سرشتو 600 سالن تائين استعمال جي باوجود لساني يا ٻوليءَ واري طرف ڪا به اوسر ڪو نه ڪري رهيو هو. جيئن ته اسان ڄاڻون ٿا ته سنڌوءَ جا شاهوڪار ماڻهو صدين کان ميسوپوٽيميا سان واپار ڪري رهيا هئا. جيڪڏهن هڙپا وارن وٽ ڪو اڳاٽو رسم الخط هجي ها ته انهيءَ وقت تائين ان ۾ صوتياتي سلسلي جي توقع ڪريون ها. جيئن هميشه کان فرض ڪيو ويو آهي (عام طور تي اها دعوي ڪئي ويندي آهي ته اهو نظام هڪ ڳنڍيل رسم الخط وارو هو جيڪو آوازي نشانين جو ٺهيل هو ۽ مڪمل لفظن جون نشانيون ان ۾ هيون، جيئن لووين Luwian ميخي يا مصري هيرو گلفي).

ان مان اهو اندازو لڳائي ٿو سگهجي ته سنڌو سرشتي کي اڳاٽو يا پراچين رسم الخط (پروٽو اسڪرپٽ) به نٿو چئي سگهجي، بلڪ ظاهري طور اهو علامتن جي هڪ مختلف قسم جي گروهه سان تعلق رکندڙ هو ۽ اها دعوي ڪرڻ ممڪن ٿي ڪانهي ته ڪو پروٽو اسڪرپٽ ارتقا واري معاملي ۾ ڇهن صدين کان وڌيڪ وقت تائين هڪ هنڌ بيٺو هجي، جڏهن ته ان جا استعمال ڪندڙ هڪ تمام گهڻي پڙهيل لکيل تهذيب سان باقاعدي رابطي ۾ هجن.

نظريي طور اهو دليل ڏئي سگهجي ٿو ته سنڌو علامتن جو نظام هڪ اڻ سڌريل يا بنيادي هڪ لفظي (logographic) رسم الخط هو. جنهن ٿوري وقت لاءِ اهڙو ماڊل پيش ڪيو (پر وري جلدي واپس ورتو) جنهن جي ياچ 1969 ۾ ڪئي وئي. اهڙي رخ پيش ڪرڻ ۾ هڪ مکيه مسئلو آهي انهيءَ ٿورڙي تعداد وارين نشانين جو جيڪي سموري نظام تي حاوي آهن. ۽ جيڪڏهن اسين سوين بيون اڻلڀ نشانيون به ڳڻپ ۾ آڻيون جيڪي هزارين لکتن ۾ صرف هڪ يا ٻه ڀيرا استعمال ٿيون آهن. تڏهن به مجموعي طرح سان لفظي نمونن ۾ معنويت ٽن سالن جي ننڍڙي ٻار جي سمجهه جي پيٽ ۾ به گهٽ هوندي يا ماڳهين ليبارٽريءَ ۾ علامتي لفظ سيکاريل ڪنهن باندر (چمپينزي)

جيتري هوندي ( گاردنر اينڊ گارڊيز 1998). اها وسعت ٿوري وڌائڻ لاءِ باقاعدي لفظي معمن لکڻ يا هم معنيٰ لفظن جو استعمال ڪرڻو پوندو. جنهن کي سنڌو رسم الخط واري مفروضي ۾ 1920 جي ڏهاڪن کان ڪنهن نہ ڪنهن ريت شامل ڪيو ويو آهي (ڏسو هنٽر 1929، هيراس 1953، پرپولا، ڪوسڪينمي، پرپولا ۽ آلتو 1969، فيئر سروس 1992، هنٽر 1994، پوسيهل 1996 وغيره) تجنيس لفظي (punning) ويجهيءَ ماضيءَ وارين تهذيبن ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ اهو فرض ڪرڻ مناسب آهي تہ آزاد لفظن جو استعمال يا ڪنهن قسم جو اتفاقي صوتياتي سلسلو سنڌو علامتن ۾ روزمره سمجهاڻين لاءِ داخل ڪيو ويو هوندو. پر اها حقيقت تہ اهي علامتون هن لکت ۾ نشانين جي اهڙي ورجاءَ کان تمام گهٽ ورجاءَ ٿيون ڏيکارين، جهڙو بين همعصر رسم الخطن ۾ هوندو آهي، جيڪو پڻ انهيءَ معنويت جي گهٽي استعمال سان وڌايل لساني وسعت تي منحصر هوندو جنهن مان خبر پوي ٿي تہ سنڌوءَ واري معاملي ۾ پيٺ جوڳا نتيجا صرف تڏهن حاصل ٿي سگهندا جڏهن ان طريقي جو نڪور استعمال ڪجي، جنهن سان نشانين جي وڏي انگ جي گهٽي تعداد ۾ ورجاءُ (High Sign Polyvalencies) وارا نتيجا نڪرن، جو انهيءَ نظام کي اڏوگابري واضح يا بنا مونجهاري واري هڪ رسم الخط هئڻ جو درجو ملي پوي. هن مفروضي جي خلاف وڏيڪ دليل تہ هن نظام ۾ هم شڪل لفظن (Punning) جو استعمال گهڻو هو ان ڳالهہ تي انحصار ٿو رکي تہ هن نظام ۾ تصويري نشانين جو مربوط سلسلو موجود آهي، جيڪو ٻڌائي ٿو تہ اهي تصويري نشانيون ڪنهن قسم جي آوازي مُلهن رکڻ بدران مورتون پيش ڪرڻ لاءِ چونڊيون ويون هونديون.

ڪڏهن ڪڏهن اهو بہ دليل ڏنو ويندو آهي تہ سنڌو نشانين جي گهٽائيءَ ۾ اچڻ جو سبب محفوظ ٿيل لکتن جي 'خصوصي' صورتحال بہ ٿي سگهي ٿي: يعني جيڪڏهن عبارتن جي 'عام رواجي' وسعت محفوظ رهجي ويجي ها تہ ممڪن آهي تہ مناسب وسعت جي توقع پڻ ڪري سگهجي ها. (ڪاڪ 1988، پوسيهل (جان بينسن تان ڪنيل) 1996: 93، 2002a: 135)




**تصوير نمبر- 6:** سنڌوءَ جي نشانين جي ورجاءَ جو مثال: تصويرون ماپ سان ٺهڪيل ڪونہ آهن. سڀ کان وڌيڪ ورجايل سنڌوءَ جي ٻٽي نشاني M-382 ۾ ڏسي سگهجي ٿي. جنهن لاءِ مشرق قريب سان هڪجهڙائي جي بنياد تي ڪڏهن ڪڏهن اها دعوي ڪئي ويندي آهي تہ اها ڪنهن عمارت يا ميدان جي نمائندگي ڪري ٿي. اها نشاني اڪثر ڪري ڪنهن انساني يا ديوتائي صورت سان گڏ هوندي آهي، جنهن وٽ هڪ (يا ڪڏهن وري وڌيڪ) يا چار لڪڻ بہ هوندا آهن. M-634a ۾ هڪ اٿلپ قسم جو ورجاءَ آهي، جنهن ۾ ڦيٿي واري علامت ٽي ڀيرا ورجايل آهي، جيڪا ڪن ٻين هنڌن تي سج/ طاقت جي علامت طور ڪم آيل آهي؛ اها نشاني ڍولا ويرا مان مليل ڳريل سائين بورڊ (هتي ڏيکاريل ڪونهي) ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار ڀيرا ورجايل آهي؛ جنهن مان لڳي ٿو تہ اهو شهر جي اندرئين آسڻ جي دروازي تي ٽنگيل (يا محفوظ ٿيل) هو. MD-1429 جي رنگين تصوير ڪينوائر جي ڪتاب (Ancient Cities of the Indus Valley Civilization) تان ورتي وئي آهي، جيڪو آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ پاران 1998 ۾ ڇپيو هو. (صفحو نمبر 85 ۽ ڪيٽالاگ نمبر 602) لکت ۾ ٻيضوي علامت جي ٻنهي پاسن تي سمورين علامتن جي 10% برابر آهي؛ هن نشانيءَ جي ايترو عام هئڻ باوجود، ڪنهن هڪ لکت ۾ ان قسم جو ورجاءَ نہ هئڻ برابر آهي.

پر 'گم' ٿيل سنڌو عبارتن جي غير موجودگيءَ ۾ اهڙو ڪو بنياد موجود ڪونهي، جنهن مطابق اهو فرض ڪجي تہ هڪ ٻڙن يا ان کان ڪجهہ وڌيڪ مختلف قسمن جون محفوظ لکتون سنڌو علامتن جي استعمال جي نمائندگي نٿيون ڪن. ڪن لکتن ۾ ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ايندڙ يا گهٽي موجودگي رکندڙ علامتون ضرور ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. پر ان سان صرف اهو ثبوت ٿو ملي تہ انهن علامتن ۾ ڪابہ ٻولي لڪل ڪانهي، ڇاڪاڻ جو جتي اسين اميد ٿا رکون تہ مختلف قسم جي لکتن ۾ مڪمل لفظ يا غير لساني نشانيون مختلف ٿي سگهن ٿيون، اتي صوتياتي رسم الخطن ۾ اهڙيون بنيادي تبديليون معمول مطابق ڪونہ ٿينديون آهن (مٿي بيان ڪيل).

آخر ۾ اهو ڏيان ۾ رکڻ گهرجي تہ سنڌو لکت جي نشانين جو جيڪو ٿورو گهڻو سيڪڙو ورجاءُ ڏيکاري ٿو انهيءَ سان ڪنهن بہ ريت اهو ثابت نٿو ٿئي تہ انهن ۾ ڪو آواز (ڪا ٻولي) لڪل آهي. سڀ کان عام قسم جيڪي تصوير نمبر 6 ۾ ظاهر ڪيل آهن، انهن ۾ هڪ نشاني هڪ قطار ۾ چار ڀيرا ورجايل آهي (ڪٽي ڪٽي وڌيڪ) (ڏسو M-1123a ۽ H-164b) جن جو ڪن صورتن ۾ مطلب هوندو آهي. هڪ قسم جي ڳڻپ ۾ آڻڻ (20)

نشانين جو هڪ گهڻ عام قسم اهڙو آهي، جيڪي ترتيب ۾ رکيل آهن، جنهن ڪري سجاوٽ جو تاثر ابري ٿو (مثال M-373a ۽ H-598) جنهن جهڙي ترتيب ڪريٽ جي (Cretan) هيرو گلفي لکتن ۾ ڏسي گهڻو اڳ مارس پوپ (Maurice Pope) انهن جي لساني هئڻ بابت سوال اٿاريو هو. (پوپ 1968؛ اوليويئر 1996). ان کان بہ گهڻ تعداد ۾ مختلف نادر قسم جي ننڍڙين نشانين ۾ ورجاءُ ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪو انهن جي جادوئي يا سياسي سگهہ جو مظهر لڳي ٿو انهيءَ قسم جو اهم ترين معاملو 'ڍولا ويرا' واري تمام وڏي بورڊ (Sign board) ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو (پڪ سان اتفاقاً نہ) جنهن ۾ ڪن لکتن موجب سج جي نشاني/طاقت جي علامت چار ڀيرا آيل آهي. آخر ۾ اهڙا بيان بہ موجود آهن تہ ٿورو ڊگهين لکتن جو تعداد اهڙو بہ آهي، جيڪو ورجاءُ ڏيکاري ٿو جيڪو نشانين جو گروهہ ٿو ٺاهي، جنهن لاءِ ممڪن آهي تہ اصل ۾ جدا جدا ٻن هڪجهڙين لکتن کي ملائي هڪ فرمان واري نموني تي ٺهيل هجي، جنهن جو مقصد شايد سماجي ڳانڍاپو يا ميل ڏيکارڻ هجي. (21) انهيءَ قسم جي مختلف ورجائن جو ڪهڙو بہ اصل سبب هجي، اسان جي لاءِ پنهنجي مقصد جي لحاظ کان اهم اها ڳالهہ جاڻڻ آهي تہ انهن اتفاقي ورجائن مان آخر ڪهڙي ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي؟ ڇا لووين ۽ مصري هيرو گلفي جهڙن شاندار رسم الخطن ۾ ورجاءُ واري خاصيت جهڙي ڪا ڳالهہ هنن مان ظاهر ٿئي ٿي؟

**اڪيليون نشانيون (Singletons) ۽ گهڻ تعداد واريون نشانيون:**

اهڙيون ٻيون شاهديون جيڪي سنڌو- رسم الخط واري مفروضي سان ٺڪر کائين ٿيون، لکتن جي مفرد نشانين يا (Singletons) ۾ ۽ ٻين نادر نشانين ۾ ظاهر ٿين ٿيون (ڏسو سمپڪس (Simpkins) (1997). ڪل 3372 نشانين مان مهاديون جي ڏسٽي (Concordance) ۾ 417 نشانين جو 27%

نشانيون صرف هڪ ڀيرو ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. 52% پنج ڀيرا يا اجا گهٽ اچن ٿيون. انهيءَ ڳالهه ۾ شڪ پيدا ٿيڻ جو سبب اهو بہ آهي تہ اهي بار بار ورجايل انگن اکرن (ڏسو مثال طور پرپولا 1994, پوسيهل 1996) ۾ اجا بہ گهٽ آهن ڇو تہ مهاديون شڪي سڄاٽپ وارين نادر/ ورلي ملندڙ نشانين کي گڏي ٿو ڇڏي ۽ پوءِ مختلف سانچن مان جدا جدا وڏي انگ ۾ ٿاهيل لکتن کي ان ۾ ٿو ڳڻي، جنهن سان انهن لکتن ۾ مفرد يا گهٽ تعداد ۾ مليل نشانيون ڏِکجي ٿيون وڃن. (22) ويلز جي ڪئٽالاگ (1999) ۾ اهڙين اڪيلين ۽ نادر نشانين جو تعداد اجا مٿي آهي. ويلز 7165 نشانين مان اهڙيون 600 خاص نشانيون ڏار ڪيون آهن، جن جو 50% صرف هڪ ڀيرو ڏسڻ ۾ ٿو اچي; 75% پنج دفعا يا ان کان گهٽ ڀيرا آيل آهي. جيئن تہ ويلز ٻين محققن جي ڀيٽ ۾ گهٽ بدليل نشانين (Variants) کي گڏي ٿو ان ڪري جيڪڏهن هو پنهنجي ڪئٽالاگ ۾ وڌيڪ لکتون شامل ڪري تہ بہ اسان کي انهن انگن جي سيڪڙي ۾ گهٽ معقول واڌ جي توقع آهي.




**تصوير نمبر -7:** ظاهري طور اڪيلين يا مفرد نشانين جو مثال ٽن لکتن ۾ ملي ٿو. ٻہ مفرد نشانيون (Singletons) (مهاديون جي معيار موجب) ۽ ٻيون ڪيٽريون (ويلز جي 1999 واري معيار موجب) K-15a ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. مهاديون جي فهرست (Concordance) ۾ اهو مسئلو ڏِکيو پيو آهي جو اهو ٻن مفرد نشانين کي هڪ ٻئي جا بدل ٿو سمجهي. ويلز جي ڪئٽالاگ ۾ اهي نشانيون ٻنهہ آهن ئي ڪونہ. MS2645, شوين (Shoyen) جي اوسلو واري مجموعي ۾ افغانستان مان مليل هڪ منفرد گولائين مهر ۾ ٻہ مفرد نشانيون آهن، جيڪي سنڌو نشانين کي ظاهري طور اڪادِين مورتگريءَ سان ڳنڍيين ٿيون. اها ڳالهه هتي جديد صورت ۾ ڏيکاري وئي آهي. سنڌو لکت ۾ ڇهن لکتن جون ٽي سٽون هڪ خاص سڃاتل نشاني آهي، ڇهنبدار ڀالي يا ڪرپيءَ جهڙي علامت سنڌوءَ ۽ ميسوپوٽيميا جي علامتي نظام ۾ نظر ايندي آهي. اهو سمجهي سگهجي ٿو تہ ٻہ مفرد نشانيون جيڪي لپي ۾ هڪ هنڌ وڌائي ڏيکاريل آهن. ساڳي طرح سان غير لساني اڪادين نشانين ۾ بہ هجن پر اها ڳالهه اجا معلوم ڪانهي. انهن ٻن نشانين سان سنڌو لکت کي صوتياتي ۽ ڪنهن اُچاتل ٻوليءَ سان لاڳاپيل ثابت ڪرڻ جون دعوائون ڪيون ويون. اهڙن معاملن ۾ اهڙي دعوي اڪثر ڪئي ويندي آهي. مثال پرپولا 1994, ڪينوائر 1998:72), پر اهو بلڪل غير ممڪن آهي. خصوصاً عام طرح سنڌو لکتن ۾ 'صوتيات' جي خلاف مضبوط شاهدين جي موجودگيءَ ۾.

ڪن نادر سنڌو علامتن کي جائز طريقي سان پيچيده (Complex) نشانيون چئي سگهجي ٿو جنهن سان اهو ممڪن هو تہ انهن جي بنيادي جزن مان ڪو مطلب ڪڍي سگهجي ها. پر گهڻائي ان گروهہ سان تعلق نٿي رکي ۽ انهن جون شڪليون ايتريون تجريدي آهن جو انهن جي تصويري اهڃاڻن مان ڪي معنائون ڪڍي سگهڻ جي توقع نٿي ڪري سگهجي. ڪيتريون لکتون اهڙيون بہ آهن، جن ۾ هڪ کان وڌيڪ اڪيليون نشانيون (Singletons) ۽ ٻيون نادر نشانيون آهن. ان ڪري اهو تصور ڪرڻ مشڪل ٿي پيو آهي تہ آخر اهي ڪنهن وسيع ڦهلاءَ واري رسم الخط ۾ ڪيئن ڪم ڪري سگهن ها. انهن جي مقرر تعداد کان وڌيڪ عجب ۾ وجهندڙ ڳالهہ اهو طريقو آهي، جنهن ۾ نيون دريافتن سان گڏ نيون اڪيليون نشانيون ۽ نادر نشانيون ظاهر ٿينديون رهن ٿيون. جيڪڏهن سنڌو علامتون ڪنهن سچي پچي رسم الخط جو حصو هجن ها تہ اسان کي هر نئين دريافت ملڻ سان، اڪيلين/مفرد نشانين يا نادر نشانين جو تعداد گهٽ سيڪڙي ۾ تبديل ٿيندو ڏسڻ ۾ اچي ها. ان جي ابتڙ اهو سيڪڙو وقت سان وڌندو نظر ٿو اچي، جنهن مان لڳي ٿو تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪي سنڌو علامتون ضرورت آهر (On the Fly) ايجاد ڪري هڪ ڀيرو يا بہ ٽي ڀيرا استعمال ڪرڻ لاءِ هيون. نين لکتن جي وڌي تعداد تي اسان جو اپياس (Corpus of Indus Signs and Inscriptions) جي ٽئين جلد ۾ ڇپجڻ وارو آهي، انهيءَ ۾ مفرد نشانين ۽ نادر نشانين جو تعداد مستقبل ۾ وڌندو نظر اچي ٿو جيڪا ڳالهہ سچي پچي ڪنهن رسم الخط مان متوقع خاصيت جي ابتڙ آهي (23)

ويجهڙ جا اپياس ڏيکارين ٿا تہ مفرد ۽ ٻين نادر نشانين جو وڌي سيڪڙي ۾ تعداد پراچين ميخي خط (Damerow 1999) ۽ گهڻي قدر ماخوذ پراچين ايلامائيٽ جي حسابي نظام (Dahl 2002) جي بہ خصوصيت هو جنهن کي سنڌو لکتن جي اول ظاهر ٿيڻ کان صديون اڳ ترڪ ڪيو ويو هو پر اهي سمورا نتيجا اسان جي ڪڍيل نتيجن کي هٿي ڏين ٿا. ڇو تہ اهي ساڳيون شمارياتي بيقاعدگيون خود پراچين ميخي خط جي لاءِ بہ دعوي جي ثبوت طور پيش ٿي چڪيون آهن. (تہ اسين اها ساڳي ڳالهہ ميخي لاءِ بہ ڪري ٿا سگهون، جيڪا پڻ پاڻ ئي ڳالهايل ٻوليءَ کان جدا ٿي چڪي هئي) (Damerow-1999).

سنڌوءَ واري معاملي کان هڪڙو ظاهري فرق ان حقيقت ۾ موجود آهي ته پراچين ميخي خط (پر مختصر عرصو رهندڙ پراچين ايلامائيٽ نظام نه) مان بهرحال هڪ صوتياتي رسم الخط جنم ورتو هو(24). مٿي پيش ڪيل اها ثابتي ته اهڙي ڪا به ارتقا سنڌو لکتن ۾ ڇهن صدين تائين عمل ۾ ڪانه آئي ۽ سنڌو لکتن جي اختصار واري ڳالهه ملي اسان جي تجزيز ڪيل مفروضي کي هٿي ڏين ٿيون ته سنڌو علامتون نشانين جي هڪ مختلف گروهه سان واسطو رکن ٿيون. جيڪو نه صرف مڪمل ارتقا ورتل تحرير جي نظامن کان بلڪ پين پراچين رسم الخطن کان به مختلف آهي. مفرد ۽ نادر نشانين جو واڌارو ان پراڻي خيال جي به ترديد ڪري ٿو ته سنڌو سرشتو هڪ منجمند/بيٺل (Frozen) يا مڪمل (Perfected) رسم الخط هو جيڪا ڳالهه ويجهن ڏهاڪن ۾ گهڻو ورجائي وئي آهي. (ڏسو فيئر سروس 1992، پرپولا 1994، پوسيهل 1996). ساڳئي قسم جا نمونا پين قديم تحريري نظامن ۾ ملڻ مشڪل آهن. اسان کي اها ڳالهه چڱي طرح معلوم آهي ته يوناني-رومي دؤر ۾، مصري هيرو گلفي لکت ۾ هزارين نيون نشانيون شامل ٿيون هيون. پر ان وقت تائين اهو رسم الخط ٽٽڻ پرڻ واري حالت ۾ هو ۽ اهو واضح ڪونهي ته انهن نين نشانين مان ڪيتريون سمجهه ۾ اچڻ جوڳيون هيون. انهن مان ڪيتريون ته محض اندروني سببن جي ڪري متعارف ٿيون هونديون ( Davies 1987، Baines ۽ Cooper -2003). اصولاً ته سنڌو لکتن مان نادر ترين لکت جو مفهوم لفظن جي فهرستن کي عام طور پڪيڙي 'مقرر' ڪري پئي سگهيا. قديم مشرق قريب مان زنده بچيل ڪيترين ٽڪين ۽ ٺڪرائي تي مليل عبارتن ۾ اهڙيون لفظي فهرستون محفوظ آهن. پر 'گم' ٿيل سنڌو عبارتن (Manuscripts) جي خلاف ثبوتن جي هن خطي ۾ مٽيءَ جي ٽڪين يا صحيح ٺڪرائي تي مليل متنن جي غير موجودگيءَ کي ڏسندي اهو دليل ڏيڻ مشڪل ٿيندو ته ڪي اهڙا درسي متن (School Texts) ڪڏهن سنڌو ماڻريءَ ۾ وجود رکندا هوندا.

بين علامتن جي نظامن سان ڀيٽ:

جيڪڏهن سنڌو علامتون ڪنهن پراچين رسم الخط جو حصو نه هيون ته آخر انهن جو ڪارج ڪهڙو هو؟ ڪيترا اهڙا علامتن جا نظام جيڪي ان

کان آڳاٽا يا ڪن حالتن ۾ ساڳئي وقت، گڏوگڏ انهيءَ هزاري جي لکتن سان ملندڙ هئا، انهن مان تمام اهم اهڃاڻ حاصل ڪري سگھجن ٿا. سنڌوءَ واري معاملي سان تقابلي طور پيش ڪرڻ جهڙو هڪ مثال نام نهاد ونسا ڪامپليڪس (Vinca Complex) ۾ لاڳاپيل ڏکڻ مشرقي يورپ جي ثقافتن سان ڏيکاري سگھجي ٿو جن جون آڳاٽيون لکتون تحرير جي ايجاد کان ۽ سنڌو علامتن کان هزارين سال اڳ جون آهن. (Winn 1973، 1981 ۽ 1990).

سنڌو لکت جون اهي شيون جن تي لکت هئي سي ونسا وارين لکتن کان وڏيڪ سڌريل هيون، پر ڪيتريون هڪجهڙايون پڌائين ٿيون ته اهي ٻئي غير لساني لکتن جي ساڳئي عمومي گروهہ سان تعلق رکندڙ هيون. انهن هڪجهڙاين ۾ وڏن جاگرافيائي علائقن ۾ نسبتاً بنيادي نشانين جو گهٽ هئڻ، انهن ۾ سوين مفرد ۽ نادر علامتن جو شامل هئڻ، ٻنهي نظامن ۾ نشانين جو ڳنڍيل (Ligaturing) ۾ جھڳتن ۾ هئڻ، ڪن علامتن جي گروهہ جو مذهبي رسمن ۾ استعمال وارو تاثر، سماجي اٿل پٿل وارن دورن ۾ بہ صدين جو استحڪام وغيره شامل آهن. ڪي ونسيائي لکتون هڪ قسم جي تطاريت يا سٽن ڪي ظاهر ڪن ٿيون، جيڪا ڪن سنڌو لکتن (سيني ۾ نہ) سان هڪجهڙائي رکي ٿي.



**تصوير نمبر- 8:** ڏکڻ اوڀر يورپ مان ملندڙ نام نهاد ونسا (Vinca) لکتن جا مثال (ون 1973 کانپوءِ). 1989 ۾ گمبيوٽس (Gimbutas)، هارمن Haarmann) (1996) ۾ سنڌن پوئلڳن دعوي ڪئي تہ اهي علامتون سميرين کان آڳاٽو 'قديم يورپي رسم الخط' هو جنهن کي لساني معنيٰ ۾ رد ڪري سگھجي ٿو پر انهن نشانين ۾ ڪي ساڳيون شيون سنڌو علامتن واريون هيون، جيڪي وڏي عرصي تائين قائم رهيون هيون. جيئن مذهبي رسمي ڪمن بابت لکتن جا ڪي قسم ۽ نشانين جي جھڳتن ۾ ظاهري ڳانڍاپو (ligaturing).

سنڌوءَ واري نموني سان ويجهڙائي رکندڙ مشرق قريب جو هڪ نشانين جو ۽ نسبي يا امتيازي علامتن جو نظام ڏسڻ ۾ اچي ٿو جنهن جي اوسر کي گهٽ ۾ گهٽ چوٿين هزاري کان يوناني دؤر (Hellenistic era) (يعني چوٿينءَ کان پهرين صديءَ تائين يونان ۾ سڪندر اعظم کان آگسٽس جي دور تائين) تائين ڪٽي وڃي سگهجي ٿو. (25) (گرين 1999، سيبل 1989، بلئڪ ۽ گرين 1992) اهي مشرق قريب جون نسبي لکتون هڪ کان ٻن ٽن ڀڙنن جيترين علامتون رکندڙ هيون، ان ڪري اهي سنڌو لکتن کان الاهي وڏيون هيون، انهن جا مثال مصر کان مشرقي ايران تائين مهرن، سنگ صابڻ، عمارتي تختن، حدن جي پٿرن (kudurrus)، جبلن جي پٿين، سينگاريل ٿنين جي مٿان، تائٿن ۽ ٻين شين (ميڊيم) تي ملن ٿا، جن ۾ اهي تحرير سان گڏ ۽ ڌار بہ موجود آهن. هن قسم جي هنري نموني ۾ تجريدي علامتن ۽ مورتگريءَ جو پيچيدو ميلاپ موجود آهي، پر ڪن حالتن ۾ اسان کي اهڙيون علامتون بہ ملن ٿيون جيڪي هڪ سڌي ليڪ ۾ رکيل ٿيون ڏسڻ ۾ اچن، جنهن جي ڪري اهي تصويري رسم الخط کان مختلف نہ ٿيون لڳن. (ڏسو تصوير نمبر 9)



**تصوير نمبر-9:** هڪ ٿبر جو ڪتبو جنهن تي پنجن نشانين واري علامتي لکت هئي، نپُر (Nippur) ۾ ننرتا (Ninurta) جي مندر جي دخل تي مليو هو. اهو ڪتبو اسورنا سرپال (Assurnasirpal II) (9 صدي ق. م. ) کي ڏيکاري ٿو جنهن ۾ هو پنهنجي وڏن ديوتائن جي تجريدي علامتن ڏانهن اشارو ڪري رهيو آهي. اسورنا سرپال جي هار ۽ ڪنگڻ تي جادوئي تعويذن ۾ بہ ساڳئي قسم جون نشانيون موجود آهن. لکت ۾ کاٻي کان ساڄي طرف 'استار' (اٺ ڪنڊو تارو)، اداد (Torched ڪنوڙ) 'سِن' (پهرين تاريخن جو چنڊ)، 'سماس' (پرن واري ٿالهي)، 'آشور' (سڱن وارو تاج)، جيڪو ٻين هنڌن تي بہ ديوين ديوتائن جي علامت طور ڏسڻ ۾ ايندو آهي) (ڏسو تصوير 10). 'سماس' واري هڪ ٻي علامت اسورنا سرپال جي هار تي ٿهيل منڌيئڙي ۾ موجود آهي، جنهن سان گڏ 'اداد' ۽ 'استار' جون نشانيون بہ آهن. جيڪي هن ڀيري مختلف ترتيب ۾ رکيل آهن. ميخي خط هن ماپ ۾ ڏسڻ مشڪل آهي، پر اڪثر ڪتبن تي لکيل آهي (بلئڪ ۽ گرين 1992)

ونسا (Vinca) ۽ سنڌو ۽ وارن مثالن وانگر، هنن لکتن ۾ ڪجهه عام ساڳيون نشانيون حاوي نظر اچن ٿيون، جن سان گڏ سوين نادر قسم جون نشانيون بہ گڏيل آهن. لکيل ذريعن جي مدد سان، اسين انهن علامتن جي ڪن بنيادي حوالن کي بہ سڃاڻي سگهون ٿا.



**تصوير نمبر-10:** مٿان کان (هڪ وڏي انگ مان) چاليهہ ميسوپوٽيميا جون ديوتائي نشانيون، جيڪي گرين (1995) وٺان ورتل آهن.
**هيٺ:** قبل مسيح جي ٻئي هزاري جا ڪُدُرو (Kudurru) يا حد بنديءَ وارا پٿر (وڏيڪ ڏسو ڪنگ 1912، سيدي 1989) جن تي اهي ۽ ٻيون انٽلپ علامتون آهن. جيڪي هڪبئي پٺيان سٽن ۾ آهن. انهن تصويرن ۾ ڳاڙها تير (۽ هڪ مٿيون) گهٽي عام اوميگا نشانيءَ جي مختلف شڪلين ڏانهن اشارو ڪن ٿا. انهن حد بنديءَ جي پٿرن ۾ ڪيترين اهم ڳالهين سنڌو لکتن سان هڪجهڙائي رکن ٿيون. جن ۾ گهٽين عام نشانين ۽ انٽلپ علامتن جو ميلاپ آهي ۽ انهن ۾ نشانين جي ترتيب ۾ هڪجهڙائي ۽ تنوع (variability) پڻ ساڳي قسم جي سطح تي آهي (ٻنهي لکتن ۾ مٿيون حصو پيٽيو) ٻيون هڪجهڙيون خاصيتون جيڪي سنڌو لکت ۾ تي سگهن ٿيون. انهن ۾ ساڳي نشاني مختلف ديوتائن لاءِ اچي ٿي (مثال سڱن واري ٽوپي، جيڪا اڪادين لکتن ۾ تصوير نمبر 10 ۾ 'آشور' لاءِ هئي، ۽ هنن ٻنهي پٿرن ۾ مٿئين حصي ۾ ٻيٺي شڪل ۾ نظر اچي ٿي، اهي اينلل (Enlil) ۽ انو (Anu) جون علامتون آهن) ۽ هڪ کان وڌيڪ نشانيون هڪ ئي ديوتا لاءِ ٻيٺل ڏسجن ٿيون (مثال ٻڪر- مڇي (Goat fish) جي نشاني کاٻي پاسي واري پٿر تي ٺهيل سڱن واري ٽوپيءَ جي ساڄي طرف ۽ وري ساڄي پاسي واري پٿر تي سڱن واري ٽوپيءَ جي پر سان ساڄي طرف ڪُمي/ ڪڇونءَ واريون علامتون ديوتا 'ايءَ' (Ea) لاءِ ٺهيل آهن.
کاٻي پاسي واري تصوير ۾ لوور جي Sb22، ساڄي پاسي واري تصوير برٽش ميوزيم جي ANE102485 تصوير آهي.

پر پوءِ بہ ڪيتريون شيون اُڀچتيون رهن ٿيون، جنهن مان خود انهن علامتن جي معنائن ۾ موجود لچڪ جو ڪجهہ اندازو ڪري سگهجي ٿو. سو صرف هڪ مثال ڏيڻ خاطر وڌيڪ پيرا نظر ايندڙ يوناني الفابيٽ جو آخري اکر Ω (omega) يا ابتي يوناني omega جهڙي علامت (تصوير 10 ۾ تير) جي لاءِ اڪثر دعوي ڪئي ويئي آهي تہ انهيءَ ۾ ساهمي. ڍڳي گاڏيءَ جي پاڃاري، ڪو پيچرُ تارو (comet) هڪ وڏن سڱن وارو چوپايو مٿي تي پائڻ جي پٽي، هڪ هٿراڏو ٽوپي (wig)، پار کي ٻڌڻ واري تنجڻ جا پٽا يا پچيداڻي ٿي سگهي ٿي، جن کي ميسوپوٽيميا جي اڌ ڊزن ديوتائن جي علامت طور سڃاتو ويو آهي.

(بلئڪ ۽ گرين 1992، 146؛ ڏسو گرين 1995: 1839) جيئن اوميگا واري نشانيءَ لاءِ سمجهيووڃي ٿو تيئن گهڻو ڪري مشرق قريب جي علامتن کي مخصوص ديوتائي علامتون سمجهيو ويجي ٿو حالانڪ انهن مان ڪي (جن ۾ عام ايٽ (rhomb) جي نشاني بہ آهي) محض تجريدي تصورن جي نمائيندگي ڪندڙ ٿي سگهن ٿيون. ايتريقدر جو هي ديوين ديوتائن يا آسماني طاقتن جي علامتن طور باقاعدي استعمال ٿيون آهن (بلئڪ ۽ گرين 1992: 144-5). انهن کي مشرق قريب جي حسابي نظامن يا پراچين رسم الخطن جي وڌيڪ روايتي انگن کان جدا ڪندي (مثال نسلين، ڊيمرو ۽ اينلگنڊ 1993) سنڌوءَ جي انگن جي اهڙي علامتي استعمال جا اشارا بہ ملن ٿا.

جهڙيءَ ريت انهن جون اهي بنيادي معنائون جن جي ميلاپ جو پيچيده ربط انهن کي ڪائناتي، زميني ۽ سماجي عملن سان ڳنڍي ٿو ۽ ساڳئي قسم جا هم نسبتي لاڳاپا (يا ويدڪ اصطلاح ۾ بنڌُس bandhus) ظاهر ڪري ٿو. اها عمومي طرح جديد کان اڳئين دؤر (premodern) جي ڪائناتي نظامن جي خصوصيت آهي (فارمر، هينڊرسن ۽ وٽزل 2002). ديومالائي، سماجي يا رسمي حوالن سان انهن جي استعمال موجب خاص ديوتائن جون نشانيون ڪن تارن، تارن جي جهڳٽن، گرهن، ڪهڪشائن، مندن، مهينن، ڏينهن، ڪلاڪن، قبيلن، ڏنڏن، انتظامي عهدن، بوٽن، جانورن، رنگن ۽ ساڳئي قسم جي ٻين شين لاءِ بہ مخصوص ٿي سگهن ٿيون. بياني- ديومالائي طريقن يا دنياوي يا آسماني حيثيت جي سوال (پوءِ واري راس منڊل zodiacal system ۾ شامل- ڏسو

والنفيلس 1993) جي نتيجي ۾ سنڌو لکت ۾ موجود ساڳئي قسم جي نشانين وانگر، هنن ۾ بہ نشانين جا جهڳتا ۽ بيهڪ جا قاعدا عمل ۾ اچن ٿا.

علامتن جون معنائون بہ ديوين ديوتائن جي رتبي جي گهٽجڻ وڌڻ سان اڪثر بدلجنديون هيون. يا تبديل ٿي، ٻين ديوتائن ۾ ضم ٿي وينديون هيون، سو ائين زراعت واري ڪوڏر يا رنبو (مَر marru ) جيڪو بابلي ديوتا مردڪ (Marduk) جي علامت هو ڪڏهن ڪڏهن اسيرين طرفان آسور (Assur) جو ڀالو پڻ ٻڌايو ويو آهي. هڪ پرن واري ٿالهي سماس (Samas) جي ڪيترين نشانين مان هڪ هئي (هڪ ٻي نشاني وري منڊيئڙي جي هئي جيئن تصوير نمبر 9 ۾ آهي) ان کي بعد ۾ پارسين جي وڏي خدا اهور مزدا (Ahur Mazda) جي رَٿ ۾ تبديل ڪيو ويو هو جنهن جون نشانيون وري قديم ديوين ديوتائن سان ملائي ڇڏيون هئائون (26) نشانين جا ساڳيا ڳانڍاپا (يا ضم ٿيڻ) جن کي خاص طور ٻوليائي/لساني مرڪب ڏاهڻ جو ثبوت سمجهيو ويندو آهي، سنڌو لکتن ۾ بہ خاص ڪري هن تهذيب جي پڇاڙڪين صدين ۾ نظر اچن ٿا. (27)

K-49 a



K-59 a



**تصوير نمبر - 11:** سنڌو لکتن ۾ نظر ايندڙ انگن جي پيشڪش جو انداز.

سنڌو لکت جي علامتن جي هن گروهہ ۾ ڪافي مسئلن وارا نڪتا آهن. جن ۾ اها حقيقت بہ آهي تہ اهي انگ بس صرف انگ ئي ٿي سگهن ٿا. هنن نشانين جي گهٽي تعداد ۾ عام هئڻ جي ڏس ۾ غير برابري (فارمر 2004a: 536) جي مطالعي سان ڪيترا مسئلا حل ٿي سگهن ٿا جو سنڌوءَ جون اهي عددي نشانيون ميسوپوٽيميا وانگر هڪ قسم جا علامتي ملهہ رکنديون هجن ۽ بنيادي سطح تي ديوين ديوتائن ۽ آسماني قوتن لاءِ مقرر هجن. اهڙي طرح K-49a ۾ ظاهر انگ شايد عمومي انگن مان 7 ۽ 3 جي علامت جو اظهار هجن. انهيءَ عام دعوي (ڪينئر ولسن 1974) کي ڪابہ شاهدي هٿي نٿي ڏي تہ اهي ظاهري طور سنڌو انگ ڪو حسابي مقصد لاءِ استعمال ٿيندا هوندا. جيتوڻيڪ ننڍا انگ قربانيءَ جي شين کي ڳڻڻ لاءِ ٿي سگهن ٿا. جيڪي ڌرمي رسمن وارين لکتن ۾ استعمال ٿيا هوندا. جيڪي سنڌوءَ جي معيشت (economy) ۾ ڪا حيثيت رکندا هجن.

## بحث

**سنڌو سپيتا بابت اسان جي راين تي اثر:**

ان ڳالهه ۾ عجيب تضاد آهي ته سنڌو لکتن ۾ ڪنهن لڪل ٻوليءَ جو نه هئڻ ڪنهن به ريت ان جي تاريخي ملهه کي گهٽائڻ جو باعث ناهي. اسان کي پڙهيل لکيل سپيتائن بابت گهڻي ڄاڻ آهي، پر اها ڄاڻ انهن ويجهي ماضيءَ جي سماجن بابت گهڻي گهٽ آهي جن ڪنهن ٻئي قسم جي علامتي نظام لاءِ لکڻ (تحرير) کي رد يا نظر انداز ڪيو. سنڌو لکت ان قسم جي قديم دنيا جي وڏي ۾ وڏي تهذيب جي پيداوار آهي، جنهن اسان کي ان قسم جي گهٽ سمجهيل (۽ اڪثر گهٽ سڃاتل/مڃيل) تهذيبن کي سمجهڻ لاءِ هڪ دري کولي ڏني آهي. اها سمجهه ته سنڌو لکتن ۾ ڪا به ٻولي لڪل ڪانهي، انهن ۾ موجود شاهدين کي ڦولڻ جا نوان شمارياتي رستا کولي ٿي ڏي. لکتن ۾ نشانين جي موجودگيءَ واري تعداد ۾ گهٽ وڌائي (fluctuation) گهڻو ڪري آوازن جي ڳجهي موجودگيءَ سبب ٿيندي آهي، پر غير لساني علامتن جي نظامن ۾ اهڙي ساڳي گهٽ وڌائيءَ جو اڀياس ڪرڻ سان مذهبي، سياسي ۽ اقتصادي اوسر جا حساس ذريعا مهيا ڪري سگهجن ٿا، جيڪي ٻي صورت ۾ تاريخي تجزيي ۾ ڪو اثر ڪو نه رکندا آهن. ايتريقدر جو ان وقت به جڏهن گهڻين نشانين جي معنيٰ جي به پڪ ڪا نه هوندي آهي (فارمر ۽ ويبر – اڳتي). اسين خوشقسمت آهيون جو هن قسم جو شمارياتي اڀياس شروع ٿي چڪو آهي. جيئن هڙپا آرڪيالاجيڪل رسرچ پراجيڪٽ (HARP) طرفان حاصل ڪيل تهن جي مطالعي جي نتيجن، مختلف قسم جي لکتن جي لکڻ جو اولين تاريخون ڏيڻ شروع ڪيون آهن. جن ۾ گهڻو ڪري ڊگهيون بار (bar) لکتون (ڪينوائر، ميڊو 1997) ۽ ننڍڙيون سنگ صابڻ (stealite) جون تڪيون (ميڊو ۽ ڪينوائر 2000) شامل آهن. اهي پويون لکتون هاڻي آڳاٽيون نه پر پوءِ واري دور جون سمجهيون وڃن ٿيون، جيڪا ڳالهه وٽس (1940 Vats) جي ڊرتيءَ جي قديم اڀياس (Paleographical studies) ذريعي نشانين ۾ فرق (variations) بابت تحقيق مان ظاهر ڪئي وئي هئي، جيڪي اسان کي اجازت ڏين ٿيون ته حاصل ڪيل معلومات کي

مڪمل ڪريون ۽ لکتن جي ٻين گروهن بابت معلوم ڪريون، جن جي تعداد بابت ڄاڻ يقيني ناهي. جن ۾ قديم زمانن جي اپياسن ذريعي. نشانين ۾ آيل تبديلين سان. اسان کي ان ڳالهه جو موقعو ٿو ملي ته اسين انهن جي نتيجن کي لکتن جي ٻين گروهن سان ڀيٽي ڏسون، جن جي تهه در تهه قدامت بابت اسان کي پڪ ڪانه هوندي آهي. انهن ۾ هڪ سڱي جانور (Unicorn) جي تصوير واريون تمام وڏيون مهرون به شامل آهن. جن جي قدامت جي بنياد تي مستطيل مهرن (Bar-Seals) وانگر گذريل صدين جي تهذيب جو دؤر معلوم ڪرڻ ڏکيو آهي. اسان جي لکتن جي تاريخن بابت معلوم ڪرڻ واري وڌيل صلاحيت سان هن قسم جي شمارياتي مطالعي کي غير لساني نموني جي نشانين سان گڏي، نه صرف سنڌوءَ جي مذهب ۽ سياسي اوسر بابت ڄاڻ حاصل ٿي سگهي ٿي، بلڪ زرعي طور طريقن ۾ علائقائي تفاوتن بابت به معلوم ڪري سگهجي ٿو. ان طرح سان گهٽي تعداد ۾ مليل لکتن جي اهڙي حقيقت کي استعمال ڪري اهو به ڏسي سگهجي ٿو ته ڇا انهن ۾ پيچيده ڏند ڪٿائون موجود آهن. جن ۾ موسمياتي رسمن سان لاڳاپيل زنده علامتون: ٻج، گوئنچ، ٻوٽا، زرعي اوزار به آهن ۽ اهي انهن لکتن ۾ موجود آهن. ڪن مهرن ۾ ظاهر ظهور انساني قرباني به ڏسڻ ۾ اچي ٿي: اهڙي قسم جي معلومات جي اهميت هن ڪان اڳ لساني لکتن ۾ لکي پئي هئي، جنهن ڪري اهڙيون زنده علامتون به مرده 'اکر' سمجهيون پئي ويون (تصوير 12).

غير متوقع طور تي اهڙن اپياسن مان سنڌو سڀيتا بابت مليل ڄاڻ منجهان، سالن کان گهربل ناممڪن پاڄ (Decipherment) بابت اميد ۾ واڌارو ٿيندو رهيو آهي، ڇاڪاڻ جو سنڌو رسم الخط واري مفروضي سان سنجيدگيءَ سان جڙيل ماهرن مان ڪڏهن به ڪنهن اها دعوي ڪانه ڪئي ته ڪو انهن محفوظ ٿيل لکتن ۾ محض هڙپا وارن يا سنڌن ديوتائن جي نالن ۽ لقبن کان به وڌيڪ ٻيو ڪجهه موجود هو (ڏسو پرپولا 1994، ڪينوائر 1998: 81، 83- 4). هاڻي اهم ترين سوال اهو ٿو رهجي وڃي ته آخر هڙپا جي ماڻهن ڪڏهن به لکڻ (تحرير) کي اختيار ڇو نه ڪيو. جڏهن ته سنڌن واپاري ۽ شاهوڪار حڪمران طبقا ميسوپوٽيميا جي انتهائي پڙهيل لکيل

ماڻهن جي انهيءَ اهليت (لکڻ) کان، صدين جي واپاري تعلقات جي ڪري، واقف بہ هئا. هڪ امڪان جيڪو جاتل شاهديءَ سان پختو ٿئي ٿو سو اهو آهي تہ انهن جا شمن گڏن جهڙا پروهت، (Shamanic looking) شاهوڪار /حڪمران جن کي اسين گهٽين مذهبي رسمن سان لاڳاپيل مختلف لکتن ۾ ڏسون ٿا. لکڻ (جي صلاحيت) جي خلاف ان ڪري هوندا جو سنڌوءَ جي باشندن مٿان انهن علامتن جي ڪري سندن جيڪو ڪنٽرول هو. ان لاءِ اها لکڻ جي صلاحيت هڪ قسم جو خطرو ٿي پئي سگهي. هڙپائي لکت جي اهڙي بندش واري مفروضي سان هنري پيداوار ۾ توازن جي کوٽ جي وضاحت ٿئي ٿي. جنهن هيستائين آثارِ قديمہ جي ماهرن کي منجهائي رکيو آهي. نار واري علائقي ۽ جديد عراق ۾ سنڌو مهرن ۽ انهن جي ٺپن جو وڏو تعداد مليو آهي، پر ميسوپوٽيميا جي لکتن جو ڪو مثال سنڌوءَ جي ڪنهن ماڳ مان ڪونہ مليو آهي. (توسي 1993، پرپولا 1994، پوسيهل 2002b)

سنڌو ماٿريءَ مان مليل ٻاهرين هنري نمونن جي اپياس مان عام طرح اهو معلوم ٿيو آهي تہ هن تهذيب مان اهڙي علامتن واري نظام جي غائب ٿيڻ کان ڪجھہ وقت اڳي تائين، هيءَ تهذيب پنهنجن ويجهن ثقافتي پاڙيسرين جي اثرن کان گهٽي قدر محفوظ هئي. اهڙو ساڳئي قسم جو مثال اسان پهرئين هزاري ق. م ۾ ويدڪ پروهتن طرفان سندن مذهبي رسمن رواجن ۾ ٻوليءَ جي جاڻ ڏيڻ خلاف مزاحمت ۾ ۽ رومن دؤر ۾ سيلٽڪ پادرين طرفان لکڻ کي پري رکڻ واري ڪوشش ۾ ڏسي سگهون ٿا. ان ڪري اهڙو اندازو لڳائڻ چڱو خاصو دلچسپ ٿو لڳي تہ ڇا اهڙي ساڳئي قسم جا ارادا ٿي هئا. جن جي ڪري هڙپا وارن جي اتر اولھہ واري پاڙيسري بيڪٽريا مارجيانا قديم آثارن واري (BMAC) Bactria Margiana Archaeological Complex سماج ۾ لکڻ کي ڪڏهن بہ اختيار نہ ڪيو ويو جيڪو مشرق قريب، مشرقي ايران ۽ سينٽرل ايشيا جي ثقافتي عنصرن جي مهذب ميلاپ مان پيدا ٿيل سماج هو. سماجي ميلاپ جا مسئلا بہ ان جو سبب ٿي ٿي سگهيا. ويدڪ لکتن جي اولين دؤر ۾ اڏارن لفظن جي اپياس (وٽزل 1999، 2003) مان بہ خبر پوي ٿي تہ

جيئن اڄ جي ذڪرڻ ايشيا جي اتر اولهہ واري پاسي ڏسجي ٿو ائين ئي سنڌوءَ وارا علائقا بہ گهڻ- ٻولياڻي هجن. جنهن سان گڏريل ائين ڏهاڪن ۾ 'سنڌو ٻولي' بابت ٿيندڙ گرما گرم بحثن جو پول پڌرو ٿي پوي ٿو. هڪ تمام وڏي گهڻ- ٻولياڻي سماج ۾ هڪ نسبتاً سولو سادو سياسي علامتن جو نظام ئي بهتر نموني سماج کي جوڙي رکڻ جو باعث ٿي سگهي ٿو. بنسبت 'هڪڙي ٻوليءَ' تي انحصار رکندڙ 'رسم الخط' جي جيئن اڄ اسان جي گلوبل دؤر ۾ هاءِ وي ۽ ايئرپورٽ جي لاءِ مقرر مختلف علامتن ۾ ڪيو ويو آهي. اهڙي قسم جي نظام کي اختيار ڪرڻ واري ڳالهہ اهو پڻ سمجهائي ٿي تہ هن دؤر جي ڪنهن پڙهيل لکيل جي پيٽ ۾ آخر ڪهڙيءَ ريت هڙپا وارا ايتري وسيع جاگرافيائي خطي ۾ پاڻ کي ڦهلائي سگهيا هوندا (ڏسو مثال ڪينوائر 1998ع). اها حقيقت تہ سنڌو علامتن هڪ قسم جي وسيع سنڌو نظريي (Pan-Indus Ideology) سان لاڳاپيل آهن. ٻئي هزاري ق. م. ۾ سنڌوءَ جي علامتي نظام جي اوچتي غائب ٿيڻ سان ظاهر ٿئي ٿي. جيڪا ڳالهہ مڪمل طور فعال رسم الخطن جي غائب ٿيڻ سان نهڪي نٿي بيهي (سميڪن 1997. هوسٽن، بينس ۽ ڪُوپر 2003). ان مان هڪ نتيجو اهو بہ ڪڍي سگهجي ٿو تہ سنڌو تهذيب ۾ عام اندازي کان بہ وڌيڪ اعليٰ درجي جي سياسي سگهہ هئي ۽ سماج ۾ اوچتو ڪنهن سياسي سماجي اٿل پٿل جي ڪري اهي علامتون غائب ٿي ويون. انهيءَ اٿل پٿل لاءِ بہ ڪيترائي سوال ذهن ۾ اڀرن ٿا، جنهن جي ڪري ٻاهران آيل ڪيترو ئي هنري سامان پڻ وڏي پيماني تي سنڌو ماٿريءَ ۾ ظاهر ٿيو.

انهن مان ڪيترين شين کي سينٽرل ايشيا جي مورتگريءَ سان لاڳاپي سگهجي ٿو. جينوٽيڪ انهيءَ سان ڪنهن وڏي حملي/ڪاهہ جو ڪو ظاهري اهڃاڻ شامل ڪونهي. پر انهيءَ چارڻ جي اهميت هن وقت سمجهہ ۾ نٿي اچي ۽ اهو بہ ممڪن آهي تہ ٻاهرين طاقتن بدران اندروني طاقتن جو انهيءَ علامتي نظام کي اوچتو غائب ڪرڻ ۾ ڪو ڪردار هجي.

آخر ۾ اها ڳالهه بہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ جيڪڏهن اسين هڪ پيرو طئي ڪري وٺون تہ سنڌو سڀيتا پڙهيل لکيل ڪانہ هئي، تہ ان سان اسان هن سماج جي انهن اهم پهلوئن کي سمجهي سگهنداسين، جيڪي ان سماج کي ٽئين هزاري ق. م جي پڙهيل لکيل سماجن کان جدا حيثيت ڏين ٿا. (ڊي پي اگروال 2001، ذاتي گفتگو). انهن پهلوئن مان ڪي آهن: وڏين شاندار عمارتن، مندرن، وڏين فوجن ۽ وڏي پيماني تي انتظامي سار سنڀال جي اڻهوند (ان سان گڏ لکت ۾ دعوت ڏيندڙ (tantalizing) اشارا). اهو مونجهارو پوءِ بہ رهي ٿو تہ لکڻ (تحرير) جي اڻهوند جي باوجود، يا ڪنهن حد تائين انهيءَ اڻهوند سبب، هڙپا جا باشندا حيرت انگيز طور تي تمام وڏي علائقي تي ڪيترين صدين تائين ثقافتي وحدت ڏيکارين ٿا. سنڌوءَ بابت مستقبل جي تحقيق لاءِ وڏي ۾ وڏو چئلينج اها ڳالهه معلوم ڪرڻ آهي تہ آخر سنڌو علامتن اهڙيءَ طرح تهذيب کي مربوط ڪرڻ ۽ شايد وري ان جي زوال ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي!!

**عمومي طوح قديم تحرير ۽ تهذيب جي اپياس مان ڇا مراد آهي:**

سنڌو رسم الخط واري مفروضي جي ٽٽڻ سان سموري قديم هندستان ۽ ان کان بہ اڳتي بابت وڏا اشارا ۽ ضمني مفهوم (implications) ظاهر ٿين ٿا. تحرير اڄ بہ وسيع شهري تهذيبن جي ضرورت سمجهي وڃي ٿي. جيئن پوسيهل (2002a-127) ويجهڙائيءَ ۾ چيو آهي، هو لکي ٿو: "اها ڳالهه اڳاٽن شهري نظامن جي وسعت ۽ پيچيدگين جي نشان طور سڃاتي وڃي ٿي، پوءِ اها پلي قديم متروڪ رياست (archaic state) هجي يا ڪا ادارتي تنظيم (corporate organization) جيئن سنڌو سڀيتا آهي. نتيجو اهو ٿو نڪري جو اڳاٽي تحرير جا آثار ليجڻ کي آثارِ قديمہ جا ماهر، کين فنڊ ڏيندڙ ايجنسيون ۽ عام پبلڪ، گم ٿيل پاڪ پوتر پيالي (holy grail - جنهن ۾ حضرت عيسيٰ جو رت وڌو ويو هو ۽ پوءِ اهو گم ٿي ويو هو) واري حيثيت ڏيو چڏين. ان ڳالهه ۾ ڪو وڏاءُ ڪونهي تہ جيئن ئي ڪنهن آثارِ قديمہ جي ماهر کي اڻڄاتل علامتن جو ڪو نشان ملي ٿو تہ اهي يڪدم پريس وارن کي گهرائي ڪنهن نئين رسم الخط جي دريافت جو اعلان ڪندا آهن يا وري

اها حقيقت تہ قديم تهذيبون تحرير کانسواءِ نہ صرف وجود رکي ٿيون سگهن، پر ترقي بہ ڪري ٿيون سگهن، گهڻن ڏهاڪن کان ڄاتل آهي، پر سنڌو رسم الخط واري مفروضي جي مستقل موجودگيءَ مان لڳي ٿو تہ انهيءَ حقيقت کي آثار قديمہ جي نظريي ۾ اڃا ايتري گهرائيءَ ۾ ورتو ئي نہ ويو آهي. مشرق قريب جون شهري تهذيبون تحرير کان هزارين سال اڳ جون هيون ۽ جڏهن ٽيڪنالاجي ميسر ٿي تہ ان کي ان بنياد تي قبول يا رد ڪيو ويو تہ اها ثقافتي ضرورتن جي پورائي ڪهڙي پيماني تي ڪندي هوندي. هڙپا جي شهرن جا همعصر ڪيترائي شهر سينٽرل ايشيا ۾ کوٽيا ويا آهن، پر اتان ڪنهن بہ اعتبار جوڳي مقامي تحرير جو ڪو بہ اهڃاڻ ڪونہ مليو آهي، جڏهن تہ مشرقي ايران جا شهر تمام مختصر حسابي لکتن جون نشانيون ڏيکارين ٿا، جيڪي اصل ۾ پنهنجو بنياد فاصلي تي مغرب ۾ رکن ٿا. ڏکڻ آمريڪا ۾ اينڊين (Andean) تهذيبن ۾ ڪڏهن تحرير پيدا ئي ڪانہ ٿي، سواءِ تجريدي علامتن ۽ انهن جي ياداشت وڌائيندڙ (Mnemonic) کيپو (Khipu) نظام جي، ساڳي طرح نہ ميزو امريڪا، نہ ئي ازٽيڪ (Aztec) ۽ مسٽيڪس (Mistecs) ۾ ڪڏهن ڪنهن مڪمل رسم الخط جوڙيا. حالانڪ اهي مايا (Maya) کان انهن جي باري ۾ ڄاڻندا هئا. ڇيو وڃي ٿو تہ ميڪسيڪن تهذيبن جا شهر تہ سنڌو ماٿريءَ جي شهرن جي سائيز ۽ مهذب طريقن جي پيٽ ۾ ڄامڙا هئا. ان ڪري اهي مڪمل 'رسم الخطن' بدران 'تصويري لکت' کي ترجيح ڏيندا هئا، اهو ان ڪري جو گهڻ ٻوليائي آبادين ۾ غير لساني علامتن سان سماجي ٻنڌڻ مضبوط ٿيندا هئا. (بون ۽ منگولا- 1994: مثال 301) بلڪل ائين ئي تہ اسان بہ مختلف قسم جي هڙپائي علامتن بابت راءِ رکون ٿا.

تحرير جي باري ۾ مستقبل ۾ اهڙا اختلاف اڀرڻ متوقع آهن. سنڌو ماٿر جي اولهہ ۾ ايراني مٿانهين پٽ (Plateau) جي ذڪر اوير ۾ جيروف (Jirof) جي اردگرد شهري کنڊرن جي کوٽائي 2003 ۾ شروع ٿي هئي. انهن کوٽائين بابت هڪ عام دعوي (ڏسو لالر 2003 ۽ 2004) اها هئي تہ اتان مليل مهرن جي ٺپن مان اها ڳالهہ چٽي سگهجي ٿي تہ انهن ماڳن تي سڀ کان آڳاٽي تحرير موجود هئي. اسان جي تحقيق جا نتيجا اها ڳالهہ ٿا سمجهائين تہ مستقبل ۾

هن قسم جون دعوائون ماضيءَ جي پيٽ ۾ هٿين گهڙيل شڪ جي نظر سان ڏسڻ گهرجن. تحرير قديم شهري تهذيبن جي ضرورت ڪانه هئي. پلي اهي هڙپا جيترين ئي وڏيون تهذيبون چو نه هجن. يا ظاهري طور ايراني مثالهين پٽ ۾ ڪوٺايل تهذيب جيترين شاهوڪار چو نه هجن. سنڌو لکت واري مفروضي جو ننڊ اهو به تجويز ڪري ٿو ته ڪجهه تعداد ۾ اڻچاتل علامتن جي دريافت ڪنهن به صورت ۾ تحرير جي شاهديءَ طور پيش ڪري اهڙي دعوي ڪري نٿي سگهجي. ايتريقدر جو چار پنج هزار مختصر لکتون به ان لاءِ ڪافي نه آهن. اها حقيقت ته هڙپا وارن وٽ تحرير ڪانه هئي ۽ (ممڪن آهي ته انهن پاڻ ئي ان کي پري ڌڪيو هجي) پر ان مان اهو ضرور ظاهر ٿئي ٿو ته قديم شهري تهذيبون ماضيءَ ۾ قبول ڪيل امڪانن کان وڌيڪ گهڻ رخيون هيون.

**هن نڪيءَ جي ناهه (Falsifiability) بابت هڪ بيان:**

اها معلومات شايد گهڻن پڙهندڙن کي حيران ڪندي ته سنڌو تهذيب جي پڙهيل هئڻ وارو عام نظريو دراصل هڪ فرض ڪيل ڳالهه هئي، نه ڪي اڳوڻن مطالعن جو نتيجو. جيتوڻيڪ سنڌو لکتن جي ٻوليءَ بابت بحثن جي هڪ ڊگهي ۽ تلخ (acrimonious) تاريخ آهي. حقيقت ۾ 1870 جي ڏهاڪي کان انهيءَ موضوع تي لکيل هزارين مقالن ۽ ڪتابن مان ڪنهن هڪ ۾ به انهن لکتن جي لساني / ٻولي هئڻ بابت يقين لاءِ ڪو باقاعدي جواز ڏنل ڪونهي.

اها دعوي بار بار دهرائي ويجي ٿي ته تاريخي ميدان ۾ ٻين سائنسي علمن جي پيٽ ۾ طريقا مختلف هوندا آهن. تاريخ جي موضوع سان سياست جيڪي هاڃا ڪيا آهن. انهن کي ڏسندي اسين انهيءَ دعوي کي خطرناڪ ٿا سمجهون ۽ ان ڳالهه ۾ يقين اٿئون ته تاريخ لاءِ به ٻين سائنسي موضوعن وانگر ساڳيو ئي جوش هئڻ گهرجي. اها ڳالهه ذهن ۾ رکندي، آخر ۾ ڳالهه کي توڙ تي پچائيندي اسين پنهنجي هن ڪم جي آزمائشي نوع (Heuristic nature) جو اعتراف ٿا ڪريون ۽ مختصر طور تي ڪجهه اهڙين حالتن جو ذڪر ٿا ڪريون، جنهن سان ان کي ابتو (رد) (Overturned) به ڪري ٿو سگهجي.

جيڪڏهن خصوصي طور تي اهڙا ڪي شرط پورا ڪيا وڃن ته اسان ائين سمجهنداسين ته سنڌو علامتن وارو اسان جو هي طريقو غلط بيانيءَ تي ٻڌل هو يا گهٽ ۾ گهٽ ان ۾ گهڻيئي تبديلين جي ضرورت آهي:

1. جيڪڏهن ڪنهن به وسيلي (medium) تي سنڌو لکت جا آثار لڀجن، پلي اهي صحيح نموني محفوظ نه به ٿيل هجن، پر انهن تي اهڙي شاهدي موجود هجي ته اصل ۾ انهيءَ ۾ سوين علامتون موجود هيون.

2. جيڪڏهن ڪا به اهڙي سنڌو لکت ملي، جنهن تي 50 علامتون هجن، پر ان ۾ ان ڳالهه جو واضح ثبوت موجود هجي ته ان ۾ ورجاءُ ڪندڙ نشانين جو عمومي قسم به آهي، جيڪا ڳالهه قديم رسم الخطن لاءِ مخصوص آهي.

3. جيڪڏهن ڪا اهڙي دو-لساني يا ٻن ٻولين واري لکت دريافت ٿئي، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 30 سنڌو علامتون ساڳئي تعداد جي ٻئي اهڙي رسم الخط سان گڏ وچڙ هجن، جيڪو اڳ ۾ پڙهيو ويو هجي.

4. جيڪڏهن اهڙن قاعدن جو سلسلو ڇاپيو وڃي جنهن جي مدد سان دعوي ڪندڙ محقق کان علاوه ڪو ٻيو محقق به سنڌو لکتن جي وڏي انگ کي اهڙن ٿورن ۽ گهٽ پيچيده صوتياتي، نحوياتي ۽ معنوياتي اصولن موجب پڙهي سگهي، جن سان اڳ ۾ رسم الخط پڙهيا ويا آهن.

5. جيڪڏهن ڪا اهڙي لغوي لفظن جي لڙي لڀي پوي، جنهن سان سنڌو نشانين کي خاص نموني ۾ ترتيب ڏئي سگهجي، جيئن اڳ ۾ مشرق قريب جي اسڪولي متنن کي پڙهڻ لاءِ ضرورت پئي هئي.

هت لوڪين ثبوتن ۽ جعلسازيءَ (Forgery) جو هڪ ڊگهو رڪارڊ آهي، جنهن تي سنڌو-رسم الخط جي ڪهاڻي گهڙيل آهي (ڏسو مثال وٽزل ۽ فارمر 2000، فارمر 2003)، اهڙي قسم جون ٻيون دريافتون سنڌوءَ جي محققن جي وسيع اتفاق راءِ (consensus) سان قبول ٿيڻ کانپوءِ ئي اسين پنهنجي هن ماڊل کي ڪوڙ تي ٻڌل مڃينداسين يا ان ۾ ترميمن جي ڳالهه قبول ڪنداسين.

آخر ۾ اسين اهو به ضرور چوينداسين ته جيتوڻيڪ اهڙو امڪان گهٽ آهي ته ڪو مٿي بيان ڪيل پنجن قسمن جون دريافتون ٿين، پر جي ٿي پون ته

اسين انهن جي آجيان ڪنداسين ڇو جو سنڌو علامتن جي نظام ۾ اڳ موجود بي قاعدگين سان گڏ غور ڪرڻ سان اهڙيون دريافتون يقيناً تحريري نظامن بابت موجوده دؤر ۾ مروج خيالن ۾ وڏي ۽ بنيادي تبديليءَ کي ضرور جنم ڏينديون. (سال 2004)

## وضاحتون

(1)
*Steve Farmer, Ph. D, Portola Valley, California.

*Richard Sproat, Departments of Liguistics and Electrical and Computer Engineering, University of Illinois and the Beckman Institute.

*Michael Witzel, Department of Sanskrit and Indian Studies, Harvard University.

(2) هتي اسين رسم الخط (Script) جون غير پختہ وصفون نٿا ڏيون، جن ۾ ميڪسيڪو واري نموني تي 'تصويري لکٽي' وارا يادگاري نظام (Mnemonic System)، انڪن (Incan) جي 'ڪِپو' (Khipu) اروقس (Iroquois) جي 'ومپم' (Wampum) ۽ زباني ٻوليءَ سان اڻ لاڳاپيل قديم حسابي لکتون اچي وڃن ٿيون، جيئن هت بيان ڪيو ويو آهي، سنڌو سرشتي کي رسم الخط (Script) واري اصطلاح جي وسيع وصف موجب بہ ان قسم (category) ۾ نٿا رکي سگهون، ڇو تہ رڳو انهن لکتن جو انحصار ئي ڀڏائي ٿو تہ اهي لکتون ڪو ياد رکڻ (mnemonic) ۽ حسابي مقصد وارو ڪم ڪرڻ کان وڌيڪ باقاعدي ڪو ٻيو ڳجهي ٻوليءَ وارو مقصد نہ ٿيون رکن. علامتن جي هڪ کان وڌيڪ ڀيرا استعمال بابت بہ هن پيپر جي آخر ۾ رايا پڙهي سگهجن ٿا، جيڪي فارمر ۽ ويبر ڏنا آهن.

(3) جان چئڊوڪ، مائيڪل وينٽرس پڻ جيڪي قديم يوناني لکت (Linear B) جا پڙهندڙ هئا ۽ فنش (پرپولا وارن جي) اعلانن کان متاثر ٿيا هئا، جن جي ڪري سنڌو اپياس تي بعد ۾ ڪيترو اثر پيو هو. حيرت ان ڳالهہ تي آهي تہ خود والٽر فيئر سروس، جيڪو ڪنهن وقت اهو پهريون محقق هو جنهن انهن لکتن جي 'ٻولي' هئڻ واري راءِ سان اختلاف ڪيو هو ان بہ انهن اعلانن جي ڪري پنهنجي راءِ بدلائي ڇڏي هئي ۽ پنهنجي زندگيءَ جي آخري ويهن سالن ۾ اها لکت پڙهڻ وارن ۾ شامل ٿي ويو هو. (ڏسو فيئر سروس 1971: 282، 1987، 1992 ۽ سندس ويب سائيٽ کي).

(4) لڪوپيري (Lacouperie) جنهن سڀ کان پهرين سنڌو- رسم الخط واري ڪهاڻيءَ ۾ پهرين ڪوڙي شاهدي ڏني، ان لاءِ فارمر جو 2003 جو ڪم ڏسو ۽ بين جي جعلسازين لاءِ خاص ڪري راجا رام جي پاران ڏنل گهوڙي واري 'بدنام مهر' لاءِ ڏسو وٽزل ۽ فارمر جو 2000 وارو ڪم.

(5) انهن دعوائن جا تازا بدل جيڪي سوويت ۽ فنش 'پاڃ' جي مرڪزن ۾ موجود هئا. مهاديون جي 1986 واري، ويلز جي 1999 واري ۽ بين ڪيترن جي لکڻين ۾ ڏسي سگهجن ٿا. هتي به ڳالهيون توجهه گهرن ٿيون. پهرين ته آهي سنڌو لکتن جي بيهڪ ۾ باقاعدگي. جيڪا بين ڪيترن غير لساني نشانين وارن نظامن جهڙي ساڳي آهي، جن ۾ مشرق قريب جي بعد ۾ بحث هيٺ آيل علامتي نظامن ۽ جديد هاءِ وي ۽ ايئرپورٽ وارين مورتي نشانين کي شامل ڪري سگهجي ٿو. (نموني لاءِ ڏسو فارمر 9-2004: 8-17). ساڳئي قسم جو بيان لکتن جي طرف بابت به ڏئي سگهجي ٿو. اها حقيقت ته سنڌو لکتون هڪ يا ٻئي طرف کان لکيل ٿي سگهن ٿيون، (جيڪا ڳالهه ورڪشاپ ۾ ٿيندڙ اهڙين عام عادتن سبب ٿي سگهي ٿي). انهيءَ ڳالهه جو جواز ڪانه ٿي ٿي سگهي ته ڪو اهي ڪنهن هڪ طرف کان 'پڙهڻ' لاءِ هيون. جيئن ته ٽيڪ ڪن ديو مالائي لکتن ۾ شايد ائين ئي هجي (اڳتي: فارمر ۽ ويبر) هڪ عام دعوي ته اهو 'رسم الخط' ساڄي کان کابي پڙهيو ويندو هو، ان لاءِ ميڊو ۽ ڪينوائر جا (2000: 9-228) تکا بيان پڙهي ڏسو. ٻيو نقطو اهو آهي ته سنڌو لکتن ۾ باقاعدگيءَ (Regularity) جي دعوي کي ٿوري مروڙي نشانين جي خاص لساني نموني هيٺ واري مفروضي کي هٿي ڏني وئي. خاص ڪري فنش ۽ سوويت وارن جي ڪم کانپوءِ ائين ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت بار بار اها دعوي دهرائي وڃي ٿي ته علامتن جي بيهڪ ۾ باقاعدگي ثابت ڪري ٿي ته ان 'رسم الخط' ۾ هڪ پڇاڙيون ڳنڍيندڙ ٻولي موجود آهي. (ڏسو مثال ڪنوروزوف 1968، 1970؛ پرپولا، ڪوشنيمي، پرپولا، 1996: 164؛ 2002a: 136) جنهن سان ڪنهن به ريت هندآريائي يا منڊا ٻوليون خارج نٿيون ٿي وڃن، جن ۾ اڳياڙيون (۽ منڊا ۾)، وچ ۾ پڊ ڳنڍيڻ جو رجحان آهي.

بهرحال دراوڙيءَ جي حامين جي معلومات کي سامهون رکي (مثال مهاديون 1977: جدول 1، 23-717) مفرد سنڌو نشانين جي بيهڪ ۾ باقاعدگي (ساڳي ڳالهه نشانين جي جهڳٽن لاءِ آهي) نه صرف وچ ۾ ۽ اڳياڙيءَ ۾ ته آهي، پر انهن جي پڇاڙيءَ ۾ به موجود آهي ۽ جيڪڏهن ان کي هن سموري بحث ۾ قبول ڪجي ته اهو ان ڳالهه جو دليل آهي ته هن نظام ۾ اڳياڙين ۽ پڇاڙين، ٻنهي جو جوڙڻ ثابت ٿئي ٿو جنهن سان ان ۾ دراوڙي ٻوليءَ جي عنصر هئڻ واري ڳالهه ئي خارج ٿي وڃي ٿي. سنڌو-رسم الخط جي ڏندڪٿا/ افساني جو عجيب پهلو هي آهي ته اهڙيون دعوائون هڪ ڪان ٻئي، ٻئي کان ٽئين ليکڪ ڏانهن بنا تنقيدي نظر جي سفر ڪنديون رهيون ته هن ' رسم الخط ۾ پڇاڙين (Suffixes) جو تمام گهڻو استعمال ٿيو آهي، پر ان ۾ اڳياڙيون (Prefixes) ۽ وچ وارا جوڙ (Infixes) بلڪل ڪونه آهن ۽ انهيءَ ڳالهه کي گذريل دورن ۾ ٿيل پاڇ جي ڪوشش تي ٿيل تنقيدن ۾ هڪ نڪتي طور آندو ويو آهي ته انهيءَ خيال جي بنياد تي آئينده ٿيندڙ تحقيق جو مدار ٿي سگهي ٿو (پوسيهل 1996: 164).

(6) هنن خيالن جو بنياد، سياسي حوالن کي ڇڏي، 1920 واري ڏهاڪي کان هلندو اچي، جڏهن مارشل (مثال 1931، 1: باب 5) اها دعوي ڪئي ته سنڌو لکتن جي مواد ۽ پوءِ وارن هندستاني ذريعن (جنهن ۾ مثال طور مارشل جي مشهور 'شِوَ' جي آڳاٽي مورت واري مهر به هئي) ۾ تمام گهٽي هڪجهڙائي هئي، جيڪا نه صرف ويدڪ پر وچئين دؤر تائين موجود هئي. اهڙو ساڳيو رجحان 'دراوڙي اصل' جي مغربي ماهرن وٽ به ڏسڻ ۾ اچي ٿو جن ۾ پرپولا شامل آهي (مثال 1970: 1994 خاص ڪري 4-10 باب) ان ڪانسواءِ هندوتوا جي هند آريائي پئيرائي ڪندڙ ديسي عالمن سان اختلاف ڪرڻ وارا عالم (مثال مهاديون 1970، 1999؛ مهاديون 1995) پڻ سنڌو لکتن ۽ بعد وارين تامل روايتن ۾ به گهٽي هڪجهڙائي تصور ڪن ٿا، جن جو ملڪ/ ماڳ تاريخي دؤر ۾ سنڌو ماٿريءَ کان به هزار ڪلوميٽر پري هو.

(7) اسان کي تہ ان دعويٰ ۾ بہ شڪ آهي تہ شهداد (ايران جي ڏکڻ اوڀر ۾) مان مليل هڪ ننڍي قبر واري دکي جنهن جي ڪنگريءَ تي ڇهہ علامتون اُڪيل آهن. جيڪي اصل ۾ Linear Alamite ۾ آهن (اهو ماڳ الامائيٽ قوت جي مرڪز کان پري آهي ۽ سنڌو لکت جي ڪنهن بہ هممصر تحرير کي ويجهو آهي). سنڌوءَ جهڙي لکت جي هٿ نوڪي ڀاڄ هڪ وڏي مسئلي جو صرف هڪ حصو آهي. حقيقت ۾ ايراني ماهر (Iranologist) ڊبليو هنرز انهن ڇهن نشانين جي ليجڻ کان ترت پوءِ انهن جي پراعتماد پڙهڻي پيش ڪئي، تہ ان حقيقت بابت معلوم ٿيو. انهن نشانين جي ناهيل مختلف نقلن ۾ تمام گهڻو فرق آهي. جيڪي هنز (1971) والٽ (2003، 1986) ۽ حاڪمي (1997) پيش ڪيا هئا. انهن نشانين جي تصوير ڏسڻ لاءِ حاڪميءَ جي کوتائين بابت رپورٽ (67: 1997) ڏسو.

(8) تمام ٿورن مثالن ۾ سنڌو علامتون ظاهري طور ٺڪر جي ٿانون جي پڪل ٺڪراني تي بعد ۾ اُڪيل هيون. دعوائون ڪيون ويون تہ انهن ٺڪرين تي ڪي پيغام لکيل هئا، جن کي ڪي شاهديون رد ٿيون ڪن. اهڙي هڪ ڇهن علامتن واري لکت هڙپا ڊاٽ ڪام جي سائٽ تي (سلائيڊ- 152) ان ثبوت طور رکي وئي آهي تہ اهي ٺڪريون يادگيري (Notes) ۽ عارضي رڪارڊ رکڻ لاءِ 'پرچين' وارو ڪم ڪنديون هيون. پر غور سان ڏسڻ سان اسان کي معلوم ٿو ٿئي تہ اهي ڇهہ نشانيون ننڍڙين ٺڪرين تي 2.5 سينٽي ميٽرن کان گهٽ جاءِ والارين ٿيون. لکت جي ننڍڙي سائيز ٻڌائي ٿي تہ ٺڪريءَ کي استعمال کان اڳ ۾ تبديل ڪيو ويو هوندو. ڇهن نشانين جو اِيپاس ڏيکاري ٿو تہ اهو هنر اصل ۾ ڇنسالي ٿيل ٺڪر يا سنگ صابڻ جي ننڍڙين ٽڪين مان تيار ڪيل هو جيڪي هڙپا مان وڏي تعداد ۾ مليون آهن. جن جو استعمال ڪنهن رسم ۾ يا انتظامي حوالي سان ٿيڻ جو غير يقينيءَ وارو امڪان آهي. لکت وارين هنري شين بابت، جن کي غلطيءَ سان هيستائين سڀ کان قديم لکتون پئي سمجهيو ويو، ميڊو ۽ ڪينوائر جي تازي اِيپاس 2000 کي ڏسو.

لکيل هئا. اسڪاٽ لينڊ جي ابتدائي سماج بابت مچيل روزل وٽان (838 نمايان نشانيون 18300 جي مجموعي مان). ان قسم جون تبديليون چيني ۽ گڏيل لفظي- پدي لکتن ۽ پدي رسم الخطن ۾ وڌيڪ ٿي سگهن ٿيون بنسبت 'خالص' پدن يا اکرن (الفابيٽ) جي، جن ۾ صوتياتي ۽ معنوي ديٺا گڏ ڏنل ڪانہ هوندي آهي. ان نتيجي جو هڪ ضمني مفهوم اسان جي موجوده اڀياس ۾ اڳتي ڏنل آهي.

(14) 'تحرير' جي هڪ فرضي پرک واري قانون (Zipf's Law) بابت بحث ڪي چڏي ٿا ڏيون، چو جو اها ڳالهہ جاتل سڃاتل آهي تہ ڪيترا غير لساني معاملا پڻ انهيءَ نامر نهاد زيفين ورهاست يا مبالغي واري پيماني جا نمونا انهيءَ اصول جي پوئيواري ڪن ٿا. (ڏسو مثال زيف 1949؛ مينڊل بروٽ 1983، باب 38). بئي پاسي اها دعوي تہ ميڪيءَ جا ڏنل طريقا اهڙي آزمائش گهرن ٿا، بحث طلب آهي چو جو شروعات ۾ هن مقابلي ۾ (اونهارو 2003) پيش ڪيل ڪوجنا بابت ٿيل آن لائين گفتگوءَ ۾ ايجيئن ماهر (Aegeaniss) يوبس ڊيوهاڪس ۽ سنڌوءَ ۽ تامل جي ڪتبن پڙهڻ واري عالم اروٿم مهاديون ڏار ڏار دعوي ڪئي هئي تہ مئڪيءَ جي طريقن سان 'سنڌو رسم الخط' واري مفروضي جي تصديق ٿئي ٿي. اهي دعوائون مئڪيءَ جي ڪمر کي لاڳو ڪرڻ ۾ ٻن غلطين جي ڪري ڪيون ويون هيون. پهرين غلطي مئڪيءَ جي طريقي جي مقصد بابت غلط سمجهہ جي ڪري ٿي، جنهن جو مقصد اصل ۾ اها پرک ڪرڻ ڪونہ هو تہ ڪو انهن لکتن جي مجموعي ۾ ڪا ڳجهي ٻولي هئي، پر پدن جي لڙين يا الفابيٽ جي اکرن ۾ موجود ننڍڙن متنن ۾ ڪنهن ڳجهہ جي اڳڪٿي ڪرڻ لاءِ هو (جيئن مٿي چيو ويو تہ مئڪيءَ جو اصل فوڪس يا توجهہ فيسٽاس ٿالهي (Phaistos Disk) تي هو) يا انهن ۾ موجود نشانين جو ڪل تعداد ڪيترو هو. اها اڳڪٿي ڪرڻ لاءِ مئڪيءَ جيڪو فارمولو جوڙيو (مئڪي 1965؛ پوپ 1968؛ رابنسن 2002: 11-308) خالص پدي لڙين ۽ اکرن جي وڏي انگ جي اندروني اڀياس تي منحصر هو پر انهن مان ڪنهن ۾ بہ صرف ان تعداد جو 1/3 حصو بہ اهڙين خصوصي نشانين جو سنڌو لکت ۾ موجود ڪونہ هو. 1967 ۾ مارس پوپ (1968) مئڪيءَ جو طريقو ڪنهن حد تائين آزمايو جنهن سان هن ڪريٽ

جي هيرو گلفيءَ ۾ لکيل مهرن وارين لکتن ۾ ڳجهي ٻولي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي. مقصد اهو هو ته هو ڏسي ته مٿڪيءَ جي فارمولي جو ڪريٽن هيرو گلفيءَ تي اطلاق ڪرڻ سان ڪهڙا نتيجا ٿا حاصل ٿين. جنهن ۾ اوتريون ئي نشانيون (اٽڪل 100) مليون آهن، جنهن تي پوپ ان پرک مان نتيجو ڪڍيو ته ڪريٽ جي نشانين جي بيهڪ ۾ بي قاعده ترتيب (جنهن تي بعد ۾ سنڌو لکت جي حوالي سان به بحث ٿيو) ۽ انهن ۾ موجود لکتون (ڪريٽ جي هيرو گلفي تحڪين جي ابتڙ) اصل ۾ ڪنهن ٻوليءَ جو سچو پچو رسم الخط ڪونه آهن (يا سيني ۾ ايئن ڪونهي). انهيءَ نتيجي آرٿر ايوان جي 19 صديءَ جي آخر ۾ ڪم ۾ ڪيل دعوائن کي چئلينج ڪيو ان ڳالهه تي وڏي عرصي تائين بحث مباحثا ٿيندا رهيا ته ڪريٽ هيرو گلفيءَ جي اصليت ڇا آهي، جيڪو مسئلو اڃا تائين حل ڪونه ٿيو آهي (ڏسو: مثال اوليور 1996، 2000). پر وري به پوپ مٿڪيءَ وانگر دعوي ڪانه ڪئي ته مٿڪيءَ جي فارمولي ذريعي عام پرک ڪري سگهجي ٿي ته لکتن ۾ ڪا ٻولي لڪل آهي يا نه؛ نه وري هن ان جو اطلاق سنڌو لکتن جي مجموعي تي ڪيو جنهن لاءِ ڪنهن به سچي محقق ڪڏهن اها دعوي نه ڪئي آهي ته ڪوان ۾ ڪي خالص پڌن جون لڙيون يا الفابيٽ لڪل آهي. ٻي غلطي ان حقيقت ۾ آهي ته ديو هوڪس ۽ مهاديون، ميڪيءَ جو فارمولو مهاديون واري ڏسٽيءَ ۾ موجود 13372 علامتن سان لاڳو ڪيو (ان جي مجموعي طرح 1/25 حصي تي مٿڪيءَ ڪم ڪيو هو) ٿورن متنن تي نه پر سيني کي انهيءَ مٿڪيءَ واري فارمولي کي مهاديون جي ڳڻايل سنڌو نشانين سان رکي پوءَ وري سموري مجموعي فهرست سان لاڳو ڪرڻ سان اهو فارمولو اڳڪٽي ڪري وينو ته ان مجموعي جون سموريون نشانيون وجود رکن ٿيون). پر جيڪڏهن اسين متنن جي ٿوري تعداد تي اهو فارمولو لڳائي ڏسنداسين ته اهو ٻڌائيندو ته انهيءَ نام نهاد 'رسم الخط' ۾ اهڙين نشانين جو تعداد مهاديون جي 417 نشانين جي اڌ کان به گهٽ آهي. (مٿڪي جي فارمولي تي اسان جي پرک ۾ اسان مناسب تعداد ۾ متن کنيا، جيڪي سنڌو لکتن ۾ 10 يا وڌيڪ نشانين وارا هئا. (ان مثال موجب هلي پوپ مختصر ڪريٽ لکتن بابت اپياس ڪيو).

اهم نڪتو اهو آهي، جيئن پوپ بہ زور ڏئي چوي ٿو تہ مٿئين جي فارمولي جا نتيجا نمونن جي سائيز تي انحصار رکن ٿا. ان کان قطع نظر تہ سادي قسم جي اکرن ۽ پدن جي لڙين تي هي فارمولو بهتر نموني ڪم ٿو ڪري (جتي نٿو ڪري ان لاءِ ڏسو پوپ 1968) ان کي هڪ عام پرک يا ٽيسٽ نٿو چئي سگهجي، جنهن سان اهو پڌائي سگهجي تہ لکتن جو ڪو مجموعو ٻولي رکي ٿو يا نہ. جيڪڏهن اسين وري بہ ضد ڪريون تہ اهو اهڙي پرک ڪري سگهي ٿو تہ ٻيو هوڪس ۽ مهاديون کان معانيءَ سان، سنڌو سرشتو ان پرک ۾ بريءَ طرح سان ناڪام آهي.

(15) مهاديون جي ڏسٽيءَ جي 20 گهٽو ورجايل نشانين مان نمبر 65، 67، 72، 249 ۽ 336 نشانيون ڪنهن بہ ٻي لکت ۾ آيل ڪونہ آهن ۽ نمبر 99، 123، 211، 267 ۽ 343 نشانيون صرف هڪ هڪ وڌيڪ لکت ۾ ڏسجن ٿيون. ڏسٽيءَ ۾ لکتن جي تصويرن کي هڪ نظر ڏسڻ سان: ڪي ٿوريون ٻيون نشانيون ورجايل آهن، پر اهڙا مثال بنهہ نہ برابر آهن.

(16) اهڙيءَ طرح 438 هبيرو (Habiru) سپاهين جي نالن جي مشهور لسٽ ۾، جيڪا هرين (Hurrian) ميخي خط ۾ لکيل آهي ۽ ٻئي هزاري جي آهي، هر هڪ نالو هڪ مذڪر جنس جي اڳياڙيءَ سان شروع ٿئي ٿو جيڪا حيرت انگيز طور هر نالي ۾ صرف هڪ ڀيرو ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هن متن جي تصويرن ۽ نقلن لاءِ ڏسو سالويني (Salvini) ۽ ميخي خط جي نقلن ۾ هن جهڙين نشانين جي ورجاءَ لاءِ ڏسو هيٺ وضاحت نمبر 19. جيڪي اصلوڪن دستاويزن ۾ نشانين جي گهٽائيءَ ۾ اچڻ کي لڪائي ٿا ڇڏين.

(17) برٽن واري 1872 واري ضميمي ۾ 1-4 ڏسو. ان حقيقت جي باوجود تہ هاما پٿرن (Hama Stones) ۾ سوين نشانيون موجود آهن، اها ڳالهہ آهي تہ ڪلارڪ (Clarke) ضروري سمجهيو تہ لکتن جي شمارياتي پرک ڪئي وڃي ۽ پوءِ يقين ڪجي تہ انهن ۾ ٻولي موجود آهي، ان جي برعڪس، ساڳئي دؤر ۾ (پهرين هڙپائي مهر واري لکت 3-1872 ۾ لڌي وئي هئي)، ڪننگهام صرف هڪ هڙپائي مهر جي مٿان ڇهن نشانين کي ڏسي اعتماد سان سمجهيو تہ هن جو ڪنهن مڪمل اوسر ورتل رسم الخط سان واسطو پيو هو. (ڏسو: ڪننگهام 1877)

(18) اهو ٻيو نمونو جوڙڻ لاءِ اسان هڙپا مان مليل سيني مهرن جي لکتن کي شامل ڪري شروعات ڪئي ۽ اسين معقول حد تائين پراعتماد هئاسين تہ انهن ۾ 13-7 نشانيون هيون ۽ اهي ايتريون واضح هيون، جو انهن جو ورجاءَ نظر اچي سگهي. اسان مجموعي (Corpus) جي جلد I ۽ II مان اهڙيون 43 لکتون ڌار ڪيون، جيڪي ان معيار تي پوريون ٿي لٿيون. پيٽ خاطر ڪنيل نموني لاءِ اسان کي 67 لکتن جي ضرورت هئي. ان ڪري ان Corpus مان پهريون 24 هڙپائي لکتون بہ ملايون جن ۾ 6 نشانيون هيون ۽ انهيءَ معيار موجب پڻ هيون. اهي 24 لکتون H6 کان H592 نمبر وارين مهرن تان کنيون ويون هيون.

(19) ٽئين هزاري ق. م. جي رسم الخطن ۾ ملندڙ وڏي سطح جي گهڻائي (Polyvalency) ان وقت نمايان ٿئي ٿي جڏهن ميخي خط جي متنن جي التي ۾ نشانين جو تناسب (بار بار اچڻ) گهٽ ۾ مسئلو پيدا ٿئي ٿو جنهن ۾ ڪي نشانيون هڪ ٻڙن يا وڌيڪ طريقن سان نقل ٿيل ملن ٿيون ۽ انهن جي اندر موجود آوازن يا مڪمل لفظن جي ملهن جي تشريح ڪئي ويجي ٿي (مصري هيرو گلفي لکت تي ڪم ڪرڻ مهل اهڙو مسئلو پيدا نٿو ٿئي، جن کي جديد نشانين ۾ الٿو ڪرڻ لاءِ 'هڪ جي سامهون هڪ' وارو طريقو اختيار ڪيو ٿو وڃي). ان جو نتيجو اهو ٿو نڪري جو نشانين جو بار بار اچڻ (Frequency) صرف ان وقت ڳڻي سگهجي ٿو جڏهن ميخي خط جو نقل موجود هجي ۽ نشانين جون فهرستون موجود هجن جنهن سان علامتن جي Polyvalency کي درست ڪري سگهجي، اسان سميري لکتن (تصوير 2) ۾ اهو طريقو آزمايو آهي. (ڏسو وضاحت 12).

(20) ان کي H-764B ۾ تيٽي (تي پيرا آيل) نشانيءَ ۾ ڏسي سگهجي ٿو جنهن کي هڪ قربانيءَ جو پيالو سمجهيو ويو آهي. انهيءَ سڃاڻپ جي تصديق گهٽي تعداد ۾ ناهيل لکتن جي اپياس ۾ ڪئي وئي آهي (مثال M-478A، ڏيکاريل ناهي) جنهن ۾ اسين نشانيءَ کي تجريدي ۽ تصويري شڪلن ۾، قربانيءَ جي چٽن منظرن ۾ ڏسون ٿا.

(21) ڏسو M-682 وارو نڪر، نادر قسم جي ورجاءَ جي مثال طور.

(22) هڪ ٻي سانچي مان نڪتل ٽن ڊزن لکتن مان هڪ مثال ۾ (H-252 کان H-277 ۽ H-859 کان H-870 تائين) جيڪو انگ شايد ڪنهن وڏي تعداد جي هڪ حصي جي نمائندگي ڪري ٿو. انهن مان گهڻيون وٽس (Vats) پاران 1929 ۾ هڙپا جي G ايريا جي هڪ ٽي ڪڏ واري هنڌان نڪتل آهن. جيڪا جاءِ شهر جي پٺين کان ٻاهران آهي ۽ رسمي طور ٻاهر ٿيندڙ قربانيءَ جي منظر طور ڪيترين ئي لکتن ۾ موجود آهي (ڏسو تصوير-13). ان کان 140 فوٽ ڪن پرتي ڪڏ واري سائي سطح تي. وٽس ويهه انساني کوپڙيون لڌيون جيڪي هڪ ٻئي سان 'مضبوطيءَ سان ٻڌل هيون'. جن سان ڪجهه قربانيءَ جي جانورن جا هڏا ۽ مذهبي رسمن ۾ استعمال جا برتن هئا (وٽس 1940: I، 192-202 ۽ II پليٽ XXXIX). هن دريافت جي اهميت جي باري ۾، ۽ انهيءَ G ايريا جي ٻيهر کوٽائيءَ جي باري ۾ بحث لاءِ ڏسو فارمر 2004b: 7-23).

(23) جنهن وقت اسين هن مقالي جي آخري ڇنڊ ڇاڻ ڪري رهيا هئاسين، اسان کي اهو اطلاع مليو تہ ويلز جيڪو رسم الخط واري مفروضي سان گهڻو جڙيل آهي. پنهنجي نشانين بابت اڳوٽين وصفن کي بظاهر ڇڏي چڪو آهي. جن جي ڪري نادر نشانين جي ڳڻپ اينتري وڏي وڌي هئي (600 کان مٿي علامتن جو 50% سندس ڪئٽالاگ ۾ صرف هڪ ڀيرو ڏسجي ٿو) ۽ هو بنهہ مخالف پاسي هليو ويو آهي ۽ هاڻي چوي ٿو تہ گهڻو ڪري سيئي مفرد نشانيون (Singletons) اصل ۾ پيچيده نشانيون آهن. اسان جي ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ذريعن ۾ نادر نشانين جو مطالعو انهيءَ نئين دعوي کي بہ شڪ جي نگاهہ سان ٿو ڏيکاري، پر ويلز جو اهو چوڻ آهي تہ ان قسم جي ڳڻپ، نشانين جي وصفن بدلجڻ تي انحصار رکي ٿي. هڪ نشانيءَ کان ٻي نشانيءَ تائين گهري تجزيي جي غير موجودگيءَ ۾، انهيءَ ڳڻپ تي مدار رکي اهو چوڻ تہ اهي نشانيون غير لساني آهن، ثانوي ڳالهہ ٿيندي، جڏهن تہ اولين دليل اهو هئڻ گهرجي تہ لکتون مختصر آهن، لکتن جي وجود ۾ آڻڻ جو ذريعو/ سامان ناپيد آهي. لکتن جي ورجاءَ واري تناسب ۾ بي قاعدگي، نشانين جي بيهڪ ۾ اٿپوري يڪسانيت ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ڳالهيون آهن، جيڪي مشرق قريب جي ساڳئي دؤر جي

علامتي نظام بابت بحث هيٺ آهن. نادر علامتن جو اڀياس اسان جي نظر ۾ سنڌوءَ بابت مستقبل ۾ ٿيندڙ اڀياسن لاءِ انتهائي اهم آهي، ڇو جو انهيءَ قسم جا اڀياس سموري علامتي نظام جي ڪم ڪرڻ جي ڍنگ ۽ ان جي ضابطي تي روشني وجهن ٿا ۽ جيئن ته علامتن جي استعمال ۾ تبديليءَ سان سنڌو سماج ۾ ٿيندڙ اوسر کي به سمجهي سگهجي ٿو. (ڏسو هيٺ ۽ فارمر ۽ ويبر- اڳتي) پر نادر قسم جي نشانين جو وڏي انگ ۾ ملڻ ڪو اهڙو ثبوت ڪونهي ته ڪو اهو سماج اڻپڙهيل هو ڇو ته ڪيترا جديد کان اڳ جا (Premodern) نشانين جا نظام (جن ۾ ڪئين مذهبي علامتون به آهن) نيون نشانيون ٺاهڻ جي سلسلي ۾ بند (Closed) هئا، جڏهن ته ڪي ٻيا اهڙي اجازت ڏيندڙ (Open) هئا. (جيئن: معذرت سان، ويلز جي، يا خود اسان جي پنهنجي تحقيق ۽ سموري ڇپيل معلومات سنڌوءَ جي ڏس ۾ ان جي سچ هئڻ بابت چوي ٿي).

(24) اڳوڻو اندازو ته (مثال: شيل (Scheil)، ميريگي (Meriggi)، هنز ۽ وٿلٽ وغيره) پروٽو ايلامائيٽ ۽ بعد ۾ لينيئر ايلامائيٽ نظام پاڻ ۾ تعلق رکندڙ هئا ۽ ڊيمرو (Damerow) ۽ اينگلنڊ (Englund) (1989) جي تحقيق جي روشنيءَ ۾ خارج ٿي چڪو آهي (هن معاملي تي وڌيڪ ڏسو پاٽس (Potts) 1999 ۽ ڊهل (Dahl) (2002).

(25) هنن نظامن جا رهجي ويل اهڃاڻ وچئين دؤر (Middle Ages) ۽ زوروسٽرين (Zoroastrian) مينيڪين Manichaean) ۽ عيسائي روايتن ۾ سنتن ۽ ٻين مذهبي (الاهي/ديوتائي) قوتن ڏانهن منسوب علامتن ۾ محفوظ رهجي ويا آهن.

(26) قديم ۽ وچ وارن دورن ۾ هندستان ۾ ويدڪ، ٻوڌي ۽ جين ديوين ديوتائن بابت علامتن جي هڪ ٻئي کي ڏيڻ جا عام مثال ملن ٿا.

(27) ان جو هڪ مطلب لکتن ۾ نشانين جي گڏجڻ يا مرڪب ٿيڻ جي مختلف سطحن جو اڀياس ٿي سگهي ٿو جنهن مان تاريخون معلوم ڪرڻ به ممڪن آهي (فارمر ۽ ويبر).

(28) والنفيلس (Wallenfels) ڪانفرنس ۾ پڙهيل هڪ اهم مقالي (349ff) (2000) ڪانپوءِ ٿيل بحث مباحثي ۾ چيو هو تہ بابل جي يوناني دؤر (Hellenistic Babylonia) ۾ جن ماڻهن مهرون بدلايون انهن آڳاٽين مهرن وارا گل چٽ ساڳيا رکيا، حالانڪ "ان وقت مروج رواج" مطابق ٿوري ڦير ڦار ضرور ٿي هوندي، هن هڪ خاص 'وڏي وسيع خاندان' جو حوالو ڏنو آهي، جنهن جو هن ڇهن نسلن تائين وجي سراغ لڳايو ان ۾ نجومي بہ هئا، جادوگر، پادري ۽ پين اهڙن ڏنڌن سان لاڳاپيل پاتي بہ هئا، جيڪي اهڙا 'ترجيحي گل چٽ' استعمال ڪندا هئا، خاص ڪري هڪ بالٽي ۽ ڦوهاري واري شڪل، يا انساني روپ واريون شڪليون جهڙي طرح جلپري (Fishman) واري شڪل هوندي آهي، والنفيلس جي دريافت اسان جي ان عام مفروضي کي هٿي ڏي ٿي تہ سنڌو مهرن تي موجود نشانيون اصل ۾ ديوين ديوتائن جون يا لاڳاپيل آسماني، ديومالائي حُورن جون تجريدي علامتون آهن، جيڪي ڪن خاص خاندانن، قبيلن، ڌنڌن يا عهدن وغيره سان روايتن ذريعي ڳنڍيل آهن. موسمن يا زراعت سان لاڳاپيل ديوتائن يا انهن سان جڙيل آسماني طاقتن لاءِ نهيل تجريدي نشانيون پڻ ساڳيءَ طرح سان سنڌوءَ جي مذهبي رسمي (Ritual) لکتن ۾ متوقع ٿي سگهن ٿيون، جن ۾ وڻ پوتا، لاباري وارا جشن وغيره هر قسم جي سنڌو لکتن جي گروهہ ۾ ٿي سگهن ٿا. سنڌو مهرون ۽ مهرن جون لکتون مشرق قريب جي لکتن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ معياري ٿيون لڳن (ڏسو فارمر 2004b: 33ff) جنهن مان انهن جي استعمال ۾ سخت ضابطو محسوس ٿئي ٿو جنهن مان اهو مفهوم بہ نڪري سگهي ٿو تہ پين قديم سماجن جي ڀيٽ ۾ شايد اهڙو ضابطو مقامي آباديءَ تي بہ هوندو. بهرحال سنڌو مهرن جي علامتن ۽ سندن استعمال ڪندڙن جي تعلق بابت اهڙا ڪي دؤر رس نتيجا ڪڍڻ کان اڳ، لارسن (Larsen) ۽ تيسئر (Teissier) کي مشرق قريب مان اڻ سڌي طرح حاصل ٿيل مهرن جي سلسلي ۾ اثاريل مسئلن تي بہ ضرور غور ڪرڻ گهرجي.

(29) جهڙيءَ ريت مارشل جي ڏينهن کان هن قسم جون ظاهر ظهور ثابتيون نظر انداز ڪيون ويون آهن، ان سان سنڌو رسم الخط واري مفروضي جو ڪارآمد اپياس ڪرڻ جي ابتدا ٿي، جنهن سان عام طرح ثقافتي روايتن

تي انحصار اقتصادي نظريي مان ظاهر ٿيو ڏسو آرٿر 1999، ۽ روايتي مذهبي، فلسفياڻي ۽ ڪائناتي سوچ جي اندر اهڙو انحصار ڏسڻ لاءِ پڙهو فارمر، هيندرسن ۽ وٽزل 2002- مقالو: (2004)

## حوالا:


* André, B., and M. Salvini, 1989,Réflexions sur Puzur-Insusinak. *Iranica Antiqua* 24: 53-72. Arthur, W.B., 1999, Complexity and the Economy. *Science* 284: 107-9.

* Barth, F., 1987, Cosmologies *in the Making: A Generative Approach to Cultural Variation in Inner New Guinea*. Cambridge: Cambridge University Press.

* Bisht, R.S., 1991, Dholavira: A New Horizon of the Indus Civilization. *Puratattva* 20: 71-82.

* Bisht, R.S., 1998-9, Dholavira and Banawali: Two Different Paradigms of Harappan Urbis Formation. *Puratattva*: 29: 14-37.

* Black, J. and S. Green, 1992, *Gods,* Demons *and Symbols of Ancient Mesopotamia: An Illustrated Dictionary*. Austin, Texas: University of Texas Press.

* Boone, E. H. and W.D. Mignolo, eds., 1994, *Writing Without* Words: *Alternative Literacies in Mesoamerica and the Andes*. Durham, N.C.: Duke University Press.

* Burton, R.F. and C.F.T. Drake, 1872, *Unexplored* Syria. Vol. I. London: Tinsley Brothers.

* ãern˜, J., and A.H. Gardner, 1957. *Hieratic* Ostraca. Oxford: Printed for the Griffith Institute at the University Press by Charles Batey.

* Clauson, G. and J. Chadwick, 1969, The Indus Script Deciphered? *Antiquity* 43(171): 200-7.

* Clauson, G. and J. Chadwick, 1970, The Indus Script Deciphered? *Journal of Tamil Studies* 2(1): 135-48.

* Cunningham, A., 1875, *Archaeological* Survey *of India, Report for the Year 1872-73*, 5: 105-8 and pl. 32-3.

* Calcutta: Archaeological Survey of India

* Cunningham, A., 1877, *Corpus* Inscriptionum *Indicarum, I: Inscriptions of AÊoka*. Calcutta: Archaeological Survey of India.

* Dahl, J.L., 2002, Proto-Elamite Sign Frequencies. *Cuneiform Digital Library Bulletin* 2002(1): 1-3.

* Dales, G., 1967, South Asia's Earliest Writing — Still Undeciphered. *Expedition* 9(2): 30-7.

* Damerow, P., and R.K. Englund, 1989, *The Proto-Elamite Texts from Tepe Yahya*. Cambridge, Massachusetts: Peabody Museum of Archaeology and Ethnology, Harvard University Press.

* Damerow, P, 1999, The Origins of Writing as a Problem of Historical Epistemology. *Preprint No. 114 at the Max Planck Institute for the History of Science Web-Server*.

* Damerow, P. See also under 'Nissen'.

* Daniels, P. T. and W. Bright, eds., 1996 *The* World's *Writing Systems*. Oxford: Oxford University Press.

* Davies, W V., 1987, *Egyptian Hieroglyphs*. London: British Museum Publications.

* DeFrancis, J. 1989, Visible *Speech: The Diverse Oneness of Writing Systems*.

Honolulu: The University of Hawaii Press.
* Elst, Koenraad, 2000, The Vedic Harappans in Writing: Remarks in Expectation of a Decipherment of the Indus Script. http://koenraadelst.bharatvani.org.
* Fairservis, W., 1971, *The Roots of Ancient India: The Archaeology of Early Indian Civilization*. New York: Macmillan.
* Fairservis, W., 1987, The Harappan Civilization according to Its Writing: A Model for the Decipherment of the Script. In: Archaeology *and History: Essays in Memory of Sh. A. Ghosh*. P.M. Pande and B.D. Chattopadhyaya, eds., pp. 187-211. Delhi: Agam Kala Prakasham.
* Fairservis, W., 1992, *The* Harappan *Civilization according to Its Writing: A Model for the Decipherment of the Script*. Delhi: Oxford and IBH.
* Farmer, S., 1998, *Syncretism in the West: Pico's 900 Theses (1486): The Evolution of Traditional Religious and* Philosophical *Systems*. Tempe, Arizona: MRTS.
* Farmer, S., J. B. Henderson, and M. Witzel, 2002, Neurobiology, Layered Texts, and Correlative Cosmologies: A Cross-Cultural Framework for Premodern History. *Bulletin of the Museum of Far Eastern Antiquities* 72: 48-89 [dated 2000; written in 2002].
* Farmer, S., 2003, The First Harappan Forgery: Indus Inscriptions in the Nineteenth Century.http://www.safarmer.com//firstforgery.pdf.
* Farmer, S.; 2004a The Illiterate Harappans: Theoretical Implications of Recent Studies of India's FirstCivilization. Slide-lecture given at Washington State University at Vancouver, Feb. 2004. Available from http://www.safarmer.com/downloads.
* Farmer, S., 2004b, Mythological Functions of Indus Inscriptions Slide-lecture given at the Sixth Harvard University Roundtable on the Ethnogenesis of South and Central Asia, May 2004. Available from http://www.safarmer.com/downloads.
* Farmer, S. and S. Weber, forthcoming, Temporal and Regional Variations in the Use of Indus Symbols: New Methods of Studying Harappan Civilization.
* Farmer, S. See also under 'Witzel'.
* Francfort, H. P., 1994, The Central Asian Dimension of the Symbolic System in Bactria and Margiana. Antiquity 68: 406-18.
* Gadd, C.J., and S. Smith, 1924, The New Links between Indian and Babylonian Civilisations. Illustrated London News Oct 4: 109-10.
* Gardner, B. T. and R. A. Gardner, 1998, Development of Phrases in the Early Utterances of Children and Cross-Fostered Chimpanzees. *Human Evolution* 13: 161-88.
* Gimbutas, M., 1989, *The* Language of the Goddess: Unearthing the Hidden Symbols of Western Civilization. London: Thames and Hudson.
* Green, A., 1995, Ancient Mesopotamian Religious Iconography. In: *Civilizations of the Ancient Near East*. J.M. Sasson, ed.,Vol. III, pp. 1837-1855. New York: Charles Scribner's Sons.
* Green, A. See also under 'Black'.
* Haarmann, Harald, 1996, *Early* Civilization *and Literacy in Europe: An Inquiry into Cultural Continuity in the* Mediterranean *World*. Berlin: Mouton de Gruyter.
* Hakemi, Ali, 1997, *Shahdad: Archaeological Excavations of a Bronze Age Center in Iran*. Trans. and ed. By S.M.S. Sajjadi. Rome: Libreria Editrice Herder.
* Hawkins, J.D., 2000, Corpus of Hieroglyphic Luwian Inscriptions. Vol. I, 3 pts. Berlin and New York: Walter de Gruyter
* Heras, H., 1953, *Studies in Proto-Indo-Mediterranean Culture*. Vol. I. Bombay: Indian Historical Research Institute.

* Hinz, W., 1969, *Altiranische Funde und Forschungen*. Berlin: Walter de Gruyter.
* Hinz, W., 1971, Eine *altelamische* Tonkrug-Aufschrift vom Rande der Lut. *Archäologische Mitteilungen aus Iran* n.F. 4: 21-4.
* Houston, S., J. Baines, and J. Cooper, 2003, Last Writing: *Script* Obsolescence in Egypt, Mesopotamia, and Mesoamerica. *Comparative Studies in Society and History* 45: 430-79.
* Hunter, G.R., 1929, *The Script of Harappa and Mohenjo-Daro and Its Connection with Other Scripts*. Ph.D. Dissertation, Oxford University.
* Hunter, G.R., 1934, *The Script of Harappa and Mohenjo-Daro and Its Connection with Other Scripts*. London:Kegan Paul, Trench, Trubner & Co. (Dissertation reprint.)
* Jettmar, K.D., D. König, V. Thewalt, eds., 1989, *Antiquities of Northern Pakistan: Reports and Studies, Vol. 1: Rock Inscriptions in the Indus Valley. Mainz*: Heidelberger Akademie der Wissenschaften.
* Jha, N. and N.S. Rajaram, 2000, *The Deciphered Indus Script: Methodology, Readings, Interpretations*. New Delhi: Aditya *Prakasham*.
* Joshi, J.P. and A. Parpola, eds., 1987, *Corpus of Indus Seals and Inscriptions I. Collections in India*. Helsinki: Suomalainen *Tiedeakatemia*. (For Vol. II, see under 'Shah'.)
* Kak, S., 1988, A Frequency *Analysis* of the Indus Script. *Cryptologia* 12(3): 129-43.
* Kenoyer, J.M., 1998, *Ancient Cities of the Indus Valley Civilization*. Oxford: Oxford University Press.
* Kenoyer, J. M. and R. Meadow, 1997, New Inscribed Objects *from* Harappa. *Lahore Museum Bulletin* 9(1): 1996 [1997]:1-20. Kenoyer, J.M. See also under *'Meadow'*.
* Kinnier Wilson, J.V., 1986, The Case for *Accountancy* in the Indus Script, with a Restatement on the Meaning and Theory of 'Indo-*Sumerian*.' *Tamil Civilization* 4(3-4): 204-13.
* King, L.W., 1912, *Babylonian Boundary Stones and Memorial Tablets*. London: Trustees of the British Museum.
* Knorozov, Y., 1965, The Characteristics of the Language of the Proto-Indian Texts. In: *The Soviet Decipherment of the Indus Valley Script*. A. Zide and K. Zvelebil, eds. and trans., pp. 55-9. The Hague: *Mouton*, 1976.
* Knorozov, Y., 1968, The Formal Analysis of the Proto-Indian Texts. In: *The Soviet Decipherment of the Indus Valley Script*. A. Zide and K. Zvelebil, eds. and trans., pp. 97-107. The Hague: Mouton, *1976*.
* Knorozov, Y., 1970, The Formal *Analysis* of the Proto-Indian Texts. In: *Journal of Tamil Studies* 2(1): 13-25.
* Kondrotov, A.M., 1965, The Positional-Statistical Analysis of the Proto-Indian Texts. In: *The Soviet Decipherment of the Indus Valley Script*. A. Zide and K. Zvelebil, eds. and trans., pp. 39-48. The Hague: Mouton, *1976*.
* Konishi, M, 1987, Writing *Materials* during the Harappan Period. *Archaeology and History: Essays in Memory of Sh. A. Ghosh*. P.M. Pande and B.D. Chattopadhyaya, eds., pp. 213-7. Delhi: Agam Kala *Prakasham*.
* Lal, B.B., 2002, *The Sarasvati Flows On: The Continuity of Indian Culture*. New Delhi: Aryan Books *International*.
* Landini, G., and R. Zandbergen, 1998, A Well-Kept Secret of Mediaeval Science: The Voynich Manuscript. *Aesculapius* (July 1998). Available online at http://www.voynich.nu/extra/aes.html.
* Larsen, M.T., 1977, Seal Use in the Old Assyrian Period. In: *Seals and Sealings in the Ancient Near East*. M. Gibson and R. D. Biggs, eds. Malibu: Undena Publications.

* Lawler, A., 2003, Bronze Age Find: Jiroft Discovery Stuns Archaeologists. *Science* 302: 973-4.
* Lawler, A., 2004, Iranian Dig Opens Window on New Civilization. *Science* 304: 1096-7.
* Mackay, A., 1965, On the Type-Fount of the Phaistos Disk. *SMIL - Statistical Methods in Linguistics* 4: 15- 25.
* Mackay, E. 1938, *Further* Excavations *at Mohenjo-daro*. 2 Vols. Delhi: Government of India.
* Mahadevan, I., 1970, Dravidian Parallels in Proto-Indian Script. *Journal of Tamil Studies* 2(1): 157-276.
* Mahadevan, I., 1977, *The Indus Script: Texts*, Concordance, *and Tables*. Calcutta and Delhi: Memoirs of the Archaeological Survey of India.
* Mahadevan, I. 1986 Towards a Grammar of the Indus Texts: 'Intelligible to the Eye, if Not to the Ears'. *Tamil Civilization: Quarterly Research Journal of the Tamil University* 4(3-4): 15-30.
* Mahadevan, I., 1999, Murukan in the Indus Script. *Journal of the Institute of Asian Studies* 16(2).
* Mahadevan, I., 2004, *Early Tamil Epigraphy from the Earliest Times to the Sixth Century A.D.* Cambridge, Massachusetts: The Department of Sanskrit and Indian Studies, Harvard University.
* Mandelbrot, B., 1983, *The Fractal Geometry of* Nature. Updated and Augmented. New York: W.H. Freeman and Company.
* Marazzi, M., 2000, Sigilli e tavolette di legno: Le fonte letterarie e le testimonianze sfragistiche nell'Anatolia, Hittita. In: Administrative *Documents in the Aegean and their Near Eastern Counterparts*. Proceedings of the *International* Colloquium, Naples, February 29 - March 2, 1996. Ed. M. Perna, pp. 79-102. *Torino*: Paravia Scriptorium.
* Marshall, J., 1924, First Light on a Long *Forgotten* Civilization. *Illustrated London News* Sept. 20: 528-32, *548*.
* Marshall, J, ed., 1931, *Mohenjo-Daro and the Indus Civilization*. 3 Vols. London: Arthur Probsthain.
* Marshall, J., 1953, *Taxila*. 3 Vols. Cambridge: Cambridge University Press.
* Madhivanan, R., 1995, *Indus Script Among Dravidian Speakers*. Madras: International Society for the Investigation of *Ancient* Civilizations.
* Meadow, R. and J.M. Kenoyer, 2000, The 'Tiny Steatite *Seals*' (Incised Steatite Tablets) of Harappa: Some Observations on their Context and Dating. In: *South Asian Archaeology 1997*. M. Taddei and G. DeMarco, eds., pp. 221-340. Rome: Istituto Italiano per l'Africa e l'Oriente.
* Meadow, R. See also under '*Kenoyer*'
* Nissen, H., P. Damerow, and R. Englund, 1993, *Archaic Bookkeeping*. Chicago: University of Chicago Press.
* Olivier, J-P. and L. Godart, eds., 1996, *Corpus Hieroglyphicarum Inscriptionum Cretae*. Paris: De Boccard.
* Olivier, J-P., 2000, Les sceaux avec des *inscriptions* hiéroglyphiques. Comment comprendre? In: *Administrative Documents in the Aegean and their Near Eastern Counterparts*. Proceedings of the International *Colloquium*, Naples, February 29 - March 2, 1996. Ed. M. Perna, pp. 141-168. Torino: *Paravia* Scriptorium.
* Parpola, A., S. Koskenniemi, S. Parpola, and P. Aalto, 1969, *Decipherment of the Proto-Dravidian Inscriptions of the Indus Civilization: First Announcement*. Copenhagen: *Scandinavian* Institute of Asian Studies.
* Parpola, A., 1970, The Indus Script Decipherment: The Situation at the End

of 1969. *Journal of Tamil Studies* 2(1): 89-109.
* Parpola, A., 1994, *Deciphering the Indus Script.* Cambridge: Cambridge University Press. *Parpola*, A. See also under '*Joshi*' and 'Shah'.
* Payton, N., 1991, The Ulu Burun *Writing*-Board Set. *Anatolian Studies* 41: 99-106.
* Pearce, L., 1995, The Scribes and *Scholars* of Ancient Mesopotamia. In: *Civilizations of the Ancient Near East*, ed. J.M. *Sasson*, IV, pp. 2265-78. New York: Charles Scribner's Sons.
* Pope, M., 1965, The Origin of Near Eastern Writing. *Antiquity* 40: 17-23.
* Pope, M. 1968, The First Cretan *Palace* Script. In *Atti e memorie del primo Congresso internazionale di micenologia* (Roma 27 settembre-3 ottobre 1967), ed. E. De Miro, L. Godart, and A. Sacconi, Vol. I, pp. 438-46. Città di Castello: Tip. Tiferno grafica. [On inscriptions written in so-called Cretan hieroglyphs.]
* Pope, M., 1999, *The Story of Decipherment: From Egyptian Hieroglyphs to Maya Script.* Revised edition. London: Thames *and* Hudson Ltd. (First edition published in 1975.)
* Possehl, G., 1996, *Indus Age: The Writing System.* Philadelphia: University of Pennsylvania Press.
* Possehl, G., 2002a, *The Indus Civilization: A Contemporary Perspective.* Walnut Creek, California: AltaMira Press.
* Possehl, G., 2002b, Indus-*Mesopotamian* Trade: The Record in the Indus. *Iranica Antiqua* 38: 325-42.
* Postgate, N., T. *Wang*, and T. Wilkinson, 1995, The Evidence for Early Writing: Utilitarian or Ceremonial? *Antiquity* 69: 459-80.
* Potts, D.T., 1999, *The Archaeology of Elam.* Cambridge, Cambridge University Press.
* Rao, S.R., 1982, *The Decipherment of the* Indus *Script.* Bombay: Asia Publishing.
* Robinson, A., 2002, *Lost Languages: The* Enigma *of the World's Undeciphered Scripts.* New York: McGraw-Hill.
* Salomon, R., 1998, *Indian Epigraphy: A Guide to the Study of Inscriptions in Sanskrit, Prakrit and the Other Indo-Aryan* Languages. Oxford: Oxford University Press.
* Salomon, R., 1999, *Ancient Buddhist* Scrolls *from GandhÇra*. London: The British Library.
* Salvini, Mirjo, 1996, *The Habiru Prism of* King *Tunip-te%e%up of Tikunani.* Rome: Istituti Editoriali e Poligrafici Internazionali. See also under 'André'.
* Sayce, A.H., 1924, Remarkable Discoveries in India. *Illustrated London News* Sept. 27: 566.
* Seidl, Ursula, 1989, *Die* babylonischen *Kudurru-Reliefs: Symbole mesopotamischer Gottheiten.* Göttingen: Vandenhoeck & Ruprecht.
* Shah, S.G.M. and A. Parpola, eds., 1991, *Corpus of Indus Seals and* Inscriptions *2. Collections in Pakistan.* Helsinki: 1991. (For Vol. I, see under 'Joshi'.) (Vol. 3 of the *Corpus*, which is currently in preparation, will reportedly include photos of recently excavated inscriptions and of lost inscriptions illustrated in the early excavation reports of Marshall, Mackay, and Vats, etc.)
* Shaked, S., 2004, *Le satrape de* Bactriane *et son gouverneur. Documents araméens du IVe s. avant notre ère provenant de* Bactriane (Conférences données au Collège de France les 14 et 21 mai 2003). Paris: De Boccard.
* Simpkins, R., 1997, The Script of the Indus Valley Civilization in Context and Comparative Perspective. Paper presentation. 26th Annual Conference on South Asia, October 16-19th, 1997, Madison,Wisconsin.
* Sproat, R., 2000, *A Computational Theory of Writing Systems.* Cambridge: Cambridge University Press.

* Symington, D., 1991, Late Bronze Age Writing-Boards and Their Uses: Textual Evidence from Anatolia and Syria. *Anatolian Studies* 41: 111-23. !
* Teissier, B., 1994, *Sealing and Seals on* Texts *from Kültepe KÇrum Level 2*. Istanbul: Nederlands Historisch - Archaeologisch Instituut te Istanbul.
* Tosi, M., 1993, The Harappan Civilization beyond the Indian Subcontinent. In: *Harappan Civilization: A Recent Perspective*. 2nd Rev. Ed. G. Possehl, pp. 365-78. New Delhi: Oxford & IBH.
* Turner, V.W., 1967, *The Forest of Symbols:* Aspects *of Ndembu Ritual*. New York: Cornell University Press.
* Vallat, F.,1986, The Most Ancient Scripts of Iran: The Current Situation. *World Archaeology* 17(3): 335-47.
* Vallat, F., 2003, La civilisation proto-élamite. *Dossiers d'Archéologie* 287: 88-91 (special issue on Jiroft).
* Vats, M.S., 1940, *Excavations at* Harappa. 2 Vols. Delhi: Government of India.
* Wallenfels, R., 1993, Zodiacal Signs among the Seal Impressions from Hellenistic Uruk. In: *The Tablet and theScroll: Near Eastern* Studies *in Honor of William W. Hallo*. M. Cohen, D. Snell, and D.
* Weisberg, eds., pp. 281-9. Bethesda, Maryland: CDL Press.
* Wallenfels, R., 2000, Sealing Practices on Legal Documents from Hellenistic Babylonia. In: *Administrative Documents in* the *Aegean and their Near Eastern Counterparts*. Proceedings of the International Colloquium, Naples, February 29 - March 2, 1996. Ed. M. Perna, pp. 333-51. Torino: Paravia Scriptorium.
* Wells, B.,1999, *An* Introduction *to Indus Writing*. 2nd Edition. Independence, Missouri: Early Sites Research Society.
* Winn, M.M. [S.M.M.], 1973, *The Signs of Vinča Culture: An Internal Analysis; Their Role, Chronology and Independence from* Mesopotamia. Thesis, University of California, Los Angeles. Ann Arbor, Michigan: University Microfilms.
* Winn, S.M.M., 1981, *Pre-Writing in Southeastern Europe: The Sign System of the Vinča Culture, 4000 BCE*. Calgary: Western Publishers.
* Winn, S.M.M.,1990, A Neolithic Sign System in Southeastern Europe. In: *The Life of Symbols*, ed. M.L. Foster and L.J. Botscharow, pp. 263-83. Boulder, Colorado: Westview Press. A variation of this article is published online at http://www.prehistory.it/ftp/winn.htm.
* Witzel, M., 1999, Early Sources for South Asian Substrate Languages. *Mother Tongue*, Extra Number (October): 1-70.
* Witzel, M. and S. Farmer, 2000, Horseplay in Harappa: The Indus Valley Decipherment Hoax. *Frontline* 17(19): 4-11. Available online from http://www.safarmer.com/downloads.
* Witzel, M., 2003, Linguistic Evidence for Cultural Exchange in Prehistoric Western Central Asia. *Sino- Platonic Papers* 129 [appeared Aug. 2004]. Witzel, M.. See *also* under 'Farmer'.
* Woudhuizen, F.C., 2004, *Luwian Hieroglyphic Monumental Rock and Stone Inscriptions from the Hittite Empire Period*. Innsbruck: *Innsbrucker* Beiträge zur Kulturwissenschaft.
* Zide, A. and K. *Zvelebil*, trans. and eds., 1976, *The Soviet* Decipherment *of the Indus Valley Script*. The Hague: Mouton.
* Zipf, G.K., 1949, *Human Behavior* and *the Principle of Least Effort*. Cambridge, Massachusetts: Addison-Wesley.

آسڪو پرپولا

# ڇا سنڌو رسم الخط واقعي ۾ لکڻ جو سرشتو ڪونهي؟

**(Is the Indus Script Indeed not a Writing System?)**

سنڌو رسم الخط تحرير/لکڻ جو سرشتو آهي يا نه؟ اڄ انهيءَ روايتي راءِ جو آهيان ته 'ها اهو آهي'، ۽ وڌيڪ درست راءِ اها ڏيندس ته اهو سميريءَ جهڙو هڪ مخصوص پدن تي ٻڌل (Logosyllabic) تحرير/لکڻ جو سرشتو آهي. هيءَ مقالو ٻه سال اڳ ٽوڪيو ۾ پيش ڪيل منهنجي ان تنقيدي مقالي جو وڌايل روپ آهي، جيڪو بعد ۾ ڇپيو به هو (پرپولا 2005). هن مقالي ۾ اڄ تنقيد ڪري رهيو آهيان اسٽيو فارمر، رچرڊ اسپروٽ ۽ مائيڪل وٽزل جي مقالي تي، جنهن جو عنوان آهي The Collapse of Indus Script Thesis: The Myth of a Literate Harappan Civilization (2004) يعني 'سنڌو رسم الخط واري مفروضي جو ڀڃ ۽ پڙهيل لکيل هڙپائي تهذيب جو افسانو'. جنهن ۾ ليکڪن ان ڳالهه کي مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي ته سنڌو رسم الخط ڪو ٻولي رکندڙ لکڻ جو نظام آهي.

فارمر ۽ سندس ساٿين ڏهن مکيه نڪتن يا مفروضن کي پيش ڪيو آهي، جن لاءِ سندن چوڻ آهي ته اهي ثابت ٿا ڪن ته سنڌو رسم الخط تحرير (Writing) ڪانهي:

1. سنڌو نشانين جي عام موجودگي ۽ سندن ورجاءُ جو شمار
2. 'متنن' جو اختصار جن ۾ ڪو پيغام هئڻ ممڪن ڪونهي.
3. گهڻي تعداد ۾ نادر/اڻلڀ نشانيون، خاص ڪري مفرد/اڪيليون نشانيون.
4. ڪنهن هڪ متن ۾ ڪنهن نشانيءَ جو ورجاءُ نه هئڻ.

5. 'گمر' ٿيل ڍگها 'متن' (مينو اسڪرپٽ) ڪڏهن هئا ئي ڪونہ.
6. رسم الخط جو ڪو گڏي لکيل بدل نہ اسريو ان جو مطلب تہ ڪاتب ڪونہ هئا.
7. لکڻ جو ڪو سامان ڪونہ لڌو آهي.
8. 'رسم الخط' واريون نشانيون غير لساني (غير ٻوليائي) علامتون آهن.
9. لکڻ معلوم هو پر شعوري طرح ان کي اختيار ڪونہ ڪيو ويو.
10. هيءَ نئون مفروضو سنڌو تهذيب کي سمجهڻ ۾ تحرير واري مفروضي کان وڌيڪ مددگار آهي.

آءٌ انهن نڪتن تي هڪ هڪ ڪري بحث ڪندس:

**1. نشانين جي عام هئڻ يا موجودگيءَ ۽ ورجاءَ جو شمار:**

سڀ کان پهرين فارمر ۽ سندس ساٿين دعوي ڪئي آهي تہ سنڌو نشانين جي عام موجودگيءَ جي پيٽ اهو ڏيکاري ٿي تہ سنڌو سرشتو چيني رسم الخط جهڙو ٿي نٿو سگهي، ڇو جو ٻنهي ۾ نشانين جي موجودگيءَ ۾ تمام گهڻو فرق آهي، ۽ سنڌو علامتن جو ڪل تعداد پڻ تمام ٿورو آهي (فارمر ۽ ساٿي 2004: 29). هو اهو بہ نڪتو اٿارين ٿا تہ مصري فرمانن وارين لکتن ۾ ڏسبو تہ ڪنهن هڪ لکت ۾ نشانيون گهڻئي ڀيرا ورجاءَ ڪن ٿيون، بنسبت ساڳي ڊيگهہ وارين سنڌو مهرن جي نشانين جي.
انهن مشاهدن سان سهمت ٿيڻ ۾ ڪا ڏکيائي ڪانهي، پر چيني رسم الخط ۽ سنڌو رسم الخط ۾ تمام گهڻو تفاوت آهي. چينيءَ ۾ عام ڳڻپ موجب لڳ ڀڳ 50000 نشانيون آهن. (عملي طرح استعمال ۾ اٽڪل 5000 نشانيون ٿينديون) جڏهن تہ سنڌو نشانيون لڳ ڀڳ 400 اکري علامتون (Graphemes) معلوم آهن.

پر (جيئن فارمر ۽ سندس ساٿي پاڻ ٿا نتيجو ڪڍن) نشانين جي عام جام موجودگي پنهنجي ليکي پاڻ طي نٿي ڪري سگهي تہ سنڌو سرشتو هڪ گڏ وچڙ (Mixed) لساني اسڪرپٽ يا رسم الخط آهي، (يعني سميرين جهڙو پدن وارو Logosyllabic) يا مڪمل طرح غير لساني نشانين جو سرشتو". (فارمر ۽ ساٿي 2004-29).

جيئن تہ اهو هڪ اهم نڪتو آهي. ڊاڪٽر ڪيمو ڪوسڪينيميءَ، جيڪو هيلسنڪي يونيورسٽيءَ جي 'ڪمپيوٽر لنگئسٽڪس' شعبي جو پروفيسر آهي. پاڻ اپريل 2005 ۾ اي ميل ذريعي ڊاڪٽر رچرڊ اسپروٽ کان تصديق ڪري ٻڌايو تہ اهي ٻئي هن ڳالهہ تي متفق آهن تہ: "نشانين جي عام جام هئڻ جي سادن شمارياتي ثبوتن مان، (مثلاً اهڙين نشانين جي ورهاست ۽ سادي ورجاءَ (وري وري اچڻ سان)":

(الف) اهو ثابت نٿو ٿئي تہ اهي 'تحرير' جي نمائندگي نہ ٿيون ڪن.
(ب) ساڳيءَ ريت جعلسازيءَ کي ثابت ڪرڻ پڻ اوتروئي مشڪل آهي.

مصري تحرير جي آڳاٽن مثالن کان تصويري معما يا مورتي نشانيون (Rebuses) تمام گهڻو استعمال ٿيندا هئا. 3050 ق. م. ۾ بادشاهہ نارمر/نعرمر جو نالو هيروگلفيءَ ۾ لکڻ لاءِ ڪڳي (Catfish) جي تصوير ڏاهيندا هئا. (ڪڳي کي مصريءَ ۾ 'نعر' چئبو آهي) ۽ 'آر' (awl) ڏاهيندا هئا. (مصريءَ ۾ ان 'آر' کي 'مر' چون) (ڏسو گارڊينر 1957: 7).

مصري معمائي تجنيس لفظي (Punning) ۾ سُرن/حرف علت کي بنهہ نظر انداز ڪيو ويندوهو. پر وينجن/حروف صحيح هڪجهڙا هوندا هئا (ڏسو گارڊينر 1957: 9). ٻين آڳاٽن پدن وارن (Logosyllabic) رسم الخطن ۾ ٿوري گهڻي آزادي هئي، جيئن سرن ۽ وينجنن جي ڏيگهہ ۾ فرق. هيروگلفيءَ ۾ لکيل مصري لفظن ۾ ٽي، ٻہ يا ماڳهين هڪ وينجن تي سگهيو ٿي. (ڏسو گارڊينر 1956: 25). آخرڪار مصري تربيت ورتل سميري ڪاتبن صرف هڪ وينجن واريون نشانيون چونڊي پنهنجي ٻولي لکي. پر اهي ساڳيءَ ريت مصري ٻوليءَ جا متن ۽ ڌارين خاص اسمن لکڻ ۾ بہ استعمال ٿينديون هيون. انهيءَ ڳالهہ مان مصري فرمانن واري ٻوليءَ ۽ سنڌو مهرن جي لکتن ۾ فرق واضح ٿئي ٿو.

2. متن ايترا مختصر آهن جو انهن ۾ ڪو پيغام نٿو ڏئي سگهي:

فارمر ۽ ساٿين جو ٻيو دليل اهو آهي تہ "سنڌو لکتون نہ ان قابل هيون ۽ نہ ئي انهن جو تفصيلي 'پيغام' رکڻ جو مقصد ئي سگهيو ٿي. ايتريقدر جو ٻين غير لساني سماجن ۾ حافظي يا يادگيريءَ لاءِ نهايت نظامن وارو ڪو ڪم

ڪري نہ ٿي سگهيون." (فارمر ۽ ساٿي 2004: 42). هن مفروضي کي ٽيڪ ڏيڻ لاءِ جيڪي بہ سبب ڏنا ويا آهن. انهن مان هڪ اهو هو تہ سنڌو لکتون تمام مختصر آهن.

پر جيتوڻيڪ سنڌو متن سراسري ڊيگهہ ۾ پنجن نشانين تي مشتمل آهن، اها خوبي ننڍڙن اسم وارن فقرن (Noun Phrases) جو اظهار ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. اسين محض مهرن ۽ ٻين محفوظ ٿيل شين تي مڪمل جملن جي توقع نٿا ڪري سگهون (ڏسو پرپولا 1994: 87). پر پوءِ بہ لکيل اسمي فقرا، ٻوليءَ تي ٻيٽل رسم الخط جي ساک پرين ٿا. اڳيان نڪتي تي وري موٽي ايندس.

ميسوپوٽيميا جي مهرن جي لکتن ۾ هي شيون آهن: هڪ اسم خاص، نسب ۽ ڏنڊو (ڏسو: ايڊورڊ 1968). وڏن عملدارن جي واضح مهرن ۾، اهڙي معلومات بادشاهہ يا ڪنهن اعليٰ منصب تي فائز عملدار کي ڪيل تمهيدي التجا ۾ خاص اسلوب سان پيش ڪيل هوندي آهي. اچو تہ هتي ميسوپوٽيميا جي مهرن تي لکت جا بہ مثال ڏسون:

"Adda the Scribe", O Sharkali – Sharri King of Akkad:
Ibni- Shoori the Scribe (is) your servant"

"ادا، ڪاتب"، او شرڪلي- اڪاد جا شري بادشاهہ:
ابن- شوري، ڪاتب (آهي) اوهان جو خادم."

اهي اڪادي مهرون سنڌو تهذيب جي اوج واري دؤر جون همعصر آهن، ۽ اها ڳالهہ درحقيقت انهيءَ مهر سان تعلق ۾ هئڻ جي تصديق ڪري ٿي. ان مهر ۾ نظر ايندڙ مينهن (water buffalo) سنڌو ماٿريءَ کان ميسوپوٽيميا ڏانهن اڪاد جي عظيم بادشاهہ سارگن جي حڪومت (2334-2278 ق. م.) دوران برآمد ٿيل هئي ۽ ان جي سٺ سالن جي ڊگهي حڪمرانيءَ جي خاتمي وقت انهيءَ جي مورتگريءَ (Iconography) ۾ شامل ٿي چڪي هئي، ۽ وري ان مورتگريءَ مان بہ غائب ٿي وئي تہ ان جا حيواني آثار بہ ٻئي هزاري ق.م. ۾ غائب ٿي چڪا هئا. جڏهن سنڌو تهذيب جو بہ زوال اچي چڪو هو (ڏسو بوهمر 1975).

سمورا سنڌو- متن (2) ايترا مختصر ڪونہ آهن. مثال طور موهن جي دڙي جي هڪ سٺ واري لکت M-355 ۾ 14 نشانيون آهن، جڏهن تہ پڊن

واري رسم الخط (Logosyllabic) جي هڪ نشاني بہ ڪو پيغام ڏئي سگهي ٿي. هڪ نشانيءَ واري هڙپا جي مهر واري لکت H-94، امڪاني طور مهر جي



مالڪ جي پيشي يا ڏنڌي وارو لقب رکي ٿي. هڪ نشانيءَ وارا متن اڻ ڳنڍيل نشانين تي مشتمل ٿي سگهن ٿا. هتي هيءَ نشاني ڳنڍيل/مرڪب آهي، جنهن ۾ ٻہ جزا مليل آهن. ڪيترين مرڪب نشانين (H-94 واري متن جهڙي) ۾ 'ماڻهو' آخري جزي طور شامل آهي، جنهن مان 'پوليس وارو'، 'ڪير وارو' جهڙا ڏنڌي جا لقب منسوب ٿي سگهن ٿا.

آخر ۾، مرڪب نشانين ۾ انهن ۾ جزن طور موجود نشانين ۾ هڪ جهڙي ترتيب انهن جي وچ ۾ عملي رابطو ڏيکاري ٿي (ڏسو پرپولا 1994-81-80 تصوير نمبر 3، 5 سان). مصري رسم الخط اندازاً 3000 ق. م. ۾ ڪيترين لکتن ۾ استعمال ٿيندو هو جيڪي تمام ننڍڙيون هونديون هيون ۽ انهن ۾ اڪثر ٻہ يا ٽي نشانيون هونديون هيون. انهن ذريعي اسم خاص محفوظ ٿيندا هئا، جن سان معماتي نشانيون بہ هونديون هيون، جنهن ڪري ان کي 'تحرير' هئڻ جو رتبو مليو آهي.

3. **تمام گهٽيون نادر/ اڻلڀ نشانيون، خاص ڪري مفرد (Singleton):**

فارمر ۽ ساٿين جو ٽيون دليل هنن لفظن ۾ بيان ٿيل آهي: وڏيڪ شاهدي جيڪا سنڌو- رسم الخط واري مفروضي سان ٽڪراءَ ۾ آهي، اها وڏي انگ ۾ مفرد علامتون (يا Singletons) ۽ ٻيون نادر (ڪڏهن اتفاقي نظر ايندڙ) نشانيون آهن، جيڪي لکتن ۾ اچن ٿيون. . .

لکتن مان ڪيترين ۾ هڪ کان وڌيڪ مفرد نشانيون ۽ گڏ نادر نشانيون موجود آهن، جنهن جي ڪري اهو تصور ڪرڻ مشڪل ٿي پيو آهي تہ آخر اهي نشانيون ڪهڙيءَ ريت هڪ وسيع ڦهلاءَ رکندڙ 'رسم الخط' ۾ ڪم ڪنديون هونديون" (فارمر ۽ ساٿي 2004: 36)

اها حقيقت آهي تہ سنڌو رسم الخط جي لڳ ڀڳ 400 اکرن (Graphemes) مان 25 سيڪڙو اهڙا آهن، جيڪي صرف هڪ ڀيرو استعمال ٿيل آهن (ڏسو مهاديون 1977: 17 ۽ پرپولا 1994: 78، جدول 5.1)

پر جيڪڏهن وڏيڪ متن کوڙجن، تہ انهن ’مفرد‘ نشانين مان ڪيترين هڪ کان وڌيڪ ڀيرا نظر ايندين، ۽ ٻيون نادر نشانيون بہ ليپي پونديون. اڪثر سنڌوءَ واريون مفرد نشانيون ٻين بار بار ايندڙ نشانين جي وچ ۾ ٿيون اچن، جنهن سان انهن کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. سمورن پدي رسم الخطن (logosyllabic) ۾ اهڙيون نادر محسوس ٿيندڙ نشانيون هونديون آهن ۽ ڪيترائي اهڙا رسم الخط آهن. چيني رسم الخط ۾ بہ اهڙيون نادر نشانيون آهن ۽ انهن مان ڪي تہ اخبارن ۾ بہ ڏسبيون آهن.

4. ڪنهن بہ هڪ متن ۾ نشانين جي بي قاعدي نظر ايندڙ ورجاءُ جي اٿهوند:

جيتوڻيڪ فارمر ۽ سندس ساٿين روانيءَ ۾ سميرين جهڙي پدي نشانين واري لکڻ جي نظامن يا سرشتن ۽ انهن جي ڪم بابت ذڪر ڪيو آهي، پر سندن دليل بازيءَ جو اصل مقصد اهو آهي تہ هڪ ٻوليءَ جي بنياد واري رسم الخط جي نمائندگيءَ لاءِ سنڌو نشانين کي بہ مصري فرمانن وارين لکتن وانگر گهٽي قدر صوتياتي هئڻ گهرجي ها. بهرحال آڳاٽين پدي لکتن (logosyllabic) ۾ هڪ نشاني عموماً هڪ مڪمل لفظ برابر هوندي هئي، ايتريقدر جو صرف هڪ نشانيءَ واري مهر ان جي مالڪ جو اظهار ڪري ٿي، ۽ ان ڪري مهرن تي سميرين جهڙي پدي لکت ۾ لکيل ننڍڙن متنن ۾ نشانين جي ورجاءُ جو ڪو سبب ڪونہ ٿو ٿيي. نشانين جي بي قاعده يا بنا رٿا جي نظر ايندڙ ورجاءَ جي هنن طرفان مبينا اٿهوند کي سنڌو رسم الخط جي تحرير هئڻ نہ هئڻ واري معاملي ۾ چوٿين اهم شاهدي ڪري پيش ڪيو ويو آهي: ”سڀ کان اهم ڳالهہ اها تہ سنڌو لکتن ۾ ڪٿي بہ اسان کي نشانين جو اهڙو بي قاعده (Random) ورجاءُ نظر نٿو اچي، جهڙو همعصر صوتياتي يا نيم صوتياتي رسم الخطن ۾ متوقع هوندو آهي“ (فارمر ۽ ساٿي 2004: 29-30)

فارمر ۽ سندس ساٿي پاڻ مڃين ٿا تہ ”ڪي سنڌو نشانيون مفرد لکتن ۾ ضرور ورجاءُ ڪن ٿيون، جن ۾ هڪ سٽ ۾ ڪيئي ورجاءُ هوندا آهن“. (ص 31).

بهرحال اهي اهڙي ورجاءَ واري شاهدي قبول نٿا ڪن ۽ چون ٿا ته: "انهن مختلف قسمن جي ورجائن جا ڪهڙا بہ بنياد هجن، اسان جي مقصد لاءِ وري بہ اهو نوٽ ڪرڻ اهم آهي تہ هن ۾ بي قاعدي يا بنا رٿا جي نظر ايندڙ ورجائڻ جو ڪو اشارو بہ نٿو ملي، جيئن لووين ۽ مصري هيروگلفيءَ جي يادگار رسم الخطن لاءِ مخصوص آهي (ص 36)





تصوير 1: ٽولمي ۽ ڪلوپيٽرا جا فرمان، مصري هيروگلفي ۽ انهن جو الٿو (جنهن ۾ ورجائڻ کي بولڊ ڪيو ويو آهي (پرپولا 1994 ص 41– تصوير 3.1)

پهرين تصوير ۾ ڪاري رنگ ۾ ڏاهيل هيروگلفي نشانين ۾ ٽولمي (Ptolemy) ۽ ڪلوپيٽرا (قلوپطره) جي فرمانن ۾ ورجائن جي نشاندهي ڪيل آهي، جيڪي مصري رسم الخط جي پاڃ ۾ فيصلہ ڪن عنصر هئا."

پر اهي ورجاءَ پنهي فرمانن جي لکتن کي گڏي پڙهڻ سان ملن ٿا. فارمر ۽ سندس ساٿي صرف هڪ فرمان واري لکت ۾ نشانين جي ورجاءَ جي ڳالهہ ٿا ڪن، ان صورت ۾ ٽولمي واري لکت ۾ صرف هڪ پيرو نشانيءَ جو ورجاءُ ٿيو آهي، جيڪا E جي (لاءِ مخصوص) نشانيءَ جي آهي ۽ هڪ سٽ ۾ هڪٻئي پٺيان آئي آهي، جيڪا فارمر ۽ ساٿين جي نظر ۾ 'بيقاعدي نظر ايندڙ' ورجاءُ ۾ نٿي ڳڻي سگهجي. ڪلوپيٽرا واري فرمان جي لکت ۾ ساڳيءَ ريت صرف هڪ نشانيءَ جو ورجاءُ ٿيو آهي، جيڪو باز جي شڪل واري نشانيءَ جو آهي جيڪا A (جي ترجمانيءَ) لاءِ آهي. انهيءَ کي ضرور بي قاعدي لڳندڙ ورجاءُ چئي سگهجي ٿو.

'پر' هڪ سنڌو لکت ۾ نشانيءَ جو ورجاءُ ٿئي ضرور ٿو سو بہ 'بي قاعدي نظر ايندڙ'، جيڪو فارمر ۽ ساٿين کي ڏسڻ ۾ نہ آيو آهي. اهڙو ورجاءُ ڏگهين مهرن (Bar-Seals) ۾ پڻ ڏسجي ٿو جن کي فارمر ۽ سندس ساٿي سنڌو رسم الخط واري مفروضي لاءِ فيصلہ ڪن سمجهن ٿا. هيٺ اهڙا تقابلي مثال ڏجن ٿا:

- موهن جي دڙي مان مليل ڏهن نشانين واري متن M-682 ۾ هڪ نشاني ٽن جاين تي ورجايل آهي ۽ ٻيون بہ نشانيون بہ بہ ڀيرا ورجايل آهن ۽ سيئي جدا جدا هنڌن تي آهن، يعني هڪ قطار يا سٽ ۾ ڪونہ آهن.



M-682 a

- موهن جي دڙي مان مليل M-634 ۾ هڪ نشاني ٽن جاين تي ورجايل آهي. فارمر ۽ سندس ساٿين اهو مثال ڏنو آهي، پر ان کي رد ڪيو آهي ڇو جو



M-634 a

سندن راءِ ۾، 'سج جي علامت' ظاهر ٿي ڪري تہ غير لساني علامتون موجود آهن. بيشڪ هيءَ نشاني سج جو گولو ڪرڻ سان ڏيکاري ٿي ۽ مون پاڻ بہ مشرق قريب ۽ بعد جي اهڙن هندستاني مثالن مان اهڙو اندازو بيان ڪيو هو

(ڏسو پرپولا 1994: 104، 106، تصوير 7.5، 110، 116، 117)



M-634 A

پر فارمر ۽ سندس ساٿين کي ڪيئن خبر پئي تہ هيءَ هڪ معمي واري نشانيءَ طور صوتياتي معنيٰ ۾ استعمال ڪانہ ٿي آهي؟ آخر ان جهڙي بي قاعدي ڏسجندڙ ورجاءَ کي ٿي تہ هنن صوتياتي استعمال جي ثابتي قرار ڏنو آهي!

• موهن جي دڙي مان مليل M-357 ڊگهي مهر (Bar-Seal) ۾ اٺ نشانيون آهن، هڪ نشاني ٻن مختلف جاين تي ورجايل آهي.

آءٌ فارمر ۽ سندس ساٿين سان متفق آهيان تہ هڪ سٽ يا قطار ۾ نشانين جو ٻہ ٽيرا اچڻ جو مقصد مقدار يا عدد ٻڌائڻ (Quantification) آهي (ڏسو فارمر ۽ ساٿي. 2004: 31) آءٌ نديڙين ٻن منهن وارين ٽڪين جي امڪاني ڪردار بابت پوءِ ڳالهائيندس. انهن جي هڪ طرف لکت ۾ هڪ U (انگريزي اکر) جهڙي نشاني آهي، جنهن کان اڳ ۾ اڀيون چار ليڪون هڪ کان چار تائين انگن لاءِ آهن: UI، UII، UIII، UIIII جيئن هڙپا مان مليل H-764 آهي. وري اها U جهڙي نشاني ٽي دفعا ورجايل آهي. UUU، جيڪا ظاهري طور VIII جي متبادل آهي، جتي III برابر آهي 3 جي، جيڪا عدد سان منسوب آهي (ڏسو پرپولا 1994-81). فارمر ۽ سندس ساٿي انگن جي نشانين جي عددي نسبت سان استعمال کان انڪاري آهن. سندن مطابق اهي ڪن مقرر تصورن لاءِ خودمختيار آهن، ايئن ستن ليڪن جو مطلب 'ست' (The Seven) هئڻ

گهرجي. بهرحال ڪن نشانين جي اڳيان مختلف عدد هڪ ٻئي جي جاءِ وٺن ٿا. انهن ۾ U جهڙي نشاني، واضح طور نسبتي استعمال ڏيکاري ٿي (ڏسو پرپولا 1994، 82-81؛ ۽ 120-تصوير 1-7.12)

فارمر ۽ سندس ساٿي گمان ٿا ڏيکارين تہ ٻين نشانين جي ورجاءَ جو مطلب سندن جادوئي ۽ سياسي قوت تي زور ڏيڻ آهي. اهي اهو نٿا ٻڌائين تہ اهڙو نشانين جو ورجاءُ ان لساني ورجاءَ جو عڪس بہ ٿي سگهي ٿو جيڪو دراوڙي (۽ ٻين هندستاني ٻولين) ۾ عام آهي، خصوصاً فطري آوازن جهڙا لفظ



(صوتي لفظ) يا گرامر جي اشارن وارا. جيئن سميري اسمن جا جمع (ڏسو پرپولا 1994-82). اهڙا بہ مثال آهن. جن ۾ 'هڪ گولي اندر ٽبڪي' واري نشانيءَ جو ورجاءُ ٿيل آهي، جنهن جو مطلب 'اک' بہ ٿي سگهي ٿو. دراوڙي

لفظ ڳن (KaN) معنيٰ 'اک' ۽ ڪا: ن (Ka:N) معنيٰ 'ڏسڻ' کي پيتي مون ان جي ورجاءَ کي جيڪا پڙهڻي ڏني آهي، ان ۾ ان کي مرڪب لفظ ڄاڻايو آهي: ڪن ڪا:ن (KaN -Ka:Ni)، تامل ۾ ان جي معنيٰ آهي نظر رکندڙ يا اوورسيئر (Overseer)، اهڙي معنيٰ جيڪا ٺهڪي ايندي هجي. مثلاً موهن جي دڙي (M-1382) جي هڪ ٺڪريءَ تي مهر جي نشان طور موجود آهي (ڏسو پرپولا 1994: 215، 275).



5. 'گم' ٿيل ڊگها متن (عبارتون) ڪڏهن هئا ئي ڪونه:

'سمورين پڙهيل تهذيبن ۾ ڊگها متن لکيا ويندا هئا، پر سنڌو ماٿريءَ ۾ هڪ به ڪونهي.' ان ڪري سنڌو 'رسم الخط' ڪو تحرير جو نظام ڪونهي. فارمر ۽ سنڌس ساٿي انهيءَ گهٽي ورجايل اندازي کي رد ٿا ڪن ته ڊگها متن ٿي سگهي ٿو ته چوڏن، ڪجيءَ جي پنن، چمڙي، ڪاٺيءَ يا سوٽي ڪپڙي تي لکيا ويا هجن، جيڪي صدين جي عرصي ۾ ڳري سڙي ويا هوندا. جيئن 1931 ۾ سر جان مارشل چيو هو. فارمر ۽ هن جا ساٿي اهو 'سنڌو رسم الخط جو مفروضو' مڃڻ لاءِ صرف ان صورت ۾ تيار آهن. جڏهن ڪو سنڌو متن گهٽ ۾ گهٽ 50 نشانين جيترو ڊگهو لڀي پوي.

'پر' جيتوڻيڪ فارمر ۽ هن جا ساٿي ائين ٿا ڳالهائين ڄڻ هن وقت متنن جو ذخيرو ئي سڀ ڪجهه آهي، جيڪو موجود هو پر اصل ۾ ائين ناهي. 2100 ڪان وڌيڪ سنڌو لکتون صرف موهن جي دڙي مان مليون آهن، حالانڪ ان شهر جو ڏهون حصو به ڪونه کوٽيو ويو آهي. فارمر ۽ ساٿين کي خبر ڪانهي ته هن وقت ڇا موجود آهي ۽ باقي شهر مان ڇا ملي سگهي ٿو. حالانڪ اهو به ممڪن آهي ته هاڻي به صرف فاني نه ٿيڻ جوڳو مواد ملندو

رهي، جهڙو اڳئي مليل آهي. ايسٽر آئلنڊ جون رونگو رونگو ٽڪيون 50 نشانيون ڪان ڏيکيون آهن، پر ڇا اها ڳالهه ان کي يقيني ٿي بنائي ته اهي صحيح معنيٰ ۾ 'تحرير' جي نمائندگي ڪن ٿيون؟

ڪوٽاين مان مليل ٻچن وارو ثبوت ڏيکاري ٿو ته عظيم/وسيع سنڌو ماٿريءَ ۾ پٿر ۽ ٽامي جي گڏيل (Chalcolithic) دؤر کان ڪپهه جي پوک ٿيندي آئي آهي ۽ هڙپا وارن جو سڀ کان وڏيڪ برآمدي اسم (Export Item) سوٽي ڪپڙو هوندو. تنهن هوندي به سوٽي ڪپڙي جا لکين ٽڪر موسمي سببن ڪري غائب ٿي چڪا آهن. سواءِ چئن نمونن جي جن ۾ ڌاتوءَ سان گڏ تمام سنهڙا ذرا (Microscopic Fibres) ڪپڙي جا محفوظ رهيا آهن (پوسيهل 2002- جدول 3.2 ۾ ٻين حوالن سان). سڪندر اعظم جو ائڊمرل نيئرڪس ذڪر ڪري ٿو ان 'ٿلهي اٽيل ڪپڙي' جو جنهن تي 325 ق. م. ۾ سنڌو (ماٿر) ۾ خط لکيا ويندا هئا. سنسڪرت ذريعا، جيئن 'يا: جڻولڪيا سمرتي' (Ya: jñavalkya-Smrti) (1319-1) ۾ به سوٽي ڪپڙي جو ذڪر آهي، (ڪا: ريا: سا:) پاڻا، جيڪو عيسوي سن جي شروع ۾ لکڻ جو مٽيريل هو پر سڀ کان آڳاٽو محفوظ مثال 13 صدي عيسويءَ جو آهي. (ڏسو: شوگنيشا مورٿي 1996: 46-45؛ سالومن 1998: 132)

راجا اشوڪ پٿر تي (ٿنڀن ۽ جبلن تي) ڏيکيون لکتون اڪر ذريعي لکرايون هيون، جيڪي سندس سموري وسيع سلطنت ۾ 260-250 ق. م. ۾ هيون. اهي محفوظ رهيون آهن. پر اشوڪ جي وقت ۾ به فاني/ڳرڻ جهڙين شين تي به عبارتون هونديون ۽ خود سنڌو ماٿريءَ ۾ 250 ق. م کان اشميند (Achaemenid) حڪومت به رهي آهي. اها ڳالهه پاڻينيءَ جي سنسڪرت گرامر (21، 2، 3) ۾ به لپي جي ذڪر سان معلوم ٿي آهي، جيڪو 400-35 ق. م. جو آهي. سنسڪرت 'لپي' قديم پارسي 'ڊپي' (اسڪرپٽ) مان ورتل آهي. چوڏن، ڪجهه جي پنن ۽ ڪاٺ جي تختين تي لکيل محفوظ رهجي ويل عبارتون ٻي صدي عيسويءَ جون آهن. جيڪي سينٽرل ايشيا جي خشڪ آبهوا مان آيل آهن (شِوَ گنيشيا مورٿي 1996-36-24، سالومن 1998: 131) اسين اهو نتيجو ڪيڍي ٿا سگهون ته ڪي عبارتون فاني شين تي ضرور ذڪڻ

ايشيا ۾ ايراني حڪومت کان 600 سالن تائين موجود هونديون. پر اهي محفوظ نہ رهي سگهيون. اهو 600 سالن جو عرصو بنا ڪن محفوظ لکتن جي سنڌو ماٿريءَ واري عرصي سان هڪجهڙائي رکي ٿو.

**6. سنڌو رسم الخط ۾ ڪو بہ ڳنڍيل/گڏي لکيل بدل ڪونہ اسريو۔ معنيٰ اتي ڪي بہ ڪاتب ڪونہ هئا:**

فارمر ۽ ساٿين جو ڇهون دليل ان مشاهدي تي ٻيڌل آهي تہ جتي ڪٿي عبارتون لکندڙ ڪاتب لکت کي ملائي گڏي لکڻ ڏانهن مائل هوندا آهن، پر سنڌو رسم الخط 600 سالن تائين رائج رهڻ باوجود تبديل ڪونہ ٿيو آهي ۽ ان ۾ ڪي بہ ڊگها متن ڪونہ مليا آهن. ان ڪري اتي ڪي لکندڙ ڪاتب بہ ڪونہ هوندا.

'پر' مصري هيروگلفيءَ تہ 3000 سالن تائين پنهنجون تصويري شڪليون محفوظ رکيون. مصر جون مختصر اسٽائيل ۾ پئپرس تي لکيل عبارتون پوءِ واري يادگار هيروگلفيءَ کان گهٽيون مختلف تہ آهن. مايا رسم الخط ۽ پوءِ جي يادگار لکتن ۾ فرق بہ ڪو ايترو وڏو ڪونہ آهي.

دراصل سنڌو نشانين ۾ ڪيتريون ئي شڪل جون (graphic) تبديليون آهن (پرپولا واري ڪتاب ۾ نشانين جي فهرست ڏسو (1924: 70-78 تصوير 5.1) ۽ منهنجي خيال ۾ اها تبديلي ان جي مورتگريءَ ۽ تصويرن کي سمجهڻ لاءِ اهم ڪنجي آهي. ٻئي طرف، پختي هڙپائي دؤر ۾ سنڌو لکت مڪمل معياري درجي تي پهتل آهي ۽ ان وقت تائين ان جي شڪلين ۾ آساني ۽ گڏي لکيل رسم الخط جي تخليق عمل ۾ اچي چڪي هئي.

**7. لکڻ جو ڪوبہ سامان ڪونہ مليو آهي:**

جيئن تہ ڪوتاين مان لکڻ ۾ مددگار ڪابہ شيءِ ڪانہ ملي آهي ان ڪري فارمر ۽ ساٿي اهو نتيجو ٿا ڪڍن تہ اتي ڪي لکندڙ ڪاتب هئا ئي ڪونہ ۽ نہ ئي ڪي ڊگهيون عبارتون هيون. سنڌو تهذيب تي مهارت رکندڙ ڇئن آثار قديمہ جي ماهرن چند لڌل شين کي لکڻ جو سامان ڪري سمجهيو آهي، پر هي فعال محقق اهو قبول نٿا ڪن.

'پر' سنهيون ڏاتوءَ جون ڏنديون، جهڙيون ذڪرُ هندستان ۾ ڪڇيءَ جي پٽن تي عبارتون لکڻ ۾ ڪم ايندڙيون هيون، ممڪن آهي تہ موجود رهيون هجن، پر زنگ کائي ڳري ويون هجن يا سڃاڻڻ ۾ نہ ٿيون اچن. هڙپا وارن ٽانون تي چٽيل سنڌو متنن (مثال Sktd3 جيڪا CISI-1، ص 392 تي سرڪوٽاڊا مان) ۽ چوڙين (CISI-2-Blk-C ص- بالاڪوٽ مان) مان اسان کي خبر پوي ٿي تہ سنڌو لوڪ لکڻ لاءِ برشن جو استعمال ڪندا هئا، جيتوڻيڪ اهڙا برش محفوظ نہ رهيا آهن يا سڃاڻڻ ۾ نٿا اچن. پر اتر هندستان ۾ ڪڇيءَ جي پٽن تي عبارتون برشن سان ٺهيل آهن. هڙپا مان مليل ڪجھ شين کي امڪاني طور لکڻ جي سامان طور سڃاتو (مئڪي 1938، ڊيلز 1967، ڪوشيني 1987 ۽ لال 2002) تازو ڇپايو ويو آهي ۽ انهن محققن مان بہ محقق تہ اڃا بہ فعال آهن.

8. سنڌو رسم لخط وارين نشانين اصل ۾ غير لساني (غير ٻولياڻي) علامتون آهن:

فارمر ۽ ساٿي (2004- 45) ڪنهن ٻوليءَ تي آڌار رکندڙ تحرير جي سرشتي بدران سنڌوءَ وارين نشانين کي "مذهبي ۽ سياسي علامتن جو نسبتاً سادو سودو نظام سمجهن ٿا، جنهن کي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري سگهجي."

ميسوپوٽيميا جي مورتي غير لساني علامتن کي خاص ڪري سنڌوءَ جي نشانين جي ويجهو ۽ برابر سمجهيو ويندو آهي، ڇو تہ اهي سنڌوءَ جي نشانين وانگر باقاعدي سٽن ۾ هڪ پختي ترتيب سان رکي سگهجن ٿيون.

'پر' ميسوپوٽيميا جي مهرن واري مورتگريءَ ۾ غير لساني علامتون گهڻو ڪري الڳ الڳ نشانين طور آهن، مثال طور انهن ديوتائن پرسان آهن، جن سان واسطو اٿن. تمام ٿورن متنن ۾ اهي ڏگهين سٽن ۾ ۽ خاص ترتيب سان ملن ٿيون، خصوصاً ڪتبن ۽ حدن وارن پٿرن (Kudurru) تي. سن 1600 ۽ 600 ق. م. جي درمياني دور ۾ ميسوپوٽيميا تہ هڪ پڙهيل تهذيب هئي ۽ حدن وارن پٿرن تي ديوين ديوتائن جي حساب سان انهن جون علامتون ميخي عبارتن ۾ ڳنڍي لکيل فارمولي مطابق لکيل هيون. اهي علامتون انهن ديوين ديوتائن جي نمائندگي ڪندڙ هيون، جيڪي انهن حدن جي حفاظت لاءِ سمجهيا ٿي ويا.

**9. سنڌو لوڪن ڪي ميسوپوٽيميا مان لکڻ بابت معلوم هو، پر ان کي شعوري طور اختيار نہ ڪيو ويو:**

آخر ۾، فارمر ۽ ساٿي پنهنجو پاڻ کان سوال ٿا ڪن تہ " فيصلہ ڪن سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ آخر هڙپا وارن 'لکڻ' ڇو نہ اختيار ڪيو، جڏهن تہ سنڌن واپاري طبقن ۽ حڪمران شاهوڪار طبقي کي بنا شڪ جي ان بابت ڄاڻ هئي، جو اهي تمام گهڻي پڙهيل ميسوپوٽيميا تهذيب وارن سان صدين کان لهہ وچڙ ۾ هئا (فارمر ۽ ساٿي، 2004: 44) انهن جو جواب اهو آهي تہ هڙپا وارن ڄاڻي واڻي 'تحرير' کي رد ڪيو، جنهن جو سبب رومي دؤر جي سيلٽڪ پادرين جهڙو ئي ڪو سبب هوندو جن هندستان جي ويدڪ برهمڻن وانگر نہ ٿي چاهيو تہ سنڌن مذهبي رسمن کي تحرير جي ڳجهہ ۾ رکيو وڃي. (فارمر ۽ ساٿي، 2004: 44)

'پر' اهو ممڪن ڪونهي تہ هڙپا وارن اهڙي ڪنهن سبب جي ڪري ماڳهين تحرير/لکڻ کي رد ڪيو هجي، ڇو جو لکڻ جو هرويرو اهو مطلب ڪونہ هو تہ ڪو ضرور پنهنجا ڳجها متن ظاهر ڪن، جن جي ڪنهن اندروني زباني طريقي سان بہ حفاظت ڪري ٿي سگهيا. بهرحال ان وقت بہ لکڻ پڙهڻ گهٽو ڪري محدود پيماني تي هوندو.

خود ميسوپوٽيميا ۾ ادبي متن، لکڻ جي فن جي ايجاد کان گهڻو پوءِ لکيا ويا. اهو بہ صحيح آهي تہ ڪي پيچيده سماج تحرير کانسواءِ بہ خوشحال بڻيا. مثال طور انڪن سلطنت (Incan Empire) ڳنڍيون ڏئل ڌاڳن ذريعي رابطي جو نظام ناهي استعمال ڪيو پر تحرير يقيناً اهڙا فائدا پهچائي ٿي، جن کي آسانيءَ سان خارج ڪري نٿو سگهجي.

اسين بہ اِنو هڪ سوال ڪري ٿا سگهون: آخر سنڌو رسم الخط تخليق ئي ڇو ڪيو ويو هو؟ منهنجي راءِ ۾ معاشي ۽ انتظامي سببن جي ڪري، جيئن قديم سميري رسم الخط هو. اهو ان حقيقت مان صاف پڌرو آهي تہ محفوظ رهجي ويل اڪثر لکتون مهرن جي نشانن/ٺپن ۾ آهن. جيڪي واضح طور تي واپار ۽ انتظام لاءِ ڪم آيل آهن (ڏسو پرپولا 1994: 113-116) پر صحيح فيصلي لاءِ سنڌو تهذيب جي ارتقا جي باري ۾ ڄاڻ هئڻ ضروري

آهي (اڳيان پوسيهل جي 2002 واري اڀياس جي بنياد تي هڪ مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو).

سنڌو سڀيتا/تهذيب، هند-ايراني سرحدي علائقن ۾ ڊگهي ثقافتي اوسر جي انتها سان وجود ۾ آئي. شروعات ڪان ٿي، هيءَ هڪ وڏي ثقافتي علائقي جي مشرقي سرحد هئي، جنهن جي هر طرف سڀ ڪان وڌيڪ مرڪزي زنده اثر، ميسوپوٽيميا جو اثر هو. مغربي ايشيا ۾ جانورن ڌارڻ ۽ پوٽن پوکڻ جو عمل 8000 ق. م. ۾ شروع ٿيو. اهو ڪاڏي جي پيدائش ۾ انقلابي عمل مغربي پاڪستان جي جابلو ماٿرين ۾ 7000 ق. م. ۾ پهتو. پٿر جي نئين دؤر واري مرحلي (Neolithic Stage) ڪان اٽڪل 7000-4300 ق. م. ڌاري ويهارو ڪن ننڍڙا ڳوٺ ملن ٿا، جيڪي گهٽو ڪري سمورا مٿانهين پٽ جي ماٿرين ۾ هئا، جتي ماڻهو رڍون، ٻڪريون ۽ ٻيو مال ڌاريندا هئا، اهي ڪڻڪ ۽ جَوَ پوکيندا هئا، جن کي گدامن ۾ محفوظ ڪندا هئا. ٿانوَ هترادو ٺهيل هئا ۽ انساني ۽ ڍڳي جون مورتيون، زرخيزيت جي عقيدي ڏانهن اشارو ڪن ٿيون. زيورن مان ننڍي پيماني تي مڪاني واپار جي خبر پوي ٿي.

ان کانپوءِ ٽامي ۽ پٿر واري دور (Chalcolithic Phase) ۾ اٽڪل 4300-3200 ق. م. ۾ ڳوٺن ۾ ڪيترن ئي هيڪٽرن (Hectares[1]) جيتري واڌ ٿي. آبادي اوڀر طرف سنڌوءَ ڪان اڳتي هندستان جي آڳاٽي سرسوتي نديءَ تائين پهتي، جنهن جو سبب منداٿتي لڏپلاڻ هئي. ٽامي جا اوزار ٺاهيا ويا ۽ چڪ تي ٿانوَ ٺهڻ ۽ چٽجڻ شروع ٿيا. ڏکڻ ترڪمانستان سان ۽ اتر ايران سان ڪاشيگريءَ (ڪنيارڪي ٺن) ۾ هڪجهڙايون ان وقت منجهن اچ وچ ۽ واپار ڏانهن اشارو ڪن ٿيون.

هڙپا جي شروعاتي دؤر ۾، اٽڪل 3200-2500 ق. م. ڌاري ڪئين نوان ماڳ وجود ۾ آيا، سنڌو ماٿريءَ ۾ پڻ اهڙا ماڳ وجود ۾ آيا، جنهن ۾ ساليانين بوڏن سبب ماحول ڪافي ڏکيو هو پر درياهه ۾ ايندڙ لٽ سان پنيون زرخيز ٿي ويندڙيون هيون. آن جا گڏيل گدام غائب ٿي ويا ۽ وڏا وڏا برتن/گنديون گهرن ۾ ظاهر ٿيون. ڪنيارن جا نشان ٻڌائين ٿا ته ذاتي ملڪيت جو تصور

---

[1] هڪ هيڪٽر ڏهه هزار چورس ميٽرن يا اٽڪل اڍائي ايڪڙن جي برابر ٿيندو آهي.

ابتدائي ڪان پختي هڙپائي دؤر ۾ وڃڻ دوران، وٽ (وزن) ۾ ماپون معياري بڻايل (standardized) هئا. جيڪا ڳالهه هڪ تمام اهم انتظامي قدم آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ مالي/معاشي وهنوار يا ڏيتي ليتي ضابطي ۾ هئي. پٿر جا چوڪور سنئي طرح تراشيل وٽ ٻن قسمن جي نظامن- ٻہ عددي (Binary) ۽ ڏهائي (Decimal) جي ملاپ کي ڏيکارين ٿا. انهن ۾:

$\frac{1}{16}, \frac{1}{8}, \frac{1}{4}, \frac{1}{2}$, 1 (=13g), 2, 4, 8, 16….., 800 واري نسبت نظر اچي ٿي.

2500 ق. م. تائين هڙپائي سماج ايترو تہ اثرائتو منظم ٿي چڪو هو جو اهو ڪيترائي وڏا منصوبا مڪمل ڪرڻ جي قابل هو. جيئن موهن جي دڙي وارو شهر ٺهڻ. اهو هيئانهون شهر گهٽ ۾ گهٽ 80 هيڪٽرن تي ائين پکڙيل هو جوان ۾ مقرر طرفن واريون گهٽيون ۽ ڍڪيل نالين/مورين جو چار وڇايل هو. ٻہ ماڙ وڏن گهرن مان ڪيترن ۾ غسل خانا ۽ کوهہ ٺهيل هئا. قديم دنيا ۾ واٽر-انجينئرنگ جو ڪو بيو اهڙو مثال نٿو ملي. شهر ۾ 700 کن کوهہ کوٽيل هئا، جن ۾ اهڙيون مضبوط سرون استعمال ٿيل هيون، جيڪي 5000 سالن ۾ بہ نہ ڊٺيون آهن. پاڻيءَ ذريعي آمدورفت جي ذريعن کي ائين تيار ڪيو ويو هو، جو ندين سان لڳو لڳ ڳرا وزن هڪ هنڌان ٻئي هنڌ کڻي وڃڻ ممڪن هو. ۽ نار/گلف واري خطي ۽ ميسوپوٽيميا سان سنڌو واپار شروع ڪرڻ ممڪن هو. تيهن کان مٿي سنڌو مهرون ۽ هڙپا جو ڪيترو سامان جهڙوڪ رنگين قيمتي پٿر (ڳاڙهي پٿر) جا موتي، مغربي ايشيا مان مليا آهن ۽ ڪيتريون ئي سنڌو مهرون واپار ۽ معيشت کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ استعمال ۾ هيون. انهيءَ ڳالهہ جي تصديق مٽيءَ جي ٽڪلين تي مهرن جي لڳل ٺپن مان ٿئي ٿي، جيڪي محفوظ رهجي ويون آهن، جن کي وڏين سامان جي ڳنڍڙين يا پيرين ۾ لٽڪايو ويندو هو جيئن انهن سان مالڪيءَ جي خاطري ٿي سگهي. انهن مٽيءَ جي ٽڪلين جي پنيان ڳنڍ ڏنل ڌاڳي يا ڪپڙي جا نشان بہ آهن. ان جهڙي ٽڪلي ميسوپوٽيميا مان بہ هڪ ملي آهي (ڏسو پرپولا 1994: تصوير 7.16) تقريباً هڪ سؤ اهڙيون مٽيءَ جون ٽڪليون گجرات جي ساحل وٽ لوٿل جي پورٽ واري شهر مان مليون آهن (ڏسو C151-1 ص 289-268). ان آڳاٽي دور ۾ شايد هڪڙو مال جو گُدام هو جنهن کي باهہ لڳل هئي، جنهن جي

ڪري ان ۾ اهڙيون تڪليون سڙي پڪيون ٿي محفوظ ٿي ويون هيون. انهن مان ڪيترين تي هڪ کان وڌيڪ مهرن جا نشان آهن. ڪن ۾ تہ چئن مختلف مهرن جا نشان بہ آهن. جيئن اهڙي هڪ متيءَ جي تڪلي k-89 هڪ بئي ماڳ ڪالي بنگن مان بہ ملي آهي. انهيءَ طريقي مان اندازو ٿئي ٿو تہ شايد شاهدين (Witnesses) جو استعمال بہ ٿيندو هو. اهڙا انتظامي طريقا اختيار ڪرڻ جو مطلب رڪارڊ رکڻ هوندو جن کي ميسوپوٽيميا جي معاشي تڪين (Tablets) سان ڀيٽي سگهجي. ڪنهن رجسٽر يا سرڪاري دستاويز جهڙا ڏگها متن اسان کي نٿا ملن. شايد ڪجهه جي پنن تي لکيا هوندا، يا سوٽي ڪپڙي ۽ ٻئي فاني مٽيريل تي هوندا، ان ڪري آبهوائي سببن ڪري زنده بچي نہ سگهيا.

مون اڳ ۾ نشانين جي ورجاءَ جي ڳالهہ ڪئي هئي، جنهن مان مراد ڳڻپ/شماريت هوندي. هڙپا جي ٻن مُنهن وارين تڪين جو شايد ڪو معاشي ۽ مذهبي رسمن وارو ڪم هوندو. موهن جي دڙي مان مليل تڪي M-478 جي ساڄي پاسي (ڏسو پرپولا 1994-109-712 تصوير ۾ CISI1: p 115). اسين هڪ پوڄا ڪندڙ کي هڪ وڻ اڳيان، جيڪو پڪ مقدس هوندو. گوڏن ڀر ڏسي سگهون ٿا ۽ تصوير ۾ بہ ايئن ٿو لڳي. ان سان گڏ جيڪا لکت آهي، ساڄي کان کابي پڙهڻ لاءِ، اها U جهڙي شڪل واري نشانيءَ سان شروع ٿئي ٿي ۽ بلڪل ان ڀيٽا واري ٿانءَ جهڙي ٿي لڳي، جنهن کان اڳ ۾ چار ليڪون آهن. جيڪي چئن جي عدد جي نمائندگي ٿيون ڪن. هڙپا جي اڪثر مهرن ۾ هڪ پاسي ڪجهہ بہ ڪونہ هوندو آهي، پر هن ٿانءَ جهڙي نشانيءَ جي اڳ ۾ هڪ کان چئن تائين ليڪون آهن. ڪن حالتن ۾، جيئن H-247 ۾ آهي. ٿانوَ واري نشاني هڪ گوڏن ڀر ويٺل پوڄاريءَ جي جهليل آهي، جيئن M-478 واري تڪيءَ واري منظر ۾ آهي. هڙپا ۾ ساڳي جاءِ تان ڪئين هڪجهڙيون تڪيون مليون آهن. ٿي سگهي ٿو تہ اهي تڪيون اهڙن ماڻهن ۾ ورهائيندا هجن. جيڪي ڀيٽا جو ڪو مخصوص مقدار آڻيندا هجن، ۽ رسيد طور کين اهي ڏيندا هجن تہ برابر مندر جي ادائگي ٿي وئي، يا وري ڀيٽا جي صلي طور حفاظتي تعويذ طور ڏيندا هجن. ٻنهي صورتن ۾

امڪان آهي تہ اهڙي ڏيتي ليتيءَ لاءِ پروهت ڪنهن قسم جو رڪارڊ رکندا هجن. هڪڙي ذڪر هندستان جي ڳوٺ ۾ جتي مون ڪجھ فيلڊ ورڪ ڪيو هو (ڪيرالا ۾ پنجل)، مون ڏٺو تہ ڪيئن هر هڪ گهر هڪ يا وڌيڪ ٿانون ۾ ساريون آٽي مقامي تهوار تي تبرڪ طور پيش ڪندا آهن، جنهن کي عام ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ مندر جا پروهت سنڀاليندا آهن.

## نتيجو

**سو سنڌو رسم الخط تحرير آهي يا نہ؟**

اسان ڏٺو تہ فارمر ۽ سندس ساٿين جون پيش ڪيل سموريون شاهديون، بي نتيجي آهن، انهن مان ڪابہ سندن ان مفروضي کي ثابت نٿي ڪري تہ سنڌو رسم الخط ڪا تحرير يا لکتي ڪانهي بلڪ صرف ڪي غير لساني يا غير ٻولياٿي علامتون آهن. "هڪ نسبتاً سادو مذهبي ۽ سياسي نشانين جو نظام، جنهن کي ڪوبہ چاهي تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري سگهي ٿو." (فارمر ۽ ساٿي 2004: 45)

هن سوال جي ڪري ڪجھ بين معاملن تي بہ غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. انهن مان هڪڙو معاملو آهي غير لساني علامتن جي نظامن بابت (ڪنيار جا ناهيل نشان' ۽ علامتون) جيڪي آڳاٽو 3300 ق. م. ۾ وجود رکندا هئا. نہ صرف اتر واري سنڌو ماٿريءَ ۾ پر بلوچستان، سيستان ۽ ڪرمان ۾ جيڪي ايراني مٿانهين پٽ ۽ ڏاکڻي ترڪمانستان جي وڏي دائري ۾ اچن ٿا. پر ان بابت فارمر ۽ سندس ساٿين ذڪر ڪونہ ڪيو آهي. (ڏسو وڊيل 2007)

انهن کان نسبتاً سادن غير لساني ڪنيارڪن نشانن جي ابتڙ، سنڌو رسم الخط ۾ مختلف نشانين جو تمام وڏو انگ آهي، تقريباً نشانيون گهڻو ڪري تمام صفائيءَ سان سٽن ۾ لکيل آهن. جيئن عموماً ٻولي سان لاڳاپيل رسم الخطن ۾ هوندو آهي. عام طور لکڻيءَ جو طرف ساڄي کان کاٻي طرف آهي، جيڪي عڪسي تصوير (Mirror Image) ۾ اڪريل آهن. ڪٿي ڪٿي مهر تي اکر ڪندڙ وٽ جاءِ کٽي ٿي پئي تہ اهڙي صورتحال ۾ سٽ جي آخر ۾ هن نشانيون ڳتيل نموني لکيون آهن تہ جيئن سٽ جي ترتيب خراب نہ

ٿئي. مثال طور M-66 موهن جي دڙي واري مهر ۾ ٻي سٽ جي اڪيلي نشاني يڪدم ان جاءِ جي بلڪل هيٺان لکيل آهي، جيڪا سوڙهي ٿي پئي هئي. ان ڪري آخري ٽن نشانين جي ترتيب بلڪل ساڳي M-12 موهن جي دڙي واري مهر جهڙي آهي.

پر سنڌو لکتن اندر ٻولي هئڻ واري نقطہ نظر کان اهم ترين خصوصيت تڏهن ظاهر ٿئي ٿي جڏهن اسين نشانين جي ورجاءَ کي مفرد لکتن تائين محدود نہ ڪريون، جيئن فارمر ۽ سندس ساٿين ڪيو آهي. حقيقت اها آهي تہ سنڌو نشانيون باقاعدگيءَ سان ورجاءَ واري ترتيب ۽ تسلسل جا تمام گهڻا مثال پيش ڪن ٿيون. M-66 ۽ M-12 جي آخري ٽن نشانين ۾ مٿي بيان ڪيل هڪٻئي پٺيان تسلسل ۽ ترتيب سنڌو لکتن ۾ لڳ ڀڳ سؤ ڀيرا آيل آهي، جيڪو گهڻو ڪري متن جي آخر ۾ آهي. هنن ٽن نشانين جي هڪ ٻئي پٺيان اچڻ جي ترتيب هميشہ ساڳي آهي ۽ اها ترتيب نون (9) مختلف ماڳن تان رڪارڊ ڪئي وئي آهي، جن مان بہ ڏکڻ ايشيا کان ٻاهر آهن. انهن مان هڪڙو ترڪمانستان ۾ ۽ ٻيو عراق ۾ آهي (ڏسو تصوير 2). جيڪڏهن سنڌو نشانيون محض غير لساني علامتون آهن، جيئن فارمر ۽ سندس ساٿي سمجهن ٿا، تہ پوءِ آخر ڪهڙي سبب اهي هميشہ ساڳي مقرر ترتيب ۾ لکيل آهن. ۽ آخر هيترين سارين مختلف جاين تي رهندڙ سنڌو لوڪن کي ڪيئن خبر هئي تہ ڪهڙي ترتيب ۾ علامتن کي لکڻو هو؟ ڇا هنن وٽ ترتيب جي چڪاس لاءِ ڪي جدا جدا فهرستون نهيل هيون؟ ۽ اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ اهڙي باقاعدي ترتيب جا سوين مثال آهن، جيڪي متنن ۾ ڪئين ڀيرا نروار ٿين ٿا. تصوير نمبر-2 جي مٿئين حصي ۾ لکيل پارنهن نشانين جو متن (جيڪو هڙپا جي اهڙين ساڳين ٽڪين ۾ بہ موجود آهي: (H-279 کان H-284 تائين، ڏسو CISI-1، ص 222-223 ۽ H-279 کان H-284، ڏسو: CISI-2) اهو ننڍين ننڍين ترتيبن (sequences) ۾ ورهائي سگهجي ٿو جيڪي سڀ ڪيترن ئي ماڳن تي مليون آهن (ڏسو تصوير-2)




تصوير- 2: سنڌو نشانيون جيڪي باقاعدي تسلسل ۽ ترتيب سان ڏسڻ ۾ اچن ٿيون ۽ مختلف ماڳن تان وري وري مليون آهن. جدول آسڪوپرپولا هن مثالي لاءِ تيار ڪئي آهي.

جيئن اهو ننڍڙو مثال ڏيکاري ٿو ۽ هونءَ بيءَ طرح بہ متنن جي باقاعدي بناوٽ ساڳي لساني فقرن (Linguistic Phrases) جهڙي آهي. سنڌو نشانيون بنا رٿا جي (Haphazardly) وجود نہ ٿيون رکن، پر سخت قاعدن جي پوئواري ٿيون ڪن. ڪي نشانيون عام طور متن جي آخر ۾ اچڻ لاءِ محدود آهن ۽ جيڪڏهن اهڙي ڪا نشاني لکت جي وچ ۾ بہ ٿي اچي تہ اها ڪنهن بار بار ايندڙ روايتن جي تسلسل ۽ ترتيب جو اختتام ٿي ڪري. ڪي بيون نشانيون صرف متن جي شروع ۾ اچڻ لاءِ مخصوص آهن، پر ڪن حالتن ۾ وچ ۾ يا پٺي ڪنهن هنڌ بہ اچن ٿيون. اهو سلسلو ائين هلندو رهي ٿو. (ڏسو پرپولا 1994: 101-86)

ڏکڻ هندستان جي سانر نالي وڏن پٿرن واري Mega Lithic واري دؤر جي ٿانون تي بنهہ اڻ لاڳاپيل لکت (Graffiti) ۾ ان جي ابتڙ نظر اچي ٿو (تصوير نمبر- 3 ڏسو). نشانيون ڪيترا ڀيرا گڏ ٿيون اچن، پر سندن ترتيب الڳ الڳ آهي. ڳالهہ اها ڪانهي تہ اهي ڪهڙي ترتيب ۾ آهن، پر غير لساني علامتن مان عام طور اها ئي توقع ڪري سگهجي ٿي. آءٌ نٿو سمجهان تہ وڏن پٿرن جي آڳاٽي دؤر جي رهڙيل لکت (Graffiti) ڪا صحيح مفهوم رکندڙ تحرير آهي، پر اهي محض غير لساني علامتون آهن.



تصوير -3: ڏکڻ هندستان جي تامل ناڊو جي وڏن پٿرن واري ماڳ سانر مان. ٺڪر جي ٿانون تي لکيل نشانيون. بينر جي ۽ سائوندرا راجن تان ورتل.

سنڌو نشانين جي هڪ ٻئي پٺيان ترتيب، ڏکڻ ايشيا ۾ پکڙيل هڙپائي سلطنت (Realm) ۾ هر هنڌ ساڳي آهي، جنهن مان اهو چئي ٿو سگهجي ته تحرير ۾ ڪا هڪ ئي ٻولي لکي وئي آهي. ان جي برعڪس مشرق قريب مان مليل سنڌو مُهرن تي اصلوڪين هڙپائي ۽ غير هڙپائي نشانين جي هڪٻئي پٺيان اچڻ واري ترتيب مختلف ملي ٿي، جنهن ۾ اها ترتيب مهر جي نموني موجب ملي ٿي، چوڪور مهرون ڏکڻ ايشيا لاءِ مخصوص آهن، گول مهرون نار واري پاسي (Gulf) ۽ ڊگهيون گول (Cylinder) مهرون ميسوپوٽيميا لاءِ مخصوص آهن. عام طرح ماڻهوءَ کي توقع هوندي آهي ته تصديق ٿيل سنڌو مهرون عموماً پنهنجي ئي علائقي جي آس پاس ملڻ گهرجن، پر سنڌو ماڻريءَ جي معاملي ۾ ائين ڪونهي. البت هڪ مشرق قريب مان مليل گلف/نار جي مهرن جهڙي هڪ گول مهر تي گڏيل قسم جي لکت ملي ٿي، جيڪا هن وقت برٽش ميوزيم ۾ رکيل آهي (BM120228) هن مهر ۾ سنڌو لکت ۾ پنج وري وري ايندڙ سنڌو نشانيون موجود آهن، پر هڪ جدا ترتيب اٿن. (ڏسو پرپولا 1994-تصوير 8.6)

هڙپا جا واپاري ايجنٽ جن گلف/نار ۽ ميسوپوٽيميا ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي، ٻه ٻوليون ڳالهائيندڙ (Bilingual) ٿي چڪا هئا ۽ مقامي نالا رکيل هئن، پر سندن ٻاهريان نالا سنڌو رسم الخط ۾ لکندا هئا ته جيئن هڙپا وارا اهي پڙهي سگهن. ميخي خط ۾ لکيل متن، حقيقت ۾ هڪ ڏورانهين ملڪ جو ذڪر ڪن ٿا، جنهن جو نالو 'ميلوها' (Meluha) هو جنهن کي گهڻو ڪري اڪثر عالم عظيم سنڌو ماڻريءَ برابر سمجهن ٿا ته ڏکڻ ميسوپوٽيميا جي هڪ ڳوٺ جو نالو به ميلوها آهي، جنهن جي رهاڪن جا خالص سميري نالا هئا.

فارمر ۽ ساٿين جي دعويٰ آهي ته سنڌو رسم الخط غير لساني علامتن جو هڪ نظام آهي، جنهن کي ڪنهن به ٻوليءَ ۾ سمجهي سگهجي ٿو. هو اهو به چون ٿا ته اهو اينڊريو رابنسن (2002:-30) واري تجويز ڪيل پراچين لکڻي (Proto-Writing) جي قسم سان تعلق رکي ٿو جنهن کي هو برفاني دؤر جي غارن واري فن (Ice Age Cave Art)، اميريڪين تصويري لکتن ۽ ڪيترين جديد رستن تي لڳل نشانين (روڊ سائينز) حسابي ۽ سائنسي علامتن ۽ موسيقيءَ جي نوٽيشن جهڙو سمجهي ٿو. ٻولي رکندڙ رسم الخط يا رابنسن جي

اصطلاح ۾ 'مڪمل تحرير' جو جنم لکيل علامتن جي صوتياتي بنجڻ سان ٿيو هوندو جنهن جو ذريعو عام تصويري معما (Rebus) يا منجهيل ڳجهارتون (Puzzles) ٿي سگهن ٿيون.

اڃو تہ پدن تي مشتمل لفظن (Logosyllabic) وارن رسم الخطن ۾ استعمال ٿيل تصويري معمن (Rebus) واري قاعدي کي سمجهون. گهڻو ڪري نشانيون اصل ۾ انهن شين يا خيالن جون تصويرون هيون، جن جي انهن نمائندگي ٿي ڪئي، پر تجريدي خيال مثلاً 'زندگي' جو اظهار تصويرن ۾ ڪرڻ مشڪل هوندو. ان ڪري ڪنهن تصويري لکت (Pictogram) يا تصور بابت لکت (Ideogram) جي معنيٰ ۾ پيش ڪيل شيءِ لاءِ مخصوص لفظ کي ان جي سيني هم آواز لفظن ۾ وڌائي چڏيو هوندائون. مثلاً سميري لکت ۾ 'تير' جي ڊرائنگ جو مطلب تير تہ هوئي، پر ان سان گڏ 'زندگي' ۽ 'پاسراتي' بہ هو ڇوجو اهي ٽئي لفظ سميريءَ ۾ هڪ ئي نموني اچاريا هئا. جيئن 'تي' (ti). هم آوازيت (homophony) لکڻيءَ يا تحرير ۾ استعمال کان گهڻو اڳ لوڪ ادب ۾ پنهنجو ڪردارادا ڪيو هوندو. سميري لفظ 'تي-پاسراتي' ۽ 'تي- زندگي' ۾ موجود تجنيس لفظي (هم آواز لفظ -Pun) سميرين جي جنت واري ڏند ڪٿا ۾ موجود آهي، جنهن ۾ بيمار ۽ مرندڙ پاڻيءَ جي ديوتا 'اينڪي' (Enki) جو علاج 'زندگي جي مالڪ' (Mistress) نن-تي (Nin-ti) ڪيو هو پر بائيبل ۾ لکيل ڏندڪٿا تہ: حوا آدم جي پاسراتيءَ مان خلقي وئي هئي، مان ڪو مطلب واضح نٿو ٿئي ڇوجو اصل تجنيس لفظي تہ ترجمي ۾ ڪٿي گم ٿي وئي آهي، عبرانيءَ ۾ 'پاسراتي' کي 'سيلا: س' (Sela:c) چيو ويندو آهي ۽ ان جو تعلق حوا جي عبراني نالي 'حوّا' سان ڪو ڪونهي، جنهن کي بائيبل ۾ 'سيني زندگين (زنده شين) جي ماءُ' (Mother of all Living) چيو ويو آهي (ڏسو پرپولا 1994: 102) اصل نڪتو اهو آهي تہ هم آوازيت اڪثر 'ٻوليءَ' سان مخصوص آهي، ان ڪري اهڙا تصويري معما (Rebuses) ٻوليءَ جي سڃاڻڻ ۽ صوتياتي پڙهڻيءَ ۾ مددگار ٿيندا آهن.

منهنجي 2005 ۾ ڪيل تنقيد جي جواب ۾ فارمر ۽ ساٿين زور ڏنو آهي تہ اهو تصويري معماتي (Rebus) قاعدو ڪيترن اهڙن علامتي نظامن ۾ بہ

ڪٿي ڪٿي استعمال ٿيو آهي، جيڪي ٻوليءَ سان ايترا مضبوطيءَ سان ٻڌل ڪونہ آهن. (3) مثال طور هنن تصويري معماتي تجنيسن جي استعمال سان خاص نالن جو حوالو ڏنو آهي، جيڪي هونءَ صاف صاف غير لساني رابطي واري پيغام رساني (Heraldry) نظام سان واسطو رکن ٿا. پر حقيقت ۾ ڪنهن بہ اهڙي قديم يا جديد علامتن واري نظام جي وصف اها آهي تہ اهو شعوري طور اهڙا تصويري معما (Rebuses) استعمال ڪندو آهي، جن کي گهٽ ۾ گهٽ، ٿورو ئي سهي پر صوتياتي طور پڙهي سگهجي ۽ ان کي ئي صحيح معنيٰ ۾ تحرير/ لکڻي ڪوٺي سگهجي ٿو.

جيڪڏهن رسم الخط انهن تصويري معمن (Rebuses) واري قاعدي موجب ان جي ڪن نشانين کي صوتياتي حوالو ڏي تہ ننڍڙا اسمي فقرا ۽ اڻپورا جملا بہ مڪمل تحرير سمجهي سگهجن ٿا. (ڏسو رابنسن 1995: 12). قديم سميريءَ کي هڪڙو مڪمل تحرير جو نظام سمجهيو وڃي ٿو، ڇو جو ڪڏهن ڪڏهن اهو تصويري معمن (Rebuses) واري تجنيس استعمال ڪري ٿو جيئن هڪ ٺڪيءَ تي هڪ اڪيلو لفظ 'جي' (gi) لکيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي موٽائي ڏيڻ (reimburse). (اهو هڪ نشانيءَ ذريعي اظهار جنهن ۾ هڪ جهنگلي ٻوٽي (weed) ڏيکاريل آهي، جنهن کي سميريءَ ۾ 'جي' چوندا آهن. ان سان هڪ اڻپورو فقرو ٺهيل آهي، جيڪو متن جو ئي هڪ ايڪو آهي (ڏسو رابنسن 2002: 26). پوءِ وارن دورن ۾ پڻ سميري خط ۾ پدي نشانين کان وڌيڪ هڪ لفظ تي مشتمل (logogram) نشانيون هيون. حالانڪ وقت گذرڻ سان صوتياتي نشانيون وڌنديون رهيون. جڏهن اڪادي ٻولي لکڻ لاءِ ميخي خط اختيار ڪيو ويو، تہ انهيءَ نظام کي بهتر ڪري سگهيا ۽ اهو رسم الخط تقريباً مڪمل صوتياتي ٿي ويو.

مصري رسم الخط 3000-3100 ق. م جي لڳ ڀڳ ڪيترين نندين نندين لکتن ۾ استعمال ٿيندو هو جن ۾ اڪثر صرف ٻہ نشانيون هونديون هيون. جنهن سان خاص نالا لکيا هئا. پر انهن ۾ هڪ وڏو سيڪڙو اهڙين تصويري معمن (Rebuses) طور استعمال ٿيندڙ نشانين جو هو. (ڏسو مثال Scholl-1951). بادشاهہ نارمر/نعرمر جو مشهور لکڻ جو تختو (Palette) جنهن تي مٿي بيان

جيڪي وڻ جي ٽڙ جي نمائندگي ڪن ٿيون. ڪجهءَ وارو نوريٽڙو انهيءَ حالت ۾ گهٽو ئي وقت گذاريندو آهي. ان ڪري سنسڪرت ۾ ان کي وڻ تي سمهندڙ (Tree Sleeper) سڏيو ويندو آهي. مهر جي متن ۾ اها نشاني هڪ ڳجهي معنيٰ رکندڙ تصوير (Rebus) واري معنيٰ رکي ٿي نه ڪي ان جي تصويري (Iconic) معنيٰ (منهنجي سمجهاڻيءَ لاءِ ڏسو پرپولا 1994: 230-229). ڇا فارمر ۽ ساٿي پنهنجي غير لساني مفروضي ذريعي انهيءَ نشانيءَ جي معنيٰ کي بهتر سمجهائي ٿا سگهن؟

نوٽ: هن ڪتاب ۾ جن تصويرن ۽ انهن جي نمبرن جا حوالا ڏنا ويا آهن، انهن لاءِ پرپولا جو ڪتاب ڏسڻ گهرجي(1994) 'Corpus of Indus Seals and Inscriptions'

## .وضاحتون

(1) هي مقالو "Scripts, Non-Scripts and (Pseudo) Decipherment" جي موضوع تي ٿيل ورڪشاپ لاءِ لکي پيش ڪيو ويو جيڪو لنگئسٽڪ سوسائٽي آف آمريڪاز لنگئسٽڪس انسٽيٽيوٽ جي رچرڊ اسپروٽ ۽ اسٽيو فارمر طرفان 11 جولاءِ 2007 تي اسٽيفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ ڪرايو ويو (http:/serramo.ai.uiuc.edu/2007/workshop) اهو ساڳيو چيناءِ (هندستان) جي روجا مٿياهه رسرچ لائبرريءَ ۾ 16 فيبروريءَ تي ڏنل ليڪچر ۾ به پڙهيو ويو. آءٌ پنهنجي موقعن تي سنڌو رسم الخط بابت ٿيندڙ بحث مباحثن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ گهرائڻ تي انهن جو ٿورائتو آهيان ۽ مون کي خوشي آهي ته هي مقالو منهنجي پراڻي دوست اِروٿم مهاديون جي اعزاز ۾ ڇپايو ويو آهي، جيڪو قديم لکتون پڙهڻ جو وڏو ماهر آهي.

(2) هن پيپر ۾ سنڌو متن سندن نمبرن سان (Corpus of Indus Seals and Inscriptions) مان ڪنيل آهن. (ڏسو حوالا)

(3) اسٽيفورڊ واري ورڪشاپ ۾ پڙهيل پيپرن جي تت مان مون کي اهو تاثر ٿو ملي ته انهن ٽن ليکڪن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو سندن اصل مفروضي تان پير پنيان ٿو ڪرڻ چاهي ۽ ان کي بدلائي بيو ڪجهه ڪرڻ ٿو چاهي.

(ڏسو: http://serrano.ai.uiuc.edu/2007/workshop/abstracts.html)

باقي فارمر ساڳي دعوي تي دهرائي ته "اهو نام نهاد سنڌو رسم الخط لساني مفهوم ۾ ٻولي رڪندڙ يا تحرير جو نظام ڪونهي، جيئن سمجهيو ويو آهي". وٽزل وري ائين لکيو آهي جڏهن ته مان ۽ ساٿين صرف اهو چيو هو ته سنڌو رسم الخط نشانين ۾ باقاعدگيءَ سان (Systematically) ٻولي نٿو رکي ۽ "انهيءَ لحاظ کان ان ۾ ڪي به مڪمل فقرا يا جملا ڪونه آهن". (مون واري ساڳي ڳالهه-پرپولا) وٽزل اهو به مڃي ٿو ته "سنڌو علامتن ۾ ڪي هم آواز لفظي تجنيسون (Punning) ٿي سگهن ٿيون يا ممڪن آهي ته جڏهن تازين ڪوجنائن جي ڳالهه ٿو ڪري ته به مون ڏانهن اشارو ائين، جو اهي ئي منهنجا اندازا آهن. جنهن ۾ مون چيو ته سنڌو مهرن ۾ مڪمل جملا ڪونه آهن، پر انهن ۾ تجنيس لفظي آهي. بهرحال جيڪڏهن وٽزل پنهنجو اڳ وارو سخت مؤقف بدلايو آهي ته مون کي خوشي آهي ته هاڻي مون سان سهمت آهي. جڏهن مون پنهنجا اهڙا تاثرات اسٽيفورڊ ۾ ظاهر ڪيا ته مائيڪل وٽزل مون کي يقين ڏياريو ته هو پنهنجي اصل دعوي تان ڪونه هٽيو آهي ۽ انهيءَ ڳالهه تي ئي قائم آهي ته سنڌو رسم الخط ۾ ڪا ٻولي موجود ڪانهي. (2007)

## حوالا:


* Banarjee, N. R., and Soundra Rajan, K. V. 1959. Sanur 1950 & 1952: A Megalithic site in District Chingleput. *Ancient India* 15: 4-42.

* Black, Jeremy, and Green, Anthony, 1992. *Gods, demons and symbols of ancient Mesopotamia: An illustrated dictionary.* Illustrations by Tessa Reckards. London: The British Museum Press.

* Boehmer, R. M.1975. Das Auftreten des Wasserbüffles in Mesopotamien in historischer Zeit und seine sumerische Benennung. *Zeitschrift für Assyriologie un Vorderasiatische Archaologie 64: 1-19*

* CISI = *Corpus of Indus Seals and Inscriptions.* 1987. Vol. 1: Collections in India, edited by Jagat Pati Joshi and Asko Parpola.

1991. Vol. 2: Collections in Pakistan, edited by Sayid Ghulam Mustafa Shah and Asko Parpola.

2008. Vol. 3: New material, untraced objects, and collections outside India and Pakistan. Edited by Asko Parpola, B. M. Pande and Petteri Koskikallio. Part 1: Mohenjo-daro and Harappa, in collaboration with Richard H. Meadow and Jonathan Mark Kenoyer. (Annales Academiae scientiarum Fennicae, B 239-241.) Helsinki: Suomalainen Tiedeakatemia.

* Dales, George F., Jr.,1967. South Asia's earliest writing – still undeciphered. *Expedition* 9 (2): 3 0-37. Parpola Asko
* Edzard, Dietz Otto, 1968. Die Inschriften der altakkadischen Rollsiegel. *Archiv für Orientforschung 22*: 12-20.
* Farmer, Steve, Richard Sproat & Michael Witzel, 2004. The collapse of the Indus script thesis: *The myth of a literate Harappan Civilization. Electronic Journal of Vedic Studies 11* (2): 19-57
* Gardiner, Alan, 1957. Egyptian *grammar. being an introduction to the study of hieroglyphs*. Third edition. London: Oxford University Press.
* Kharakwal, J. S., Y. S. Rawat and Toshiki Osada, 207. Kanmer: A Harappan site in Kachchh, Gujarat, India. Pp. 21-137 in: Toshiki Osada (Ed.), *Linguistics, archaeology and the human past*. (Occasional paper 2.) Kyoto: Indus Project, Research Institute for Humanity and Nature.
* Konishi, Masatoshi, 1987. Writing materials during the Harappan period. Pp. 213-217 in: B.M. Pande & B.D. Chattopadhyaya (eds.), *Archaeology and History: Essays in memory of Shri A. Ghosh*. Delhi: Agam Kala Prakashan.
* Lal, B.B. 2002. *The* Sarasvati *flwos on: The continuity of Indian culture*. New Delhi: Aryan Books International.
* Mackay, E.J.H.1938. *Further excavations at Mohenjo-daro*, I-II. Delhi: Manager of Publications, Government of India.
* Marshall, John (Ed.)1931. *Mohenjo-daro and the Indus Civilization, I-III*. London: Arthur Probsthain.
* Possehl, Gregory L. 2002. *The Indus Civilization: A contemporary perspective*. Walnut Creek, CA: Alta Mira Press. 1994. Deciphering *the Indus script*. Cambridge: Cambridge University Press. 2005. Study of the Indus script. *Transactions of the International Conference of Eastern* Studies *50:* 28-66.
* Robinson, Andrew, 1995. *The* story *of writing*. London: Thames and Hudson. 2002. *Lost languages: The enigma of the world's undeciphered scripts*. New York: McGraw Hill.
* Salomon, Richard, 1998. Indian *Epigraphy*. New York: Oxford University Press.
* Schott, Seigfried, 1951. *Heiroglyphen: Untersuchungen zum ursprung der schrift*. (Akademie der Wissenschaften und der Literatur [in Mainz], Abhundlungen der Geistes- und sozial wissenschaftlichen Klasse, Jahrgang 1950, Nr. 24.) Mainz: Verlag der Akademie der Wissenschaften und der Literatur.
* Shivaganesha Murthy, R. S.1996. Introduction *to Manuscriptology*. Delhi: Sharada Publishing House.
* Vidale, Massimo, 2007. The collapse melts down: A reply to Farmer, Sproat & Witzel. *East and West 57* (1-4): 333-366.

راجيش رائو، نشا ياڌو، مايئنڪ اين وهيا، رهشيڪيس جوگليڪر، آر اڏيڪاري ۽ اروتم مهاديون

# سنڌورسم الخط، پيغام رسانيءَ جي صلاحيت جي تورتڪ ۽ ٻولي: آر. اسپروٽ کي جواب

## سنڌو رسم لخط بابت بحث مباحثو

(Entropy, the Indus Script and Language: A reply to R. Sproat)

*سن 2004 ۽ 2005ع ۾ اسٽيو فارمر، رچرڊ اسپروٽ ۽ مائيڪل وٽزل پنهنجي هڪ مقالي ۾ (جيڪو هن ڪتاب جو پهريون مقالو آهي) سنڌو رسم الخط جي اندر ڪنهن ٻوليءَ جي وجود کان انڪار ڪندي ان کي غير لساني علامتن جو مجموعو قرار ڏنو ۽ سنڌو ماٿريءَ جي رهواسين جي پڙهيل لکيل هئڻ واري عالمن جي دعويٰ کي محض مفروضو ۽ هٿراڌو گهڙيل افسانو چئي، ان جي ننڌا ڪئي. ان مقالي سنڌو لکتن تي سالن کان ڪم ڪندڙ ماهرن کي جواب ڏيڻ تي مجبور ڪري وڌو جن ۾ آسڪو پرپولا، اروتم مهاديون، ڪينوائر، راجيش رائو ۽ ڪن ٻين باقاعدي دليلن سان بحث ڪيو. ان ڏس ۾ واشنگٽن يونيورسٽيءَ جي ڪمپيوٽر ۽ لسانيات جي ماهر راجيش رائو پنهنجي ٽيم سان گڏجي ڪمپيوٽر جي مختلف پروگرامن جي مدد سان سنڌو رسم الخط کي هڪ لساني رسم الخط ثابت ڪرڻ لاءِ تجربا ڪيا ۽ پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابيءَ جي دعويٰ ڪئي. جيڪا 2009ع ۾ آمريڪا جي مشهور "سائنس جرنل" ۾ شايع ٿي. انهيءَ مقالي جي رد عمل ۾ رچرڊ اسپروٽ 2010ع ۾ مٿن تمام سخت تنقيد ڪئي. ان ڪري راجيش رائو ۽ سندس ٽيم هڪ مقالي ۾ رچرڊ اسپروٽ ۽ سندس ساٿين کي دليلن سان جواب ڏيندي پنهنجا ڪمپيوٽر تي ڪيل تجربا ۽ حاصل ڪيل نتيجا ثبوتن سان پيش ڪيا. هي انهيءَ مقالي جو ترجمو آهي (ف. ح)*

فارمر 2005 ۾ ڇپرايو) انهيءَ مقالي ۾ دليلن جي ڊگهي فهرست آهي، جنهن سان هنن اهو ڇوڙ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ هو آخر ڇو سنڌو رسم الخط کي غير لساني ٿا سمجهن (انهن دليلن کي هو ثبوت ڪري ٿا پيش ڪن (فارمر 2005) ۽ اهو ٿا چون تہ اهو رسم الخط دراصل ٻولي نہ پر محض ڪن مذهبي ۽ سياسي علامتن جو مجموعو آهي.

اسپروٽ (1010) وري هاڻ لکيو تہ سندن دليل 'ڪيترن ئي آثار قديمہ جي ۽ لسانيات جي ماهرن قبول ڪيا آهن'. پر اهو ڪونہ ٻڌايو تہ ڪهڙن ماهرن اُن کي قبول ڪيو هو. حقيقت ۾ ڪيترن ئي محترم عالمن، جن ۾ نہ صرف اهي آهن، جن پنهنجي پيشيورانہ زندگين جا سمورا سال انهن علامتن کي پڙهڻ/پجڻ ۾ گذاري ڇڏيا. پر ٻين بہ ڪيترن پنهنجا سخت اختلاف ظاهر ڪيا آهن (پوسيهل 2004، ڪينوائر 2004، مهاديون 2009). ڪيترن تہ باقاعدي هر هڪ نڪتو کڻي انهن کي رد ڪيو آهي. جيئن پرپولا 2005، وڊيل 2009، ميڪنتوس 2008 ۾ ڪيو.

آسڪو پرپولا، جيڪو سنڌو لکت تي اهم ترين اثارتي سمجهيو ويندو آهي، لکيو تہ اسپروٽ ۽ ساٿين جي دليلن سان آسانيءَ سان اختلاف ڪري سگهجي ٿو ۽ پوءِ هو هنن جي هڪ هڪ دليل ۾ موجود گهٽتائين/غلطين جي نشاندهي بہ ڪري ٿو ۽ سندن دليلن خلاف ثبوتن سان بحث ڪري ٿو. وڊيل (Vidale)، جيڪو هڪ مشهور آرڪيالاجسٽ آهي، لکيو تہ فارمر ۽ ساٿين جو مقالو بار بار ورجايل مفروضن تي ۽ هوائي ڏُڪن تي ٻڌل آهي، جن کي 'سائنتفڪ شاهدي' ڪري پيش ڪيو ويو آهي، جن جي پيشِ نظر ميڪنتوس نتيجو ڪڍيو آهي تہ: "آءٌ سنڌو نشانين جي سرشتي جي غيرتحريري هئڻ بابت هنن جي مقالي ۾ ڪا بہ قابل قبول سائنسي پيشڪش نٿو ڏسان، تنهنڪري مون کي ڪنهن بہ ريت (سنڌو رسم الخط جي ٻولي هئڻ بابت) مفروضي جو ڌهڻ نظر نٿو اچي". (وڊيل 2007، صفحو 362)

### 3. غلط فهمين جو حل ٿيڻ (Fallacies Resolved):

"غلط فهمين" جي عنوان سان مقالي جي هڪ حصي ۾ اسان جي 'سائنس' رسالي ۾ 2009 ۾ ڇپيل مقالي (رائو ۽ ساٿي- 2009a) ۾ اسان

جيڪو سنڌن 2004 ۾ پيش ڪيل مفروضي جي خلاف ثبوت ڏنو آهي، اسپروٽ 1010 ۾ ان تي تيڪا ٽپڻي ڪئي آهي. اسان پنهنجي مقالي ۾ چيو هو تہ سنڌو رسم الخط ۾ جيڪا مشروط قسم جي پيغام رسانيءَ جي صلاحيت آهي، اها بين لساني ترتيبن سان هڪجهڙائي رکي ٿي. اسپروٽ پاران لکيل مقالي مان اهو تاثر ملي ٿو تہ اسان جنهن هڪجهڙائيءَ جي ڳالهہ ڪريون ٿا اهو بہ محض هڪ قسم جو دليل آهي، پر ايئن ڪونهي. اسان صرف اهو ٻڌايو هو تہ اسان جا نتيجا لساني مفروضي بابت شاهدين ۾ ان وقت واڌارو آڻين ٿا، جڏهن اسين انهيءَ رسم الخط ۾ بين بولين واريون ساڳيون لساني خاصيتون بہ ڳوليون ٿا. (ڏسو تفصيلي سمجهاڻي اڳتي)

اسان جي طرفان ڪيل ڪم تي سنڌس تنقيد کي نهڪائڻ لاءِ اسپروٽ اها تصوير نمبر I پيش ڪري ٿو، جيڪا اسان سائنس جرنل ۾ ڏني هئي، پر ساڳئي مقالي ۾ تصوير نمبر- 2 ۾ پيش ڪيل نتيجن جو ذڪر نٿو ڪري، نہ ئي وري ڪو اسان جي تازو ئي ڪيل تحقيق (Block Entropy Result) (Rao 2010a) بابت ڪجهہ چوي ٿو، حالانڪہ ان پيپر جو حوالو ڏنو بہ اٿس (ان جا نوان نتيجا مشروط پيغام رسانيءَ جي ڳڻپ ۽ تورتڪ کي اڳتي وڌائين ٿا). انهن پنهي نتيجن ۾ ڏنل ڊيٽا ۾ غير لساني ترتيبن کي بہ شامل ڪيو ويو هو جن ۾ ڊي اين اي (DNA) پروٽين ترتيبون (Protein Sequences) ۽ فورٽران ڪوڊ (Fortran Code) جي ڊيٽا بہ شامل هئي. اسان پنهنجي ڪم کي هڪ سادي تجربي طور پيش ڪيو هو جنهن ۾ بنا رٿا يا بي قاعده نموني آندل متن شامل ڪيا هئاسين، جنهن کي هنن دوستن تمام غلط نموني پيش ڪيو آهي.

انهيءَ غلط پيشڪش کي درست ڪرڻ لاءِ اسان تصوير نمبر-1 ۾ بلاڪن Block واري پيغام رسانيءَ (Block Entropy) جي حساب يا تورتڪ جا نتيجا ڏنا آهن. (رائو جي 2010 واري پيپر مان). بلاڪ پيغام رسانيءَ جي ڳڻپ (Block Entropy) دراصل شينن جي ڳڻپ (Shannon's Entropy) جي اصول تي ٻڌل آهي، جنهن بابت هن 1948ع ۽ 1951 ۾ لکيو هو ۽ ان کانسواءِ خود رائو ۽ سنڌس ساٿين (اسان) جي ڪمپيوٽر ۾ استعمال ڪيل مشروط

ڳُڻپ آهي، جنهن ۾ اسان N وارين علامتن جي بلاڪن تي تجربا ڪيا هئا. ان جو فارمولو هي آهي:

$$H_N= - \sum_i p_i^{(N)} \log p_i^{(N)}$$

جنهن ۾ Pi(N) دراصل N علامتن جي ترتيبن (بلاڪن) جا امڪاني مظاهرا آهن. اهڙي طرح N-1 بلاڪن جي تورتڪ هڪ سادي قسم جي هڪ اکر (Unigram) جي تورتڪ آهي ۽ N=2 وري ٻه- اکري (Bigrams) تورتڪ آهي. اهڙيءَ ريت بلاڪن جي تورتڪ هڪ فائديمند طريقو آهي، ڇو جو ان سان نحوي قاعدن تحت لچڪ کي سامهون رکي ترتيبن جو تجزيو ڪري سگهجي ٿو (شمٽ ۽ هرزل 1997). جيترا سخت اصول هوندا، اوتري گهٽ تعداد ۾ نحوي طور درست گڏيل علامتون هونديون ۽ پيغام رسانيءَ جي صلاحيت جو حساب (Entropy) به گهٽ هوندو. علامتن ۾ اهڙو لاڳاپو ۽ سٽن جي اندر (Sub-linear) HN ۽ N جي واڌ جي خبر پوي ٿي (مثال $H_2 < 2H$)

تصوير نمبر 1(b) ۾ بلاڪن واري تورتڪ لاءِ مختلف قسم جي علامتن جون ترتيبون ڪنيون ويون، ڇو جو بلاڪ جي سائيز N =1 کان N=6 تائين وڏڻ سان فرق پوي ٿو. (ان مان سنڌو لکتن مان 1550 سٽن ۽ 7000 نشانين جو اچڻ ڏيکاريو ويو جيڪو ڪجهه گهٽ هو، ڇو جو سنڌو ڪاريس (فهرست) ۾ گهٽ انداز ۾ هو. اسان Bayesen Entropy واري ٽيڪنيڪ استعمال ڪئي، جنهن کي NSB Estimator (Nemenman, Shafer and Bialek 2002) چوندا آهن. جنهن سان تورتڪ جا سنا نتيجا نڪرڻ جو امڪان هوندو آهي.

جيئن تصوير نمبر 1(b) ۾ ڏسي سگهجي ٿو سنڌو متنن جي بلاڪن جي پيغام رسانيءَ واري صلاحيت جو حساب قدرتي/فطرتي ٻولين جي مختلف نمونن سان ويجهڙائي رکي ٿو بنسبت گهٽ مُرتب يا بنا ترتيب وارن مثالن جي. ان ڪانسواءِ Fortran واري ڪمپيوٽر پروگرام ۾، موسيقيءَ جي ترتيب ۾ (بيٿووين واري ترتيب سوناتا نمبر 32)، ٻن حياتياتي ترتيبن ۾ DNA ۽ Proteins جي ترتيبن کي ڪنيوسيين. حياتياتي ۽ موسيقيءَ جي حساب/تورتڪ ۾ سنڌو رسم الخط ۽ قدرتي ٻولين جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ پيغام

رسانيءَ جي صلاحيت آهي. فورٽران ڪوڊ لاءِ گهٽ تعداد ۾ بلاڪن جي ڳڻپ ملي ٿي. چا تصوير نمبر (b)1 ۾ بلاڪن واري ڊيڪاريل پيغام رسانيءَ جي صلاحيت واري حساب جي ٻوليائي يا لساني نظامن سان هڪجهڙائي 'ثابت' ڪري ٿي ته سنڌو رسم الخط لساني آهي؟ اسين ائين نٿا سمجهون بلڪ اسين ته مڪمل پاڇ به نٿا سمجهون. ها پر ان سان اهو به نٿو ثابت ٿئي ته اهو رسم الخط ڪو غير لساني آهي. جيئن اسپروٽ، فارمر وغيره هرويرو ان کي 'ثبوت' چئي پنهنجي 'غير لساني رسم الخط ' واري مفروضي جي صحيح هئڻ جي دعويٰ ڪئي هئي. اسين رڳو اها دعويٰ ٿا ڪريون ته جيئن اسان 'سائنس' جرنل واري پنهنجي مقالي ۾ سمجهايو هو ته تصوير نمبر (b)1 ۾ سنڌو رسم الخط جي پيغام رسانيءَ واري صلاحيت بابت ٿيل تورتڪ سان اسان جي سنڌو لکت جي لساني هئڻ واري ثابتيءَ کي ٽيڪ ملي ٿي ته سنڌو لکت جي اندر ٻوليءَ وارين لساني خصوصيتن جي موجودگي ظاهر ٿي آهي.

تنهن هوندي به اسپروٽ، لبرٽين ۽ شازلي (2009) ۾ وري اسپروٽ ان پيغام رسانيءَ جي صلاحيت جي مشروط تورتڪ (Conditional Entropy) ۾ هڪجهڙائي کي پنهنجي ليکي ٻوليءَ جو اشارو سمجهڻ کان انڪاري آهن ۽ ان خلاف مصنوعي مثال ڏين ٿا (مثلاً Zipfian ورهاست)، ان سان گڏ ٻٽن اکرن (Bigrams) جي مشروط خودمختياريءَ کي به پيش ڪن ٿا. پهرين ڳالهه ته اهڙي مشق ۾ بنيادي نڪتو رهجي ٿو وڃي: جيئن مٿي چيو ويو ته اسين اها ساڳيائپ پنهنجي ليکي ٻوليءَ واري شرط لاءِ ڪافي نٿا سمجهون. ٻيو ته اهي 'اختلافي مثال' ان حقيقت کي نظر انداز ٿا ڪري ڇڏين ته هڪ اکري (Unigram) يا ٻه اکري (Bigram) نشانين جي پيغام رسانيءَ جي صلاحيت بلڪل مختلف ٿي سگهي ٿي ۽ اها ڳالهه سنڌو رسم الخط توڙي ٻين لساني نظامن سان ساڳيءَ ريت لاڳو ٿئي ٿي. جيئن تصوير نمبر 1 ۾ 'سائنس' جرنل ۾ ڏنل S1 ۾ آهي. ان کان وڌيڪ اهو ته اهي مصنوعي مثال بلاڪ اينٽراپين (تورتڪ) جا پيمانا (Scales) سنڌو رسم الخط ۽ ٻين لساني نظامن ۾ موجود هڪ اکرين ۽ ٻه اکرين نشانين کان اڳتي ناڪام رهن ٿا.

تصویر نمبر ـ1:



**4. اخذ ڪيل مفهوم (Inductive Inference) :**

(b)1 ۾ حاصل ڪيل نتيجن کي پيغام رسانيءَ جي صلاحيت ۽ مشروط صلاحيت جي تورتڪ موجب سمجهائڻ لاءِ اخذ ڪيل (inductive) طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي (نہ ڪي انوماني (deductive) طريقو جيئن اسپروٽ وارن ڪيو آهي). جيئن تہ اسين سنڌو رسم الخط جي وجود مان ان وقت تائين ان سوال جو جواب نہ ٿا ڏئي سگهون تہ "ڇا سنڌو رسم الخط ٻوليءَ جي نمائندگي ڪري ٿو؟" جيستائين اهو پڙهيو نہ ٿو وڃي، ان ڪري اسين وري ان کي انساني علمي مسئلي طور حل ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون، جيڪو (Bayesian) رسمي طريقي سان قائم ڪيل نسبتن واري فارمولي ذريعي حل ٿي سگهي ٿو.

سنڌو رسم الخط بابت مختلف تجربن ذريعي[1] نتيجا حاصل ڪري اسان هي خاصيتون نروار ڪيون آهن:

**(i) سڌين ليڪن ۾ هئڻ (Linearity):** سنڌو لکتون سڌين ليڪن (سِٽن) ۾ لکيل آهن، جيئن لساني رسم الخطن جي اڪثريت ۾ هوندو آهي (بنسبت غير لساني نظامن جي جن ۾ بواءِ اسڪائوٽ جا ٻلا/ٻئج، وچئين دؤر جي هٿيارن واري لکت يا هاءِ وي ايئرپورٽن وارين علامتن وغيره جا نظام جن جو اسپروٽ ۽ ساٿي گهڻو ذڪر ڪن ٿا.)

**(ii) طرف جو تعين هئڻ (Directionality):** هن رسم الخط ۾ هڪ طرف هئڻ جا چٽا ثبوت موجود آهن: گهڻو ڪري متن ساڄي کان کاٻي پاسي لکيل آهن. اها هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهن کي ان ڳالهہ مان ثابت ڪري ٿو سگهجي تہ ٿانون تي لکيل نشانين ۾ کاٻي پاسي جاءِ جي گهٽتائيءَ سبب نشانيون وڏيڪ ڳتيل يا هڪ ٻئي مٿان لکيل آهن (لال 1966). طرف جو تعين لساني نظامن جي عام هر هنڌ هڪ جهڙي (Universal) خاصيت آهي، پر غير لساني نظام ۾ ضروري ڪونهي (جيئن بواءِ اسڪائوٽ وغيره جي نشانين ۾).

---

[1] هتي ڪمپيوٽر پروگرامن ۽ خالص ڪمپيوٽر جي اصطلاحن ۾ بيان ڪيل تجربن کي ترجمو ڪونہ ڪيو ويو آهي. ڪمپيوٽر جي چاڻ رکندڙ محقق مٿو سنٿون نيٽ تي اهي پڙهي سمجهي سگهن ٿا. (www.cs.washington.edu/homes/rao)

**(iii) ماترائن يا اعرابن جو استعمال:** سنڌوءَ واريون علامتون اڪثر ڪري نشانين مٿان، چوڌاري يا ان جي اندر واڌو لڳايل نشانن سان تبديل ٿيل آهن. ڪڏهن وري وڌيڪ علامتون هڪ ٻئي سان ڳنڍي (ligatured) هڪ نئون اڪريل اکر ٺاهيل آهي. اها ڳالهه ساڳي لساني رسم الخطن جهڙي آهي، جن ۾ پوءِ وارا هندستاني رسم الخط به اچي وڃن ٿا، جن ۾ اهو ڳنڍڻ ۾ هيٺان، مٿان يا چوڌاري ماترائون (اڙيون وغيره) لڳائي ڪنهن بنيادي وينجن يا سر جي علامت جي آواز ۾ تبديلي ڪئي ويندي آهي.

**(iv) زيف منڊلبروٽ قاعدو (Zipf Mandlebrot Law):** هيءُ رسم الخط زيف منڊلبروٽ قاعدي جي پوئواري ڪري ٿو جيڪو درجيوار ڊيٽا جي بنياد تي ورهاست جو مضبوط قاعدو آهي، جنهن کي ٻوليءَ جي لاءِ ضروري شرط (حالانڪ مڪمل نه) سمجهيو ويندو آهي. (ياڌو ۽ ساٿي 2010)

**(v) نحوي بناوٽ (Syntactic Structure):** هي رسم الخط ٻوليءَ جهڙي نمايان ۽ مخصوص جوڙجڪ ڏيکاري ٿو جنهن جي بيهڪ جي ترجيح ۾ علامتن جا برابر گروهه هجن ٿا، اهي علامتن جا گروهه ابتدائي يا آخري علامتن طور ڪم ڪندڙ جهڳٽن وغيره تي مشتمل آهن، جيڪي متن ۾ خاص جاين والاريندا آهن. (هنٽر 1934، پرپولا 1994، ياڌو ۽ ساٿي 2008a ۽ 2008b) اها جوڙجڪ ننڍڙن متنن تورڙي 17 علامتن وارن ڊگهن متنن ۾ ظاهر آهي.

**(vi) گهڻ رخو استعمال (Diverse Usage):** اهو رسم الخط وڏي تعداد ۾ مختلف ذريعن/ ميڊيم (جهڙوڪ مهرن، ٽڪين، ٺڪر جي ٿانون، ٽامي جي پليٽن، اوزارن، مٽيءَ جي ٽڪلين ۽ هڪ وڏي بورڊ) تي استعمال ٿيل آهي، جنهن مان اهو چئي سگهجي ٿو ته لساني رسم الخطن وانگر ان جو گهڻ رخو استعمال ٿيندو هو ان جي نسبت غير لساني نظامن ۾ (مثلاً ٺڪر تي، ديوتائي علامتن ۽ حد جي پٿرن وغيره ۾) اهي صرف ڪنهن هڪ قسم جي ميڊيم تائين محدود آهن.

**(vii) ڌارين ملڪن ۾ استعمال (Use in foreign lands):** سنڌو لکتون ميسوپوٽيميا ۽ ايراني نار جهڙن دور دراز ديسن ۾ به لڌيون آهن. انهن لکتن ۾ مخصوص ساڳيون نشانيون استعمال ٿيل آهن، جهڙيون سنڌوءَ واري علائقي ۾ ٿيل آهن، پر انهن جي هڪٻئي پٺيان ترتيب ۾ فرق آهي. جيئن تصوير

1(c) ۾ ڏيکاريل آهي. هنن ٻاهرين متنن ۾ سنڌوءَ وارن متنن جي پيٽ ۾ هڪجهڙائيءَ جو امڪان گهٽ آهي. جيڪو سنڌوءَ واري سموري علائقي ۾ ڦهليل علائقائي فرقن کي سامهون رکڻ باوجود ڪٿي نٿو سگهجي. (ڏسو تصوير (c)1 ۾ غلطين واري بار [راٿو ۽ ساٿي (2009b، 2010b)]. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٻين لساني رسم الخطن وانگر، اهو سنڌو رسم الخط ايترو تہ گهڻ رنگو (versatile) هو جو ان ۾ مختلف مضمونن ۽ موضوعن کان سواءِ ٻين ٻاهرين علائقن جي مختلف ٻوليءَ جي نمائندگي ڪرڻ جي صلاحيت بہ هئي.

اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکو تہ اسان کي ڪنهن غير لساني نظام جي ڪابہ هڪ خاصيت (مثال زيف واري ورهاست) ۽ ٻئي نظام ۾ وري مختلف خاصيت (ڳنڍي لکڻ واري) ملي سگهي ٿي، پر غير لساني نظام ۾ مٿي بيان ڪيل سڀئي خاصيتون هڪ ئي وقت نٿيون ملي سگهن. مٿين خاصيت ۾ هڪ واڌو خاصيت تصوير نمبر 1(b) واري ملائي سگهجي ٿي تہ سنڌو رسم الخط پيغام رسانيءَ جي صلاحيت واري ساڳي ڳٽپ جي درجيبندي رکي ٿو. جهڙي لساني نظامن ۾ هوندي آهي.[2] ان سان اسين تصوير 1(b) واري خاصيت لاڳو ڪري سگهون ٿا تہ سنڌو لکت پيغام رسانيءَ واري صلاحيت جو انداز اهو ئي ڏيکاري ٿي. جيڪو لساني نظامن ۾ هوندو آهي. ان لاءِ [مهاديون (2009) پرپولا (2008) وڊال (2007) پاران ڏنل] اهو نڪتو بہ جوڙي سگهجي ٿو تہ آثارِ قديمہ جي شاهديءَ موجب سنڌو سڀيتا ثقافتي طور سڌريل هئي، ٻين ترقي يافتہ سماجن سان رابطي ۾ هئي ۽ واپار ۽ ٻين مقصدن لاءِ ان رسم الخط جو وسيع استعمال ثابت ٿئي ٿو. انهن ڳالهين مان هن رسم الخط جي لساني هئڻ جو امڪان غير لسانيءَ جي پيٽ ۾ گهڻو وڌيڪ آهي. اسان وٽ هن وقت جيڪا ڊيٽا آهي، ان جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو تہ سنڌو لکت لاءِ ايئن چوڻ وڌيڪ درست آهي تہ اهو ٻولين جو رسم الخط آهي نہ ڪي ڪنهن مفروضي جي ڍهڻ جو بيان- (فارمر، اسپروٽ ۽ وٽزل 2004). اهڙي ڳالهہ ڪرڻ سان بعد ۾ لساني مفروضي جي امڪان کي ئي ختم ڪرڻ مناسب نہ آهي.

---

[2] هن ڪانپيوٽر جي ڏکين اصطلاحن ۾ پنهنجو نقطہ نظر ثابت ڪرڻ جا دليل ڏنا ويا آهن ۽ فارمولن سان سمجهايو ويو آهي.

ايجا اهو رسم الخط پڙهيو ئي نہ ويو آهي تہ پوءِ اهڙي ڳالھ ڪرڻ ناممڪن آهي. ڪيترن ئي ماهرن، ڪيترن مختلف طريقن سان حساب لڳائي ان رسم‌الخط جي پيغام رسانيءَ واري صلاحيت جو اندازو لڳايو آهي.

5. قديم غير لساني نظامن سان ڀيٽ:

اسپروٽ ۽ سندس ساٿي تصوير 1(b) ۾ ڪٿيل پيغام رسانيءَ جي صلاحيت جي هڪجھڙائيءَ کي 'بيڪار' چون ٿا. سو بہ بنا قديم غير لساني نظامن جي اهڙي ڪنهن تجزيي جي، جيئن اڳ ۾ چيوسين تہ اسپروٽ ان حقيقت کي وساري ڇڏيو آهي تہ اسان نتيجن ۾ اڳئي غير لساني نظامن کي بہ شامل ڪيو هو جيئن ڊي اين اي ۽ پروٽين جون ترتيبون يا انسانن جون ٺاهيل ٻيون ترتيبون (فورٽران ڪوڊ ۽ موسيقي.. جيئن تصوير 1(b) ۾ آهن).

اسين انهن نتيجن کي ڪارآمد سمجھون ٿا. مثال طور توهان ڪنهن جهنگل ۾ هجو ۽ سخت اوندھ ۾ توهان کي ڪا پٽاپٽي شيءِ چرندي پرندي ڏسڻ ۾ اچي تہ توهان جو ڌيان ڇيتي ڏانهن ويندو پر اصل ۾ اهو زيبرا بہ ٿي سگھي ٿو تہ ڪو پٽاپٽي ڪپڙا پاتل ماڻهو بہ ٿي سگھي ٿو. اهڙا ڪئين امڪان ٿي سگھن ٿا. ان ۾ اوهان جي مشاهدي کي 'بيڪار' تہ نٿو چئي سگھجي، ڇو جو اوهان اجا پڪ ڪانہ ڪئي آهي تہ جهنگل ۾ موجود هاٿين ۽ ڦاڙهن کي پٽيون ٿينديون آهن يا نہ!... ٻين لفظن ۾ اسان کي هاڻي خبر پئجي وئي آهي تہ قدرتي ترتيبن مان ڊي اين اي ۽ پروٽين ۽ انساني تخليق مان موسيقيءَ ۽ فورٽران ۾ ڪيتريون مختلف پيمانن ۾ ورهايل صلاحيتون پيغام رسانيءَ لاءِ موجود آهن جيڪي لساني نظامن کان جدا آهن (تصوير 1(b) ان معلومات جي بنياد تي. سنڌوءَ وارين علامتن جي ترتيب کي ڏسو تہ اها ساڳي لساني نظامن واري پيغام رسانيءَ جي صلاحيت رکي ٿي. ان مان ممڪن آهي تہ اهو ثابت نہ ٿيندو هجي تہ سنڌو رسم الخط لساني آهي، پر آئيندي لاءِ اهڙي امڪان کي هٿي ضرور ملندي تہ اهو لساني مفروضو درست آهي. جيئن پٽاپٽي شيءِ ڏيکارڻ سان اڳتي هلي 'ڇيتي' جي هئڻ جو امڪان بہ ٿي سگھي ٿو. جتي قديم غير لساني نظامن جا پيغام رسانيءَ وارا پيمانا (تصوير 1(b)) موجود آهن. اسين انهن بابت اڳئين حصي ۾ بحث ڪري سگھون ٿا.

6. بي انداز غير لساني نشانين جا نظام Countless Non-Linguistic Sign System:

هي ڪجهه دليل ڪمپيوٽر جي فارمولن سان ڏنل آهن. اسپروٽ ۽ ساٿين جو چوڻ آهي ته سنڌو رسم الخط ۾ موجود خاصيتون ببن تمام گهڻن غيرلساني نظامن ۾ ڏسجن ٿيون (فارمر، اسپروٽ ۽ وٽزل 2004). اچو ته انهن غير لساني نظامن کي جاچيون. قرون وُسطيٰ جي يورپ جي عسڪري لڪت، بواءِ اسڪائوٽ جا بئج ۽ ايئرپورٽ/هاءِ ويز جون علامتون سڌين ليڪن ۾ بيهاريل ڪونه آهن، جيڪي 17 علامتن تائين ڏکيون هجن. جيئن اسان کي سنڌو رسم الخط ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو نه ئي وري انهن ۾ لڪٽيءَ جهڙيون ڪي خاصيتون ملن ٿيون، جيڪي مٿي بيان ڪيون ويون آهن. اسين پڙهندڙن کي دعوت ٿا ڏيون ته عسڪري علامتن (پارڪر 1894)، بواءِ اسڪائوٽن جي بئجن يا بلن (بواءِ اسڪائوٽس آف آمريڪا 2010) ۽ ايئرپورٽ ۽ هاءِ ويز جي علامتن جي ترتيبن کي سنڌو رسم الخط جي تصوير 1(a) جي ترتيب سان ڀيٽي ڏسن ۽ پاڻ ئي فيصلو ڪن ته آيا اهڙي ڀيٽ ڪرڻ مناسب آهي!

اسپروٽ (2010) طرفان هڪ ٻيو غير لساني نظام ونسا نشانين وارو ٻڌايو ويو آهي، جيڪو ٺڪر جي ٿانون ۽ ٻين هنري نمونن تي نهيل آهي، جيڪي 4000-6000 ق. م. ۾ ذڪر اوله يورپ جي ونسا ثقافت (Vinca Culture) مان مليا آهن. اسپروٽ چوي ٿو ته ان ۾ هڪ قسم جي ترتيب آهي ۽ اهو به ٿو سمجهي ته اسان ون (Winn) جو غلط حوالو ڏنو آهي. رڪارڊ جي درستيءَ لاءِ اسين ون جي مقالي جي باب Sign Groups (ون 1990، ص 269) مان ٽڪرو هتي ٿا ڏيون:

> "انهن نشانين جي گروهن ۾ نه ته نشانين جي ترتيب ۽ نه ئي طرف بابت ڪجهه ڪجهه چئي سگهجي ٿو: عام طور اهڙي تنظيم جي اڻهوند مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته ترتيب ۾ باقاعدگي شايد ايتري اهم نه هئي. . ننڍڙن ٿانون تي به نشانن جا جمگٽا آهن (تصوير 12.2) جيڪي بي ترتيب رکيل آهن."

ان سان اسپروٽ (2010) جي ڳالهه جي نفي ٿئي ٿي ۽ اهو معلوم ٿئي ٿو ته ونسا نظام ۾، جيڪڏهن نشانين جي ترتيب ۾ بي قاعدگي آهي ته پوءِ ته

اها پيغام رسانيءَ جي وڌ ۾ وڌ صلاحيت (Max. Ent.) واري چئبي بنسبت تصوير (b)1 ۾ موجود لساني رسمالخطن جي.

بدقسمتيءَ سان اها تنظيم يا ترتيب جي کوٽ پيغام رسانيءَ واري صلاحيت طور نٿي ڳڻي سگهجي ڇو تہ انهيءَ ونسا جي ترتيب جي ڪا وڏي ڊيٽا موجود ئي ڪانهي.

اسپروٽ ميسوپوٽيميا جي حدن وارن پٿرن (kudurrus) تي ديوين ديوتائن جي اڪريل تصويرن ڏانهن بہ ڌيان ڇڪائي. هو چوي ٿو تہ اسان جو انهن پٿرن جي لکتن واري ترتيب وارو بيان 'غلط' آهي. ان تي وڌيڪ روشني وجهڻ لاءِ اسان هتي بين ڪيترن عالمن جا حوالا ڏئي سگهون ٿا. سلاسڪي (2003). انهن حدن وارن پٿرن جي شڪل ۽ ڪارج بابت گهرو مطالعو ڪيو آهي، هو لکي ٿو:

"ديوتائي نشانين جي درجيوار بيهارڻ جو عمل ڏسي ڪنهن حد تائين چئي سگهجي ٿو تہ اهي نشانيون انهن ديوين ۽ ديوتائن جي ڏرمي حيثيت مطابق انهن سان منسوب پٿرن تي لڳايون ويندڙيون هيون. وڏي مرتبي وارن ديوتائن ۽ ديوين جون علامتون اڪثر ڪنهن يادگار جي مٿئين يا نمايان حصي تي لڳل مليون آهن. گهٽ رتبي وارين ديوين ديوتائن کي هيٺين ميدان تي لڳايل آهي."

اهڙو ساڳيو بيان، انهن پٿرن وارين علامتن بابت بلئڪ ۽ گرين (1992) وٽ بہ ملي ٿو. پڙهندڙان ڳالهہ سان اتفاق ڪندا تہ لساني نظامن جي پيٽ ۾ اهڙيون مذهبي علامتن جون ترتيبون ڪونہ هونديون آهن. لساني نظامن ۾ اکرن يا لفظن تي اهڙي ڪا پابندي ڪانهي ۽ انهن ۾ اها لچڪ هوندي آهي تہ ڪنهن ترتيب ۾ اهي ڪهڙي جاءِ تي رکجن. ان ڪري جيئن اڳ ۾ چيو ويو تہ انهن پٿرن وارين ترتيبن ۾ پيغام رسانيءَ جي صلاحيت، لساني نظامن کان گهٽ هوندي ۽ گهٽ ۾ گهٽ (Min. Ent.) کان شايد ٿورو فرق هجي. اهڙين علامتن جو ڪو وڏو انگ مليل ڪونهي ان ڪري وڌيڪ ڪاٿا لڳائي نٿا سگهجن.

اسپروٽ جو چوڻ آهي تہ ڪنهن بہ ماڻهوءَ قديم غير لساني نظامن جي ڊيٽا گڏ ڪرڻ جي لاءِ محنت نہ ڪئي آهي. ايئن هو وِدال (2007) جي ڪم کي نظر انداز ڪري رهيو آهي، جنهن اهڙن ڏهن نظامن جي جاچ گڏ ڪئي هئي. وِدال اسپروٽ ۽ ساٿين جي طرفان غيرلساني نظامن بابت خيال جي صحيح هئڻ تي سوال ٿو اٿاري. چو جو اهي نظام نہ تہ ساڳئي دور جا آهن نہ ئي ساڳئي جاگرافيائي خطي مان آهن، جيئن سنڌو رسم الخط آهي. ان غلطيءَ کي صحيح ڪرڻ لاءِ وِدال ڏهہ سينٽرل ايشيا ۽ ذڪرڻ ايشيا جا اهڙا غير لساني نظام ڏنا، جيڪي سنڌو رسم الخط جا ٿلهي ليکي همعصر هئا. (جدول-1، وِدال 2007). وڏيڪ مناسب غير لساني نظامن ڏيڻ لاءِ وِدال چوي ٿو تہ مختلف نشانين جو سراسري عدد اٽڪل 44 آهي، جيڪو سنڌوءَ جي 400 جي لڳ ڀڳ نشانين کان گهٽو گهٽ آهي.

ڇا سنڌو رسم الخط ۾ ملندڙ بيهڪ جون هڪجهڙايون بي انداز غيرلساني نشانين وارن نظامن ۾ بہ ملن ٿيون (فارمر اسپروٽ ۽ وٽزل 2004)؟ وِدال چوي ٿو تہ آثارِ قديمہ جي ڊيٽا انهيءَ سطحي دعوي تي سواليہ نشان آهي (وِدال 2007). سنڌوءَ جي همعصر 10 غيرلساني نظامن ۾ بيهڪ جون هڪجهڙايون يا تہ بنهہ خارج ٿي وڃن ٿيون (جيئن ڪنيرن جا چٽ جن ۾ نشانيون ايڪڙ بيڪڙ ملن ٿيون ۽ گڏ نہ ٿيون ملن) يا اهي هڪجهڙايون هڪ قسم جو "وڌو فضول سلسلو" آهي (مثال ساڳين علامتن جو لاڳيتو ورجاءُ). اهڙا نظام قسم نمبر-2 وارن غيرلساني نظامن ۾ رکي سگهجن ٿا، جيڪي اسان 'سائنس جرنل' واري مقالي ۾ ڏيکاريا هئا (رائو ۽ ساٿي 2009a) جيڪي گهٽ ۾ گهٽ پيغام رسانيءَ جي صلاحيت (Min. Ent.) رکن ٿا، جيڪا تصوير 1(b) ۾ آهي. بنسبت سنڌو رسم الخط ۽ لساني نظامن جي.

7. لساني ۽ غير لساني مفروضن ۾ لکل مفهوم (Implication of the Linguistic and Nonlinguistic Hypothesis):

جيڪڏهن سنڌو لکت ۾ واقعي ڪا ٻولي لکل آهي تہ پوءِ لکتن جي اندر ڪهڙو مفهوم هوندو؟ سنڌوءَ وارين لکتن جي اڪثريت ٽِن جي مهرن

(Stamp Seals) تي ملي ٿي (تصوير نمبر 19) جيڪي ڪنجهي واري دور (Bronze Age) جي ثقافتن ۾ خصوصي طور واپار کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ استعمال ٿينديون هيون. سامان جي ڳنڍڙين يا پرين کي سيل ڪري مٽيءَ جي ٽڪلين تي نپي هڻڻ جي ڪم اينديون هيون. اصل ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي مٽيءَ جون ٽڪليون سنڌو سڀيتا جي مختلف ماڳن تان مليون آهن، جن تي هڪ پاسي مهر جو نپو لڳل آهي ۽ ٻئي پاسي اٽيل ڪپڙي يا ڪکن جي يا تاندورن جي ٺهيل ڪنهن بوريءَ يا ڳوڻ وغيره جو نشان آهي. اهڙن قديم آثارن جي مشاهدي سان خبر پوي ٿي ته سنڌوءَ جي مهرن تي ننڍڙا متن (تصوير I-a) ڪنجهي جي دور جي اهڙن مثالن وانگي، جن شين جي نمائندگي اهي ڪن ٿا، موڪلڻ واري هنڌ يا منزل جو نالو واپار لاءِ موڪليل سامان جو مقدار يا قسم، موڪليندڙ جو يا مالڪ جو نالو يا اهڙي گڏيل معلومات آهي. ساڳئي قسم جون لسانياتي وضاحتون ٻين شين تي لکيل متنن بابت به ڪري سگهجن ٿيون.

هاڻي جيڪڏهن ٻئي طرف، جيئن اسپروٽ ۽ سندس ساٿين چيو آهي، اهو رسم الخط محض ڪن مذهبي يا سياسي علامتن جي نمائندگي ڪري ٿو ته اسان کي مجبوراً اها وضاحت ڪرڻي پوندي ته آخر:

(1) ڪيئن ۽ ڇو انهن علامتن جي هڪ ٻئي پٺيان رکيل ترتيب، نحوي اصولن سان، شمارياتي ڳڻپ موجب (Entropically) لساني رسم الخطن جهڙي آهي (تصوير I-b) جيڪي واپار ۾ اهڙي طريقي سان استعمال ٿيل آهن جهڙو طريقو ڪنجهي واري دور جي پڙهيل لکيل ثقافتن سان تمام گهڻي هڪجهڙائي رکي ٿو؟

(2) آخر ڇو سنڌو لوڪ انهن علامتن کي پنهنجي علائقي ۾ هڪڙي ترتيب سان ٿا استعمال ڪن ۽ ٻين ٻاهرين سرزمينن تي انهيءَ ترتيب کي بدلائي ٿا ڇڏين (تصوير I-c). جيئن ٻين عالمن چيو آهي (مهاديون 2009، پرپولا 2008، وديل 2007). ڇو ته ان قسم جون بناوٽون مٿئين نڪتن ۾ عام رواج مطابق آهن، ته پوءِ ان سان اسپروٽ ۽ ساٿين جي غير لساني مفروضي جي ڪهڙي حيثيت ٿي رهجي وڃي؟

اسان کي اهڙو بيان حيران ڪن ٿو لڳي، ڇو جو اهو بيان 'ڪمپيوٽيشنل لنگئسٽڪس' ۾ تازو متاثر ڪندڙ ڪاميابين کي مڃتا ڏيڻ کان انڪار ٿو ڪري ۽ پريس ۾ ان جي حاصلات بابت مليل پذيرائيءَ کان ناواقف آهي (فليچر 2010)، جنهن جا لوهر ۽ مارڪوف (2010) اهڙا ٻه تازا مثال آهن. قديم رسم الخطن کي سمجهڻ لاءِ ڪمپيوٽيشنل لنگئسٽڪس وڏو ڪردار ادا ڪري رهي آهي (ڪوشيني 1981، نائيٽ ۽ يمدا 1999، رائو ۽ ساٿي 2009a، 2009b، ياڌو ۽ ساٿي 2010، سنائڊر بارزلي ۽ نائيٽ 2010). بجاءِ ان جي جو ڪمپيوٽيشنل لنگئسٽڪس جي 'طريقن جي غلط استعمال جي نمائندگي ڪجي، هن ميدان جون ٽيڪنيڪس ظاهر ڪجن. جيڪي اڃا تائين پڙهي نہ سگهيل (Undeciphered) رسم الخطن جي جوڙجڪ ۽ ڪارج بابت نئين روشني وجهي رهيون آهن. جيئن سنڌو رسم الخط جي سلسلي ۾ ٿيو آهي. مثال طور اسان کي خبر آهي تہ سنڌو رسم الخط ۾ ملندڙ هڪ قسم جون ساڳيون ڳالهيون (regularities) شمارياتي ماڊلز ذريعي استعمال ڪري، پڙهڻ ۾ يا سمجهہ ۾ نہ ايندڙ يا ڪٽل لکتن کي سمجهي سگهجي ٿو يا امڪاني اڳڪٿيون ڪري سگهجن ٿيون (رائو ۽ ساٿي 2009b، ياڌو ۽ ساٿي 2010). سنڌو لکت جي تازي (n-gram) تجزيي مان ظاهر ٿيو آهي تہ اهڙين نشانين ۾ دلچسپ انحصار (dependencies) آهن. جيڪي ٻئين نشانين کان بہ اڳتي وڃن ٿا (ياڌو 2010). ٻيو تہ هنن شمارياتي ماڊلن ذريعي سنڌو لکتن جي مغربي ايشيا ۽ سنڌوءَ واري علائقي ۾ ملندڙ لکتن ۾ فرق کي ظاهر ڪري ڳڻپ ۾ آندو ويو آهي (تصوير 1-c). جنهن سان اهو ظاهر ٿيو آهي تہ اهو رسم الخط ايترو لچڪدار هو جو مختلف موادن کي، يا جدا جدا علائقن جي ڌارين ٻولين جي بہ نمائندگي ڪري ٿي سگهيو. لڳ ڀڳ ڇئن ڏهاڪن کان ڪمپيوٽيشنل لنگئسٽڪس جي طريقن ۽ تصورن جي استعمال سان سنڌو رسم الخط تي ٿيندڙ تحقيق کي تمام گهڻو فائدو ٿيو آهي (ڪوسڪينيمي، پرپولا، پرپولا، پرپولا 1970، ڪوسڪينيمي 1981 ۽ پرپولا 1994) اسان کي يقين آهي تہ ڪمپيوٽيشنل لنگئسٽڪس (حسابي لسانيات) مستقبل جي سالن ۾ بہ سنڌو رسم الخط تي تحقيق ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي رهندي

وضاحتون:

1. لاڳاپا: آر.پي.اين راڻو: ڊپارٽمينٽ آف ڪمپيوٽر سائنس اينڊ انجنيئرنگ، واشنگٽن يونيورسٽي، سيئٽل امريڪا. اين ياڊَو ۽ ايم.اين واهيا: ڊپارٽمينٽ آف ايسٽرانامي اينڊ ائسٽروفزڪس، ٽي آءِ ايف آر، ممبئي، ڀارت. ايچ جوگليڪر، 14 ڏس وادي، نڪرواڙ ممبئي، ڀارت. آر. اڊيڪاري: دي انسٽيٽيوٽ آف ميٿيميٽڪل سائنسز چناءِ، ڀارت. آءِ. مهاديون: انڊس ريسرچ سينٽر، راجا موٿيا رسرچ لائبريري، چناءِ، ڀارت.

2. ڪن اندازن جي بنياد تي، آئيندي جي امڪانن ۾ واڌاري جو شمارياتي ڪاٿو لڳائي سگهجي ٿو جيئن تصوير 1(b) واري نتيجي مان پڙهندڙن کي سڌارٿن (2009) پڙهڻ گهرجي.

حوالا:


* Black and Green1992, Black, Jeremy and Anthony Green. 1992. *Gods, Demons and Symbols of Ancient Mesopotamia*. British Museum Press, London.

* Boy Scouts of America2010, Boy Scouts of America. 2010. Introduction to merit badges. http://www.scouting.org/scoutsource/BoyScouts/AdvancementandAwards/MeritBadges.aspx.

* Farmer2005, Farmer, Steve. 2005. Simple proof against the 'Indus script'. http://www.safarmer.com/indus/simpleproof.html.

* Farmer, Sproat, and Witzel2004. Farmer, Steve, Richard Sproat, and Michael Witzel. 2004. The collapse of the Indus script thesis: The myth of a literate Harappan civilization. *Electronic Journal of Vedic Studies*, 11(2):19-57.

* *Fletcher2010, Fletcher*, Owen. 2010. Microsoft mines web to hone language tool. *Wall Street Journal*, August 3. http://online.wsj.com/article/SB10001424052748703545604575406771145298614.html.

* Hunter1934, Hunter, Gerald. 1934. *The Script of Harappa and Mohenjodaro and its connection with other scripts*. Kegan Paul, London.

* Kenoyer2004Kenoyer, Mark. 2004. Quoted in (Lawler 2004), page 2026.

* *Knight and Yamada1999Knight, Kevin and Kenji Yamada. 1999. A computational approach to deciphering unknown scripts*. Proc. of ACL

* *Workshop on Unsup. Learning in Natural Lang. Processing*.

* Knorozov1968, Knorozov, Yuri et al. 1968. *Proto-Indica: Brief Report on the Investigation of the Proto-Indian Texts*. Academy of Sciences of the USSR, Moscow.

* Koskenniemi1981, Koskenniemi, Kimmo. 1981. Syntactic methods in the study of the Indus script. *Studia Orientalia*, 50:125-136.

* Koskenniemi, Parpola, and Parpola1970, Koskenniemi, Seppo, Asko Parpola, and Simo Parpola. 1970. A method to classify characters of unknown ancient

scripts. *Linguistics*, 61:65-91.
* Lawler 2004,The Indus script: Write or wrong? *Science*, 306:2026-2029.
* Lal1966, Lal, B. B. 1966. The direction of writing in the Harappan script. *Antiquity*, XL:52-55.
* Lee, Jonathan, and Ziman2010, Lee, Rob, Philip Jonathan, and Pauline Ziman. 2010. Pictish symbols revealed as a written language through application of Shannon entropy. *Proceedings of the Royal Society A*, 466:2545-2560.
* Lempel and Ziv1976, Lempel, Abraham and Jacob Ziv. 1976. On the complexity of finite sequences. *IEEE Transactions on Information Theory*, 22:75-81.
* Liberman2009, Liberman, Mark. 2009. Conditional entropy and the Indus script. http://languagelog.ldc.upenn.edu/nll/?p=1374.
* Lohr and Markoff2010, Lohr, Steve and John Markoff. 2010. Computers learn to listen, and some talk back. *New York Times*, June 24. http://www.nytimes.com/2010/06/25/science/25voice.html.
* Mahadevan1977, Mahadevan, Iravatham. 1977. *The Indus Script: Texts, Concordance and Tables*. Archaeological Survey of India, Calcutta.
* Mahadevan2009, Mahadevan, Iravatham. 2009. The Indus non-script is a non-issue. *The Hindu*, May 3. http://www.hindu.com/mag/2009/05/03/stories/2009050350010100.htm.
* McIntosh2008, McIntosh, Jane. 2008. *The ancient Indus valley: new perspectives*. ABC CLIO, Santa Barbara, California.
Nemenman, Shafee, and Bialek2002, Nemenman, Ilya, Fariel Shafee, and William Bialek. 2002. Entropy and inference, revisited. In *Advances in Neural Information Processing Systems 14*, pages 471-478. MIT Press.
* Parker1894, Parker, James. 1894. A glossary of terms used in heraldry. http://www.heraldsnet.org/saitou/parker/gallery/Page.html.
* Parpola1994, Parpola, Asko. 1994. *Deciphering the Indus script*. Cambridge University Press, New York.
* Parpola2005, Parpola, Asko. 2005. Study of the Indus script. *Proceedings of the International Conference of Eastern Studies*, 50:28-66.
* Parpola2008 ,Parpola, Asko. 2008. Is the Indus script indeed not a writing system? In *Airavati: Felicitation volume in honor of Iravatham Mahadevan*, pages 111-131. Varalaaru.com publishers, India. http://www.harappa.com/script/indus-writing.pdf.
* Pereira2009, Pereira, Fernando. 2009. Falling for the magic formula. http://earningmyturns.blogspot.com/2009/04/falling-for-magic-formula.html.
* Possehl1996, Possehl, Gregory. 1996. *The Indus Age: The Writing System*. U. of Pennsylvania Press.
* Possehl2004 Possehl, Gregory. 2004. Quoted in (Lawler 2004), page 2028.
* Rao2010a,Rao, Rajesh. 2010a. Block entropy analysis of the Indus script and natural languages. http://www.cs.washington.edu/homes/rao/BlockEntropy.html.
* Rao2010b, Rao, Rajesh. 2010b. Probabilistic analysis of an ancient undeciphered script. *IEEE Computer*, 43(4):76-80.
* Rao et al. 2009a,Rao, Rajesh, Nisha Yadav, Mayank Vahia, Hrishikesh Joglekar, R. Adhikari, and Iravatham Mahadevan. 2009a. Entropic evidence for linguistic structure in the Indus script. *Science*, 324:1165.
* Rao et al. 2009b, Rao, Rajesh, Nisha Yadav, Mayank Vahia, Hrishikesh Joglekar, R. Adhikari, and Iravatham Mahadevan. 2009b. A Markov model of the Indus script. *Proceedings of the National Academy of Sciences (PNAS)*,

106:13685-13690.
* Schmitt and Herzel1997, Schmitt, Armin and Hanspeter Herzel. 1997. Estimating the entropy of DNA sequences. *J. Theor. Biol.*, 1888:369-377.
* Seidl1989, Seidl, Ursula. 1989. *Die babylonischen Kudurru-Reliefs. Symbole mesopotamischer Gottheiten*. Universitätsverlag Freiburg, Freiburg.
* Shannon1948, Shannon, Claude. 1948. A mathematical theory of communication. *Bell System Technical Journal*, 27:379-423, 623-656.
* Shannon1951, Shannon, Claude. 1951. Prediction and entropy of printed English. *Bell System Technical Journal*, 30:50-64.
* Siddharthan2009, Siddharthan, Rahul. 2009. More Indus thoughts and links. http://horadecubitus.blogspot.com/2009/05/more-indus-thoughts-and-links.html.
* Slanski2003, Slanski, Kathryn. 2003. *The Babylonian entitlement narûs (kudurrus): a study in their form and function*. American Schools of Oriental Research, Boston.
* Snyder, Barzilay, and Knight2010, Snyder, Benjamin, Regina Barzilay, and Kevin Knight. 2010. A statistical model for lost language decipherment. *Proc. ACL*.
* Sproat2010, Sproat, Richard. 2010. Ancient symbols, computational linguistics, and the reviewing practices of the general science journals. *Computational Linguistics*, 36(3).
* Vidale2007, Vidale, Massimo. 2007. The collapse melts down: a reply to Farmer, Sproat and Witzel. *East and West*, 57:333-366.
* Winn1990, Winn, Shan. 1990. A Neolithic sign system in southeastern Europe. In *The Life of Symbols*, pages 269-271. Westview Press, Boulder.
* Yadav et al. 2010, Yadav, Nisha, Hrishikesh Joglekar, Rajesh Rao, Mayank Vahia, Ronojoy Adhikari, and Iravatham Mahadevan. 2010. Statistical analysis of the Indus script using n-grams. *PLoS One*, 5(3):e9506. doi:10.1371/journal.pone.0009506.
* Yadav et al. 2008a.Yadav, Nisha, Mayank Vahia, Iravatham Mahadevan, and Hrishikesh Joglekar. 2008a. Segmentation of Indus texts. *International Journal of Dravidian Linguistics*, 37(1):53-72.
* Yadav et al. 2008b.Yadav, Nisha, Mayank Vahia, Iravatham Mahadevan, and Hrishikesh Joglekar. 2008b. A statistical approach for pattern search in Indus writing. *International Journal of Dravidian Linguistics*, 37(1):39-52.

**بنيادي لفظ:** سنڌو رسم الخط، هڙپائي رسم الخط، قديم رسم الخط، پاڄ نـ ٿيل رسم الخط نشانين جي ڊزائين، سنڌو نشانين جي جوڙجڪ، نشانين کي جوڙيندڙ ڳانڍاپا.

**1. تعارف:**

لکڻ جو عمل (writing) ڪنهن بـ تهذيب جي ذهني تخليق جي لاءِ هڪ اهم درجهٔ مثل آهي. رينفرو ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ٿو تـ لکڻ جو عمل ۽ نشانين جي مربوط نظام جو جڙڻ- هڪ رسم الخط- اهڙو عمل آهي، جيڪو صرف پيچيده سماجن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ هو ان کي تهذيبن جي هڪ اهم خصوصيت سڏي ٿو (رينفرو 1989-20، هوسٽن 2004). رسم الخط جي جڙڻ ۽ ان جي اوسر سان لاڳاپيل ڪيترن معاملن بابت ثقافتي حوالي سان غور ڪيو ويو آهي. لکڻ جي تاريخ ۽ ايترن سارن الفابيٽ ۽ بنا الفابيٽ وارن رسم الخطن جي اوسر بابت ڊينيئل ۽ برائيٽ (1998) بـ گهڻو ڪجهه لکيو آهي ۽ حوالا ڏنا آهن. ڊيمرو (2006) لکڻ جي اوسر ۾ ان جي هڪ ٿي بنياد مان يا گهڻن ٿي بنيادن مان نڪرڻ بابت گهڻا ٿي دليل ڏئي بحث ڪيا آهن، پر ڪنهن هڪ نقطهٔ نظر بابت پنهنجي راءِ ڪانـ ڏني آهي. تنهن هوندي بـ لکڻ جي گهڻن ٿي مختلف نظامن جي جائزي ڪانپوءِ چئي سگهجي ٿو تـ امڪان آهي تـ ڪيترين جاين تي لکڻ جي ابتدا انفرادي طور ٿي آهي.

چنگيزي ۽ ساٿي (2006) 96 غير لفظي (non logographic) لکڻ جي نظامن سوڏو ڪيترن ٿي قسمن جي نشانين جي اندروني بناوٽ ۽ جوڙجڪ جي نمونن جو تجزيو ڪيو ۽ چيني توڙي غيرلساني نظامن کي جاچيو ۽ اهو نتيجو ڪڍيو تـ نشانين جي نمونن/ڊزائينن ۾ مقامي ماحول جو وڏو عمل دخل آهي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تـ جيڪڏهن، ڪٿي لکڻ جو خيال ٻاهران بـ آيو آهي تـ رسم الخط ۽ نشانين جي بناوٽ تي مقامي اثر نظر اچن ٿا. جڏهن ڪويـ رسم الخط تصويري خط کان وڌيڪ پيچيدو آهي. تـ ڪنهن بـ نشانيءَ جي نموني، معنيٰ ۽ ان جي لکٽيءَ ۾ لاڳاپو وڌي وڃي ٿو. جنهن مان خاص معنيٰ نڪري سگهي ٿي، جنهن کي اهي سڀ ماڻهو قبول ڪن ٿا جيڪي انهيءَ رسم الخط کي قبول ڪن ٿا. تمام سادا تصويري رسم الخط بـ اهڙي قسم جو پاڻ ۾ اتفاق رکن ٿا، جيڪو استعمال ڪندڙ تصويري لکت ۽ انهيءَ شيءِ (جنهن جي تصوير آهي) جي وچ ۾ هوندو آهي.

بئي طرف ڪنهن رسم الخط جي پڙهڻي يا پاچ هڪ بنهه جدا مسئلو آهي. اهو گهڻو ڪري ڪنهن گهڻ- ٻولياڻي متن جي ليجڻ ڪانپوءِ، ان جي مدد سان حل ٿيندو آهي، جڏهن اهڙي متن ۾ اهو نه سمجهه ۾ ايندڙ رسم الخط ڪنهن ڄاتل سڃاتل رسم الخط سان گڏ هجي. مصري هيروگلفي ۽ ميسوپوٽيميا جي ميخي خط کي اهڙن گهڻ- ٻولياڻي دريافتن جي مدد سان پڙهيو ويو هو. ڪن صورتن ۾ تسلسل وارين لساني روايتن ذريعي ڪيترا اهم اهڃاڻ (clues) ملي پوندا آهن ۽ ڪڏهن وري هڪبئي ۾ جڙيل صوتياتي ملهه اهڙي پاچ ۾ ثبوت طور استعمال ڪيا ويندا آهن (پوپ 1999). انهن سيني شين جي غيرموجودگيءَ ۾ شمارياتي اپياس ذريعي تحرير جي بناوٽ تي اهم روشني پوندي آهي، جنهن کي استعمال ڪري رسم الخط جو وياڪرڻي ڍانچو معلوم ڪري سگهبو آهي.

سنڌو رسم الخط ڪنجهي واري دور جي وسيع ثقافتن جو پيدا ڪيل آهي (رائيٽ 2010، اگروال 2007، پوسيهل 2002 ۽ ڪينوائر 1998). 2500 کان 1900 ق. م ۾ پنهنجي عروج واري وقت، اها تهذيب تقريباً ڏهه لک چورس ڪلوميٽرن جي ايراضيءَ ۾ پکڙيل هئي، جنهن ۾ موجوده پاڪستان ۽ اتر-اولهه هندستان جا علائقا اچي وڃن ٿا. ان جون 1500 کان وڌيڪ وسنديون معلوم آهن، جن ۾ ڪيترا وڏا شهري مرڪز به شامل آهن. اها تهذيب پنهنجي انتهائي سڌريل ۽ معيار تي پهتل زندگيءَ جي طريقي سبب سڃاتي وئي آهي، جنهن ۾ پاڻيءَ جي ورهاست ۽ عمارت سازيءَ جو بهترين نظام موجود هو.

سنڌو رسم الخط بنيادي طرح مهرن ۽ ٺپن تي ملي ٿو پر ان ڪانسواءِ ٻين به شين تي مليو آهي. جهڙوڪ ٽامي جي ٽڪين، عاج جي ڏنڊين، ڪنجهي جي اوزارن ۽ ٿانون ۽ ٺڪر وغيره تي. جيڪي تقريباً هن تهذيب جي هر ماڳ تان مليل آهن. انهن مهرن ۽ لکتن جي هڪ مڪمل تصويري فهرست "Corpus of Indus Seals and Inscriptions" جي ٽن جلدن ۾ موجود آهي، (جنهن کي اڳتي اسان C151-1-3 لکنداسين) انهن جي مدد سان يا خود مهرن جي مطالعي سان گهڻن ئي ماهرن ۽ عالمن ان رسم الخط کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر گهڻو ڪري ناڪام رهيا آهن. (ڏسو پوسيهل 1996 جنهن مختلف ڪوششن جي تنقيدي جائزو ورتو آهي).

رابنسن (2009) دنيا جي ڪيترن ئي اهڙن رسم الخطن بابت جديد نقطہ نظر پيش ڪيو آهي، جيڪي پڙهجي نہ سگهيا آهن. هن سنڌو رسم الخط جي ڀاڃ ۾ پيش ايندڙ معاملن ۽ مونجهارن تي بہ بحث ڪيو آهي ۽ هو ان جي آرڪيالاجيڪل ڀاڃ کي وڏي ۾ وڏو چئلينج سڏي ٿو (رابنسن 2009: 265). اهو ان ڪري ٿيو آهي جو ڪي بہ گهڻ- ٻولياڻي متن ڪونہ لڌا آهن ۽ هن رسم الخط جي اندر موجود ٻولي (يا ٻوليون) نامعلوم آهي. ان کان علاوه مسئلو ان ڪري بہ مشڪل ٿي پيو آهي جو اهو رسم الخط تمام ننڍڙن متنن ۾ ملي ٿو. هڪ سنڌو متن جي سراسري ڊيگهہ 5 نشانين جيتري آهي ۽ ڊگهي ۾ ڊگهو متن جيڪو هڪ سٽ ۾ ملي ٿو سو 14 نشانين تي مشتمل آهي (مهاديون 1999).

سنڌو رسم الخط جو نمونو ۽ مواد ادب ۾ تمام گهڻو بحث هيٺ آيو آهي. مختلف نشانين ۽ انهن جي ميلاپ کي ملهہ يا معنائون ڏيڻ جون سؤ کان وڌيڪ ڪوششون ڪيون ويون آهن، جن ۾ هڪ طرف ان کي پروٽو دراوڙيءَ سان لاڳاپيو ويو آهي (ڏسو پرپولا 2009 ۽ 1994، مهاديون 1998) تہ ٻئي طرف سنسڪرت سان ملايو ويو آهي (رائو 1982). ڪن تہ ماڳهين ان کي انگي (numeric) رسم الخط چيو آهي (سُبرا ياپا 1997). بهرحال، ڪابہ مستقل ۽ عمومي طور قبول ڪيل سمجهاڻي موجود ڪانهي ۽ اڪثر سمجهاڻيون وري هڪ ٻئي کان بنهہ مختلف آهن، ۽ ڪڏهن ڪڏهن اندروني طرح بہ جدا آهن (پوسيهل 1996)، پرپولا (2005) ۽ مهاديون (2002) سنڌو رسم الخط جي اڀياس بابت تازو نقطہ نظر پيش ڪيو آهي. اسان ۽ ڪن ٻين، شمارياتي حوالي سان رسم الخط جي بناوٽ تي ڪم ڪيو آهي (ڏسو يادو ۽ ساٿي: 2010، رائو ۽ ساٿي: 2009a,b، يادو ۽ ساٿي 2008a,b، پرپولا 1994، سِرومونی ۽ حق 1988). سنڌو نشانين جي ترتيبن (هڪ ٻئي پٺيان اچڻ) جي نموني جي حسابي جانچ (mathematical tests) ذريعي سان واضح ٿيو آهي تہ سنڌوءَ واري تحرير اعليٰ درجي جي ترتيب رکي ٿي ۽ ان جو هڪ مخصوص گرامر آهي (يادو ۽ ساٿي 2010، رائو ۽ ساٿي 2009a,b، يادو ۽ ساٿي 2008a,b)، جيتوڻيڪ اڃا اهڙي ثابتي ڪانہ ملي آهي، جنهن سان جاچ ڪجي تہ اها تحرير لساني (ٻولي) آهي يا نہ، پر نشانين جي استعمال ۾ لچڪ جي ڪجهہ قدر

هڪجهڙائي لسانی نظامن سان ٻڌائي وڃي ٿي (رائو ۽ ساٿي 2009b ۽ 2010) بهرحال سنڌو نشانين جي ڊزائين کي گهٽ توجهه ڏنو ويو آهي، سواءِ چند مطالعن جي، جن جوتت هتي پيش ٿا ڪريون.

ڪينوائر (2006) هڙپا جي ابتدائي دور کان اوج واري دور تائين نشانين ۾ ٿيل ارتقا جو مطالعو ڪيو آهي، جنهن ۾ هن تهن جي صورتحال (stratigraphy) ۽ هڙپا مان کوٽي ڪڍيل اکر وارين وٿن جي معيار کي جاچيو آهي. اهو اڀياس ڏيکاري ٿو تہ جيئن جيئن اها ثقافت اوسر ڪندي وئي آهي (2600 کان 1900 ق. م تائين) تيئن تيئن ان جي تحرير وڌيڪ معياري ۽ يڪسانيت واري ٿيندي وئي آهي.ا ن مان اهو بہ ظاهر ٿيو تہ ابتدائي درو جي نڪر جي ٿانون مان ڪن تي اڪريل چٽ آهستي آهستي اسري سنڌو رسم الخط جي نشانين جي فهرست ۾ موجود نشانين ۾ تبديل ٿيا آهن. هن اڀياس مان پڌرو ٿيو آهي تہ اهو رسم الخط راويءَ واري مرحلي (3000- 2800 ق. م) تي سادن نڪر وارن چٽن مان ڪوٽ ڏيجي واري مرحلي (2600-3900 ق. م) ترقي ڪري پختي هڙپائي مرحلي (2600-1900 ق. م) ۾ اچي معياري (standardized) بڻيو آهي.

سنڌو نشانين ۽ منجهن ترميم ڪندڙ نشانين جي مطالعي ڏانهن توجهه جو سبب گهٽو ڪري انهن ترميمي نشانين (مهاديون 2006) يا انهن جي ڪن چوند مثالن کي سمجهڻ لاءِ ڏنل آهي. (پرپولا 1994 ۽ ويلز 2006) پرپولا انهن نشانين کي بنيادي ۽ گڏيل يا مخلوط نشانين ۾ ورهايو آهي (1994). جنهن ۾ هن ڪي چوند مثال استعمال ڪري سنڌو متنن ۾ ڳانڍاپي (ligaturing) جي اثر کي جاچيو آهي. ڪن مخلوط نشانين جي اچڻ واري نموني کي بنيادي نشانين واري نموني سان ڀيٽي، هو تجويز ڪري ٿو تہ انهن مخلوط نشانين جا ڪي ترڪيبي جزن جي معنيٰ واري ملهہ ۾ تبديليءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿو.

اسان پنهنجي هن اڀياس ۾، سنڌوءَ وارين نشانين جي ڊزائين جو هڪ جامع تجزيو ڪيو آهي، جنهن ۾ اسان سنڌو نشانين جي جوڙجڪ جو چيد ڪري، انهن ۾ موجود جزن جو پاڻ ۾ لاڳاپو ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

اهو سمورو تجزيو ڪنهن بہ لساني يا اڳ ڪيل تفسيرن جي نموني کان پاسو ڪندي ڪيو اٿئون، پر هن تحرير کي سمجهڻ جي ڪاب ڪوشش هجي، ان کي هنن نشانين جي جوڙجڪ جي ڊزائين ۽ تبديلين وغيره بابت سوالن کي سامهون رکي ائين ڪرڻ ’لازمي‘ آهي. اسان سڀ کان پهرين ڪجھ ڳالهين جي نشاندهي ڪئي آهي، جن ۾ مختلف نمونن جا عنصر اچي وڃن ٿا، جيئن: بنيادي نشانيون، عارضي طور تاهيل ساديون نشانيون ۽ تبديلي آڻيندڙ ترميمي نشانيون (modifiers) ۽ پو انهن عنصرن کي استعمال ڪندي، سمورين مرڪب (يا پيچيده) نشانين کي ٽوڙي جدا ڪرڻ شامل آهي. ان کانپوءِ انهن جي اندر ايندڙ مرڪب نشانين جي موجودگيءَ جي سڃاڻ (pattern occurrence) ۾ تفاوتن کي شمار ڪري، انهن جي جڙن جي ممڪن ترتيبن کي انهن جي پنهنجي ماحول ۾ اڳيان پٺيان ايندڙ نشانين سان ڀيٽي ڳڻپ (quantify) ڪندا آهيون.





تصوير نمبر- 1: کابي طرف هڙپا مان لڌل هڪ سڱي جانور واري مهر ۽ ساڄي پاسي ڪجھ سنڌو نشانيون (مهاديون جي فهرست M77). اها مهر 5x5 سينٽي ميٽر ماپ رکي ٿي.

2. ڊيٽاسيٽ (Dataset):

سنڌو رسم الخط ۾ نشانين جو ڪل انگ عام طرح سيني ماهرن 400 جي لڳ ڀڳ ڪٿڻ تي اتفاق ڪيو آهي (پرپولا 1994 ۽ مهاديون 1977). جڏهن تہ ويلز (2008) اٽڪل 676 نشانين کي نمايان نشانيون ڄاڻائي ٿو. اسان جي هن ڪم ۾، اسان 417 نمايان نشانين جي ڊزائين بابت کوجنا ڪئي آهي،

**2.1 نشانين جي ورهاست ۽ جدا ڪرڻ يا ٽوڙڻ لاءِ مقرر معيار:** جيڪي نشانيون پنهنجي ڊزائين جي حساب سان ورهايون ويون آهن. انهن مان هر هڪ نشانيءَ جو اسين تجزيو ڪري اهڙن نظر ايندڙ عنصرن جي سڃاڻپ ڪريون ٿا، جيڪي ان جي انهيءَ ڊزائين ٺاهڻ ۾ ڪم آندا ويا آهن. اصولي طور تي سيني نشانين جي ڊزائين ۾ ليڪون پاتل آهن. جن کي عمودي يا افقي (اڀين ۽ سڌين) ۽ مڙيل ليڪن ۾ ٽوڙي يا جدا ڪري سگهجي ٿو جن ۾ ڪي ليڪون يا ور (مڙيل ليڪون) آڏيون به آهن. تنهن هوندي به اهڙي طرح ٽوڙڻ سان مونجهارو به پيدا ٿي سگهي ٿو. خاص ڪري جيڪڏهن ائين ڪرڻ سان بنيادي معلومات حاصل ڪرڻ جو ڪو جز نه ملي ته! ٻئي طرف فهرست ۾ جيئن اهي نشانيون نظر اچن ٿيون. ائين ئي رکبيون ته انهن مان انهن جي اندر موجود جزن جي جوڙجڪ تي ڪا به روشني پئجي ڪانه سگهندي ان ڪري اسان معيارن جو هڪ نمونو استعمال ڪيو آهي، جنهن جي مدد سان اسان کي فيصلو ڪرڻ ۾ آساني ٿئي ٿي ته ڪا نشاني بنيادي نشاني آهي يا ڪنهن مرڪب جو حصو آهي. اسان جا اهي معيار جن جي اسان پوئواري ڪئي آهي، اهي هي آهن:

(1) ڪنهن نشانيءَ کي بنيادي نشاني تڏهن سمجهبو جڏهن ان جي ڊزائين سادي جاميٽريءَ واري ڊزائين آهي، جنهن کي وڌيڪ سڃاڻپ ۾ ايندڙ جزن ۾ ٽوڙي نه سگهجي، جيئن نشاني نمبر1، 328، 373، 176 هن قسم ۾ شامل ڪيون ويون آهن.



1　　328　　373　　176

مثلاً اسان نشاني 1 کي() هڪ اڀي ليڪ ۽ چئن آڏين يا پاسيرين ليڪن ۾ ٽوڙيو آهي، ڇو جو اها نشاني ٻين ڪيترين نشانين جو بنياد آهي. ٻيون ڪيتريون پيچيده ڊزائين واريون نشانيون، جيڪي تمام گهڻ استعمال ٿيل آهن (هڪ يا ٻه) ۽ بظاهر بنيادي نشانين مان ٺهيل ڪونه آهن يا انهن جو حصو ڪونه آهن، انهن کي به بنيادي نشانيون قرار ڏنو ويو آهي.

(2) جيڪي نشانيون بنيادي نشانين طور سڃاتيون ويون آهن، انهن ۾ هيٺين مان هڪ يا وڌيڪ خصوصيتون آهن:

(الف) اها تمام گهڻي استعمال ٿيل آهي.

(ب) ان ۾ ٻيون بنيادي نشانيون ضم ٿيل آهن.

(ٻ) ان ۾ هڪ يا وڌيڪ ترميمي جزا (modifiers) موجود آهن.

(پ) ان جو ماحول ان نشانيءَ کان مختلف آهي، جنهن مان اها نهيل يا نڪتل لڳي ٿي.

اهڙو هڪ مثال نشاني نمبر 342 آهي: ، جيڪا ڊزائين جي لحاظ کان 328 نمبر نشانيءَ مان نهيل ٿي لڳي. بهرحال نشاني نمبر 342 سيني کان وڌيڪ عام آهي. متن جي ڀڃاڙيءَ ۾ ۽ M77 فهرست ۾ سيني کان وڌيڪ ڏسڻ ۾ ٿي اچي. ان ڪري اسين اهو نتيجو ٿا ڪڍون تہ پلي امڪاني طور 342 نشاني نمبر 328 جي ڊزائين کان متاثر هجي، پر انهن جا ڪارج مختلف آهن. ان ڪري انهيءَ نشانيءَ (342 ) کي بنيادي نشانيءَ طور قائم رکيو اٿئون. انهيءَ نشانيءَ کي بنيادي نشانين جي گروهہ ۾ رکڻ واري ڳالهہ کي اها حقيقت زور ٿي وٺرائي تہ اها نشاني ڪيترين مرڪب يا پيچيده (composite) نشانين ۾ بہ استعمال ٿيل آهي. جيئن نشانيون نمبر 15 ، 352 ، 353 ۽ 394 .

نشانين جي ٽوڙڻ جو عمل هڪ منطقي اندازي موجب رکيل آهي، جنهن بابت اڳئي فيصلو ڪيو ويو هو ۽ نشانين جي فهرست ۾ شامل سمورين نشانين سان اهو هڪجهڙو لاڳو ڪيو ويو آهي. اهو معيار ڪنهن نشانيءَ جو ڪو مُلهہ معني يا سمجهاڻي نٿو ڏئي پر ان جي حيثيت، ماحول ۽ استعمال جو اندازو ٿو لڳائي تہ آيا اها نشاني لکندڙ لاءِ بنيادي اهميت واري هئي يا نہ ۽ يا اها ڪنهن ٻي بنيادي نشانيءَ سان ڪنهن بہ سبب ڪري ڳنڍيل آهي يا نہ.

3- ڊزائين يا نموني جي بنياد تي سنڌو نشانين جا قسم:

هر هڪ نشانيءَ جي ڊزائين کي غور سان ڏسڻ سان انهيءَ کي ٻنهي مان ڪنهن هڪ ۾ رکڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. اهي آهن بنيادي نشانيون ۽ مخلوط يا گڏيل (مرڪب يا پيچيده) نشانيون.

**3.1- بنيادي نشانيون:** بنيادي نشانيون اهي آهن، جن کي وڌيڪ سادين نشانين ۾ ورهائي نٿو سگهجي يا اهي ڪنهن گڏيل نشانيءَ جوڙڻ ۾ مددگار عنصر آهن. ڪل 154 نشانيون M77 واري فهرست ۾ اهڙيون آهن، جن کي بنيادي نشانين طور سڃاتو ويو آهي. سنڌو نشانين جي ڊزائين مان جيڪي بنيادي نشانين طور استعمال ٿين ٿيون، انهن جا نمبر 1، 328، 373 ۽ 176 آهن.



1 328 373 176

**3.2- مخلوط يا گڏيل نشانيون (مرڪب ۽ پيچيده):** گڏيل نشانيون اهي آهن، جن کي ٽن مان هڪ يا ان کان وڌيڪ عنصرن ۾ ورهائي سگهجي ٿو جن کي هيٺ بيان ڪيو ويو آهي. M77 فهرست ۾ 263 نشانين کي گڏيل نشانين طور سڃاتو ويو آهي. اهڙين گڏيل نشانين مان ڪجهه مثال تصوير نمبر 2b ۾ ڏسي سگهجن ٿا.



32 15 2 65

**3.2.1- گڏيل نشانين جي ڊزائين وارا ٽي عنصر آهن:** بنيادي نشانيون، ضرورت آهر/عارضي بنيادي نشانيون ۽ ترميمي يا تبديلي آڻيندڙ (modifiers). اهي هيٺ بيان ڪيون ويون آهن.

**(i) بنيادي نشانيون:** جيئن اڳ ۾ چيو ويو (ياڱي 3.1، تصوير 2a) ته بنيادي نشانيون اهي آهن، جن کي وڌيڪ سادين نشانين ۾ ورهائي نٿو سگهجي ۽/ يا گڏيل نشانين جا جزا ناهين ٿيون.

**(ii) عارضي بنيادي نشانيون:** ڪيترين گڏيل نشانين جي ڊزائين ۾ اسين اهڙا عنصر سڃاڻي ٿا سگهون، جيڪي ٻين بنيادي نشانين يا ترميمي نشانين (صفت وغيره) (modifiers) سان ڳنڍيا ويا آهن. بهرحال اهي عنصر جدا نشانين طور فهرست M77 ۾ نظر نٿا اچن. اسين انهن کي عارضي (يا ضرورت آهر) نشانيون چئون ٿا. اهي عارضي نشانيون، گڏيل نشانين جي ڊزائين ۾ پنهنجي مخصوص استعمال سبب بنيادي نشانين سان مشابهت رکن ٿيون. تنهن هوندي بہ، بنيادي نشانين جي برعڪس انهن جو آزاد يا خودمختيار وجود ڪونهي. اها حقيقت تہ اهي آزاد نشانين طور ڏسڻ ۾ نہ ٿيون اچن، ان ڪري بہ ٿي سگهي ٿي جو نموني طور مليل لکتون مڪمل ڪونہ آهن ۽ ممڪن آهي تہ اڳتي هلي ڪنهن وقت اهڙين نشانين وارا متن لڀجي پون. اهو بہ ممڪن آهي تہ اهي ڌار نشانين طور ايتريون ڪارائتيون نہ هجن، ان ڪري انهن کي ڌار استعمال نٿي ڪيو ويو. اسان 10 عارضي بنيادي نشانيون ڌار ڪيون آهن، جن جا نمبر آهن 801 ۽ 810. جدول-1 ۾ سموريون عارضي بنيادي نشانيون انهن ٻين نشانين سان گڏ ڏنيون ويون آهن، جن سان گڏ بہ اهي موجود آهن ۽ مختلف نشانين ۾ انهن جي موجودگيءَ جو تعداد بہ ڏنو ويو آهي.

**(iii) ترميم آڻيندڙ (modifiers):** تبديلي يا ترميم آڻيندڙ نشانيون، ڊزائين جا اهڙا عنصر آهن، جن جو ڪو آزاد وجود تہ ڪونهي پر مخلوط/ گڏيل نشانين ۾ خاص جاين تي نظر اچن ٿيون. اهي بنيادي نشانين ۾ مختلف طريقن سان تبديلي آڻي گڏيل نشانيون ٺاهين ٿيون. اسان اهڙيون تبديلي آڻيندڙ 21 نشانيون ڌار ڪيون آهن، جيئن '^'، '||' وغيره جيڪي بنيادي نشانين سان مختلف جاين تي جوڙيون ويون آهن، انهن کي تصوير نمبر 3 ۾ نمبر 901، 921 ۾ بيان ڪيو ويو آهي. جدول- 2 ۾ اهڙيون ترميمي نشانيون انهن نشانين سان گڏ ڏنيون ويون آهن، جن ۾ اهي ظاهر آهن ۽ مختلف نشانين ۾ هر هڪ ترميمي نشانيءَ جي موجودگيءَ جو ڪل تعداد بہ ڏسي سگهجي ٿو.

نمبر 2 ۾ ڏنل 21 ترميمي نشانين مان هڪ يا وڌيڪ نشانين ذريعي ٺهيل آهن.
اهڙين بدليل نشانين جا مثال 60، 61، 65، 139، 164 ۽ 377 نمبر آهن.
**تبديل ٿيل نشانيون:**



60 61 65 139 164 377

**4. گڏيل نشانين جو ٽوڙڻ:**

سنڌو نشانين جي بڻائين جي صنعتگري (mechanics) کي سمجهڻ لاءِ، هر هڪ نشانيءَ کي ظاهري شڪل ذريعي ڌار ڪري، جيڪڏهن گڏيل نشاني آهي تہ ان کي ان جي ترڪيبي عنصرن ۾ ٽوڙيو ويجي ٿو. اسان انهن کي مختلف عنصرن ۾ ٽوڙڻ مهل ان ڳالهہ کي ڪونہ ڏسندا آهيون تہ بنيادي نشانيون ڪنهن متن ۾ گڏ آيل آهن يا ڪهڙي زميني علامت سان جڙيل آهن ۽ ڪهڙن تهن مان مليون آهن. مخلوط يا گڏيل نشانين کي انهن جي ٺاهيندڙ ترڪيبي عنصرن ۾ ٽوڙڻ جو عمل اڳتي تصوير نمبر 6 ۽ 7 ۾ ڏيکاريل آهي. مثلاً 33 نمبر نشانيءَ کي نمبر 1، 373 ۽ 328 وارين صورتن ۾ ٽوڙي سگهجي ٿو (تصوير-6) ۽ اهي ٽئي نشانيون بنيادي نشانيون آهن. ساڳيءَ طرح نشاني نمبر 61 کي وري نشاني نمبر 59 ۽ 197 ۾ ترميمي نشاني 906 جوڙي ٺاهيو ويو آهي. (تصوير-7). اهڙيءَ ريت 417 نشانين جي حاصل ڪيل ڊيٽا (dataset) کي وڌيڪ تجزيي خاطر استعمال ڪري سگهجي ٿو. اهڙو تجزيو ڪرڻ دوران انهن ترڪيبي جزن جي ڪنهن بہ ترتيب کي ترجيح ڪانہ ڏيندا آهيون ۽ اسين سمجهون ٿا تہ انهن ترڪيبي جزن جي هر قسم جي ميلاپ سان هڪ جهڙو امڪاني نتيجو حاصل ٿيندو. ٽوڙڻ جو عمل نشاني نمبر 418 ۽ 419 (جيڪي M77 ۾ بعد ۾ وڌيون ويون هيون- ڏسو مهاديون 177، 15) جدول- 5 ۾ ڏنل آهي. انهن جي بڻائين جي معاملي ۾ اهي عام نموني سان ٺهڪي اچن ٿيون، ان ڪري اهو ممڪن آهي تہ وڌيڪ کوٽاين سان ملندڙ نين وڌندڙ فهرستن ۾ اهڙي قسم جي نفاست سان تبديل ٿيل نشانيون اجا بہ ملنديون رهن.

**6. سنڌو نشانين جا ڪي دلچسپ پهلو:**

هن ڀاڱي ۾ سنڌو نشانين جا ڪي وڌيڪ پهلو ڳولينداسين. اسين سنڌو نشانين جي ڊزائين ۾ موجود يڪسانيت (symmetries) جو شمار ڪري شروعات ڪنداسين.

**6.1- سنڌو نشانين جي ڊزائين ۾ متوازن يڪسانيت** (symmetries)**:** M-77 جي 417 نشانين جي ڊزائين ۾ متوازن يڪسانيت (symmetry) جو بنيادي شمار (statistics) جدول- 9 ۾ موجود آهي. نشانيءَ جي عڪس جي مرڪز جي چوڌاري افقي ۽ عمودي سطحن (planes) ۾ عڪسي ساڳيائي (mirror symmetries) جي باري ۾ کوجنا ڪريون ٿا. اسان جو اڀياس نشانين جي رواجي طور ٺاهيل فهرست تي انحصار رکي ٿو ۽ حقيقي زندگيءَ ۾ انهن ڊزائينن کي لاڳو ڪندي انهيءَ جي متوازن يڪسانيت ۽ هڪجهڙائيءَ کي سنڌوءَ جا لکندڙ مروڙيو ڦيرائي ڇڏين ها.

ڪينوائر (2006) ڏيکاري ٿو تہ ڪيئن سنڌو تهذيب جي اوج واري دور ۾ نشانين جي اُڪر جو ڪم وڌيڪ سڌري چڪو هو. ان ڪري اسين اهو ٿا سمجهون تہ رواجي بڻايل (normalized) فهرست سنڌو لوڪن جي نشانين جي تصوراتي فهرست آهي، جنهن کي هنن استعمال ڪيو هوندو ۽ انساني هٿن جي ڪمزوريءَ سبب مخففن کان پاسو ڪيو هوندو. اهڙن ڪاٽن لڳائڻ کانپوءِ اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ 417 نشانين مان 255 نشانين ۾ يا تہ عمودي يڪسانيت آهي يا افقي يڪسانيت يا وري ٻنهي قسمن جي گڏيل آهي ۽ 162 نشانين ۾ ڪابہ يڪسانيت ڪانهي.

**6.2- ٻنو ڪرڻ ۽ ورجاءُ:** M-77 ۾ ڪيتريون ئي نشانيون جوڙين جي صورت ۾ آهن، جنهن ۾ ساڳي نشاني پاڻ کي ورجائي ٿي. ان ۾ اهڙيون 30 جوڙيون آهن. M77 ۾ ڏنل پاڻ ورجائيندڙ ٻنين نشانين جي لسٽ جدول نمبر 10 ۾ ڏني وئي آهي. ساڳيءَ ريت M77 ۾ ڇهہ ميلاپ يا جوڙ آهن، جن ۾ ساڳي نشاني ٻن کان وڌيڪ ڀيرا ورجايل آهي. اهي جدول – 11 ۾ ڏنل آهن.

جدول-11 ۾ ڏنل ڪن ميلاپن جو ڪارج انگن وارو (numerical) آهي. اهڙي ڪارج جو اهڃاڻ ڏيندڙ هي متن آهي جيڪو M-77 ۾ ٻہ ڀيرا

**6.4- اهڙيون نشانيون جيڪي بنهه هڪجهڙن ترڪيبي جزن جي مختلف نموني جوڙجڪ** واريون آهن: جدول نمبر 13 ۾ اسان مرڪب نشانين جا سيٽ ڏنا آهن، جن ۾ هڪجهڙا ترڪيبي جزا آهن، پر اهي مختلف نموني جوڙيل آهن، جنهن سان مختلف مرڪب نشانيون ٺهيل آهن.

**جدول 12: سنڌو نشانين ۾ عڪسي جوڙجڪ**

| Serial No. | Configuration | Signs |
|---|---|---|
| 1 | Mirror reflection along vertical axis |  217 218 |
| 2 | Mirror reflection along horizontal axis |  228 231 268 172 |
| 3 | Other configurations |  133 346 382 |

جدول نمبر 13 ۾ ڄاڻايل هر هڪ مثال لاءِ اسان هر هڪ اهڙي مرڪب نشانيءَ جي ماحول جو تجزيو ڪيو آهي، جنهن ۾ هڪجهڙا ترڪيبي جزا مختلف نموني جي جوڙجڪ سان موجود آهن. اسان ڏٺو ته پهرين ڏهن مثالن مان ڪابه مرڪب نشاني ساڳئي قسم جو ماحول نٿي رکي سواءِ انهن جي بلڪل شروع واري يا آخري پڇاڙيءَ واري جاءِ جي. قطار نمبر 11 (جدول 13) وارين مرڪب نشانين ۾ ٻن مرڪب نشانين جي اوسي پاسي ۾ نظر ايندڙ هڪڙي وسيع (broad) هڪجهڙائي موجود آهي. بهرحال، خود انهيءَ مثال ۾ ته ماحول ساڳيو يا هڪجهڙو ڪونهي. انهيءَ سان اسان جي انهيءَ تجويز کي هٿي ملي ٿي ته مرڪب نشانيون اختصار لاءِ ٺهيل ڪونه آهن بلڪ انهن جو ڪو مختلف ڪارج ٿو ڏسجي.

جدول 13: نشانيون جن ۾ ترڪيبي جزا ساڳيا آهن پر ڊزائين جي جوڙجڪ مختلف آهي

| Serial No. | Signs with same components but different configuration | Components | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | 22 36 | 1 | 176 | | |
| 2 | 40 43 | 1 | 237 | | |
| 3 | 63 64 | 59 | 79 | 297 | 299 |
| 4 | 93 94 | 86 | 87 | | |
| 5 | 165 166 | 162 | 176 | | |
| 6 | 172 173 | 171 | 171 | | |
| 7 | 228 309 | 98 | 225 | 225 | |
| 8 | 264 284 | 149 | 261 | | |
| 9 | 273 274 | 267 | 176 | 176 | |
| 10 | 324 403 | 373 | 373 | | |
| 11 | 375 386 | 98 | 373 | | |

.7 بحث:

M-77 واري فهرست اسان کي سنڌوءَ وارين نشانين جي ڊزائين جو هڪ وسيع نظارو پيش ڪري ٿي. انهيءَ ۾ اسان کي ٽن قسمن جا عنصر ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي سنڌوءَ جي 154 نشانين کي ناهڻ ۾ ڪم آيل آهن. اهي آهن: بنيادي نشانيون (154) عارضي بنيادي نشانيون (10) ۽ ترميمي نشانيون (21).

بنيادي نشانيون ڊزائين ۾ نسبتاً ساديون آهن. پر مخلوط نشانيون اڪثر ڪري ٻن يا وڌيڪ عنصرن جو ميلاپ آهن. جن بابت مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون. سنڌوءَ وارين نشانين جي ڊزائينن ۾ منطق بہ آهي تہ جوڙجڪ ۾ تخليقي جوهر بہ آهي. نشانيون اڪثر ضم بہ ڪيل آهن تہ جيئن انهن جي اندر جمالياتي خوبي قائم رهي. اٽڪل 60% نشانيون يا تہ عمودي يا افقي يڪسانيت ڏيکارين ٿيون (جدول- 9) جيڪڏهن هڪ طرف ڪن نشانين

جي ظاهري شڪل جو تعلق ڪنهن فطري يا مصنوعي وٿ سان ٿي سگهي ٿو. ٻئي طرف گهٽي تعداد ۾ نشانيون پنهنجي ٻڌائين ۾ وڏي پيماني تي تجريديت جون به مظهر آهن.

جدول 13: ساڳين ترڪيبي جزن واريون نشانيون مختلف جوڙجڪ واري ٻڌائين

| Serial No. | Signs with same components but different configuration | | Components | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | 22 | 38 | 1 | 176 | | |
| 2 | 40 | 43 | 1 | 237 | | |
| 3 | 63 | 64 | 59 | 78 | 287 | 299 |
| 4 | 93 | 94 | 86 | 87 | | |
| 5 | 165 | 166 | 162 | 176 | | |
| 6 | 172 | 173 | 171 | 171 | | |
| 7 | 228 | 309 | 98 | 225 | 225 | |
| 8 | 264 | 284 | 149 | 261 | | |
| 9 | 273 | 274 | 267 | 176 | 176 | |
| 10 | 324 | 403 | 373 | 373 | | |
| 11 | 375 | 386 | 98 | 373 | | |

ڪان وڌيڪ ان ڳالهه جو وڌو اثر ٿو محسوس ٿئي تہ انهن ڪي ٺاهيندڙ ڪاريگرن جي روزاني زندگيءَ واري ماحول ۾ ڪهڙيون شڪليون موجود هيون. ان ڪانسواءِ ڪيتريون گهٽين ليڪن واريون نشانيون تہ اصل ۾ مختلف بنيادي نشانين جا ڳنڍيل روپ آهن. ان سان اهو تاثر ٿو ملي تہ جڻ ڪو شارٽ هينڊ جهڙو نمونو اختيار ڪيو پئي ويو. بهرحال، اسان جو تجزيو ڏيکاري ٿو تہ ائين بلڪل ڪونهي ۽ انهيءَ سان سنڌوءَ جي تحرير اڃا وڌيڪ پيچيده ٿي وڃي ٿي. مرڪب نشانيون محض انهن جي ترڪيبي جزن جون ڳتيل شڪليون ڪونہ آهن ڇو تہ اهي جزا ورلي ڪو سنڌو لکتن ۾ ايندڙ نشانين جي ترتيب ۾ ڏسبا آهن. انهن ورلي مثالن ۾ بہ جڏهن ڪنهن مرڪب نشانيءَ جا ترڪيبي جزا M-77 واري فهرست ۾ شامل نشانين ۾ جڙيل هوندا بہ آهن تہ انهيءَ مرڪب نشانيءَ جو ماحول ۽ بنيادي نشانين جي ترڪيبي جزن جي ترتيب بنهہ مختلف هوندا آهن (جدول-6). مرڪب نشانين جي ماحول جو ۽ سنڌن ترڪيبي جزن جي ميلاپن جو اڀياس اهم اشارا مهيا ڪري ٿو. هن اڀياس مان اهو واضح ٿيو آهي تہ:

(الف) تقريباً هميشہ ئي هڪ مرڪب نشانيءَ جو ماحول بنيادي نشانين جي ميلاپن ۽ پاڻ ۾ ضم ٿيڻ واري عمل کان بلڪل علحدو هوندو آهي.

(ب) تقريباً 80% مثالن ۾ (133 مان 105 مثال) هڪ مرڪب نشانيءَ جا اصلوڪا ترڪيبي جزا ڪنهن بہ اهڙي ميلاپ ۾ ڏسڻ ۾ نٿا اچن.

انهيءَ مان خبر پوي ٿي تہ اهڙو ڪو ظاهري قاعدو ڪونهي، جنهن سان هڪ مرڪب نشانيءَ کي ٺوڙڻ جو عمل ڪجي. ان ڪري مرڪب نشاني ٺاهڻ لاءِ تحرير جي جاءِ جي استعمال ۾ بچت وارو ڪو معقول سبب ڪونهي. جيڪڏهن وڌيڪ پيرا ايندڙ نشانين واري حد (high frequency range) ۾ بنيادي نشانيون حاوي آهن تہ ٻئي طرف وري گهٽ پيرا ايندڙ نشانين جي دائري ۾ مخلوط نشانيون حاوي آهن (جن ۾ انهن جي اچڻ وارو تعداد 10 کان گهٽ پيرا آهي. ڏسو جدول: 7).

اهي نشانيون ٻٽي ٿيڻ (جدول-10)، يا پاڻ کي ڪڏهن تہ ٻن کان وڌيڪ پيرا ورجائڻ جو عمل ڪن ٿيون (جدول-11) ۽ عمودي ۽ افقي ليڪ تي ڊزائين جو عڪس پيش ڪن ٿيون (جدول 12). ڪڏهن تہ وري بہ مرڪب

نشانيون هڪجهڙن ترڪيبي جزن باوجود، انهن جي مختلف ترتيب جي ڪري مختلف ٿين ٿيون (جدول 13) اهڙين مرڪب نشانين جي تجزيي مان خبر پوي ٿي تہ ڪنهن مرڪب نشانيءَ ۾ ترڪيبي جزن جي بيهڪ يا جاءِ سنڌوءَ جي نشانين جي ڊزائين ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي (جدول-13).

اهڙيون ڪل 21 ترميمي نشانيون (modifiers) آهن، جيڪي نشانين جا اهڙا عنصر هوندا آهن، جن جو ڪو آزاد وجود ڪونہ هوندو آهي، پر اهي ڪن معاملن ۾ نشانين جي فهرست ۾ موجود گهڻين نشانين ۾ جڙي وڏو فرق پيدا ڪنديون آهن. (جدول 8a ۽ 8b). انهيءَ مان خبر پوي ٿي تہ اهي ترميمي نشانيون، نشانين جي ڪارج تي اثر وجهي، انهن جي ملهہ ۾ بہ واڌارو ڪن ٿيون. اها ڳالهہ جدول 8a ۽ 8b ۾ پيش ڪيل ڊيٽا مان ظاهر آهي، جتي ترميمي نشاني 905 جو نشاني نمبر 342: ۾ ۽ 328: ۾ واڌارو انهن ٻنهي نشانين جي متن جي اندر جاءِ (position) کي بدلائي ٿو ڇڏي، پر ترميمي نشانيءَ سان آيل تبديليءَ ۾ ساڳيائپ نظر اچي ٿي.

سنڌو رسم الخط جون نشانيون پنهنجي ڊزائين ۾ اهڙي ٽيڪنيڪ رکن ٿيون، جيڪا آڳاٽن ڪيترن تحريري نظامن ۾ استعمال ٿيندي هئي، جنهن سان محدود تعداد جي نشانين جي استعمال يا ڪارج ۾ واڌارو ٿيندو هو. ان ۾ چيني تحرير ۾ نشانيون ٺهيون ڪرڻ وارو عمل (باٽيرو- 2004) بہ ڏسجي ٿو. ماين (Mayan) گلفي لکت جهڙو نشانين جو ميلاپ بہ موجود آهي. (ڪو 1992) ۽ ان ۾ اهڙيون نشانيون بہ آهن، جيڪي حتمي پڇاڙين (determinatives) طور استعمال ٿين ٿيون. جيئن مصري هيروگلفي لکتن ۾ ڪندا هئا. (ڏسو بينز 2004، پرپولا 1994). هندستان ۾ پوءِ وارن رسم الخطن ۾ نشانين کي ضم ڪرڻ جو عمل وينجنن ۽ سُرن (ماترائن) کي ملائڻ لاءِ ڪيو ويندو هو. بهرحال اسين انهن جي سنڌو رسم الخط يا ٻين تحريري نظامن سان تعلق بابت ڪو هاڻيڪار ڏڪو هڻڻ نٿا چاهيون.

8. نتيجا:

اسان سنڌو نشانين جي عمومي بناوٽ جو مطالعو ڪيو جنهن ۾ M77 واري رواجي فهرست تي منحصر ڊزائينن جي عنصرن کي سڃاتو ويو. هن اڀياس ذريعي سنڌو نشانين جا جيڪي مکيہ عنصر سڃاتا ويا اهي آهن: بنيادي

هنن نشانين کي ڏاڍو سنڀالي ڻاهيو ويو آهي ۽ هڪڙين نشانين کي ٻين نشانين يا ترميمي نشانين سان ڳنڍڻ جو عمل سمورن ماڳن ۾ جاري رهيو آهي. سنڌو لوڪن ڪيترين ئي دلچسپ ٽيڪنيڪس استعمال ڪيون آهن، جن ۾ بنيادي نشانين کي ترميمي نشانين جي هڪ سيٽ سان بدلائڻ ۽ نشانيون ملائي لکڻ يا مرڪب ڪرڻ شامل آهن. سنڌو نشانين ۾ اسان اهڙا بہ مثال ڏٺا آهن، جن ۾ نشانين کي ڀتو ڪيو ويو آهي يا هڪ نشانيءَ سان ان جو عڪس (mirroring) رکيل آهي. مرڪب نشانين ۾ مختلف قسم جي بناوٽن ۾ ساڳين بنيادي ترڪيبي نشانين جي استعمال سان مختلف معلومات ڏيڻ مقصد ٿي سگهي ٿو.

اهو سڀ ڪجهہ واضح ڪري ٿو تہ سمورن ٻين تحريري نظامن وانگر، سنڌو تحرير بہ هڪ تمام گهڻي اهميت واري ۽ وڏي خيال سان ڪيل ذهني مشق (intellectual exercise) آهي، جنهن ۾ رٿابندي ۽ ڪارج وارن معاملن کي سامهون رکي پوءِ انهن نشانين کي اهڙو روپ ڏنو ويو آهي. سنڌو سڀيتا اندازاً هڪ ملين چورس ڪلوميٽرن جي ايراضيءَ ۾ ڦهليل هئي. ان جي باوجود نشانين جي فهرست انهيءَ سموري تهذيب جي ڦهلاءَ ۾ ساڳي آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اهي نشانيون، انهن جي معنيٰ ۽ استعمال بابت طبعي طور تمام اطمينان بخش طريقو 700 سالن تائين جاري رهيو. ان ڪري سنڌو نشانين ۽ انهن جي معنيٰ کي سمجهڻ جو عمل بہ زبردست هوندو ۽ پوءِ بہ گهڻ رنگوءِ استعمال ۾ آسان هو. اها ڳالهہ انهيءَ حقيقت سان بہ ثابت ٿئي ٿي تہ سنڌو رسم الخط مغربي ايشيا مان ملندڙ مهرن تي بہ مليو آهي، جنهن جو گرامر (نحوي بناوت) مختلف آهي (رائو ۽ ساٿي 2009b). سمورن ماڳن تان مليل لکتن ۾ ترميمي نشانين جو استعمال (جدول- 4) ٻڌائي ٿو تہ نشانين ۾ تبديليءَ جو طريقو بہ سنڌو ماٿريءَ واري تهذيب جي سموري ايراضيءَ ۾ هڪجهڙو قابل قبول هو ۽ اهو صرف ڪنهن ننڍي گروهہ لاءِ مخصوص ڪونہ هو. (مڪالو: جون 2011)

حوالے:


* Agrawal, D. P. (2007), *The Indus Civilization: An Interdisciplinary perspective*. New Delhi: Aryan Books International.

* Baines, J. (2004), The earliest Egyptian writing: development, context, purpose. In: Houston, S. D. (Ed) *The First Writing: Script Invention as History and Process*. Cambridge University Press, Cambridge, 150-189.

* Bottéro, F. (2004), Writing on shell and bone in Shang China. In *The First Writing: Script Invention as History and Process*. Houston, S.D. (ed.). Cambridge: Cambridge University Press: 250-261.

* Changizi, Mark A., Zhang, Qiong, Ye, Hao and Shimojo, Shinsuke (2006), The structures of letters and symbols throughout human history are selected to match those found in objects in natural scenes. *The American Naturalist*, Vol. 167, No.5.

* CISI = *Corpus of Indus Seals and Inscriptions. 1: Collections in India*, edited by Jagat Pati Joshi and Asko Parpola, 1987. 2: *Collections in Pakistan*, edited by Sayid Ghulam Mustafa Shah and Asko Parpola, 1991. 3: *New material, untraced objects, and collections outside India and Pakistan*, edited by Asko Parpola, B. M. Pande and Petteri Koskikallio, Part 1: *Mohenjodaro and Harappa*, in collaboration with Richard H. Meadow and Jonathan Mark Kenoyer, 2010. (Annales Academiae Scientiarum Fennicae B 239-241.) Helsinki: Suomalainen Tiedeakatemia.

* Coe, M. D. (1992), *Breaking the Maya Code*. New York: Thames and Hudson.

* Damerow, P. (2006), The Origins of Writing as a Problem of Historical Epistemology, *Cuneiform Digital Library Journal 2006:1*.

* Daniels, P. T. and Bright, W (eds.) (1996), *The World's Writing Systems*. New York: Oxford University Press.

* Houston, S. D. (ed.) (2004), *The First Writing: Script Invention as History and Process*. Cambridge: Cambridge University Press.

* Hunter, G.R. (1934), *The Script of Harappa and Mohenjodaro and its Connection with Other Scripts*, London: Kegan Paul, Trench, Trubner & Co. Ltd.

* Kenoyer, J. M. (1998), *Ancient Cities of the Indus Valley Civilization*. Oxford: Oxford University Press.

* Kenoyer, J. M. (2006), The origin, context and function of the Indus script: Recent insights from Harappa, in *Proceedings of the Pre-symposium of RIHN and 7th ESCA Harvard - Kyoto Roundtable*, ed. Osada Toshiki.

* Mahadevan, I. (1977), *The Indus Script: Texts, Concordance and Tables*, Memoirs of the Archaeological Survey of India No. 77.

* Mahadevan, I. (1986), Towards a grammar of the Indus texts: 'Intelligible to the eye, if not to the ears', *Tamil Civilization* 4 (3 & 4): 15-30.

* Mahadevan, I. (1998), Phonetic value of the arrow sign in the Indus script, *Journal of the Institute of Asian Studies* 15 (2): 69-74.

* Mahadevan, I. (2002), Aryan or Dravidian or neither? A study of recent attempts to decipher the Indus script (1995–2000). *Electronic Journal of Vedic Studies (EJVS)* 2: 1–23.

* Mahadevan, I. (2006). Agricultural terms in the Indus script, *Journal of Tamil Studies*, Vol. 70. pp. 64-76.

* Parpola, A. (1994), *Deciphering the Indus Script*. Cambridge: Cambridge University Press.

* Parpola, A. (2005), Study of the Indus script, *Transactions of the International Conference of Eastern Studies*, no. 50: 28-66. Tokyo: The Tôhô Gakkai.

* Parpola, A. (2009), 'Hind Leg' + 'Fish': Towards Further Understanding of the Indus Script, *Scripta*, Vol. 1, pp. 37-76.

* Pope, M. (1999), *The Story of Decipherment: From Egyptian hieroglyphs to Maya script*. London: Thames and Hudson.

* Possehl, G. L. (1996), *Indus Age: The writing System*. New Delhi: Oxford IBH Publishing Co. Pvt. Ltd.

* Possehl, G. L. (2002), *The Indus Civilization: A contemporary perspective*. New Delhi: Vistaar Publications.

* Rao, R. P. N., Yadav, N., Vahia, M. N., Joglekar, H., Adhikari, R., Mahadevan, I. (2009a), Entropic evidence for linguistic structure in the Indus script, *Science*, 324, 1165.

* Rao, R. P. N, Yadav, N., Vahia, M. N., Joglekar, H., Adhikari, R., Mahadevan, I. (2009b), A Markov model of the Indus script, *Proceedings of the National Academy of Sciences*, 106, 13685.

* Rao, R. P. N., Yadav, N., Vahia, M. N., Joglekar, H., Adhikari, R., Mahadevan, I. (2010), Entropy, the Indus Script, and Language: A Reply to R. Sproat, *Computational Linguistics* 36 (4), pp. 795-805.

* Rao, S. R. (1982), *The Decipherment of the Indus Script*, Bombay: Asia Publishing.

* Renfrew, C. (1989), *Archaeology and Language*. London: Penguin Books.

* Robinson, Andrew (2009), *Lost Languages, The enigma of the world's undeciphered scripts*. London: Thames and Hudson Ltd.

* Siromoney, G. and Haq, A. (1988), Segmentation of Indus Texts: A dynamic programming approach, *Computers and the Humanities*, Vol. 22, pp. 11-21.

* Subbarayappa, B. V. (1997), *Indus Script: Its nature and structure*. Madras: New Era Publications.

* Wells, B. K. (2006), *Epigraphic Approaches to Indus Writing*, Ph.D. Thesis, Harvard University, Cambridge, Massachusetts.

* Wright, R. P. (2010), *The Ancient Indus – Urbanism, economy and society*. New York: Cambridge University Press.

* Yadav, N., Vahia, M. N., Mahadevan, I., Joglekar, H. (2008a), A statistical approach for pattern search in Indus writing, *International Journal of Dravidian Linguistics*, XXXVII Number I, pp. 39-52, http://www.harappa.com/script/tatawriting/tata-indus-script-research.html.

* Yadav, N., Vahia, M. N., Mahadevan, I., Joglekar, H. (2008b), Segmentation of Indus Texts, *International Journal of Dravidian Linguistics*, XXXVII, Number I, pp. 53-72,
http://www.harappa.com/script/tatawriting/tata-indus-script-research.html.

* Yadav, N., Joglekar, H., Rao R. P. N, Vahia, M. N., Adhikari, R., Mahadevan, I. (2010), *Statistical Analysis of the Indus Script using n-grams*, 2010, PLoS One, Vol. 5, Issue 3.
http://dx.plos.org/10.1371/journal.pone.0009506.

# غيرلساني سنڌو رسم الخط ـ هڪ اجايو بحث

**The Indus 'non-script' is a non-issue**

آثار قديمہ توڙي لسانيات جا تمام مضبوط ثبوت اهڙا آهن، جيڪي ڏيکاري سگهن ٿا تہ سنڌو رسم الخط هڪ تحريري سرشتو آهي، جنهن ۾ هن خطي جي ٻولي موجود آهي (گهٽ ۾ گهٽ امڪان اهو آهي تہ اها دراوڙي آهي). اهڙي رسم الخط جي مُرڳو وجود کان ئي انڪار تحقيق ۾ اڳتي وڌڻ جي لاءِ ڪو سٺو سوڻ ڪونهي. سنڌو رسم الخط گهٽ ۾ گهٽ ڪري لفظي علامتن جو ٺهيل لڳي ٿو. اهڙي رسم الخط ۾ پڊي رسم الخطن جي ڀيٽ ۾ ضرور گهٽ اکر ۽ انهن جو ورجاءُ هوندو آهي.



چا سنڌو رسم الخط 'تحرير' آهي؟

"ان ڳالهہ جو ٿورڙي امڪان آهي تہ سنڌو ماڻري پڙهيل لکيل هئي"... اهو بيان اسٽيو فارمر جو آهي، جيڪو ڪيليفورنيا جو هڪ اڻ لاڳاپيل اسڪالر آهي، ۽ هارورڊ يونيورسٽيءَ سان تعلق رکي ٿو. هڪ آن لائين خبر مان

سندس اهي لفظ ورتا ويا آهن (نيو سائنٽسٽ، اپريل 23، 2009) جنهن کي مغربي ميڊيا جا ڪجهه حصا 'اڪيڊمڪ ڊبيٽ' (علمي بحث) جي ترجماني ڪري پيش ڪري رهيا آهن. اهو بحث هندستاني سائنسدانن جي هڪ سنجيده مقالي تي شروع ڪيو ويو آهي. جيڪو تازو امريڪا جي 'سائنس' جرنل ۾ (24 اپريل 2009) تي ڇپيو آهي، اها هندستاني سائنسدانن جي ٽيم 'ٽاٽا انسٽيٽيوٽ آف فنڊامينٽل ريسرچ، ممبئي، 'دي انسٽيٽيوٽ آف ميٿميٽيڪل سائنسز' ۽ 'انڊس ريسرچ سينٽر، راجا موٿيا ريسرچ لائبريري چناءِ، سان تعلق رکي ٿي، جنهن کي واشنگٽن يونيورسٽيءَ، سيئٽل، جي ماهرن جي ٽيم جي حمايت حاصل آهي. هنن پنهنجي مقالي ۾ ٻن سالن جي لاڳيتي تحقيق جي نتيجي طور اهو خيال پيش ڪيو آهي تہ 'ان ڳالهہ جي سائنسي شاهدي موجود آهي تہ سنڌو رسم الخط لکڻ/تحرير جو هڪ نظام آهي، جنهن ۾ ٻولي موجود آهي' (جيئن 'دي هندو' جي 27 اپريل 2009 جي پرچي ۾ مختصر طور رپورٽ ٿيل آهي).

اهو هڪ سنجيده ۽ مناسب لفظن ۾ بيان ٿيل نتيجو آهي، جيڪو هڪ اهم سائنٽفڪ جرنل ۾ ڇپيل حوالاجاتي مقالي ۾ پيش ڪيو ويو آهي. اسپروٽ، فارمر ۽ وٽزل جا چڙ ڏياريندڙ بيان صرف انهن کي حيران ڪندا، جن کي ان سوال تي سنڌن مستقل اڳرائيءَ واري نموني اختيار ڪرڻ جي خبر ڪانہ هوندي، خاص ڪري فارمر جي. هنن جو پهريون مقالو جيڪو آريگن هيلٿ اينڊ سائنسز يونيورسٽي، پورٽ لينڊ جي رچرڊ اسپروٽ سان گڏجي لکيو ويو هو جنهن جو سنسني خيز عنوان هو "The Collapse of the Indus Script Thesis: the Myth of a Literate Harappan Civilization" (Electronic Journal of Vedic Studies 11, 2, 2004). معني: سنڌو رسم الخط واري مفروضي جو ڍهي پوڻ ۽ پڙهيل لکيل هڙپائي تهذيب جو افسانو.

انهيءَ مقالي اڳئي گهڻن عالمن کي متوجہ ڪيو آهي، جن ۾ تمام سٺن دليلن سان، توريل تڪيل انداز ۾ رد پيش ڪرڻ وارو عالم سنڌو رسم الخط جو ماهر آسڪو پرپولا بہ شامل آهي، جنهن جي مقالي جو عنوان آهي تہ: "ڇا سنڌو رسم الخط واقعي لکڻ جو سرشتو (تحرير جو نظام) ڪونهي؟" (ايٿروٽي 2008) ۽ مسيمو وڊال ياران زبردست ۽ طنزيہ

هندستان جي دائم آباد تائين ۽ پاڪ- ايران سرحد تي سُتڪگين دور (Sutkagen Dor) کان اتر پرديش جي هُلس تائين- سڀ گڏي ڏهه لک چورس ڪلوميٽر ايراضيءَ تي پکڙيل هئي، جيڪا همعصر مغربي ايشيائي ۽ مصري تهذيبن جي گڏيل ايراضيءَ کان به وڏي هئي.

• سنڌو سڀيتا بنيادي طرح شهري (urban) هئي، جنهن ۾ ڪيترائي وڏا ۽ سٺي نموني اڏيل شهر هئا. جن جو دارومدار چوڌاري پکڙيل ڀڀراڙين جي واڌو زرعي اپت تي هو. سنڌوءَ جا شهر نه صرف اڏاوت ۾ بهتر هئا، پر انهن جو انتظام به بهتر هو جنهن ۾ واٽر سپلاءِ ۽ نيڪال جو نظام رشڪ جهڙو هو (جهڙو هن وقت به ڪيترن هندستاني شهرن کي ميسر ڪونهي).

• هتي وسيع ۽ سٺي قسم جا باقاعدي (well regulated) واپار هلندڙ هئا. درست ۽ مناسب شڪل وارا وٽ (وزن جا) استعمال ڪيا ويندا هئا. سهڻي نموني اڪريل مهرون استعمال ۾ هيون (جيئن ٻين پڙهيل لکيل سماجن ۾ هوندو آهي) جيڪي ذاتي سڃاڻپ، انتظامي ۽ واپاري مقصدن لاءِ هيون. گجرات جي سامونڊي بندر واري شهر لوٿل مان وڏي انگ ۾ مٽيءَ جون ننڍڙيون ٽڪيون مليون آهن، جن تي مهرن جا ٺپا لڳل آهن، جنهن مان تصديق ٿئي ٿي ته اتان مال ٻاهر برآمد ٿيندو هو ته ان تي ٺپا لڳايا ويندا هئا. اتر ۽ مغربي ايشيائي ماڳن تان سنڌو مهرون ۽ مٽيءَ جون ٺڪلين جهڙيون ٽڪيون لڌيون آهن، جتي اهي واپار جي ذريعي پهتيون هونديون. اهو آثار قديمه جو ثبوت ان مفروضي کي مڃڻ جوڳو ٺٺو رکي ٿو ته ڪو اهڙي وڏي اعليٰ انتظام واري ۽ سڌريل تجارتي سماج، پري پري تائين بنا ڪنهن ابلاغي نظام جي ڪاروهنوار هلايو هوندو! اهڙو مربوط نظام لکڻ يا تحرير سان ئي جڙي سگهيو ٿي. ان ڪري ائين سمجهڻ لاءِ ڪو به جواز ناهي ته ڪو اتي تحرير جو ڪو نظام ڪونه هو خاص ڪري جڏهن هزارين وٿون، جن ۾ مهرون، ٽڪيون، ٺامي جون مهرون ۽ ٺڪر شامل آهن، جن تي سموري سنڌوءَ واري خطي ۾ ساڳئي رسم الخط ۾ لکتون ملن ٿيون. اهو رسم الخط پلي ته پڙهيو نه ويو هجي، پر اهو ڪو سبب ناهي ته ماڳهين ان جي وجود کان ئي انڪار ڪري ڇڏجي ۽ سمورن آرڪيالاجيڪل ثابتين کي نظرانداز ڪري ڇڏجي.

هڪ ٻيو اهم نڪتو سنڌو سڀيتا جي پڙهيل هئڻ بابت اهو آهي تہ اها سڀيتا ٻين همعصر پڙهيل سماجن سان ثقافتي ۽ واپاري لاڳاپا رکندڙ هئي، جن ۾ پروٽو- ايلامائيٽ اتر ۾ ۽ سميري- اڪادي شهري رياستون (۽ شايد مصري سلطنت بہ) اولهہ ۾ موجود هيون. اها ڳالهہ وري بہ اعتبار ۾ اچڻ جهڙي ناهي تہ سنڌوءَ جهڙي هڪ شهري ۽ بهتر طور منظم تهذيب وارن کي پاڙيسري پڙهيل ثقافتن ۾ مروج تحرير جي اهميت جو احساس نہ هجي ۽ صرف ڪن "غير لساني/ غير ٻولياڻي علامتن تي راضي رهيا هجن، جن جو محدود ڪارج هو جيئن تاريخ کان اڳ شڪار گڏ ڪندڙ قبائلي سماجن ۾ ڪيو ويندو هو.

## لساني ثابتي:

سنڌو رسم الخط جي تحرير جي نظام واري حيثيت کان انڪار ڪندي فارمر، اسپروٽ ۽ وٽزل متنن جي انتهائي مختصر هئڻ ڏانهن اشارو ڪن ٿا (سراسري طور پنج نشانيون) ۽ انهن ۾ ڪيترين ئي مفرد (singletons)، جيڪي صرف هڪ ڀيرو آيل هجن) نشانين جي موجودگي ٻڌائين ٿا. دنيا ۾ هر هنڌ مهرن جا متن ننڍڙا هوندا آهن. ان ڪانسواءِ سنڌو رسم الخط ۾ گهٽ ڪري لفظي- نشانيون آهن. اهڙي رسم الخط ۾ پدي رسم الخطن کان ضرور اکرن جو گهٽ تعداد ۽ گهٽ ورجاءُ هوندو آهي. انهيءَ ڪري پوءِ وارين هندستاني مهرن ۽ غارن جي لکتن ۾ لفظن جي انگ سان صحيح ڀيٽ ڪرڻ گهرجي. انهن مثالن ۾ لفظن جو صحيح تعداد، سنڌو متنن جي نشانين جي سراسري تعداد سان هڪجهڙائي رکي ٿو. بهرحال، ڪيترائي مهرن جا متن سراسري ماپ کان وڏا بہ آهن (ڊگهن متنن جون تصويرون ڏسو). جيتريقدر مفرد نشانين جو تعلق آهي اهي گهڻو ڪري گڏيل نشانيون (composite) يا ترميمي (تبديلي آڻيندڙ modifiers) آهن، جيڪي بنيادي نشانين مان ٺهيل آهن، جن جو استعمال محدود ۽ خاص هوندو آهي. ان لاءِ مناسب هڪجهڙائي برهمي رسم الخط ۾ بنيادي ۽ گڏيل وينجنن جي ورجاءُ (بار بار اچڻ) ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

## ڏسٽيون (The Concordances):

سنڌو متنن جون ٽي مکيہ ڏسٽيون ڇپجي چڪيون آهن: هڪڙي هنٽر جي هٿ سان ٺاهيل ايڊيشن آهي (1934)، ۽ بہ ڪمپيوٽر جا ٺاهيل ايڊيشن آهن.

جن مان هڪ فنليند جي ٽيم جي سربراهه آسڪوپرپولا جوڙي (1982, 1973) ۽ ٻي هندستاني ماهر اروٿم مهاديون (1977) جوڙي. اهي ٽئي عالم متن، نشانيون ۽ سنڌن بدل فهرستن جي صورت ۾ ڏين ٿا. مهاديون جي ڏسٽيءَ ۾ ان ڪانسواءِ به مختلف شمارياتي جدولون موجود آهن، جيڪي متنن جي تجزيي سان گڏوگڏ انهن جي آرڪيالاجيڪل حوالي بابت چارٽ ڏين ٿيون (جن ۾ ماڳ، لکتن وارين وٿن جا قسم ۽ انهن سان گڏ گل چٽ وغيره اچي وڃن ٿا).

سنڌو رسم الخط تي تحقيق جي لاءِ اهم ترين ذريعو اهي ڏسٽيون (Concordance) آهن. هر هڪ ڏسٽيءَ ۾ ڏنل متنن ۾ نشانين جي موجودگيءَ جون مڪمل فهرستون آهن، جنهن ۾ هر هڪ نشانيءَ جي اچڻ بابت متن جو مڪمل حوالو به هوندو آهي. هڪ ڏسٽيءَ مان هر هڪ نشانيءَ ۽ ان جي ميلاپن جي ڀيٽ ۽ ورجاءَ جي تصديق ڪري سگهبي آهي. هڪجهڙائي رکندڙ ترتيبي ورجائن جي مدد سان متنن کي ڌار ڪري لفظن ۽ فقرن ۾ ورهائي سگهبو آهي. هڪجهڙين ترتيبن جي تقابلي مطالعي سان شڪي نشانين کي به اعتماد سان پڙهي سگهبو آهي. متنن جي ماحول جي اڀياس ذريعي نشانين جا بدل به وڏي پيماني تي سڃاڻي سگهبا آهن.

ڏسٽين جي مدد سان ئي سنڌو رسم الخط جي طرف جو تعين مهرن جي نپن تي ساڄي کان کاٻي پاسي ڪيو ويو ۽ مهرن تي سڌي لکڻ بابت به تعين ڪيو ويو هو جيڪو ظاهر آهي ته ابتڙ هوندو آهي. ڏسٽي متنن جي اندر وسيع نحوي خاصيتن کي به ظاهر ڪندي آهي، جيئن سڀ کان وڌيڪ ايندڙ شروعاتي ۽ پڇاڙڪيون نشانيون ۽ گڏوگڏ وچ ۾ ايندڙ جوڙيون ۽ گڏيل ٽي نشانيون، جيڪي لقبن ۽ نالن جي ترجماني ڪن ٿيون. انگن جي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي. جيئن ته اهي ڳڻيل وٿن جي سامهون اچن ٿا ۽ اسان کي خبر آهي ته صفتون اسمن کان پهرين اچي انهن بابت ٻڌائينديون آهن. اهو هڪ اهم نتيجو اهڙو آهي، جيڪو ڪنهن لکت کي مثلاً سميري ۽ اڪادين جون 'پوليون' هئڻ واري وصف مان خارج ڪري ڇڏي ٿو. ڪامل زويليبل ۽ گريگوري پوسيهل جهڙن قابل ۽ غير جانبدار عالمن مطابق، ڏسٽيون سنڌو رسم الخط تي ڏگهي عرصي تائين ڪيل تحقيق جو پختو نتيجو آهن.

انهن ڏسٽين تي ان لاءِ تنقيد ڪئي ويندي آهي تہ اهي تيار ڪيل (nomralised) نشانين کي کڻن ٿيون، جيڪي اصل انفرادي لکتن ۾ ملندڙ نشانين کان مختلف آهن. اهو فرق ائين آهي جيئن هٿ سان لکيل عبارت ۽ ڇپيل ڪتاب ۾ هوندو آهي. اسان جون نئي ڏسٽيون اهڙيون تيار ڪيل نشانيون رکن ٿيون، ڇو جو پيو ڪو اهڙو ممڪن طريقو آهي ئي ڪونہ، جنهن سان سوين لکتن ۽ هزارين نشانين جي ڳتيل ۽ منطقي ترتيب جو تجزياتي اپياس ڪري سگهجي. انهن ڏسٽين تي اها تنقيد بہ ڪئي وئي تہ انهن جي پڙهڻين ۾ فرق آهي، پر اهڙي تنقيد ڪرڻ وارن انهيءَ ڳالهہ کي سامهون ڪونہ رکيو آهي تہ اهو سنڌو رسم الخط اجا تائين پڙهيو ڪونہ ويو آهي، ان ڪري اهڙا فرق ٿيڻ سڀاويڪ آهن، خاص ڪري خراب حالت ۾ مليل متنن کي پڙهڻ ۽ اهو فيصلو ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي، جن ۾ اهو فيصلو نٿو ڪري سگهجي تہ ڪهڙيون اصل نشانيون آهن ۽ ڪهڙيون سندن نقل ڪيل بدل آهن.

سنڌو رسم الخط جو سنجيده شاگرد انهن ڏسٽين مان استفادو ڪندو پر ضرور ان جي تصديق لاءِ اصل ماخذن ڏانهن رجوع ڪندو. شمارياتي حوالي سان ڏسٽين ۾ تفاوت (يا خود پڙهڻ ۾ غلطيون) تمام معمولي آهن ۽ انهن متنن جي خاصيتن جي سمجهاڻيءَ کي گهٽو متاثر ڪونہ ڪيو آهي.

انهيءَ ڳالهہ جي تصديق هڪ دلچسپ مطالعو ڪري ٿو جيڪو ٽاٽا انسٽيٽيوٽ آف فنڊامينٽل ريسرچ جي ميانڪ وهيا ۽ ساٿين طرفان ڇپايو ويو آهي (انٽرنيشنل جرنل آف ڊريويڊين لنگئسٽڪس- 37:1، 2008). انهن مهاديون واري ڏسٽيءَ مان شڪي پڙهڻين وارين سمورين نشانين کي خارج ڪري ڇڏيو (متن ٽارن جو نشان ڏئي) ۽ گڏ وچڙ ستن (جن ۾ ترتيب غير واضح آهي) کي بہ ڌار ڪري ڇڏيو ۽ باقين جو ڇيد ڪيو جيڪي نشانين جي ڪل تعداد جي اڌ جيتريون هيون. انهن کي معلوم ٿيو تہ نشانين جي ورهاست، ورجاءُ ۽ متنن جي فرق جو شمارياتي سيڪڙو پوءِ بہ ساڳيو رهيو جنهن سان مڪمل ڏسٽيءَ جي درست مرتب ڪرڻ بابت تصديق ٿئي ٿي.

دراوڙي مفروضو:

آرڪيالاجيڪل ۽ لسانياتي ثابتيون ان خيال جي تائيد ٿيون ڪن تہ سنڌو سڀيتا آرين کان اڳاٽي ۽ غير آريائي آهي.

• سنڌو سڀيتا شهري (urban) هئي، جڏهن تہ ويدڪ تهذيب ڳوٺاڻي ۽ ڏنارڪي هئي.

• سنڌو مهرن ۾ ڪيترائي جانور موجود آهن، پر انهن ۾ گهوڙو ڪونهي.

• وچ ۾ ڏنڊين وارن ڦيٿن وارو رَٿ بہ ڪونہ ٿو ڏسجي، گهوڙو ۽ اهڙن ڦيٿن وارا رَٿ آريائي ڳالهائيندڙ سماجن جي خاص سڃاڻپ آهن (جديد ۽ بهترين احوال لاءِ ڏسو ڊيوڊ ڊبليو اينٿونيءَ جو لکيل مضمون: "The Horse, the Wheel and Language" (Princeton 2007)

• مهرن تي تصويري نمونن مان سنڌوءَ وارن جي مذهب ۾ اهڙا مذڪر ديوتا آهن، جن کي مينهن جهڙا سڱ آهن. ماتا ديوين، پپر جو وڻ، نانگ ۽ امڪان آهي تہ لنگ جي علامت پڻ آهن. اهڙا پرستش جا طريقا رگويد جي ڌرم لاءِ اوپرا آهن. .

• سنڌو سڀيتا جي آريائي هئڻ واري مفروضي کي خارج ڪرڻ سان اها هرويرو دراوڙي ڪانہ ٿي ٿي وڃي، تنهن هوندي بہ چڱي لسانياتي ثابتي اهڙي موجود آهي، جيڪا دراوڙي نظريي کي هٿي ڏي ٿي.

• سنڌوءَ واري خطي ۾ بروهيءَ جو زنده رهڻ جيڪا هڪ دراوڙي ٻولي آهي.
• رگويد ۾ دراوڙيءَ کان اڌارن ورتل لفظن جي موجودگي
• پراڪرت جي لهجن ۾ دراوڙيءَ جي اثر جي موجودگي

• سنڌو متنن جي ڪمپيوٽر تي تجزيي مان اهو ثابت ٿيڻ، تہ ان ٻوليءَ ۾ صرف پڇاڙيون هيون (دراوڙيءَ وانگر) ۽ ڪي بہ اڳياڙيون ڪونہ ٿيون ملن (جيئن هند-آريائيءَ ۾ هونديون آهن) يا وري وچ وارا جوڙ بہ ڪونهن (جيئن منڊا ۾ آهي)

اهو اهم آهي تہ اهي ٽئي ڏسڻيون جوڙيندڙ (هنٽر، پرپولا ۽ مهاديون) سنڌو متنن جي اندر ٻوليءَ جي سلسلي ۾ دراوڙيءَ جي امڪان ڏانهن ئي اشارو ٿا ڪن. انهيءَ دراوڙيءَ واري مفروضي جي پٺن ماهرن بہ حمايت ڪئي آهي، جن مان روسي ٽيم بہ هڪ آهي، جنهن جو سربراهہ يوري وئلنٽينووچ ڪنورو زوف آهي، ان ڪانسواءِ آثارِ قديمہ جو امريڪي ماهر والٽر فيئر سروس بہ ساڳي ڳالهہ ٿو ڪري، جن سيني انهن ڏسڻين ۾ ميسر معلومات کي

استعمال ڪيو هو. تنهن هوندي بہ جيئن تہ ڏسڻين ۾ ياچ جي دراوڙي نمونن ۾ تمام گهڻي موافقت آهي، سواءِ مٿي بيان ڪيل بنيادي خصوصيتن جي، ان ڪري اهو ظاهر آهي تہ ڪنهن بہ عام طور قابل قبول حل نڪرڻ تائين گهٽو ئي ڪم ڪرڻو پوندو.

آءٌ پر اميد آهيان تہ سنڌو متنن جي وڌندڙ عدد سان ۽ سڌريل آرڪيالاجيڪل ۽ لسانياتي طريقن جي مدد سان سنڌو رسم الخط جي ڳجهارت هڪ ڏينهن ضرور ڀڃي پوندي. ضرورت آهي مستقل مزاجيءَ جي، اڳوڻين تيل اڳيراين کي محتا ڏيندي اڳتي وڌڻ جي. سنڌو رسم الخط جي وجود کان ماڳهين انڪار اڳتي وڌڻ جو طريقو ڪونهي.

مهر ڳڙه جي کوٽاين مان هڙپا جي ماڻهن جي بنهه ابتدائي رهائش بابت اشارا ملن ٿا ۽ کوٽڏيجيءَ وارن مختلف ماڳن مان وري ان تهذيب جي دور جي ويدڪ دستاويزن جي وجود بابت ڪئين ثابتون ملن ٿيون. هن وقت گمر ٿي ويل سرسوتي نديءَ (گگمر- هاڪڙو) جي امڪاني وهڪري جي ڪنارن تي نوان ماڳ ليجي رهيا آهن. بي. بي لال، ڊيلز ڊئنينو ڪينوائر جهڙا محقق نوان نڪتا پيش ڪري ان تهذيب کي سنڌو- سرسوتي سيپتا طور سڃاڻپ ڏئي رهيا آهن. جيتوڻيڪ انهن جي راين ۾ فرق آهي، پر هڪ ڳالهه يقيني آهي ته انهن ۾ موجود رسم الخط اڃا تائين پڙهجي نه سگهيو آهي.

**سنڌو رسم الخط جي پاڃ لاءِ اڳانيون ڪوششون:**

سن 1931 ۾ جان مارشل پنهنجو اهو اعليٰ ڪم ڇپايو جنهن ۾ گڏ ۽ لئنگڊن پڙهڻين متعلق اهم ڳالهيون شامل ڪيون هيون. هنن موجب ٻوليءَ جو گروهه هند-آريائي هو ۽ اهي برهميءَ جون ماءُ ٻوليون (اصل ماخذ) هيون. 1950 کان محققن انهن کي دراوڙي نموني تي پڙهڻ شروع ڪيو. هنٽر، ڪنوروزوف، پرپولا ۽ مهاديون انهيءَ نظريي جا مکيه معمار هئا. ان وقت ڪو به اهو يقين ڪرڻ لاءِ تيار نه هو ته ان جا ڪي لاڳاپا ويدڪ تهذيب سان ٿي سگهيا ٿي. 1990 ۾ ۽ ان کانپوءِ صورتحال بدلجڻ شروع ٿي. هن رسم الخط کي هند-آريائي خاندان جي فرد طور پيڇڻ جون ڪيتريون ئي ڪوششون ڪيون ويون، پر ڪو به نظريو متفق طور تي قبول نه ٿي سگهيو آهي.

اڄ ڏينهن تائين 4000 لکيل متن لڌا ويا آهن. اهي متن مهرن، ننڍڙين ٺڪين ۽ ٽامي جي ٺڪين تي مليا آهن. هن موضوع جي ٻن ابن (ماهرن)، پرپولا ۽ مهاديون 70 جي ڏهاڪي ۾ ڪجهه ڏسٽيون ڇپايون. مهاديون موجب 420 نشانيون لڌيون ويون آهن. انهن متنن کي هن سيريل نمبر به ڏنا آهن، جن کي مون اڳتي هڪ جدول ۾ استعمال ڪيو آهي. مختلف محققن پاران مختلف عمل ڪيا ويا آهن (الفابيٽ، پد، پدي لفظ مستقل بدل، ڌاتوءَ ۾ صرفي پڇاڙيون، نيم بدل وغيره) جن سان سنڌو رسم الخط جي پاڇ تي سگهي. ڪي ماهر (ڊاڪٽر ڪليانرامن) معماتي لکٽين وانگر ان کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. هن وقت تائين دراوڙي مفروضو ڪي نتيجا

نہ ڏٺي سگهيو آهي. جنوري 1998ع ۾ ڏنل هڪ انٽرويوءَ ۾ مهاديون اعتراف ڪيو هو تہ دراوڙي تعلق صرف هڪ نظريو آهي، جنهن لاءِ ڪو حتمي ثبوت ڪونهي. انهيءَ ڪانپوءِ وٽزل، اسپروٽ ۽ فارمر تہ ماڳهين سنڌو لوڪن کي 'اڻ پڙهيل' سڏيو آهي. انهن کي جواب ڏيڻ لاءِ مهاديون، رائو وهيا، ياڏو جوگليڪر ۽ اڏيڪاريءَ ڪمپيوٽر تي مارڪوف چين ماڊل (Markov chain model) کان مدد ورتي ۽ سندن مضمون 29 مئي 2009 جي 'سائنس' جرنل ۾ ڇپيو جنهن ۾ هنن سنڌو رسم الخط جي لساني بناوٽ لاءِ لکت اندر 'نشانين جي ترتيب موجب پيغام رسانيءَ جي صلاحيت جي تورتڪ' واري ثابتي پيش ڪئي.

منهنجو نقطہ نظر:

اڄ 'آرين جي ڪاهہ وارو نظريو' متروڪ ٿي چڪو آهي. پاڪستان ۽ هندستان ۾ تازيون کوٽايون قديم هندستاني تاريخ جا نوان نوان افق کولي رهيون آهن. لوٿل مان گهوڙن جون ننڍڙيون مورتيون، ڪالي بنگن ۽ لوٿل مان مليل رانا- گهنڊئي (Rana-ghundai) ۽ قربان گاهہ (جا ٿلها) جديد مؤرخن کي آرين جي ڪاهہ کان اڳتي سنڌو لوڪن ۽ آرين جي لاڳاپي بابت سوچڻ لاءِ مواد ڏنو آهي. ايس ڪاڪ ۽ ٻين سنڌو نشانين ۽ برهمي رسم الخط ۾ هڪجهڙاين جو ذڪر ڪيو آهي. ايس. آر. رائو سنڌو نشانين کي اوائلي، وچئين ۽ آخري مرحلن ۾ ورهايو آهي. رنگپور، ڪورٽ، بيٽ دوارڪا، ڪي اهڙيون ڪتل ڪڙيون آهن، جيڪي هڙپا جي آخري دور ۽ ٻوڌي- برهمي دور جي وچ ۾ ٿي سگهن ٿيون.

هندو ڏند ڪٿائن/ديومالائن سان هم آهنگ ٿي آءٌ ايئن چوندس تہ هندستان ۾ لڳ ڀڳ 6000 سال اڳ ۾ سڌريل توڙي اڻ سڌريل ماڻهو گڏ گڏ رهندڙ هئا. جيتوڻيڪ اڻ سڌريل لوڪ جهنگ ۾ ٽڪرين تي ۽ شهرن ۽ ڳوٺن جي ٻهراڙين ۾ رهندا هئا ۽ تعداد ۾ وڌيڪ هئا. پر سڌريل لوڪن ان وقت تائين سموري سماج تي عملي طرح حڪومت پئي ڪئي. سڌريل ماڻهو ٻن مکيہ گروهن ۾ ورهايل هئا: 'ديوا' (سُورا) ۽ 'اسورا'. انهن ٻنهي گروهن کي شهري(اسُورا) ۽ غير شهري (ديوا) نالو ڏئي سگهجي ٿو. مهر ڳڙهہ

جي لاڳيتين ڪوٺاين مان اهڙي شهريت (urbanization) جي شروعات ثابت ٿئي ٿي. اهي ٻئي گروهه جدا جدا ساڳئي وقت وڌندڙ هئا. سنڌو نديءَ جي مغربي پاسي 'اسورا' ۽ سرسوتيءَ جي مشرقي ڪناري تي 'ديوا' اسري رهيا هئا. هڪ پاسي 'سورا' ۽ 'ديوا' گروهن جا ماڻهو ويدڪ ثقافت جي پوئواري ڪندڙ هئا ته ٻئي پاسي وري 'اسورا' جيتوڻيڪ ويدڪ ثقافت کان واقف هئا، پر ان جا پوئلڳ ڪونه هئا. انهن ٻن گروهن وٽ ساڳي ٻوليءَ جا مختلف لهجا اسريا. ويدڪ لوڪن پنهنجي انهن همر منصب لوڪن کي 'مليڇ' جو نالو ڏنو ۽ سندن ٻولين کي 'آپڀاسا' چيائون. جيئن پتنجليءَ ڪيو. يا 'مليڇ واڪا/واچا' منوسمرتيءَ ۾ آهي. اهي ٻن قسمن جا ثقافتي گروهه سوين سالن تائين گڏ رهيا، وڌيا، پر تا ۽ منجهن ٻيا ثقافتي لاڳاپا پيدا ٿيا.

پانڊوَ راجا جي ٻي زال مادري، مدرا مان هئي، جيڪو هن وقت هڙپا جي ويجهو آهي. دريوڌن جي پيءُ دهشلا سنڌوءَ جي راجا جئدرٿ سان پرڻيل هئي، جنهن سان پانڊون جا ڪيترائي جهيڙا هلندڙ هئا. مادريءَ جو ڀاءُ شليا مهاڀارت جي وڏي لڙائيءَ ۾ ڪرنَ جو رٿ هلائيندڙ بڻيو. هڪ جهيڙي ۾ ڪرنَ شليا کي چيو هو ته مدرا لوڪ اڻ سڌريل ۽ ويدڪ لوڪن جا مخالف هئا. ڪرشن جو پٽ پرديومن، ڀاڙيسري 'اسورا لوڪن' اغوا ڪيو هو. دريوڌن کي پڻ هڪ دفعي هڪ گنڌاري چترسين پڪڙي ورتو هو ۽ پوءِ پانڊون آزاد ڪرايو هئس. ڏک ۾ پوءِ دريوڌن خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر اسورا لوڪن بچائي ورتو هئس، جن سندس حمايت ۾ 'يگنا' ڪري اٿر- ويد مان پڙهيا هئا (باب 250- ونا پروا 'مهاڀارت'). ڪرشن، ارجن ۽ ڀيم جي هڪ هڪ زال غير- ويدڪ سماج وارن مان هئي.

اسان جا ويدڪ متن سوين اهڙا مثال ڏيکارين ٿا، جن ۾ ان وقت مختلف ثقافتن جا ماڻهو گڏ رهندڙ هئا، بلڪ ڪي اسورا لوڪ ويدڪ ڌرمي رسمون به ادا ڪندا هئا. هڪ طرف ويدڪ راجا ۽ برهمڻ يگنڪ ڌرمي رسمون باقاعدگيءَ سان ادا ڪندا هئا، اسورا لوڪن هڪ واپاري سماج جوڙي ورتو هو، جنهن ۾ بين الاقوامي واپار تي زور هو.

ويدن کي 'سروتي' پڻ چيو ويندو آهي چو ته ويدڪ لوڪن، مختلف سببن جي ڪري فيصلو ڪيو هو ته اهي ويدن جا پڃن لکندا ڪونه ۽ پوءِ




**ٻهريون طريقو- سنڌوءَ وارين نشانين جي ٻين هندستاني رسم الخطن سان ڀيٽ:**

هتي مون سنڌو نشانين کي ٻين سمورين هلندڙ هندستاني نشانين سان ڀيٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن ۾ شروعات برهميءَ جي نشانين کان ڪئي وئي آهي، صدين جي سفر ۾ نشانيون بدلايون ويون آهن يا تبديل ٿي

Acrology ذريعي ’ڪا‘ جي ملھہ مقرر ڪرڻ بابت هيٺ لکيو ويو آهي.

نشاني- هيءَ هڪ ٿانءَ جي تصوير آهي. گهڻن ئي تاريخدانن هن کي هڪ ٿانءَ ۾ ان جي پاسي تي ليڪن کي ان جي هٿيي طور سڃاتو آهي، پر هڙپا ۾ موهن جي دڙي مان هڪ بہ ٿانءُ هٿيي يا هينڊل وارو ڪونہ لڌو آهي.



ڪي نقاد ان کي ٿانءُ مڃڻ لاءِ تيار نہ هئا. مون اندازو لڳايو آهي تہ مٿئين حصي ۾ ليڪا دراصل ان جي ڳچيءَ واري ٿلهي گول ڪنگري آهي، جيڪا اڪثر ٺڪر جي اهڙن ٿانون ۾ هوندي آهي.

سمورين هند-آريائي ٻولين ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ لفظ قديم آريائي لفظ ’ڪُنيَ‘[2] يا ’ڪلش‘[3] موجود آهي، جنهن جي معنيٰ ننڍي ٿانءُ آهي. تيلگوءَ ۾ اهو ’ڪُنڊَلُ‘[4]، تامل ۾ ’ڪُتَم‘، بنگاليءَ ۾ ’ڪلسي‘ چوندا آهن. ان ڪانسواءِ سنتالي لفظ ’ڪنڊا‘ معنيٰ ڪنهن خاص ماپ ۾ شڪل جو ٿانءُ. پاليءَ ۾ هڪ لفظ ’ڪُنا‘ بہ ساڳي معنيٰ وارو آهي.

---

[2] موجوده سنڌيءَ ۾ مٽيءَ جا ٿانوَ جوڙيندڙ کي ’ڪنير‘ يا ’ڪنيار‘ چئبو آهي، ان ۾ لفظ ’ڪُنب‘ موجود آهي.

[3] ساڳيءَ طرح هڪ ٿانءُ ’ڪرسيو‘ پڻ کير وجهڻ لاءِ ڪم ايندو آهي.

[4] هڪ ٿانءُ ’ڪرمنڊل‘ نالي سان بہ سنڌ ۾ رائج آهي. تعلق تي غور ڪري سگھجي ٿو (مترجم)

IV. سڏيون اڙيون ساڄي پاسي 'آ' جي لاءِ آهن.

V. جيتوٽيڪ تصور ساڳيا آهن، سنڌو- سرسوتيءَ ۾ استعمال جو ڪجهه نمونو آهي. جڏهن تہ برهميءَ جو استعمال ڪجهه قدر سنواريل آهن.

ٽيون قدم: مرڪب اکرن/ جڙيل اکرن جي جوڙجڪ:

جدول 8

| Sl.No. | Letter(S) | Values | Conjunct | Valuation |
|---|---|---|---|---|
| 1 |  | *na-da* |  | *nda* |
| 2 |  | *na-ya* |  | *nya* |
| 3 |  | *da-da* |  | *dda* |
| 4 |  | *na-ra* |  | *nri* |
| 5 |  | *na-ra* |  | *nri* |
| 6 |  | *ma- ma* |  | *mma* |
| Ek | | | | |

چوٿون قدم- ڪي بنيادي سوچ ويچار جا نڪتا:

سنڌو-سرسوتي رسم الخط کي پڙهڻ لاءِ اسان کي ان جون ڪي مکيہ خاصيتون ياد رکڻيون پونديون.

(i) ان کي هند آريائي ٻولين جي گروهہ جو ميمبر سمجهيو ويو آهي.

(ii) سڀ نشانيون اکر آهن ۽ وڌيڪ وضاحت ڪجي تہ پد آهن.

(iii) گھڻو ڪري پڙهڻيون ساڄي کان کاٻي ڪيل آهن.

(iv) جيتوٽيڪ ڌرن کي ڌار اچار آهن، پر انهن کي ڪڏهن بہ ڌار استعمال ناهي ڪيو ويو.

(v) مورڌني (cerebral) ۽ تارونءَ وارا 'ن' جدا ۽ چٽا استعمال ڪونہ ٿيا آهن. اهي اڪثر هڪ ٻئي جي جاءِ وٺن ٿا.

(vi) ساڳيءَ طرح مورڌني (cerebral) ۽ تارونءَ وارا 'س' بہ ڌار استعمال ڪونہ ٿيا آهن.

ڊيوڊ زيڪس

# ڇا ڪمپيوٽر 5000 سال پراڻي ٻوليءَ جي پاڄ ڪري سگهن ٿا؟

**Can Computers Decipher a 5000 year-old Language**

ڪمپيوٽر سائنس جو هڪ ماهر سنڌو ماٿريءَ جي لکت وارين علامتن جو ڳجهه ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي. واشنگٽن يونيورسٽيءَ ۾ نيورو سائنس ۽ روباٽڪس جي مضمونن سان وابسته راجيش رائو ۽ سندس ساٿين جڏهن ڪمپيوٽر ذريعي سنڌو رسم الخط کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ته هنن کي ڪنهن ڪرشمي جي اميد ڪانه هئي. هنن کي خبر هئي ته انهيءَ قديم رسم الخط جي پاڄ لاءِ وٽن موجود معلومات ڪافي ڪانه هئي. پر هنن اهو ضرور فرض ڪيو ته ڪمپيوٽيشنل طريقو استعمال ڪري هو گهٽ ۾ گهٽ اهو طئي ڪري ٿي سگهيا ته سنڌو رسم الخط ڪهڙي قسم جي تحرير آهي، ڇا ان ۾ ٻولي موجود آهي يا نه؟ ان لاءِ هنن هڪڙو ڪمپيوٽر جو تصور استعمال ڪيو جنهن کي Conditional Entropy چيو ويندو آهي. اها مشروط اينتراپي آهي ڇا؟ بظاهر رعبدار لفظ رکندڙ اها Conditional Entropy اصل ۾ هڪ تمام سادو تصور آهي: اهو ڪنهن ترتيب اندر ڪن عنصرن جي بنا رٿا جي (random) اچڻ جي ڳڻپ/تورتڪ آهي. (هن معاملي ۾ اهي عنصر پيغام رسانيءَ جي صلاحيت بابت آهن). پنهنجي (انگريزي) الفابيٽ کي ئي کڻي ڏسو. جيڪڏهن توهان اسڪريبل راند جون سارِيون (جن تي اي بي سي ڊي لکيل هونديون آهن) کڻي هوا ۾ اڇلايو ته ڪرڻ ڪانپوءِ انهن مان ممڪن آهي ته ڪي سارِيون هڪ ٻئي پٺيان بنا رٿا جي اچي بيهن (۽ ڪي لفظ جڙي پون). پر اصل انگريزيءَ ۾ لفظن ۾ هڪڙا اکر امڪاني طور ٻين اکرن جي اڳيان پٺيان رکيل هوندا آهن. انگريزيءَ ۾ Q اکر جي پٺيان اڪثر، بلڪ هميشه u جو اکر ايندو آهي. 1

جي اکر پنيان 'r' يا 'e' اکر اچي سگهن ٿا. پر ان ڳالهه جو امڪان گهٽ آهي تہ t کان پوءِ n اچي يا b اچي.

راٺو ۽ سندس ساٿين جي ٽيم هڪ بين الاقوامي ٽيم آهي، جنهن ۾ ڪمپيوٽر سائنس جا. ائسٽرو فزڪس جا ۽ ميٿميٽڪس جا ماهر شامل آهن. انهن هڪڙو ڪمپيوٽر جو پروگرام استعمال ڪري سنڌو لکت جي نشانين جي ترتيب ۾ بنا رٿا جي ايندڙ نشانين جي مشروط ڳُٽِپ (conditional entropy) ڪٿي. ايئن ڪرڻ کانپوءِ ساڳئي قسم جي ڳُٽِپ يا تورتڪ ڪجهه ٻين نظامن اندر موجود ترتيبن بابت بہ ڪيائون. جن ۾ فطري ٻوليون (سميري، تامل، سنسڪرت ۽ انگريزي)، هڪ مصنوعي ٻولي (ڪمپيوٽر پروگرامنگ جي هڪ ٻولي فورٽران (Fortran) ۽ غير ٻوليائي (غير لساني) نظامن جون ترتيبون (انساني DNA جي ترتيب، بئڪٽيريا جي پروٽين واري ترتيب ۽ بہ مصنوعي جاڻ جا سيٽ (dataset) وڌائون. جيڪي اهڙي مشروط ڳُٽِپ (conditional entropy) جي گهٽ ۾ گهٽ يا وڌ ۾ وڌ حد جي نمائندگي ڪن). جڏهن هنن سنڌو رسمالخط جي اندر نشانين جي بنا رٿا واري (random) ترتيب کي ٻين نظامن جي اهڙي ساڳي بنا رٿا واري ترتيب سان ڀيٽيو تہ انهيءَ رسمالخط جي اها ترتيب فطري ٻولين جي نظام واري شرح (rate) سان وڌ ۾ وڌ هڪجهڙائي ڏيکاري. هنن پنهنجا نتيجا (findings) مئي 2009ع ۾ 'سائنس' جرنل ۾ شايع ڪرايا.

جيڪڏهن سنڌو رسمالخط ٻوليءَ جهڙو لڳي ٿو ۽ ٻوليءَ وانگر ئي عمل ڪري ٿو تہ امڪاني طور اهو 'ٻولي' ئي آهي. اها ڳالهه هنن جي مقالي ۾ پيش ڪئي وئي. بيشڪ اهي نتيجا رسمالخط جي پاڃ يا پڙهڻي نٿا ڪن، پر اهي اسان جي ان کي سمجهڻ واري صلاحيت کي تکو ڪن ٿا. ۽ انهن اسان جي انهن عالمن ۽ قديم آثارن جي ماهرن (آرڪيالاجسٽن) جو ڀيهر اعتماد بحال ڪيو آهي. جن اهو فرض ڪندي تہ ان رسمالخط پنيان ڪا ٻولي آهي، مسلسل پئي ڪم ڪيو آهي (ان جي پاڃ لاءِ). راجيش راٺو کي پنهنجو مقالو ڇپرائڻ کانپوءِ وڏي غير متوقع ڳالهه کي منهن ڏيڻو پيو. سو هو ان ٻوليءَ جي خاندان بابت سوال، جيڪو ڏاڍو حساس معاملو آهي: ڇو جو سنڌو سڀيتا جي قدامت ۽ اهميت سبب ان بابت هندستان جا ڪيترائي همعصر گروهہ سنڌو رسمالخط کي پنهنجو سڌو سرچشمو يا جد امجد

(direct ancestor) هئڻ جي دعوي ڪندا. مثال طور، ڏڪڻ پاسي جا تامل ڳالهائيندڙ هندستاني اهو ٻڌڻ لاءِ آتا ويٺا آهن تہ اهو سنڌو رسمالخط هڪ قسم جو پروٽو دراوڙي رسمالخط آهي. جو جو تامل ٻولي پروٽو دراوڙيءَ مان نڪتل آهي. هندي ڳالهائيندڙ اتر جا ماڻهو چاهيندا تہ اهو سنسڪرت جو پراڻو روپ ثابت ٿئي، جيڪا هنديءَ جي ماءُ ٻولي (ancestor) آهي. رائو جو مقالو اهو نٿو ٻڌائي تہ اهو رسمالخط ڪهڙي خاندان سان تعلق ٿو رکي، پر هو اهو ضرور تاثر ڏي ٿو تہ اها ترتيبن جي مشروط ڳُٽپ تامل ٻوليءَ سان هڪجهڙائي رکي ٿي، جنهن جي ڪري رائو جو چوڻ آهي تہ ڪن نقادن اسان کي 'دراوڙي قومپرست هئڻ جو الزام هنيو آهي." انهن الزامن ۽ حملن جي سختي تمام غير متوقع هئي.

ڪڏهن ڪڏهن رائو انهيءَ کان پناھ وٺڻ لاءِ پنهنجي نيورو سائنس ۽ روبوٽڪس (Neuro Science and Robotics) واري گهٽ مخالفت واري دنيا ۾ موٽي ويندو آهي، پر سنڌو رسمالخط جي ٻُڪار هن کي چڪي ٿي وٺي ۽ چوي ٿو تہ "اڳي جيڪو رڳو وقت گذاريءَ جو منهنجو شوق هو اهو هاڻي منهنجي وقت جي، ٽئين حصي کي سيڙايو ويٺو آهي." هن وقت رائو ۽ سندس ساٿي اڳ ۾ تجزيو ڪيل نشانين جي پيٽ ۾ وڌيڪ نشانين جي لڙين تي تجربا ڪري رهيا آهن. ان ڏس ۾ رائو چوي ٿو تہ جيڪڏهن انهن سنڌو نشانين ۾ ڪو خاص ترتيب جو نمونو (pattern) آهي تہ ان ذريعي گرامر جا قاعدا حاصل ڪري سگهون ٿا. جنهن سان وري ٻوليءَ جي خاندانن مان اهو خاندان محدود ٿي سگهي ٿو جنهن سان ان رسمالخط جو واسطو آهي.

رائو کي اميد آهي تہ مستقبل ۾ حاصل ٿيندڙ نتيجا پاڻ ئي پنهنجي باري ۾ ڳالهائيندا ۽ ايئن سندن مخالفن طرفان گهٽ بغض ظاهر ٿيندو جنهن جي بنياد تي هندستان جي هڪ خطي کي ٻئي خطي خلاف ڪيو ٿو وڃي. جيتريقدر سندس ڳالهہ آهي تہ راجيش رائو جڏهن بہ سنڌو رسمالخط جي سندس لاءِ اهميت بابت ڳالهائي ٿو تہ هو سموري هندستان جي ڳالهہ ٿو ڪري ۽ چوي ٿو تہ "هندستان جو ورثو تڏهن شاهوڪار ٿيندو جڏهن اسين سنڌو سڀيتا کي سمجهڻ جي قابل ٿي سگهنداسين." رائو ۽ سندس ساٿي انهيءَ ۾ معنيٰ جي ڳجهہ جي ڳولا لاءِ هڪ وقت ۾ هڪ سٽ تي ڪم ڪري رهيا آهن. (مقالو: جولاءِ 20- 2009)

# ڊاڪٽر آسڪوپرپولا جو انٽرويو

سنڌولاجسٽ يا انڊولاجسٽ (Indologist)، فنلينڊ جو ڊاڪٽر آسڪوپرپولا، جيڪو ڊينمارڪ جي هيلسنڪي يونيورسٽيءَ جو پروفيسر ايمريٽس ۽ انسٽيٽيوٽ آف ورلڊ ڪلچرس ۾ انڊولاجيءَ جو ماهر آهي سنڌو سڀيتا ۽ رسم الخط تي اٿارٽيءَ واري حيثيت رکندڙ چند ماهرن مان هڪ آهي. هن سنڌو رسم الخط تي لاڳيتو ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته انهيءَ رسم الخط (جيڪو اڃا پڙهيو ڪونه ويو آهي) ۾ هڪ دراوڙي ٻولي موجود آهي. هو هڪ سنسڪرتدان جي حيثيت ۾ سام ويد ۽ ويدن جي ڌرمي رسمن جي موضوعن تي خصوصي مهارت رکي ٿو. پروفيسر پرپولا ڪان اي ميل. ٽي ٽي ايس. سبرامينين پاران پڇيل سوالن جا ڪي جواب هتي پيش ڪري رهيا آهيون. جيڪي ڪانئس ان وقت پڇيا ويا هئا، جڏهن کيس تامل ناڊوءَ جي وزير اعليٰ طرفان ڏنل 'ڪلاسيڪل تامل اوارڊ 2009ع' لاءِ چونڊيو ويو هو. اهو ڏهن لکن رپين جو اوارڊ، سنڌس خدمتن جي مڃتا شيلڊ سان گڏ کيس 'ورلڊ ڪلاسيڪل تامل ڪانفرنس' جي موقعي تي ڏيڻو ڪيو ويو جيڪا 23 کان 27 جون 2010ع تي ڪوائمبٽور (Coimbatore) ۾ رٿيل هئي. اوارڊ واري اعلان سان چيو ويو ته پروفيسر پرپولا کي انهيءَ اوارڊ لاءِ ان ڪري چونڊيو ويو آهي جو هن سنڌو رسم الخط جون سمجهاڻيون ڏينڊي پنهنجو 'دراوڙيءَ وارو مفروضو' پيش ڪيو. چاڪاڻ جو هن کي قديم تامل سان دراوڙيءَ جو ويجهو لاڳاپو نظر آيو هو. اهو اوارڊ چنائي جي 'سينٽرل انسٽيٽيوٽ آف ڪلاسيڪل تامل' پاران ڏنو پئي ويو جنهن لاءِ تامل ناڊو جي وزير اعليٰ ايم. ڪرونندڌيءَ هڪ ڪروڙ رپين جو عطيو ڏنو هو.

سوال: توهان ويدڪ اسڪالر آهيو آخر ڪهڙي ڳالهه توهان کي سنڌو رسم الخط ڏانهن وٺي آئي؟

پرپولا: سٺ واري ڏهاڪي ۾ يونيورسٽيءَ ۾ سنسڪرت ۽ قديم يونانيءَ جي هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ مون ڇپيدوڪ جو متاثر ڪندڙ ڪتاب پڙهيو

جنهن ۾ ٻڌايل هو تہ ڪنجهي جي دور جي مائيسين 'لينيئر بي رسم الخط' جي ڪيئن پاڄ ڪئي وئي هئي (Decipherment of Linear B, Cambridge University Press 1958). مائيڪل وينٽرس ٻہ-ٻوليائي متنن جي مدد کانسواءِ اهو ڪم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو جيڪي عام طور انهيءَ قسم جي وساريل رسم الخطن جي پاڄ لاءِ ضروري سمجهيا ويندا آهن. ان کانسواءِ منهنجو ننڍپڻ جو دوست سيپو ڪوسڪينيمي، جنهن آءِ بي. ايم ۾ ڪم پئي ڪيو انهيءَ مون کي آڇ ڏني تہ جيڪڏهن مون کي پنهنجي موضوع بابت ڪو ڪم ڪمپيوٽر تي ڪرڻو هجي تہ هو منهنجي مدد ڪندو. جيئن تہ ڪامياب پاڄ لاءِ مختلف ڏسٽيون ۽ شمارياتي اڀياس اهم ثابت ٿيندا آهن، سو اسان هندستاني قدامت وارو ڏکيو مسئلو چئلينج ڪري کنيو.

سوال: اهڙي تنقيد سامهون آئي آهي تہ سنڌو رسم الخط ڪو لکڻ جو سرشتو ڪونهي، اوهان جو ڇا خيال آهي؟

پرپولا: آءٌ ان سان اتفاق نٿو ڪريان. اهي سڀئي خاصيتون جيڪي انهيءَ جي حمايت ۾ پيش ڪيون ويون آهن، تہ اهو لکڻ جو سرشتو ڪونهي، ساڳيون ئي مصري هيروگلفي رسم الخط جي وجود جي پهرين 600 سالن ۾ موجود هيون. ان لاءِ منهنجو ان تنقيد جي جواب ۾ لکيل مضمون پڙهو.[1]

سوال: جيڪڏهن اهو واقعي لکڻ جو سرشتو آهي تہ توهان وٽ ان لاءِ ڪهڙا سبب آهن؟

پرپولا: اهو رسم الخط معياري بڻايل (standardized) آهي، ان ۾ نشانيون باقاعدي سٽن ۾ لکيل آهن ۽ انهن جون ترتيبون بہ باقاعدگيءَ سان ساڳئي تسلسل سان آهن، جيڪي مختلف ماڳن تان لڌيون ويون آهن. محفوظ ٿيل متن گهڻو ڪري پٿر جي مهرن تي آهن ۽ ٻين تهذيبن ۾ عام طور مهرن تي لکيل نالا ۽ لقب يا مالڪي وغيره انهن مهرن جي مالڪن پاران هوندا آهن، ۽ ٻيو تہ سنڌو لوڪ ميسوپوٽيميا سان واپاري لاڳاپن جي ڪري، سنڌن ميخي خط کان بہ واقف هئا.

سوال: سنڌو نشانيون گهڻو ڪري مهرن ۽ ٽڪين تي ملن ٿيون. عام طرح اهو اندازو لڳايو ويو آهي تہ انهن تي تمام ننڍڙا متن لکيل آهن، ڇو جو اهي واپار ۾

---

[1] اهو مضمون هن ڪتاب ۾ موجود آهي.

سوداگريءَ لاءِ هيون. تنهن هوندي بہ هڪ ٽي ميٽر ڊگهي لڪت، هڪ ڪاٺ جي تختي ۾ نوڪيل/گهيڙايل پٿرين سان ٺاهيل. گجرات جي ڍولاويرا ماڳ تان مليل آهي. اهو بہ سمجهيو ويندوهو تہ سنڌو لکتون پٿرن تي ڪونہ ملنديون، پر ڍولا ويرا مان تازو هڪ وڏي ڊگهي سر (Slab) مليل آهي، جنهن تي ٽي سنڌو نشانيون لڳل آهن. آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جي ويبسائيٽ تي ڍولاويرا ماڳ لاءِ لکيل آهي تہ: "اهو ماڳ ان ڳالهہ جي ڪري منفرد اهميت جو حامل آهي جو ان مان هڪ اهڙي لکت مليل آهي، جنهن تي ڏهہ وڏي سائيز جون سنڌو نشانيون نهيل آهن ۽ ان جهڙي اهميت واري ٻي شيءِ جيڪا مليل آهي سا آهي هڪ وڏي پٿر جي سر (slab) جنهن تي ٽي وڏيون نشانيون اڪريل آهن." توهان جو ان باري ۾ ڪهڙو اندازو آهي، ڇا هڪ وڏي پٿر جي سر تي سنڌو نشانين جو لڀجڻ ڪا اهميت رکي ٿو؟

پرپولا: هن قسم جي شيءِ جو لڀجڻ اهو ثابت ڪري ٿو تہ سنڌو رسم الخط يادگار لکتن (monumental inscriptions) لاءِ پڻ استعمال ٿيندو هو. ان مان اهو نتيجو ڪڍڻ فطري آهي تہ ان قسم جي معاملن جي تناظر ۾ 'لکڻ' جو عمل هوندو آهي.

سوال: سنڌو رسم الخط جي پاڇ ۾ ڪهڙيون رڪاوٽون درپيش آهن؟ ڇا متنن جو ننڍو هئڻ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ آهي؟ جيڪڏهن اسان کي 70 نشانين وارو ڪو متن مليو ٿو تہ ڇا انهيءَ رسم الخط کي پڙهي سگهنداسين؟.

پرپولا: سڀ کان وڏي رڪاوٽ تہ اها آهي تہ ڪا بہ ٻوليائي لکت يا روزيٽا اسٽون ڪونهي جيڪو پاڇ جي ڪنجيءَ جو ڪم ڏئي سگهي، جنهن ۾ ساڳئي متن ۾ مختلف رسم الخط ۽ ٻوليون هجن. نہ ئي وري ڪو بنهہ ساڳئي بنياد وارو ڪو ٻيو ڄاتل رسم الخط موجود آهي، جنهن سان نشانين ۾ موجود آوازن کي ملهہ ڏيڻ جي لاءِ اهڃاڻ هجن. نہ صرف رسم الخط اڻڄاتل آهي، پر ان جي نموني بابت بہ اختلاف آهن (الفابيٽ وارو آهي يا پدي (syllabic) يا ماڳهين لفظي پدن (logosyllabic) وارو) ۽ پڻ ان جي اندر موجود ٻوليءَ بابت بہ اختلاف آهن. ان ڳالهہ جي قطع نظر تہ عظيم سنڌو ماٿري شايد سميرين وٽ 'ميلوها' جي نالي سان سڃاڻپ رکندي هئي. سنڌو تهذيب بابت ڪا بہ تاريخي معلومات ميسر ڪانهي. ڪيونيفارم يا ميخي خط کي پڙهڻ لاءِ

ايراني بادشاهن جي نالن ۽ شجرن جي مدد حاصل هئي (جيڪي يوناني مؤرخن ۽ بائيبل مان معلوم ٿيا)، متن ايترا مختصر آهن، جو انهن ۾ ڪي مڪمل جملا ڪونہ ٿا ٿي سگهن ۽ صرف اسمي فقرا ٿي سگهن ٿا. پر 70 نشانين جيترا ڊگها متن رسم الخط جي ڪنهن ڊرامائي ياچ ڏانهن ڪو نہ وٺي ويندا، باقي ٿي سگهي ٿو تہ ان سان ان اندر موجود ٻوليءَ جي بناوٽ يا جوڙجڪ تي ڪا روشني پئجي سگهي.

سوال: ڇا توهان اهو ٻڌائي سگهو ٿا تہ "سنڌوءَ واري ڳجهارت جي دراوڙي حل" مان اوهان جي ڇا مراد آهي؟

پريولا: ان مان آءٌ اها پڪ ٿو ڪرڻ چاهيان تہ ڏکڻ ايشيا جي هن سنڌو رسم الخط ۾ جيڪا ٻولي آهي، ان جو تعلق دراوڙي خاندان جي ڪنهن ٻوليءَ سان آهي. ان لاءِ ضروري ناهي تہ سڄو رسم الخط پڙهجي (جيڪو موجوده مواد مان ڪنهن بہ صورت ۾ ناممڪن آهي) پر اسان کي نشانين جي چڱيءَ طرح آزمايل سمجهاڻين جي چڱي انگ ۾ ضرورت آهي.

سوال: توهان کي "Deciphering the Indus Script" کي ڇپرائيندي اٽڪل ڇهہ سال گذري ويا آهن. ان عرصي ڪانپوءِ ان ڏس ۾ اوهان ٻي ڪهڙي پيش رفت ڪئي آهي؟.

پريولا: ڪجهہ مڙئي اڳيرائي ٿي آهي، ان بابت آءٌ جون ۾ ڪلاسيڪل تامل ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندس. هونءَ اڳيرائي آهي ڏاڍي مشڪل، ۽ ڇو جو اسان وٽ پروٽو دراوڙيءَ جي لفظي خزاني بابت ۽ ان جي اصطلاحي فقرن بابت ڄاڻ نا مڪمل آهي، ان ڪري بہ اها ڏکيائي ٿي آهي. اهڙي ڄاڻ مستند پڙهڻيءَ لاءِ ضروري آهي. پر قديم تامل قيمتي مواد پيش ڪري ٿي، پر بدقسمتيءَ سان تمام محدود تعداد ۾.

سوال: ڪي هندستاني اسڪالر سمجهن ٿا تہ سنڌو سڀيتا آريائي آهي ۽ رگ ويد سان تعلق رکي ٿي. توهان هڪ ويدڪ اسڪالر بہ آهيو ۽ سنڌو رسم الخط جي بہ ڄاڻ رکو ٿا، سو انهيءَ نقطہ نظر بابت اوهان جو ردعمل ڇا آهي؟

پريولا: رگ ويد جا ڀڄن عام طرح گهوڙن ۽ گهوڙن ٻڌل رٿن بابت ذڪر ڪن ٿا، ان سان گڏ گهوڙي جي قرباني اشومڌا (ashvamedha) سڀ کان اعليٰ ويدڪ رسم آهي. هندستاني ننڍي کنڊ ۾ ان جانور جو ديسي متبادل هڪ

جهنگلي گڏهه آهي. جنهن جا هڏا سنڌو سڀيتا مان لڌا آهن ۽ ان کي سنڌن فن ۽ رسم الخط ۾ پڻ آندو ويو آهي (تمام گهٽ سهي). ذڪر ڪيل ايشيا ۾ پاليل گهوڙي جو وجود ٻئي هزاري ق. م. ڪانپوءِ ٿو ملي. پيرڪ ۽ سوات مان 1600 ق. م. مان لڌل آثار ڏيکارين ٿا تہ گهوڙو سينٽرل ايشيا کان متعارف ٿيو سو بہ سنڌو سڀيتا واري دور کانپوءِ. گهوڙن ۽ ڏل رٿن جا قديم آثارن مان مليل اهڃاڻ 2000 ق. م. جي لڳ ڀڳ يوريشين چراگاهن وٽ قبرن مان مليا آهن. جيڪا گهوڙن جي فطري رهائشگاهه هئي. اتر اوير يورپ ۾ ڳالهائجندڙ فينو-يوگرڪ (Finno-Ugric) ٻولين ۾ قديم آريائي اڌارا ورتل لفظ آهن (مثال طور سؤ (100) لاءِ منهنجي پنهنجي فنش ٻوليءَ ۾ لفظ آهي ست (sata)). انهن اڌارن آريائي لفظن مان ڪي تہ اوسر جي ٻنهي قديم مرحلي تي ويدڪ سنسڪرت کان بہ پراڻا آهن. (يعني صوتياتي لحاظ کان اهي پروٽو- انڊو- يوربي ٻولين کي ويجها آهن). اهو ممڪن آهي تہ اهي فينو-يوگرڪ ٻولين ۾ ان ٻوليءَ مان آيا هجن جيڪا وولگا جي چراگاهن (Volga steppes) ۾ ڳالهائي ويندي هئي.

**سوال:** توهان سنڌو مهرن ۽ لکتن (Corpus of Indus Seals and Inscriptions) جا بہ جلد جي. پي. جوشيءَ سان گڏ ڇپرايا آهن. ڇا ڪو ٽيون جلد بہ اچڻو آهي؟

**پريولا:** شري جي. پي. جوشي CISI جي پهرئين جلد جو ساٿي ايڊيٽر هو. جڏهن تہ جي. ايم. شاهہ ٻئي جلد جو ساٿي ايڊيٽر هو. ٽيون جلد-ڀاڱو پهريون پريس ۾ آهي ۽ جون 2010 ۾ پڌرو ٿيندو.

**سوال:** تامل- برهمي لکتون جيڪي پهرين صدي قبل مسيح کان ٽين صدي قبل مسيح تائين جون آهن. اها بنيادي ثابتي پيش ٿيون ڪن تہ تامل هڪ ڪلاسيڪي ٻولي آهي. مدورائي (Madurai) جي ٽڪرين ۾ ۽ چوڌاري گرينائيٽ پٿر جي کاٽين جي کوٽائي ڪندڙن طرفان انهن تامل-برهمي لکتن کي درپيش خطري بابت ڇا چوندا.

**پريولا:** تامل- برهمي لکتون اهم يادگار آهن. جن جي صحيح طريقي سان حفاظت ڪرڻ گهرجي. ٻين کوجنائن جي امڪان کي بہ نہ وسارڻ گهرجي. منهنجي پنهنجي ملڪ فنلينڊ ۾، حڪومت ريتيءَ جي کوٽائيءَ سبب قدرتي منظرن کي پهچندڙ نقصان لاءِ فڪرمند آهي ۽ ڪيترا بندشي قانون پاس ڪيا ويا آهن.

# اروتم مهاديون جو انٽرويو

*(سنڌو رسمالخط جي پاڄ ۽ ان جي ٻوليءَ جي اصل نسل بابت دراوڙي نظريو رکندڙ مشهور عالم اروتم مهاديون جي هڪ طويل انٽرويوءَ جا اهي حصا، جيڪي سنڌو سيپيتا ۽ رسم الخط بابت آهن، هتي پيش ڪري رهيا آهيون.)*

**سوال:** سنڌو لکتن بابت اوهان ڪڏهن کان ڪم شروع ڪيو؟

**مهاديون:** 1966ع ۾ مون پنهنجو مونوگراف تامل- برهمي لکتن بابت ڇپرايو، جنهن جو نالو هو: "Corpus of Tamil Brahmi Inscriptions". اهي لکتون تامل ناڊو جي ٽڪرين ۾ موجود قدرتي غارن مان مليون هيون ۽ وڏي عرصي تائين ڳجهارت بڻيون رهيون. اهي اشوڪا واري برهميءَ موجب پڙهڻ سان ڪجهه حاصل ڪونه ٿيو، اهي اشوڪا واري پاليءَ ۾ به ڪونه هيون، نه پراڪرت، نه تامل ۾ هيون. مون انهيءَ جي پاڄ جي سلسلي ۾ ڪوششون ڪيون ۽ ڪنهن حد تائين ڪامياب ٿيس. منهنجي ڪم کي گهڻي مڃتا ملي ۽ 1970ع ۾ مون کي جواهر لال نهرو فيلوشپ ڏني وئي ۽ چيو ويو ته سنڌو رسمالخط جي مسئلن تي ڪم ڪر. ان وقت آءٌ دهليءَ ۾ رهندو هئس، سو پنهنجو تامل برهميءَ وارو ڪم مڪمل ڪري سنڌو رسمالخط ڏانهن ڌيان ڏنم. شروعات ۾ منهنجا مقالا ڪجهه وڌيڪ جذباتي انداز ۾ لکيل هئا، پر هاڻي مون کي اندازو ٿي ويو آهي ته مسئلو ايترو آسان ڪونهي ۽ آءٌ سنڌو رسم الخط جي پاڄ ۾ ڪامياب ڪونه ٿي سگهيو آهيان ۽ امڪان آهي ته زندگيءَ جي رهيل سالن ۾ به ڪونه ٿيندس. پر ان جو مطلب اهو ڪونهي ته ڪو هن رسمالخط بابت آءٌ مايوس آهيان يا اهو پڙهجڻ جهڙو ڪونهي.

**سوال:** سنڌو نشانين کي ڏسڻ سان پهريون پيرو ڪهڙو تجربو ٿيو؟

**مهاديون:** پهريون پيرو سنڌو رسمالخط جي نمونن کي اتفاقي طور تي ڏٺو هئم، ڇا ٿيو جو مون هندستان جي حڪومت جي مرڪزي سيڪريٽريٽ

جي لائبرريءَ مان هڪ ڪتاب ورتو، جيڪو ڏاڍو اهم ثابت ٿيو. اهو ڪتاب هنٽر جي تيار ڪيل فهرست (concordance) جو هو جيڪو هن آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي ڊاڪٽوريٽ جي ٿيسز طور ڇپايو هو. جي. آر. هنٽر هڪڙو انگريز هو جيڪو هندستاني تعليم جي کاتي سان لاڳاپيل هو ۽ هڙپا ۽ موهن جي دڙي ۾ ٿيندڙ کوٽائين دوران اتي وڃي کوٽيل وٿن جا نقل تيار ڪيا هئا. پرپولا جي جديد طريقي سان تيار ڪيل ڏسڻين/فهرستن جي ڇيڇڻ تائين ان حوالي سان اهو ئي بهترين ذريعو هو. جڏهن مون اهو ڪتاب پڙهيو ته مون کي لڳو ته هندستان جي ڪتبن پڙهڻ جي ڏس ۾ اهو هڪ دلچسپ مسئلو آهي. ۽ مون سمجهيو ته ان ۾ ڪا هڪ هندستاني ٻولي هوندي ان ڪري ان جي پاڄ ممڪن هئي. اها ٻولي يا ته هند-آريائي گروهه جي هوندي يا دراوڙي خاندان جي.

هن وقت دنيا جي اڪثر عالمن جو خيال آهي ته آرين جي ڪاهه يا لڏپلاڻ سنڌو سڀيتا کان گهڻو پوءِ ٿي آهي، انهيءَ سان ٻوليءَ جي هند-آريائي هئڻ جو امڪان ختم ٿي ويو. هاڻي اسان کي اها به خبر آهي ته ننڍي کنڊ ۾ آرين جي اچڻ کان اڳ ملڪ جي اتر ۽ اتر اولهه ۾ دراوڙ رهندا هئا... ان ڪري ٻوليءَ جي دراوڙي هئڻ جي امڪان کي هٿي ملي. ڪيمبرج جي پروفيسر ڪينٿ ولسن جو خيال هو ته هڙپائي تهذيب ۽ ٻولي سميري هئي، پر ان کي قبول ڪرڻ وارا تمام گهٽ آهن، ڇوجو سميري ۽ اڪادي اهڃاڻ اتر هندستان ۽ پاڪستان جي موجوده ٻولين ۾ بلڪل ڪونه آهن. آءٌ اڄ ڏينهن تائين ان ڳالهه ۾ يقين ٿو رکان ته سنڌو سڀيتا جي ٻولي ڪا آڳاٽي دراوڙي ٻولي هئي، پر ياد رکڻ گهرجي ته اهو صرف هڪ نظريو آهي. ڪجهه ثابت ٿيل ڪونهي. آءٌ اهو به ٿو سمجهان ته ٻولي ساڄي کان کاٻي طرف لکيل آهي.

**ڌرمي اهميت واري وٿ (The Cult Object)**

مون پنهنجي ڏسٽيءَ ڪانسواءِ جيڪو اهم ڪم ڪيو سو اهو ته مون اهو خيال ڏنو ته هڪ سڱي جانور (unicorn) وارين هزارين مهرن ۾ ان جانور جي اڳيان هڪ وڏو ڇاڻيءَ وارو ٿانءُ يا فلٽر (filter) موجود آهي، جنهن جا ٽي حصا آهن. مٿيون گول پيپي جهڙو ٿانءُ، هيٺان ساڳئي قسم جو ٿانءُ جنهن ۾

هوندا. پر هڪڙو عاج جو ٺهيل نمونو محفوظ رهجي ويو هوندو. اهو ئي سبب آهي جو هڙپا مان وڏا وڏا ٺانوَ مليا آهن. جن مان اڪثر جي تري ۾ سوراخ آهي. ايئن هن تهذيب جي دراوڙي هئڻ بابت مون کي پڪ ٿي.

**سوال:** جيئن تہ توهان سنڌو رسمالخط ۽ برهمي رسمالخط بابت ڄاڻو ٿا، تہ اوهان جي خيال ۾ انهن ۾ ڪهڙو تعلق آهي؟

**مهاديون:** ڪيترائي اسڪالر چوندا رهيا آهن تہ انهن ٻنهي ۾ تعلق آهي. جڏهن سنڌو رسمالخط زنده رهيو ۽ آهستي آهستي سٽن يا سٽين ليڪن ۾ لکجڻ لڳو تہ آخرڪار برهمي رسمالخط ان مان ٺهيو. آءٌ ان نظريي ۾ بلڪل يقين نٿو رکان. سنڌو رسمالخط 1500 ق. م. تائين موجود ڪونہ رهيو هو. برهمي رسمالخط جا غير اختلافي مثال اشوڪ جي ڏينهن جا 300 ق. م. ۾ ملن ٿا. برهميءَ جو جنم ان کان اڳاٽو آهي اهو هند-گنگا (Indo gangetic) يا لوهہ واري دور جي تهذيب ۾ پهرئين هزاري ق. م. جي شروعات ۾ اسريو هوندو. جيئن تہ اهو اشوڪ ڪونہ ايجاد ڪيو هو تہ ظاهر آهي تہ ان کان ڪجهہ وقت اڳ جو هوندو. سنڌو رسمالخط ۽ برهمي رسمالخط ۾ گهٽ ۾ گهٽ هزار سالن جو فاصلو هوندو. سنڌو رسمالخط کان بہ اڃا برهميءَ جي ويجهائپ سامي رسمالخط سان وڌيڪ ٿي ڏسجي. ان ڪري جيڪي هندستاني عالم برهميءَ کي سنڌو رسمالخط مان نڪتل ڄاڻائين ٿا، آءٌ انهن سان متفق ناهيان.

**هڪ يا وڌيڪ ٻوليون**

**سوال:** ڇا توهان سمجهو ٿا تہ سنڌو رسمالخط ڪنهن هڪ ٻوليءَ جي نمائندگي ڪري ٿو يا وڌيڪ ٻوليون بہ ٿي سگهن ٿيون؟

**مهاديون:** اهو ڏاڍو دلچسپ سوال آهي. چيني ٻوليءَ کي هڪ ئي رسمالخط آهي. جنهن ۾ ان جا ڪيترائي روپ ۽ لهجا لکجن ٿا. جيڪي هونءَ هڪ ٻئي لهجي جا ماڻهو سمجهي نٿا سگهن. ٿي سگهي ٿو تہ هڙپا جي پري پري وارن علائقن ۾ ائين هجي. پر آءٌ سمجهان ٿو تہ بنيادي طور تي هڙپائي ٻولي موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي سمورن ماڻهن کي سمجهہ ۾ ايندي هوندي ۽ جيڪڏهن ڪي فرق هئا بہ تہ لساني نہ پر علامتي هوندا.

موهن جي دڙي جي آبادين جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي ۽ انهن مان لڳي ٿو تہ قديم معيارن کي سامهون رکي ڏسجي تہ اهي تمام وڏا شهر هئا. ان ڪري اسان جي ان مفروضي تي سوچڻ جي ضرورت آهي تہ هن رسمالخط ۾ ڪنهن مقامي ٻوليءَ کي ڳولجي.

**سوال:** ڇا ائين نٿو ٿي سگهي تہ مقامي ماڻهو مڪمل طرح غائب ٿي ويا هجن؟

**مهاديون:** تاريخ ۾ ايئن ٿي چڪو آهي. سميري مڪمل طرح نابود ٿي ويا هئا، پر اتفاقي طور ان بابت معلوم ٿيو تہ ڪوتاين مان مليل سنڌن رسمالخط کي شايد دنيا ڪڏهن محسوس بہ نہ ڪري سگهي ها. پر هن مثال ۾ چئي سگهجي ٿو تہ جيتري وسيع ڦهلاءَ واري وڏي پيماني جي هيءَ سنڌو تهذيب هئي تہ ان جو سڄي جو سڄو نابود ٿيڻ ممڪن ڪونهي. جيئن هاڻي ان مسئلي تي سوچيندڙ سڀ عالم مڃين ٿا تہ آرين جي هڪ ننڍڙي اقليت هئي. ان ڪري اهي صرف ثقافتي سطح تي حاوي ٿي سگهيا هوندا ۽ آخرڪار اتر هندستان جي ماڻهن يا هند آريائي لوڪن سان ضم ٿيل اصلوڪن نسلي عنصرن وري ڪجھ وقت ڪانپوءِ واپس پاڻ کي ظاهر ڪيو هوندو. ان ڪري اسان کي ڪٿي بہ آڳاٽو آريائي ڪنيارڪو (pottery) ڪم ڪونہ مليو آهي، ڇو جو نڪر جا ٿانوَ مقامي ماڻهو ئي ٺاهيندا رهيا هئا. ڇون ٿا تہ آثارِ قديمہ مان آرين جي ڪابہ ڄاڻ نٿي ملي صرف لسانيات ۾ آريا موجود آهن. اها ڳالھ صحيح بہ آهي. اصلوڪي تهذيب ۽ ثقافت ۾ ڪو بہ وقفو نہ پيو ۽ ان جو تسلسل جاري رهيو. جيڪڏهن تسلسل نہ رهيو تہ ٻوليءَ، ڌرم ۽ ڌرمي رسمن ۾ نہ رهيو. جديد هندو ڌرم آرين ۽ اصلوڪن ديسي لوڪن، قبيلن وغيره جي ڌرمن جو مرڪب آهي. جڏهن رسمالخط پڙهجي ويندو تہ شايد اهو ظاهر ٿي پوي تہ هندومت ۾ هڙپائي ڌرمي سلسلو بہ شامل آهي.

**لکڻ جو عمل ڇا تي ---!**

**سوال:** ڇا توهان نٿا سمجھو تہ هنن ٻين شين تي بہ لکيو هوندو جيئن ڪجيءَ جي پنن يا ڪپڙن وغيره تي؟

**مهاديون:** پريولا ۽ ٻيا پڻ انهيءَ حوالي سان سمجهن ٿا تہ سنڌو لوڪ ڇوڏن ۽ پنن کانسواءِ ڪپڙي تي بہ لکندا هوندا، پر اهي صدين جي عرصي ۾ ڳري

سڙي ويا هوندا، خاص ڪري سنڌو ماٿريءَ جي گرم ۽ گهميل موسم ۾. ٻولا ويرا مان مليل ڏهه فوٽ اوچي بورڊ تي نشانيون ساڳي مهرن واري ترتيب ۾ آهن، پر اهي ڪي جدا نشانيون ڪونہ آهن.

**مڇيءَ جي نشاني**

**سوال:** هاڻي اچو تہ ڪن نشانين جو خصوصي ذڪر ڪريون. توهان جي خيال ۾ اهي ڪهڙيون نشانيون آهن، جن جي بهترين پڙهڻي تي سگهي آهي؟

**مهاديون:** سمورن دراوڙي عالمن وانگر مون بہ فادر هيرس کان شروعات ڪئي. فادر هيرس هڪ اسپين جو پادري هو جنهن هندستان ۾ ڪم ڪيو هو ۽ بمبئيءَ ۾ تاريخ جو مڃيل پروفيسر هو. هن جو اهو خيال هو تہ سنڌو رسم الخط ۾ مڇيءَ جي نشاني اصل ۾ سمورين دراوڙي ٻولين ۾ 'مڇيءَ' لاءِ مروج لفظ 'مِين' جي نمائندگي ٿي ڪري. هن اهو بہ چيو تہ اهو لفظ 'مِين' سمورين دراوڙي ٻولين ۾ڪنهن تاري يا گرهہ (planet) کي بہ چوندا آهن. هن جو خيال هو تہ هڙپا جا ماڻهو بہ مڇيءَ جي نشاني تاري يا گرهہ لاءِ استعمال ڪندا هئا. هن ڪانپوءِ سنڌو لکت جي دراوڙي پاڃ لاءِ ڪم ڪندڙ روسي، فنش عالم ۽ آءٌ ان نڪتي کي کڻي اڳتي وڌياسين، پر ان تي اهو سوال پيدا ٿيو تہ آخر هڪ تاري کي تارو ڏيکارڻ ۾ ڪهڙو هرج هو. صرف ڇهہ ليڪون ئي تہ ڪڍڻيون هيون تارو ٺاهڻ لاءِ!

سميرين ۽ اڪادين بہ ائين ئي ڪيو هو. پر اصل ۾ تصويري لکتن ۾ اصول اهو هوندو آهي تہ 'تصوير' اهڙين شين جي نالن جي آواز لاءِ بہ استعمال ڪبي آهي، جن کي هونءَ چٽڻ ڏکيو ٿئي. مڇيءَ وارو مفروضو ثابت تہ ڪونہ ٿيو آهي، پر گهٽ ۾ گهٽ قابل قبول آهي. ان لاءِ ڪجهہ ٻيا پهلو بہ پيش ڪري سگهجن ٿا، جن ۾ مڇيءَ جي اڳيان ٽي، ڇهہ ۽ ست جا انگ، نڪتن جي ڇاتل سڇاتل ميڙن/جهڳٽن سان پيش سگهجن ٿا. جيئن 'ٽيڙو'، (ٽي مڇيون جنگي نڪٽ ۾) ڇهہ مڇيون 'pleads' لاءِ، ست مڇيون 'عظيم رڇ' لاءِ وغيره. پر جيڪڏهن مڇين مٿان ڏنل ماترائن يا اڙين بابت پرپولا جا نتيجا ٿا ڏسون تہ هو ان ۾ ڪيترن گرهن جا نالا ٿو پڙهي، جنهن تي سوال ڪري سگهجن ٿا!

**سوال:** جيتريقدر ٻين نشانين جو تعلق آهي، تہ معاملو اڃا ڪمزور آهي. اها مشهور پڇاڙڪي نشاني، جيڪا گهڻي ڏسڻ ۾ ٿي اچي ۽ سمورين هڙپائي لکتن جي اندر ڏهن کان ٻارنهن سيڪڙو موجود آهي، جنهن کي ڏگهي ٿانءَ جهڙي شڪل آهي ۽ (jar sign) ٿا چون. سنڌو لکت ۾ ان پڇاڙڪي نشانيءَ بابت اوهان جو ڇا خيال آهي؟

**مهاديون:** اها تمام اهم نشانين مان هڪ آهي. هنن چيو هو تہ اهو هڪ ٿانءَ هو جنهن کي ڏگهي ڪنگري يا جهلڻ جو هٿيو هو. هندستاني قديم آثارن جي ماهر بي. بي لال ان تي هڪ سٺو مقالو لکيو ۽ ثابت ڪيو تہ ان جون مختلف تبديل ٿيل صورتون ڪالي ٻنگن مان مليل اهڙن ٿانون جهڙيون آهن. منهنجي خيال ۾ بنا شڪ اهو هڪ ٿانءُ ئي آهي. پرپولا هاڻي سمجهي ٿو تہ اها ڪنهن ڍڳي يا ڍڳيءَ جي مڙيل سڱن جي سامهون واري تصوير آهي، پر ٿانءَ واري علامت جو امڪان وڌيڪ آهي، ڇو جو هندستان ۾ اها روايت مشهور آهي تہ هتان جا حڪمران طبقا، شهزادا ۽ پروهت وغيره ڪنهن ٿانءَ مان آيل آهن ۽ رگ ويد ۾ ان جا اهڃاڻ آهن، جنهن ۾ 'اگستيا' ۽ 'وسِشتا' ان خلاف آهن تہ ڪو هو ٿانون مان پيدا ٿيا آهن. وڏا ناميارا رشي بہ ٿانون مان پيدا ٿيل ڇيا وڃن ٿا. سو سنڌو رسمالخط جي نابود ٿي وڃڻ ڪانپوءِ جيڪي بچيا انهن هن کي پنهنجي ڏند ڪٿا جو حصو بنائي ڇڏيو پر رسمالخط ۾ ان نشانيءَ وياڪرڻي پڇاڙي (grammatical suffix) جو ڪم پئي ڪيو جيڪا صرف مٿئين طبقي جا شاهوڪار ڪم آڻيندا هئا. مون ان کي صوتي ملهہ بہ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر ڪا خاطر خواهہ شاهدي هٿ اچي نہ سگهي آهي.

پرپولا طرفان ان کي ڍڳي يا ڍڳيءَ جي سڱن سان ملائڻ تي بہ مون سوچيو آهي، ڇو جو هڙپا وٽ ان وقت ۾ هاڻي بہ مال جي چوري، مال پنيان ڊوڙ وغيره عام آهن. مهرن ۾ وهٽن/جانورن جي علامت نگاري گهڻي آهي. هڪ سڱي جانور (unicorn) لاءِ بہ هڪ خيال اهو آهي تہ ممڪن آهي تہ اهو ٻہ سڱو جانور هجي، پر تصوير پاسي کان ڏيکاريل هجي. هڪ ٽنين سڱن ۾

وڏي ٿوهي وارو ڍڳو بہ مهر تي مليو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ سنڌو ماٿريءَ جا ماڻهو جانورن جي پوڄا ڪندا هوندا ۽ جانور سندن نياتي نشان بہ هوندا. هڪ گروهہ جو نشان هڪ سڱو جانور (unicorn) شايد حڪمران طبقي جو هجي تہ ٻئي جو هاٿي ۽ ٽئين جو گينڊو هجي.

**تير واري نشاني**

انهي ٿانءَ ڪانسواءِ هڪ ٻي نشانيءَ کي تير يا ٻرڇيءَ واري نشاني بہ ٿا چون. اهي ٻئي نشانيون هميشہ آخر ۾ ٿيون اچن. ان ڪري ممڪن آهي تہ ڪن نالن جي نمائندگي ڪنديون هجن يا وياڪرڻي پڇاڙيون هجن. پرپولا موجب انهن مان هڪ اضافت تي ڏيکاري تہ ٻي مفعول جي نمائندگي تي ڪري ۽ اهي بہ نشانيون ڪڏهن بہ گڏ ڪونہ ٿيون اچن ۽ اهي نالن سان معنوي لحاظ کان ڳنڊيل آهن. جيڪي اسم کان اڳ اچن ٿيون. بهرحال اهي بہ مفروضا آهن. اندازا آهن. ثابت ٿي نہ سگھيا آهن.

**نشانيون ۽ ذاتيون**

**سوال:** واپارين يا ٻين لاءِ مقرر نشانين بابت اوهان جا خيال پڻ موجود آهن. منطقي طور ممڪن آهي تہ واپاري پنهنجي مهر ن ۾ پنهنجون علامتون رکندا هوندا (مهاديون جي انداڙن جي لغت ڏسو)

**مهاديون:** اهو هڪ سوال اٿاري سگھجي ٿو تہ ڇا هڙپا جي ماڻهن وٽ بہ اهين ذاتيون هيون. جيئن بعد ۾ هندستان ۾ ڏسجن ٿيون. پر اها ڳالهہ يقيني آهي تہ اتي ڌنڌن پيشن وارا ڌار گروهہ هوندا. شايد اها ورهاست سخت نہ هجي. پوءِ بہ جيڪڏهن اهي پڇاڙين وارا انوماني اکر (terminal ideograms) مختلف گروهن جي ترجماني ڪن ٿا تہ اسان کي پاڻ ياد رکڻ گھرجي تہ خود اهي انوماني اکر بہ ڪٿي ڳنڍيل آهن. مالڪ جي نالي جي علامت پٺيان ٿانءَ جي پڇاڙي آهي. اهي سڀ صوتي علامتون آهن. جيڪي بعد ۾ مهرن جي مالڪن جي سڃاڻپ طور بہ استعمال ٿيون تہ سندن عقيدن (cult) جي بہ نمائندگي ڪيائون. پر ذات پات جو اهڙو نظام جهڙو هندستان ۾ آهي. انهن ۾ ڏٺو ڇئي سگھجي.

اج دراوڙي ۾ هند آريائي لوڪن جي پاڻ ۾ لاڳاپن جي ڪري اسان کي ننهي گروهن جي ٻولين ۾ هڪ ٻئي جا اثرات ملن ٿا. هندومت ۾ به ٻنهي جا عنصر ملن ٿا. هندومت تي اسلام جو به اثر پيو آهي ۽ ٻنهنجي پاڻ مان نڪتل ٻڌمت ۽ جين مت جو به مٿس اثر آهي." هاڻي ڪو سنڌو ڪونه ٿو ڪڍي سگهجي.

پرپولا جو ڪم

سوال: توهان جو پرپولا جي ڪم بابت ڇا خيال آهي. ان جي ڪهڙي اهميت آهي ۽ توهان ڪٿي هن سان سهمت نه آهيو؟

مهاديون: پرپولا جو سنڌو رسم الخط لاءِ ڪيل ڪم بلا شڪ تمام ملهائتو ۽ اهم آهي. هن پهرين ڏسٽي (concoradance) ناهي. پهريون پيرو ڪمپيوٽر تي اپياس ڪيو يونيسڪو پاران مهرن جا جلد آندا. سپ ڪجھ اعليٰ آهي. هن وقت سندس سپ کان وڏي ۽ اهم ڪاميابي معياري ٺاهيل نشانين جون فهرستون آهن. جيڪي جامع آهن ۽ اڳوڻين سمورين فهرستن جي جاءِ ورتي اٿن. جنهن ۾ ويهه سال اڳ منهنجي طرفان تيار ڪيل فهرست به آهي. هن تمام خبرداريءَ سان هزارين مهرن ۾ هڪ نشانيءَ جا بدل جاچيا آهن. هن دراوڙي مفروضي تحت باقاعدي سنڌو رسم الخط جو تجزيو ڪيو آهي. ان جي عملي ڪارج، ترتيب، تسلسل، ورهاست جو ڇيد ڪيو آهي، وياڪرڻي ڇيد ڪري ٻڌايو اهي ته هڪ سنڌو جملي کي ڪيئن جزن/ٽڪرن ۾ ورهائجي. جيتوڻيڪ آءٌ سمجهان ٿو ته پرپولا جي تازي پاڃ مڪمل طور ڪامياب ناهي، ته به ان ۾ مستقبل ۾ پاڃ لاءِ ٻج ٿي سگهن ٿا. هن جون ڪيتريون ئي ڳالهيون قابل فهم آهن، جن ۾ مشرق قريب سان تعلق، دراوڙي ٻوليءَ جي تعلق بابت ثابتي ۽ ان لاءِ مڪمل طرح سان يقين رکي.

ٻين کي قائل ڪرڻ- آءٌ ته چوندس ته پرپولا ڪامياب پاڃ لاءِ سچو بنيادي ڪم ڪري ڇڏيو آهي، جيڪا ڪنهن به وقت ٿي سگهي ٿي. علم جي دنيا پرپولا کي سنڌو رسم الخط لاءِ ڪيل سنجيده ڪم سبب مڪمل مڃتا ڏي ٿي.

جي صوتياتي ملهن مقرر ڪرڻ لاءِ آتو آهيان. مون وٽ ڪجهه پڪا اهڃاڻ آهن. خاص ڪري آخري يا پڇاڙڪين نشانين جي صوتياتي ملهن بابت. جيڪي تمام اهم آهن. انهن تي ڪم ڪري پنهنجو خواب پورو ڪندس.

آءُ سُومر رس واري فلٽر واري نظريي لاءِ دراوڙي ۾ هند آريائي ڏنڊ ڪتائن جي مدد وٺي، سنڌوءَ مان مليل شين سان لاڳو ڪري، ڪم ڪندس. ضروري ناهي ته آءُ ڪامياب ٿيان. پر مون کي اميد آهي ته ڪينوائر ۾ پرپولا جهڙا ماڻهو پنهنجي محنتن جو ڦل ضرور ماڻيندا.

گذريل ڪجھ ڏھاڪن ۾ سنڌو رسم الخط تي ڪيترائي ڪتاب، مضمون ۽ مقالا ڇپيا آهن. تن ۾ سنڌو لکتن جون ڏسٽيون ۽ فهرستون به شامل آهن ته ڪمپيوٽر تي حسابي لسانيات ذريعي حاصل ڪيل نتيجا به آهن. فنلينڊ، روس، آمريڪا ۽ هندستان ۾ ڪيل تحقيق به آهي، پر اسان جي عام شاگرد جي انهن تائين پهچ ڪانهي. ان ڪري سنڌن چاڻ اوڻيهين ۽ ويهين صديءَ جي مدي خارج تحقيق تائين محدود رهجي وڃي ٿي. وري به پلو ٿئي انٽرنيٽ جو جنهن تي اسان کي دنيا ۾ ٿيندڙ نئين تحقيق جي ڄاڻ ملي ٿي وڃي. انٽرنيٽ تي سنڌو سيپيتا، سنڌو رسم الخط، سنڌو لکت، سنڌو متن، سنڌو علامتون- اهڙا ڪيترائي عنوان آهن. جن تي لکيل مقالا، مضمون ۽ ڪتاب موجود آهن. جن مان ايڪيهين صديءَ ۾ سنڌو رسم الخط بابت ٿيل نئين تحقيق بابت تمام اهم معلومات ملي ٿي. هن ڪتاب ۾ مون ايڪيهين صديءَ ۾ سنڌو رسم الخط بابت ٿيل تحقيق جا ڪي رخ پيش ڪيا آهن. جيڪي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ سان اسان جي شاگردن کي انهيءَ موضوع تي تحقيق ڪرڻ جو ائين اتساهه ملندو جيئن مون کي مليو آهي.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

ISBN 978-969-9098-97-0

Rs. 250/-